2

2008

# سارنگا



ايڊيٽوريل بورڊ:
شوڪت حسين شورو
جامي چانڊيو
سردار شاهہ
اڪبر لغاري
علي دوست عاجز
منظور ميرائي
ارشاد پٽي

# سارنگا

حيدرآباد

اپريل - جون 2008ع

ايڊيٽر (اعزازي):
اسحاق سميجو

# اَول اَول


• ڪجلا سَر — اداريو — 7

• ڪجھ پنھنجي باري ۾
مان ويل وقت آھيان! — خورشيد قائمخاني/اشفاق لغاري — 9

• ذيشان ساحل
ھڪ سچي شاعر جي موڪلاڻي — انور سن راء — 20

• اپياس
ٽين دنيا جي شاعري — عزيز پلي — 24

• يادگيريون
جھَڪيون جھَڪيون يادگيريون — عبدالقادر جوڻيجو — 35

• تخيل
آدرش — 49

• ادبي تنقيد
ادبي حقيقت نگاري — اڪبر لغاري — 52

- **ليڪچر**

محبت جو ڪائناتي تصور ۽ سنڌي سماج — جامي چانڊيو — 59

- **خاص ورق**

گذريل ٻن ڏهاڪن دوران هند ـ سنڌ ۾ لکيل سنڌي ادب — 73
Sindhi Literature in the Last Two Decades in India and Across the Border)
گذريل ٻن ڏهاڪن (2005_1985) ۾ ڀارت ۾

سنڌي تنقيد: لاڙا ۽ پرورتيون — هيرو شيوڪاڻي — 75
سرحد پار سنڌي ڪهاڻي گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ — شوڪت حسين شورو — 83
سنڌي شاعريءَ ۾ مروج صنفون — لڇمڻ ڪومل — 92
تصويري جهلڪيون — 107

- **شاعري** — 110

امداد حسيني o ارجن حاسد o حليم باغي o حسن مجتبيٰ o ادل سومرو
ومي سدارنگاڻي o ڍولڻ راهي o علي دوست عاجز o عبدالحميد آس ٻبر
o اسحاق سميجو o عزيز گوپانگ o بلقيس چانڊيو o جلال ڪوري o ابرار ابڙو
حبدار سولنگي o جاني اسحاق ملاح o شاهه محمد پيرزادو o شبير هاليپوٽو o اي آر آزاد

- **ڪهاڻي ۽ ڪمينٽس**

زندگي ڪجهه به نه (ڪهاڻي) — اخلاق انصاري — 138
ڪمينٽس — ڊاڪٽر قاضي خادم — 144

- **ناوليٽ**

اُسات — ضياءُ شاهه — 145

- **ڪهاڻيون**

ناد وارو — امر لغاري — 164
بيڊ نمبر ائين جو خاليپڻو — منور سراج — 172

- **مان ڇو ٿي لکان؟**

لکڻ منهنجي لاءِ زندگي آهي — ريٽا شهاڻي — 178

- **تاثرات**

محمود — استاد اشفاق احمد ۽ مان — طارق عالم — 182

• هالينڊ جي ٽريول ڊائري

Organized Confusion — نياز نديم — 186

• مزاح

بادشاهہ جي تلاش — امتياز ابڙو — 197

• ڪهاڻيون/ ترجمو

ناجائز تعلق — بيري بين فيلڊ /ترجمو: محمود مغل — 201


.... ۽ بلوچ مون کي ڏِڪو ڏنو — گوهر ملڪ/ ترجمو: اڪبر سومرو — 211

• بُڪ شيلف

سنڌي ناول ڪنگهري ۾ — تبصرو: اسحاق سميجو — 216

ڏونگر مون نہ ڏکوِيا — تبصرو: منظور ملاح — 218

هڪ فنڪارانہ ٽربيوٽ — تبصرو: رياض چانڊيو — 222



سنڌ جي خوبصورت مصور هرجي لال جي هڪ يادگار پينٽنگ

## • ڪجلاسر

(اداريو)

▪ روايتون ڪيتريون به سٺيون ڇو نه هجن، هڪ زماني گذرڻ کان پوءِ انهن جا رنگ ڦڪا ٿيڻ شروع ٿي ويندا آهن. هر سٺي ۽ اعليٰ روايت هڪ سٺي ۽ اعليٰ عمارت وانگر دلڪش، دلفريب ۽ حسناڪ ٿيندي آهي. جيئن تاج محل آهي. پر تاج محل به ڏسندڙ جي اکين کي ڪيترا زمانه محظوظ رکي سگهي ٿو؟ وقت گذرڻ سان گڏ اهو به دلڪشيءَ جو هڪ يادگار ٿي وڃي رهندو جو عام ڏسندڙ جي نگاهَه توڙي عمارت سازَ ان کان اڳتي وڃڻ جي جستجوءَ ۾ آهن ۽ سندن اها جستجو فطرت ۽ انساني نفسيات جي عين مطابق آهي، جو هر شيءَ جو تغير ۾ رهڻ ۽ تبديليءَ واري عمل مان گذرڻ ئي ان جي زندگيءَ جا ڪجهه ڏينهن وڌائي سگهي ٿو.

زندگيءَ توڙي آرٽ، ٻنهي جو اصل جوهر به اهو ئي آهي. حقيقت اها آهي ته ٻيئي منزل نه آهن، سفر آهن. هڪ اهڙو سفر، جنهن کي منزل کان وڌيڪ ڪشش ۽ لطف آهي. منزل فل اسٽاپ آهي، اختتام آهي، ڪنارو آهي يا ديوار آهي. زندگيءَ توڙي فن، ٻنهي کي وقتي طور ٽڪ پڄڻ لاءِ ڪاما ته ڪپي ٿي، فل اسٽاپ نٿو ڪپي. ٻيئي هلندي رهڻ جا قائل آهن، ڇاڪاڻ ته بيهي رهڻ کين پٽ سان لڳائي ڇڏيندو. ٻئي طرف ڏسجي، ته پکي پنهنجيءَ اڏام سان ۽ درياهه پنهنجي وهڪرن سان ئي سياويڪ ۽ سهڻا لڳن ٿا. گهرن کي به فقط گهُٽ ۽ سوڙهه پيدا ڪندڙ ديوارون ئي نٿيون کپن، تازي هوا توڙي روشنيءَ لاءِ دريون ۽ روشندان به گهرجن ٿا. ڇو ته اهي ئي ته آهن، جن وسيلي گهُٽ، ورجاءَ، بي رنگيءَ، بدبوءِ ۽ فرسودگيءَ کان بچي سگهجي ٿو ۽ تازگيءَ تائين پهچي سگهجي ٿو. پاڻيءَ ۾ جيڪا تازگي ۽ زندگي آهي، اها ورلي ڪنهن شيءَ ۾ هوندي. پر جڏهن اهو به هڪ هنڌ بيهي ٿو رهي، ته بانس ڪرڻ ٿو لڳي.

هتي بس ايترو ڪجهه ئي چوڻو آهي، ته هي جو هر شيءَ پنهنجو حسن، رونق ۽ خوبصورتي وڃائڻ لڳي آهي، ڪٿي اسين به هڪ هنڌ بيهي رهڻ واري بدقسمتيءَ جو شڪار ته نه ٿيڻ لڳا آهيون؟ آرٽ، ڪلچر، گفتگوءَ توڙي فن سميت هر زندگي بخش ڳالهه مان زندگي ڇڏائجڻ جو احساس شدت سان جنم وٺڻ لڳو آهي. اهو وهم آهي الائي حقيقت، ته جڻ ڪجهه به تبديل نه پيو ٿئي. نه ڳالهه، نه ڳالهه ڪرڻ جو ڍنگ، نه گهاڙيٽو نه مواد ۽ نه ئي وري موضوع. تازگي، جيڪا زندگي ۽ آرٽ ٻنهي جي جان آهي ۽ جيڪا ئي ڪنهن سماج جي دلين ۽ روحن تي مسرتن جا

ڇڄ پري اڇي لهندي آهي، سا ڏينهون ڏينهن ناپيد ٿيندي پئي وڃي. ادب جي حوالي سان تہ اها شڪايت ڪجهہ وڌيڪ ئي پختي ٿيندي پئي وڃي، تہ ان ۾ ورجاءَ، يڪ رنگيءَ ۽ يڪسانيت ۾ واڌ پئي ٿئي- ۽ ان جو سڀ کان وڏو ڪارڻ اهو ئي آهي تہ خود اديبن پنهنجي اندر جون ڪليل دريون ۽ روشندان بند ڪري ڇڏيا آهن. ڪتاب، جيڪي اسان تي پهرئين پيار وانگر ڪيئي خمارن جهڙا راز منڪشف ڪن ٿا، اسان انهن کان پري ٿيندا پيا وڃون. نئين کان نئون پڙهڻ توڙي بين کي پڙهائڻ وارو رجحان ڏينهون ڏينهن موڪلائڻ لڳو آهي. جتيوڻيڪ ڪتابن سان دوستيءَ کان سواءِ ڪائنات، فطرت ۽ سماج تہ ڇا، پنهنجيءَ ذات تائين رسائي بہ ممڪن نہ آهي. ان صورت ۾ پڙهڻ کي تياڳ ڏئي، اسان تازگيءَ کي، ڪيئن ٿا هٿ ڪري سگهون؟

گهڻو لکڻ ۽ گهٽ پڙهڻ واريءَ روايت جي جڙ پڪڙڻ سبب ئي ادب ۾ موضوع، خيال، زاويي ۽ نقطۂ نظر جي تازگي موڪلائي وئي آهي ۽ اڪثر هيئتن ۾ تخليقي تجربن جي اڻ هوند فرسودگيءَ جو احساس پيدا ڪيو آهي. ان صورتحال کي ڪهڙيءَ ريت تبديل ڪجي، روايتن جي ان زنجير مان پنهنجا ۽ پنهنجي زماني جا پير ڪيئن آجا ڪرائجن ۽ "بيهي رهڻ" واري ان احساس کي متائڻ لاءِ اسين ڇا ٿا ڪري سگهون، اسان مان هرهڪ کي پنهنجي سر لازمي طور سوچڻو پوندو. ڇو تہ هر تبديلي سڀ کان پهرين سوچ ۾ ئي جنم وٺندي آهي. اسان جون حالتون شايد ان ڪري بہ نتيون تبديل ٿين، ڇاڪاڻ تہ اسان روايتي نموني جيئڻ ۽ روايت کي ئي ورثو سمجهي اپنائڻ جا عادي ٿي ويا آهيون. توڙي جو روايتون ڪيتريون بہ حسين ڇو نہ هجن، وقت گذرڻ سان گڏ فرسودگي، بيزاري ۽ بي رونقيءَ کي جنم ڏينديون آهن ۽ اهي عنصر زندگيءَ توڙي فن آڏو فل اسٽاپ هڻي ڇڏيندا آهن.

▪ "سارنگا" جي پهرئين پرچي کان پوءِ، اوهان جي آيل موٽ ۽ محبت اسان کي وڌيڪ حوصلو ڏنو آهي. پر اسان کي اوهان مان اڃا بہ وڌيڪ توقع آهي. اسين چاهيون ٿا تہ اوهان اسان سان وڌ ۾ وڌ معياري مواد ۽ خاص طور دنيا جي مختلف ٻولين مان همعصر ادب جي ترجمن جي صورت ۾ سهڪار ڪريو ڇو تہ جنهن "تازگيءَ" جي لاڏاڻي جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، ان کي جيئارڻ جو هڪ ذريعو ٻين ٻولين جي ادب مان بهترين ۽ اعليٰ لکڻين جو ترجمو پڻ ٿي سگهي ٿو- ۽ اسان کي تازيءَ هوا ۽ روشنيءَ لاءِ ڪيئي روشندان ۽ دريون گهرجن ٿيون.

— اسحاق سميجو

ڪجھ پنھنجي باري ۾



# مان ويل وقت آهيان!

خورشيد قائمخاني

ترجمو: اشفاق لغاري

1947ع ۾ سرءَ جي موسم ۾ نئين ملڪ جي پهرين رات، بي گهري، بي سرو ساماني‌ءَ جي اندازن ۾ ٻڏل هئي. ٻئي ڏينهن جو صبح ڦِڪو ڦِڪو ۽ شام ٻڏل ٻڏل محسوس ٿي. مون شروع کان ئي پنهنجي دل ۾ هڪڙو خال محسوس ڪيو جيڪو پوءِ سموري زندگي پرجي نه سگهيو. اُن وقت مون کي ايئن لڳو ڄڻ نئين ملڪ ۾ صرف منهنجو تن ئي پهتو آهي، باقي من ته پويان ڪٿي رهائي آيو آهيان. پاڪستان ۾ پوءِ آئون ڪڏهن به مڪمل ماڻهو ٿي نه سگهيس ۽ نه ئي ڀرپور نموني زندگي گذارڻ جو طريقو هٿ ڪري سگهيس. هاڻ آئون اڌورو اڻپورو ماڻهو هئس، جنهن جو ٻالڪپڻ ۽ جواني ٻئي وڪري چڪا هئا.

ڳوٺن ۾ هر سال معزز مهمانن جيان ڪڇ ۾ هڙوتيون هٽي، اسان جا خانداني ڀٽ ايندا هئا. هُو گهرن ۾ موجود وڏن جون ڪهاڻيون، ڀٽ کان پيءُ، پيءُ کان ڏاڏي ۽ اُن جي پڙ ڏاڏي جا قصا ٻڌائيندا هئا. هُو اسان کي اجمير ۽ سانڀر کان ٿيندي دهليءَ جي سير تي وٺي ويندا هئا، جتي پرٿوي راج ۽ وسل ديو جهڙن سورمن چڪوھ چوهاڻ راجائن پنهنجو راج قائم ڪيو هو. آخر ۾ اسان کي هُو آبو جبل تي وٺي اچي ڇڏيندا هئا، جتي اسان جي سورج بنسي بابا آدم جنم ورتو هو.

ڀٽن جا داستان ٻڌي جڏهن هلندا هئاسين ته ايئن لڳندو هو ڄڻ ڌرتي اسان جو بوجھ محسوس ڪري ٿي. ڌرتي ماءُ ۽ اسان جهڙا ساڳي مٽيءَ مان ڳوهيل، هڪ اهڙي رشتي جي ڏور سان ڳنڍيل هئاسين، جيڪو ڪڏهن به ٽُٽڻ وارو نه هو. گهٽ ۾ گهٽ انهن ڏينهن ۾ ته اسان ايئن ئي محسوس ڪندا هئاسين، پر 1947ع ۾ اسان جي

زندگيءَ جا صدين جا رشتا هڪڙي لوڏي سان ٽٽي ويا ۽ اک ڇنڀ ۾ اسان هڪڙي ديس کان ٻئي ديس، واريءَ جي ذرن جيان وکري وياسين. پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي زندگيءَ جي معنيٰ بدلي، قدر بدليا ۽ آخرڪار ماضيءَ جي ڪُل ڪمائي ئي بدلجي وئي، پر اهو سڀ ڪجهه رات جي پيٽ ۾ ڪيئن ٿيو! ان تي اڄ بہ حيرانگي آهي. هڪ پيرو پيهر اسان اُن تاريخي سفر ڏانهن موٽون ٿا، جنهن جي ننڍ لاهور پهچي ٽُٽي هئي.

***

لاهور ۾ مون کي اسلاميہ هاءِ اسڪول ۾ ڇهين درجي ۾ داخلا ڏياري وئي. مون کي ياد آهي تہ اُتي سُهڻي شڪل ۽ سياءَ جو مالڪ چوڌري رحمت الاهي اسان جو هيڊ ماستر هو. هُن جي هٿ ۾ هر وقت سندس نڪ جهڙي لٺ هوندي هئي، جنهن کي هُو ننڍي ننڍي ڳالهہ تي استعمال ڪرڻ کان نہ مُڙندو هو. خوف کان اسين سندس اڳيان ويجهڙ کان ڏاڍو لهرائيندا هئاسين. روزانو اسڪول ۾ پڙهائيءَ جي شروعات اقبال جي نظم جي هنن سٽن سان ٿيندي هئي:

اُٺـو ميـري دنيـا ڪـي غريبـون ڪـو جگـادو
ڪـاخ اُمـرا ڪـي در و ديـوار هِـلادو
جس کيـت سـي دهقـان ڪـو ميسـر نـہ هـو روزي،
اُس کيـت ڪـي هـر گوشـۂ گنـدم ڪـو جـلادو.

هاڻ سيارو اچي چڪو هو. آئون روزانو صبوح جو سوير ساڙيندڙ سيءَ ۾ جاپاني سائيڪل تي چڙهي اينگلن روڊ کان ٿيندو اسڪول ويندو هئس. امان مون کي منجهند جي مانيءَ جي طور گيهہ ۾ ڳڙ مان ٺهيل چورمي جو هڪ وڏو لڏون ٺاهي ڏيندي هئي (جيڪو هاڻ ٻاجهر بجاءِ ڪڻڪ جو هوندو آهي) جنهن کي آئون سائيڪل جي هينڊل (هٿيي) ۾ ٻڌندو هئس ۽ ايئن ئي شام جو موٽي ايندو هئس. رياضيءَ وارو سبجيڪٽ هتي بہ مٿي جو سُور ٿي لڳو. جڏهن تہ ان سبجيڪٽ جو استاد ماسٽر منظور حسين جيڪو مٿي تي هڪ مخصوص انداز سان پٽڪو ٻڌي هلندو هو. ڏاڍي پيار ۽ تحمل سان پڙهائيندو هو پر منهنجي ان سبجيڪٽ سان شايد مسلمانن واري روايتي دشمني هئي. هڪ ڀيري تنگ ٿي هُن مون کي سزا ۾ مار ڏني ۽ آئون روئي پيس. مون کي ياد آهي تہ مون کي روئندو ڏسي، هُن وري ڪڏهن منهنجو نالو نہ ورتو ۽ مون کي حساب پڙهائيندي هُن نرم رويو رکيو پر بدقسمتيءَ سان اڄ تائين مون کي 2 ۽ 2 چار واري ابجد (جوڙ) جي خبر پئجي نہ سگهي. آئون سدائين سوچيندو رهيس تہ اهي چار بجاءِ پنج چو نٿا ٿين؟ شايد ان ڪري ئي پئسن گڏ ڪرڻ واري چُوس مون ۾ اڄ تائين پئجي نہ سگهي آهي.

ديس جي اجتماعي افراتفريءَ جي باوجود اجڪلهہ جي پيٽ ۾ اُهي ڏينهن ڏاڍا محفوظ هئا. اسان کي ڪنهن شيءِ کان خوف نہ ٿيندو هو. جيستائين مون ساليانو

امتحان پاس ڪيو. تيستائين منهنجي گهر وارا ڪنهن فوجي اسڪيم تحت پنهنجي برادريءَ سان گڏ مستقل ٽڪاڻي جي ڳولا ۾ سنڌ هليا ويا. شروعات ۾ هُو سانگهڙ ضلعي جي ٻيراڻي نالي ڳوٺ ۾ وڃي رهيا. جتي جي وڏي جاگيردار ڄام صادق علي سندن بهترين آدر ڀاءُ ڪيو. پوءِ هُو ضلعي حيدرآباد جي تعلقي ٽنڊوالهيار ۾ اچي رهيا. تنهن هوندي به امان کي ٻيراڻيءَ وارو ڳوٺ ڏاڍو وڻيو ۽ هُوءَ مرڻ گهڙيءَ تائين اُن جا ڳُڻ ڳائيندي رهي.

ٽنڊوالهيار تن ڏينهن ۾ پنج هزار ماڻهن تي مشتمل هڪ ننڍڙي هندو وستي هئي. هتي جا واڻيا شاهوڪار هجڻ سان گڏوگڏ وڏا زميندار پڻ هئا. جڏهن ته وڏا شاهوڪار هندستان لڏي ويا، جن جون جايون خالي پيون هيون، پر جيڪي هتي رهي پيا هئا يا نه ويا هئا، اُهي عارضي طور تڙ پکڙ ٿي نظرن کان اوجهل ٿي ويا هئا. جڏهن ته هيٺئين طبقي ۽ ذاتين وارا هندو هتي ئي رهيا ۽ نه ئي انهن کي ڪنهن فرقيواريت جي آڙ ۾ تنگ ڪيو. هندستان مان هجرت ڪري ايندڙن پنهنجي حيثيت ۽ داٻي تي، جنهن کي جيڪو خالي گهر هٿ آيو اُن تي قبضو ڪري ويهي رهيا. مون کي ياد آهي ته مرحوم حاجي بچل يوسفاڻي، جيڪو انهن ڏينهن ۾ ٽنڊوالهيار جي نون زميندارن ۾ ڳڻيو ويندو هو اُن ٻير پاڙي ۾ امام بارگاهه جي سامهون واري جاءِ جو تالو کولي، اسان جي حوالي ڪئي. توڙي جو اهو ننڍو پر نئون گهر هو جنهن ۾ ساڳ جي ڪاٺ جا در ۽ دريون ۽ الماڙيون لڳل هيون، جن تي ڳاڙهي ۽ سائي رنگ جا بيلجيم مان آندل شيشا لڳل هئا. ڪمرن جي فرش ۽ ڇت جي اندرئين حصي تي من موهيندڙ فرانسيسي ٽائلز لڳل هئا. پنجاهه سال گذري وڃڻ کانپوءِ اڄ به اُن ساڳئي ئي گهر ۾ رهان ٿو جنهن جي فرش ۽ رنگين ٽائلز جي چمڪ ۾ رتيءَ برابر فرق ناهي آيو پر ها ٻير/ ياپڙا پاڙي جو نالو بدلائي هاڻ ”امام پاڙو“ رکيو ويو آهي.

پراڻي علائقي جي بناوت ڪجهه هن ريت هئي: علائقي جي وچ ۾ خوشحال واڻين تي مشتمل موکي پاڙو هو. ان جي ويجهو اولهه ۽ اوير طرف ٻير پاڙو (ياپڙا پاڙو)، چوڙيءَ جي ڪاروبار ڪرڻ وارن تي مشتمل چوڙي پاڙو ۽ کتري پاڙو شامل هئا. اهي سمورا هندو ڪاريگر هئا. اُتر ۽ ڏکڻ طرف پاتولي پاڙو هو جيڪي بچاڻي ۽ يوسفاڻي گهرن ۾ ورهايل هئا. مجموعي طور تي ٻئي گهراڻا شاهوڪار به هئا ته نوان زميندار به انهن سان گڏ ڏکڻ طرف ميمڻ پاڙو هو جن جي اڪثريت وچئين ڪلاس سان تعلق رکندي هئي، جيڪي ڪاروبار به ڪندا هئا ۽ زمينداري به. چاٽايل پڪا پاڙا اڄ به پنهنجين سوڙهين ۽ اونداهين گهٽين ۾، گهٽيل آباديءَ سان جيئن جو تيئن موجود آهن. جيتوڻيڪ هاڻ جيئن ئي پراڻا گهر ڍهي ويندا آهن، ته انهن جي جاءِ تي جديد نموني سيمينٽ جا پڪا گهر ٺاهيا ويندا آهن، جيڪي پُراڻن گهرن سان ذري برابر به ٺٺا ملن.

اُتر ڏکڻ طرف ڪچو قلعو ٿاڻو تعلقه آفيس سان گڏ بلديه جون آفيسون آهن ۽ اُتر طرف بلديه پارڪ (جيڪو شاهه لطيف جي نالي سان منسوب ڪيو ويو آهي) ۽

ريلوي اسٽيشن واقع آهي. ان کان علاوه انهن علائقن جي چئني طرفن کان مسلمان مزدورن جا پاڙا هئا. جن ۾ اُنڙ پاڙو، پريم نگر، شيدي پاڙو، راحب پاڙو، ڪنيار پاڙو ۽ حجام پاڙو اڄ تائين قائم آهن. مٿي ذڪر ڪيل جاين ۽ پاڙن کان سواءِ اڄ جي ٽنڊوالهيار جو گهڻو حصو ورهاڱي کانپوءِ جي پيداوار آهي. ورهاڱي وقت قائم خاني گهراڻا گهٽو ڪري ڪتري پاڙي ۽ چوڙي پاڙي ۾ آباد ٿيا هئا.

انهن ڏينهن ۾ اُن علائقي ۾ بجلي نہ هئي. رات ٿيندي ئي علائقو رات جي سانت ۾ ٻڏي ويندو هو. تنهن هوندي بہ هتي گهٽ ۾ گهٽ پنج ننڍا وڏا تفريحي پارڪ هئا، جن مان هڪڙي ۾ جانور بہ رکيل هئا. هڪڙو پارڪ راما پير جي مندر پٺيان بہ هو. ٻيو موجوده ميرواهہ روڊ تي واقع هو. جانور گهر ڪيپيٽل سئنيما جي سامهون واري پارڪ ۾ هو. چوٿون پارڪ دارالعلوم سان ڳنڍيل هو پر پنجون سڀني کان وڏو پارڪ ميونسپلٽي پارڪ هو جيڪو هاڻ واحد پارڪ آهي، جنهن کي تباهہ ٿيڻ کان بچايو ويو آهي. ٻين تي قبضي مافيا سيٽلمينٽ ڊپارٽمينٽ جي ملي ڀڳت سان قبضو ڪري جايون اڏي ڇڏيون آهن. چون ٿا تہ ورهاڱي کان اڳ هتي جواهر لعل نهرو بہ آيو هو جنهن ميونسپالٽي پارڪ ۾ خطاب ڪيو هو. اُن سان گڏ هڪ سرڪاري زناني اسپتال پنهنجي ٽُٽل ڦٽل شڪل ۾ اڄ بہ موجود آهي. چوڻ جو مقصد تہ ورهاڱي کانپوءِ عام پلاٽيءَ جا ڪم نہ هجڻ برابر هئا. ريلوي اسٽيشن جي پليٽ فارم تي جيڪي بينچون هاڻ بچيون آهن، اهي بہ ورهاڱي کان اڳ سنڌي هندن* ٺهرايون هيون، جنهن جو نالو اڃا تائين انهن تي لکيل آهي. ان کانپوءِ وارن مسلمانن کان انهن جي مرمت جو ڪم ڪرائڻ بہ نہ پُڳو. ريلوي پليٽ فارم جي پڪي فرش تي هاٽي پاڙي جا مڪراني ٻار ڪرڪيٽ کيڏندا آهن، ڇو تہ علائقي جي مسلمان زميندارن کي اڄ تائين علائقي جي ٻارن لاءِ راند جو ميدان ڇڏڻ يا نئون قائم ڪرڻ جو خيال ناهي آيو. ان لاءِ ڪا حيران ٿيڻ جي ڳالهہ ناهي، جو نئين نسل جي نوجوانن ۾ راندين بجاءِ منشيات جي مصيبت ۾ ڦاسڻ جو رجحان وڌي ويو آهي. جڏهن اسان نوجوان هئاسين تہ راما پير جي مندر سان گڏ جيڪو ميدان هو ان ۾ فٽبال کيڏندا هئاسين ۽ اُهو ميدان ايڏو وڏو هو جو اتي آل سنڌ ليول جا فٽبال ٽورناميٽ ٿيندا هئا، پر هاڻ اُتي ڪالونيون ٺهي ويون آهن ۽ تر ڇنڻ جيتري جاءِ ناهي بچي. ماٺهو ڪيڙن ماڪوڙن جيان سيمينٽ سان ٺهيل ڪڪڙين جي کُڏين جهڙن گهرن ۾ رهن ٿا ۽ انهن جي آسپاس وارن علائقن ۾ نيڪاس جو گدلو پاڻي جمع هوندو آهي.

منهنجيءَ ننڍي عمر ۾ حيدرآباد ۽ ميرپورخاص جي وچ ۾ پڪو روڊ نہ هو. ماڻهو ننڍي ريلوي لائين تان سفر ڪندا هئا، جيڪا ڏينهن ۾ هڪ دفعو ايندي ۽ هڪ دفعو ويندي هئي. آئون 1948ع ۾ ميونسپل مڊل اسڪول ۾ داخل ٿيس. ڏسندي ئي ڏسندي

* جيڪو تنهن زماني ۾ ڪانگريس جي اميدوار مولانا عبدالحق رباني جي ورڪ تي آيل ہڏايو وڃي ٿو.

هندستان جي سرحد کان ماڻهو وڏي تعداد ۾ کوکرا پار واري رستي کان اچڻ لڳا ۽ پنهنجي مختلف لباسن ۽ لهجن سان مقامي ۽ ٻاهرين ماڻهن سان گڏجي رهڻ لڳا. انهن کي ڏسي ايئن محسوس ٿيو ڄڻ هڪدم ڪٿان انساني سيلاب بند ٽوڙي پهتو آهي. علائقو ٻوڏ جي پاڻيءَ جيان انسانن سان پرجي زندگيءَ جي نئين هلچل سان چلڪڻ لڳو. شروع وارن ڏينهن ۾ مون انهن کان يوپي ۽ سي پي جي ڳوٺن ۽ شهرن جا اهڙا اهڙا نالا ٻڌا. جيڪي ان کان پهريان ڪڏهن ڪونه ٻڌا هئم. ڪو ترائي جي علائقي الموره جو قصو ٻڌائڻ لڳو ته ڪو وري نيني تال، گورکپور ۽ جبل پور جا قصا ڪنيو وينو هو. اهو سڀ ڪجهه ٻڌي آئون ڏاڍو متاثر ٿيس ۽ دل چوي ته اوڏانهن هليو وڃجي. ڇو ته انهن ڏينهن واري سنڌ ڏاڍي خشڪ ۽ بنجر هئي. پوءِ آئون اِن ڳالهه تي گهڻو وقت حيران ٿي سوچيندو هئس ته هي ماڻهو ايڏي پلي دوُر ۽ جاين کي ڇڏي، هتي ڇو اچي رهيا آهن؟!

آسپاس جي ڳوٺن جا سادا سودا ماڻهو کير، لسي، کپائيندي جلدي هڪٻئي کي ويجها ٿي ويا. هي هڪڙو عجيب و غريب ميلاپ هو. بس ايئن اوچتو ئي اوچتو اصلوڪا رهواسي ۽ نوان آيل ماڻهو هڪٻئي کي سڱ ڏئي رشتا جوڙي ويهي رهيا. شروع وارن ڏينهن ۾ ته ڪا ڳالهه ڪانه هئي، پر ڪجهه عرصي کانپوءِ جڏهن پاسپورٽ جو قانون لاڳو ٿيو ته پوءِ انهن جي اوڏانهن اچ وڃ به گهٽجي وئي. شروع وارن ڏينهن ۾ ماڻهو ننڍين ننڍين ڳوٺن ۾ ايندا هئا ۽ پوءِ ڪراچي ۽ حيدرآباد جو رُخ ڪندا هئا. پر ڳوٺن ۾ انهن هجرت ڪري آيلن جي آبادي اتي ۾ لوڻ برابر هئي. گرميءَ وارن ڏينهن ۾ واچوڙا، جهولا ۽ لُڪ لڳندي هئي، ڇو ته ان علائقي ۾ سال جو گهڻو حصو سامونڊي هوائون لڳنديون هيون. تنهن هوندي به هر گهر جي ڇت تي منگهه ٺهيل هئا. جتان تيز هوا ڪمري ۾ داخل ٿيندي هئي. هي منگهه ڄڻ ته هٿ جي ناهيل پکن جو ڪم ڏيندا هئا.

گورنمينٽ ڪاليج ڦليلي واهه جي ڪناري تي، ڪاري موريءَ وٽ پنهنجي ڳاڙهين سِرن واري انگريزي نموني جي عمارت سبب ڏاڍو خوبصورت منظر پيش ڪندو هو ۽ مٿان وري سون تي سهاڳو اهو ته هندستان مان آيل شاگردن. سنڌي ڳالهائيندڙ شاگردن سان گڏجي، اُن کي صحيح معنيٰ ۾ درسگاهه بڻائي ڇڏيو هو. شعر و شاعري، بيت بازي، ادب، صحافت، بحث مباحثا، شاگرد يونين ۽ ساليانين راندين جي سرگرمين سان ڪاليج جو ماحول مهڪيل رهندو هو. موسيقي، ڊراما، ثقافتي سرگرميون، ڇا ڇا نه هو اُن وقتن استادن ۾ پيشيورانه نسبواريءَ جو احساس ۽ شاگردن جي دلين ۾ استادن لاءِ احترام هو. ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏجي پڙهندا هئا. ڪڏهن پيڻ ڀاءُ، ڪڏهن دوستن ۽ ڪڏهن وري اجنبين جي صورت ۾ ڪِل پوڳ ڪندي، هڪ ٻئي سان رشتو مضبوط ڪيو هو. اُن زماني ۾ جاگيردارانه غير اخلاقي ۽ مذهبي فرقيواريت واري تنگ نظريءَ نالي ڪا شيءِ نه هئي.

ارڙهن سالن جي ڄمار ۾ ڪاليج جي فٽبال ٽيم ۾ شامل ٿيڻ کان سواءِ منهنجو نالو ڪاليج جي پهرئين جوڙ جي ايٿليٽ رانديگرن ۾ ڳڻيو ويندو هو. وڏي ۽ ڊگهي جمپ کان سواءِ آئون تيز ڊوڙڻ واري مقابلي ۾ بہ پوزيشن کٽندو هئس. پر پڙهڻ لکڻ ڏانهن منهنجو ڌيان نہ هئڻ برابر هو. اڃا تائين مون انجنيئر ٿيڻ جي شوق ۾ ميٿاميٽڪس نہ ڇڏي هئي، جنهن جو آئون ابجد بہ نہ سمجهندو هئس ۽ نہ ئي وري ڪلاس ۾ ويهڻ جي دلچسپي هئي. آئون گهڻو وقت ڪاليج جي ڪيفي ٽيريا ۾ گذاريندو هئس ۽ شام گهمڻ ڦرڻ يا فلم ڏسڻ ۾ ويندي هئي. "انداز"، "آن"، "بابل" ۽ "ديدار" جهڙين فلمن کي ٽي ٽي دفعا جيستائين نہ ڏسبو هو تيستائين مزو نہ ايندو هو. هڪڙيءَ شام هڪڙو دوست مون کي چڪلي ۾ وٺي ويو. حيدرآباد جو چڪلو لاهور جي هيرامنڊيءَ کان پوءِ ٻئي نمبر تي مشهور هو. ڳائڻ وڄائڻ ٻڌڻ لاءِ تہ تمام گهڻا پئسا خرچ ٿيندا هئا. جيڪي اسان نٿي پري سگهياسين. پر عام همبستريءَ جو تجربو صرف پنج روپين ۾ ٿي ويندو هو. توڙي جو پنج روپيا اُن زماني ۾ وڏي رقم هئي. اُتي جنهن طوائف کي مون پسند ڪيو اُن جي دروازي جي سامهون ڳائڻ وارن جي قطار بيٺل هئي. مون پنهنجي واري اچڻ جو انتظار ڪيو ۽ ايئن پهريون تجربو ڪو مايوس ڪندڙ نہ هو. منهنجي پهرين پسند هڪڙي سهڻي شڪل، رنگ جي اڇي، قدآور طوائف هئي، جنهن جو نالو هو "پري".

هڪ ڀيري تقريباً 1952ع ۾ منهنجو ماسات عباس لاهور کان ٽنڊوالهيار آيو هُو منهنجو هم عمر بہ هو ۽ ڳوٺ واري زماني کان منهنجو يار بہ هو. پر عمر ٿوري وٺي آيو هو ۽ وقت کان اڳ ئي غمِ جدائي ڏئي ويو. خير، جڏهن هُو آيو تہ والد صاحب بہ فوج مان موڪل تي آيل هو. شايد خاندان ۾ ڪنهن شادي وغيره جي تقريب هئي. والد صاحب اسان کي ڪراچيءَ مان هڪڙو ريڊيو وٺي اچڻ لاءِ پنج سئو روپيا ڏنا. تن ڏينهن ۾ اها رقم وڏي هئي. جڏهن عباس کي مون پريءَ جي باري ۾ ٻڌايو تہ هُن ڪراچيءَ کان پهرين حيدرآباد ۾ ترسڻ جو اصرار ڪيو. آئون پريءَ سان مليس، پر منهنجي يار عباس کي ڳاني ٻڌڻ جو شوق هو. اسان اڌ رقم اُن رات مجري تي خرچ ڪري ڇڏي ٻئي ڏينهن ڪراچيءَ وياسين ۽ هڪڙو هليل ريڊيو وٺي آياسين. جيڪو ظاهري طور سُٺو پئي نظر آيو. پاڪستان ۾ اهو اسان جي گهر جو پهريون ريڊيو هو. ٻئي ڏينهن صبح جو سوير جڏهن مون ريڊيو سيلون اسٽيشن لڳائي، جنهن تان اُن وقت، پراڻا گانا نشر ٿيندا هئا. تنهن تي اُن ويل لتا منگيشڪر جو گانو هلي رهيو هو جيڪو هاڻ وساريندي نٿو وسري، "ٺنڊي هوائين لهرا ڪي آئين، دل هي جوان، تم هو ڪهان..... ڪيسي بلائين"، اهو تہ ڏهاڪن کان پوءِ پتو پيو تہ اسان جي گهر جي ريڊيو تان اهو پهريون گانو ئي نہ هو پر منهنجي پسند جي شاعر ساحر لڌيانويءَ جو پهريون گيت بہ هو جيڪو لتا منگيشڪر ڳايو. اهي ٻول هاڻ منهنجيءَ دل ۾ هميشہ لاءِ گهر ڪري ويا آهن.

اُن ئي سال منهنجي شادي ٿي ۽ آئون شاديءَ جي پهرين رات ئي گهران پڄي ويس. ان کانپوءِ گهران پڄڻ جو اهڙو سلسلو شروع ٿيو جيڪو اڃا تائين جاري آهي. جڏهن تہ منهنجي والد سرسري طور مون کان شاديءَ جي باري ۾ راءِ ورتي هئي، پر مون ان ڳالهہ کي سنجيدگيءَ سان نہ ورتو. ان ڏينهن جي باري ۾ جڏهن رتو جهنگ ۽ ونندي شرمائيندي، ٻُڏل ٻُڏل ها ۽ نہ وارو گڏيل جواب ڏئي ڇڏيو هو. اُن کري ان تلخ تجربي جو ذميوار آئون پاڻ ئي آهيان، پر ان چوڻيءَ وانگر "اب پڇتائي ڪيا ڪيت، جب چڙيان چُگ گئين کيت" هاڻ راجستاني ريت موجب ٻالڪپڻ جي اُن شاديءَ کي ٽوڙي نہ ٿي سگهيس ۽ نہ ئي وري ڳنڍي رکڻ منهنجي وس جي ڳالهہ هئي. راجستاني ريت جو ذڪر ان لاءِ ڪيم، جو جڏهن آئون زال/ ڪنوار وٺي گهر آيس تہ دروازي تي ٿالهہ کڻي بيٺل منهنجي وڏي ڀيڻ هندو راجپوت رسم مطابق سواڳت طور منهنجي آرتي لاٿي هئي. اُن کان ڪئين ڏهاڪا پوءِ بہ اسان جي خاندان جون شاديون هندو رسم مطابق ٿينديون رهيون آهن. چوڻ جو مطلب تہ انهن ڏينهن ۾ اسان راجستاني راجپوت گهٽ ۽ پاڪستاني مسلمان گهڻا هئاسين. مون کي ياد آهي تہ جيڪڏهن اسان جي گهر ۾ وڏي مال جو گوشت غلطيءَ سان پچي ويندو هو تہ ڏاڏي گهر ڇڏي هلي ويندي هئي ۽ اُن ڏينهن گهر جي ماني نہ کائيندي هئي.

جڏهن تہ اُن زماني ۾ اسان جي ماڻهن ۾ طلاق يا ٻي شاديءَ جو تصور ئي نہ هو. بس لولي لنگڙي جيڪا بہ توهان جي شادي ٿي، اُن کي توڙ تائين پهچائڻو هو. اهو پهريون شرط بہ هو ۽ خاندان جي عزت جي تقاضا بہ. پر آئون جو پهرئين ڏينهن کان وٺي ايترو ڇڙوڇڙ ۽ ڪنهن حد تائين باغي بہ هئس، مون وٽ هڪڙو ئي رستو هو تہ گهر ڇڏي پڄي وڃان، جنهن جي مون کي ايتري تہ ڳري قيمت ادا ڪرڻي پئي جو اُن کان پوءِ واري باقي زندگي موت کان بہ بدتر ٿي وئي.

ازدواجي زندگيءَ جو ٽرومو (صدمو) مون کي ايترو شديد ۽ اذيتناڪ لڳو جو رات جو اڪثر ڪري سمهڻ وقت مون تي آسيب جو پاڇو نازل ٿيندو هو يعني جيڪي جن ڀوت ريگستان ۾ بہ ڪڏهن ويجهو نہ آيا، انهن پاڪستان ۾ اچي مون کي گهيريو. ٿيندو ايئن هو تہ گهڻو ڪري ڪا جنڙي يا باز ڪمري جي دروازي، دريءَ يا روشندان ذريعي جهنڪار پيدا ڪري آواز سان داخل ٿي مون کي اچي اُٿاريندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ڪا ٻلي يا نانگ منهنجو گلو اچي پڪڙيندا هئا. خوف مان منهنجو ساهہ گهُٽجڻ لڳندو هو ان اذيت مان جان ڇڏائڻ لاءِ آئون هٿ پير هڻندو هئس، پر جڏهن پاڻ کي بلڪل جڪڙيل محسوس ڪندو هئس تہ بي ساختہ مدد لاءِ رڙيون ڪرڻ شروع ڪري ڏيندو هئس، پر منهنجين رڙين وارو آواز شايد منهنجي ڳلي ۾ ڦاسي پوندو هو. ان ڪري منهنجي رڙ اڄ تائين مون کان سواءِ ڪنهن ناهي ٻُڌي، مطلب تہ بيوسيءَ جي عالم ۾ ذبح ٿيل جانور جيان تڙپي جڏهن آئون پنهنجن حواسن ۾ ايندو هئس تہ منهنجي ذهن ۾ هڪ زبردست پڙ ۽ بدن تي پگهر اچي ويندو هو. اُن لمحي منهنجي پرسان ڏاڏي سُڪون ۾ منيءَ ننڊ ۾ سُتل منهنجي گهر

واري اُن ڪيفيت ۾ مون کي ڪنهن ڏائڻ يا باز وانگر لڳندي هئي. آئون ماٺ ماٺ ڪري رات جو بستري تان اُٿي اوندھہ ۾ ٻاهر پڇي وڃي، گهٽين ۾ گم ٿي ويندو هئس. ڪڏهن ڪڏهن فجر جي ٽائيم گهر موٽي ايندو هئس ۽ ڪڏهن وري ايترو ته پري هليو ويندو هئس، جو هفتن تائين گهر نه موٽندو هئس. آئون شرم وچان پنهنجي پيءُ ٿي وڃڻ جو ڪنهن کي نه ٻڌائي سگهندو هئس ۽ ايئن اڪيلو پنهنجن ڏکن کي دل ۾ لڪائيندي، دنيا کان پڇندو رهيس. ننڍيءَ ڄمار جي هڪ دوست کان سواءِ ڪوبه اهڙو نه هو جنهن سان ويهي آئون پنهنجي من جو بار هلڪو ڪري سگهان ها، پر اهو به ان باري ۾ منهنجي ڪا مدد نٿي ڪري سگهيو. ڪڏهن ڪڏهن لکيل لفظن ۾ آئون پنهنجو ڏک عباس سان ونڊڻ جي ڪوشش ڪندو هئس ۽ گڏوگڏ اها اميد به ڪندو هئس ته هُو منهنجي مدد ڪندو پر هُو به شايد منهنجي درد جي گهرائيءَ تائين نه پهچي سگهندو هو. يا وري ڀين راجستانين جيان اُن کي قسمت جو لکيو چئي، ٽاري ڇڏيندو هو. جڏهن ته منهنجي ماءُ غالباً ممتا جي پُراسرار حس سان منهنجو ڏک سمجهندي هئي. هُوءَ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن ڏکن سان گڏ منهنجا ڏک به شامل ڪري ونڊندي هئي پر هُن جا پنهنجا زخم ايترا ته گهرا هئا، جو هُوءَ منهنجي والد ۽ گهر واريءَ کي پِٽڻ کان سواءِ ٻيو ڪجھہ نٿي ڪري سگهي، "منهنجي چنڊ جهڙي پٽ جي قسمت کي به ٺڪر ڪري ڇڏيو هنن ظالمن، اها به ڪا شاديءَ جي ڄمار هئي." هُوءَ پٽيندي چوندي هئي. "منهنجي وس ۾ هجي ها ته آئون هن لاءِ پنجاب مان هڪڙي حُور جهڙي ڪنوار آڻيان ها، هن کي هڪ گهوڙيءَ سان پرڻايو ويو آهي، ستيا ناس ٿئي انهن جو ڏسجو هڪڙي ڏينهن هي وڏو آفيسر ٿيندو، تمام وڏو ماڻهو هوندو، پوءِ آئون هُن لاءِ پنجاب مان پريءَ جهڙي ڪنوار آڻيندس." منهنجي ماءُ شايد منهنجي ازدواجي الميي جي سهاري پنهنجي ڏک کي به گهٽائي ونڊندي هئي. هُن کي به هرياڻه جي آزاد ڌرتيءَ تان اچي راجستاني ماحول ۾ زندگي گذارڻي پئي هئي. هُوءَ عزت هجڻ ڪري مون جيان ڪيڏانهن ٻاهر ته پڇي وڃي نٿي سگهي، پر جيستائين زنده رهي، ڪڙهندي رهي ۽ آخرڪار هڪ موذي مرض ۾ مبتلا ٿي، سهڪي سهڪي هيءُ جهان ڇڏي وئي. هُوءَ جتي به رهي، هرياڻه ۾ پنهنجي ڳوٺ ۽ پنهنجن ماڻهن کي ڪڏهن نه وساريائين ۽ انهن جي ئي يادن جي سهاري جيئندي رهي، جيڪي ورهاڱي جي واچوڙي ۾ هُن کان هميشه لاءِ وڇائجي ويا.

آخرڪار انٽرميڊيٽ سائنس ۾ ٻه دفعا فيل ٿيڻ کان پوءِ 1954ع ۾ پنهنجي هڪڙي ڪلاس فيلو محمد حيات ڪاڪا جي مدد سان پاس ٿيس، پر حيران ڪندڙ ڳالهه اها آهي ته ڪاڪا پاڻ اُن سال فيل ٿي ويو. البته ٻئي سال سنڌ يونيورسٽيءَ مان گولڊ ميڊل حاصل ڪيائين. منهنجو والد راولپنڊيءَ ۾ هو ۽ ٻئي ڀيري به فيل ٿيڻ جي صورت ۾ مون کي گهران ڪڍي ڇڏڻ جي ڌمڪي ڏئي چڪو هو. پوءِ جڏهن آئون پاس ٿيس ته مون کي پنڊيءَ گهرائي گورڊن ڪاليج ۾ داخل ڪرايائين. گورڊن ڪاليج ۾

داخلا ڪا معمولي ڳالهہ نہ هئي، پر منهنجا راندين وارا سرٽيفڪيٽ ڏسي، مون کي داخلا ڏني وئي.

راولپنڊي، گهر کان پري ۽ ماحول جي تبديليءَ جي ڪارڻ خوش ٿيس، ڪجهہ سُک جو ساهہ کڻڻ جي اميد پيدا ٿي، پر منهنجي ازدواجي زندگيءَ جو الميو ايترو آسانيءَ سان منهنجو پيڇو ڇڏڻ وارو نہ هو. اُهو مون کي پاڇولي جيان چنبڙيل رهيو. هڪ دفعو بيهر آئون ڪاليج وڃڻ بجاءِ فراريت واري ڪيفيت ۾ ويسٽ ريج جي علائقي ۾ ريس ڪورس طرف اُجڙيل جاين ۾ وڃي ويٺس، جتي ڏراڙ ڏٺيون، مينهون، ٻڪريون ۽ رڍون چاريندا هئا. هاڻ انهن اُجڙيل جاين تي جديد ڪالونيون اڏجي ويون آهن. اُتي آئون وڏن وڻن جي ڇانوَ هيٺ ويهي، سڄو ڏينهن ڪيڏانهن پهچي وڃڻ جي منصوبہ بندي ڪندو هئس، ڪنهن اهڙي اڻڄاتل دنيا ڏانهن، جتي آئون زندگيءَ جو نئين سر آغاز ڪري سگهان ۽ جتي منهنجي ماضيءَ جو اولڙو بہ نہ پهچي سگهي. مطلب تہ سڄو ڏينهن آئون اُميدن سان ڀريل خيالي دنيا ۾ غوطا کائي شام جو گهر موٽي ايندو هئس، پر اُتي هڪڙي ڳالهہ واضح هئي تہ انهن ٻڏتر وارين حالتن ۾ هوندي بہ مون همت نہ هاري. ڪا حس مون کي اندر ئي اندر دلاسو ڏيندي محسوس ٿيندي هئي تہ جلد هي حالتون بدلجي وينديون ۽ ٻيو اهو تہ آئون هڪڙي ڏينهن پنهنجي وڃايل منزل ۽ مقام ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندس. بس، ان ئي اميد سان زندگي اڳتي گهلبي رهي.

اُتي ويجهو ئي هڪڙي ريلوي ڪالوني هئي، جتي رهندڙن ۾ اڪثريت اينگلو انڊين ماڻهن جي هئي. انهن ڏينهن ۾ ٽيري (Terry) نالي هڪڙي ڇوڪريءَ سان منهنجي دوستي ٿي وئي. آئون اڪثر ڪري اُن جي گهر ويندو رهندو هئس ۽ نتيجي ۾ هُن جي ڀيڻ مارگريٽ سان منهنجي اک اڙي وئي.

انهن ڏينهن ۾ ڊاڪٽر، انجنيئر يا فوج ۾ آفيسر ٿيڻ کان علاوه لکڻ پڙهڻ سان منهنجو ڪو چاهہ نہ هو. اُن زماني تائين آئون اهو سمجهندو هيس تہ آرٽس جي شعبن ۾ پڙهڻ وارا شاگرد وقت جو زيان ٿا ڪن. گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد ۾ تعليم جي شروعات مون ميڊيڪل جي سبجيڪٽن سان ڪئي هئي، پر جڏهن هڪ ڏينهن اُتي ڪاليج جي شاگردن کي مون مرده خاني ۾ نڪ تي هٿ رکي لاشن جي چير ڦاڙ ڪندي ڏٺو تہ حيران ٿي ويس. اُن وقت بدبودار انساني لاشن جا وڪريل حصا ڏسي، مون کي ايتري گهُٽ ٻوسٽ محسوس ٿي، جو آئون تازي هوا کائڻ لاءِ يڪدم ٻاهر ڀڄي ويس. اُن ڏينهن واري شام مون کي هاسٽل ۾ ماني کائيندي، لاشن جو تصور ذهن ۾ آيو ۽ چڻ تہ بس اِجهو ٿي اُلٽي آئي.... ٻئي ڏينهن ئي مون ڪاليج پهچي پنهنجا سبجيڪٽ بدلائي ڇڏيا. يعني هاڻ آئون ڊاڪٽر ٿيڻ بدران انجنيئر ٿيڻ جا خواب ڏسڻ لڳس، پر قسمت کي ڪجهہ ٻيو ئي منظور هو.

گورڊن ڪاليج ۾ آمريڪي سيمسٽر سسٽم لاڳو هو هر هفتي امتحان ٿيندو هو. هڪ پيرو پيهر آئون محبت ۾ ڦاسي پيس. انهن امتحانن ۾ منهنجي ڪارڪردگي ٻڙي هئي. پروفيسر خواجه مسعود اسان جو رياضيءَ جو استاد هو. ننڍڙو قد، وڏي آواز ۾ ڳالهائيندڙ زندگيءَ مان هر وقت مطمعن. جڏهن ڳالهائيندو هو ته پرپور جذبي ۽ جوش سان ڳالهائيندو هو پر جڏهن رياضيءَ جا حساب حل ڪندو هو ته ڏاڍي رواني‌ءَ سان حل ڪندو هو ۽ سندس هٿ چاڪ سان بليڪ بورڊ پرپيندا ويندا هئا. آئون حيرانيءَ مان پنهنجين تارا ڦوٽاريل اکين سان استاد جي رياضيءَ سان اهڙي چاهه کي ڏسندو رهندو هئس ۽ مون کي اشڪال، پيرا بولا ۽ هاءِ پيرا بولا ڪڏهن رتيءَ برابر به سمجهه ۾ نه آئي، پر ستار نالي اسان جو هڪڙو ڪلاس فيلو هو جيڪو سائين کان به پهرين حساب حل ڪندو ويندو هو. آئون چاڪاڻ ته انهن سبجيڪٽن ۾ زيرو هئس ته انهن کي ڏسڻ به پسند نه ڪندو هئس. مون کان سواءِ باقي سڀ چوڪرا رياضيءَ کي سمجهندا هئا. آئون صرف اڪيلو ئي هئس، جيڪو مڪمل ڪورو هئس. مون کي ياد آهي ته راجا محمد نواز نالي هڪڙو چوڪرو هو جيڪو منهنجي حالت ڏسي، همدرديءَ مان مون کي ڪجهه سيکارڻ جي ڪوشش ڪندو هو پر اُها به ڪهڙي ڪم جي، جو منهنجو شوق ئي نه هو. رياضيءَ ۾ بي ايس سي ڪرڻ منهنجي وس جي ڳالهه نه هئي. مون لاءِ سولڊ جيوميٽري (Solid Geometry)، ڪلڪيولس (Calculus) يا آرگينڪ ڪيميسٽري (Organic Chemistry) يوناني فلسفي کان گهٽ نه هئا. تن ڏينهن ۾ پروفيسر مِل اسان کي انگريزي پڙهائيندو هو. ايڏي ته وڻندڙ انداز سان هُو شاگردن کي پاڻ ڏانهن متوجه ڪندو هو جو هُن جي پڙهايل اليگزينڊر پوشڪن جي ڪهاڻي "دي پسٽل شاٽ" ٻائيتاليهه سال گذري وڃڻ باوجود مون کي اڄ به ياد آهي. هاڻ آئون سوچيان ٿو ته جيڪڏهن آئون سائنس پڙهڻ بجاءِ ادب، لسانيات ۽ ٻين فنونِ لطيفه جي سبجيڪٽن جو شاگرد هجان ها ته شايد زندگي اهڙي تڪليفن واري نه هجي ها.

آخرڪار سال جي پڇاڙيءَ ۾ امتحانن کان ڪجهه مهينا پهرين خواجه مسعود صاحب مون کي ڪلاس جي ڪاري رڍ سمجهي، پاڻ وٽ آفيس ۾ گهرائي چوڻ لڳو "آئون سڄي سال کان وٺي ڏسي رهيو آهيان ته توکي رياضيءَ جو ابجد به نٿو اچي، آئون حيران آهيان ته تو انٽر سائنس ۾ ڪيئن پاس ڪئي آهي؟"

"ڪاپي ڪري سائين!" مون کي اجا چڱي نموني ڪوڙ ڳالهائڻ به نه ايندو هو ۽ صاف صاف سائينءَ کي چئي ڏنم.

"چا! ڪاپي ڪري؟" خواجه مسعود پنهنجي ڪرسيءَ تان اُٿندي، مون کي پيرن کان مٿي تائين ايئن ڏسڻ لڳو جيئن ڪو ڪنهن چور کي جاءِ واردات تي جهلي ڏسندو آهي.

”چڱو تون ايٽليٽ آهين ۽ فٽبال بہ کيڏين ٿو؟“

”جي سائين.“ مون شرم وچان ڪنڌ جهڪائيندي جواب ڏنو.

”تنهنجو پيءُ ڇا ڪندو آهي، فوج ۾ ته ڪونه؟“

”جي سر!“ مون جواب ڏنو.

”پٽ منهنجي مڃين تہ تون بہ فوج ۾ هليو وڃ. ڏاڍو سٺو رهندءِ، هي پڙهڻ وارو ڪم توکان ڏکيو آهي.“ خواجہ مسعود پنهنجي مزاحيہ پر طنز واري انداز ۾ چيو.

”پر سائين، مون کي فوج پسند ناهي، آئون انجنيئر ٿيڻ چاهيان ٿو.“

”.... پر توکي تہ رياضي بہ پسند ناهي، پوءِ تون انجنيئر ڪيئن ٿيندين؟“ خواجہ مسعود مون کي احساس ڏيارڻ واري انداز ۾ چيو.

منهنجي والد تہ اڳ ۾ ئي چاهيو ٿي تہ آئون ملٽري اڪيڊميءَ ۾ داخلا ٽيسٽ ڏيڻ لاءِ فارم ڀري فوج ۾ آفيسر ٿيڻ جي ڪوشش ڪريان. هاڻ خواجہ مسعود جي راءِ سونَ تي سهاڳي جو ڪم ڪيو. مون اينٽرڊ امتحانن لاءِ فارم ڀريا ۽ آخرڪار امتحان پاس ڪري ملٽري اڪيڊمي ڪاڪول ۾ بطور جينٽلمين ڀرتي ٿي ويس.

هاڻ ڪڏهن ڪڏهن سوچيان ٿو تہ ڪاش! خواجہ مسعود مون کي فوج ۾ وڃڻ جي تلقين ڪرڻ بجاءِ منهنجا سبجيڪٽ رياضي ۽ سائنس بدلائي، فن ۽ ادب يعني آرٽس ۾ پڙهڻ جي صلاح ڏئي ها تہ ڪيڏو بهتر ٿئي ها. پوءِ شايد مون کي پنهنجو ”اصل“ ڳولڻ ۾ عمر وڃائڻي نہ پوي ها.

(نوٽ: هيءَ آتم ڪٿا اردو ٻوليءَ جي نامور ليکڪ خورشيد قائمخانيءَ خاص طور سارنگا لاءِ آهي، جنهن لاءِ اسين سندس ٿورائتا آهيون.)

Khurshid_khan18@yahoo.com

# هڪ سچي شاعر جي موڪلاڻي

انور سن راءِ



اردو ٻوليءَ جو نامور شاعر ذيشان ساحل 11 اپريل 2008ع تي ڪراچيءَ ۾ 47 سالن جي ڄمار ۾ دل جي دوري جي نتيجي ۾ هميشہ لاءِ موڪلائي ويو. هو 15 ڊسمبر 1961ع تي سنڌ جي ثقافتي مرڪز حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو جتي هن جو والد لائبريرين هو. هن 1977ع ۾ لکڻ شروع ڪيو ۽ شاعريءَ کانسواءِ تنقيدي مضمون ۽ ريڊيو ڪالم پڻ لکيائين. هن جا 8 شعري مجموعا ڇپيل آهن، جن ۾ ايرينا (1985ع)، چڙيون ڪا شور (1989ع)، گھر آلود آسمان ڪي ستاري (1994ع)، ڪراچي اور دوسري نظمين (1995ع)، اي ميل (2002ع)، شب نامہ (2002ع)، جنگ ڪي دنون مين (2003ع) ۽ نيم تاريڪ محبت (2005ع) شامل آهن.

ڇنڇر جي شام جو منهنجو بزرگ ۽ ساٿي رضا علي عابدي پنهنجيءَ ميز تان اٿي منهنجي ويجهو آيو ۽ ان نموني آيو جو مون کي هن جي اچڻ جو احساس ئي نہ ٿيو. ان

ڪان اڳ ۾ جو مون ڪي هن جي اچڻ جو احساس ٿئي ها ۽ مان عادتن هن جي احترام ۾ ڪرسيءَ تان اٿي ڪڙو ٿيان ها. هن بيحد ڌيمي لهجي ۾ چيو. ذيشان گذاري ويو...

ان وقت لنڊن ۾ شايد، شام جا پنج ٿيا هوندا. ”ذيشان...!“ مون ڪجهه به نه سمجهندي ورجايو. منهنجي زندگيءَ ۾ ته ڪي ذيشان آهن ۽ مان نه سمجهي سگهيس ته انهن مان ڪهڙو ذيشان منهنجو ۽ رضا علي عابديءَ جو گڏيل طور سڃاڻو ٿي سگهي ٿو. پر منهنجي ڪنهن نتيجي تي پهچڻ کان اڳ ۾ ئي هن چيو”ذيشان ساحل.“

مان هن جي لهجي جي اداسيءَ کي نظرانداز نه ڪري سگهيس.

”ذيشان ساحل!“ مون بي يقينيءَ منجهان دهرايو. اها بي يقيني هڪ ته ذيشان جي موت بابت هئي ٻي ان بابت ته رضا علي عابديءَ کي ذيشان ۽ منهنجيءَ قربت جي به خبر هئي.

”هاڻي فون آئي هئي. شام جو ڇهين وڳي ڌاري لاڏاڻو ڪيو اٿس ڪراچيءَ ۾.“ عابدي صاحب کي شايد منهنجيءَ ڪيفيت جو اندازو ٿي ويو هو. تنهن ڪري ئي هن وڌيڪ ڪنهن سوال کان سواءِ ئي باقي تفصيل به ٻڌائي ڇڏيا. ڏيڍ ڪلاڪ ڪن پوءِ اجمل ڪمال جي آيل اي ميل ان جي تصديق ڪري ڇڏي.

ذيشان سان منهنجي شناسائي ٽن ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي تي پکڙيل آهي. پر جنهن ذيشان کي سموريءَ دنيا جا ماڻهو سڃاڻن ٿا. ”ايرينا“ کان وٺي ”نيم تاريڪ محبت“ واري ذيشان کي، تنهن سان اسان جي، منهنجي ۽ عذرا(عذرا عباس) جي ملاقات ڪراچيءَ ۾ اجمل ڪمال جي آمد کان پوءِ ٿي. هو ۽ اجمل ننڍپڻ جا يار آهن ۽ سندن وچ ۾ حيدرآبادي هجڻ کان وڌيڪ شاعريءَ ۽ ادب جو رشتو آهي.

ڊسمبر 2006ع ۾ جڏهن مان ڪراچيءَ ويس ته مان ۽ عذرا ذيشان سان ملڻ وياسين. اسان ڪوڙ ڳالهيون ڪيون. هن پنهنجي پهرئين شعري مجموعي ”ايرينا“ (1985) جو ذڪر ڪيو. هن باهه جو ذڪر ڪيو. هن ايرينا جو مهاڳ ورجايو. جنهن ۾ هن لکيو هو.”سدائين رهندڙ آڳ منهنجو بنيادي عنصر آهي. ٻيڙين، پکين ۽ وڻن کان سواءِ سون کي هوا به وڻندي آهي. سفر ۽ ڪچهريءَ سان گڏ مون کي خوابُ ڏسڻ به ڏاڍا وڻندا آهن. گل، لفظ ۽ رنگ سٺا لڳندا آهن. پر پاڻي ۽ آسمان وڌيڪ وڻندا اٿم. قناعت پسندي، گوشہ نشيني ۽ يڪسانيت کان بيزار ٿي پوندو آهيان. راسخ العقيده ماڻهو ۽ بي ترتيب گهر بلڪل به ناهن وڻندا.“

هو چوندو هو ته هو گوتم ٻڌ، بيٿوون، ڪيٽس، بيورن برگ ۽ ايرينا کان بيحد متاثر آهي. پابلو نيرودا، محمود درويش، پال سيلين، تاديوش روزي وچ ۽ هلڊي ڊومن کي ڪڏهن به نٿو وساري سگهي. هن جو چوڻ هو ته هو مغرب جي ذهني ۽ جسماني رهڻي ڪهڻيءَ جو تمام وڏو مداح آهي ۽ پنهنجي مغرب کان متاثر هجڻ واريءَ ڳالهه تي بلڪل به پشيمان نه آهي.

”ايرينا “ ۾ پهريون ئي نظم ايرينا آهي:

سيني کي بچايو ويو هجي

جيئري رهڻ لاءِ
مون کي جيڪو علائقو ڏنو ويو
مون ان جي چئني پاسي
خاردار تارن جو لوڙهو ڏئي ڇڏيو آهي
جنهن ۾ هر وقت
ڪرنٽ گردش ڪندو رهي ٿو.
مون وٽ هڪ بيڙي آهي
جيڪا پاڻيءَ جي آواز ۽ ڇهاءَ کان اڻ ڄاڻ آهي
۽ هڪ وڻ آهي
جيڪو هوا ۽ باهه بابت ڪجهه نٿو ڄاڻي!

هن اسان کي ڪيترا ئي نظم ٻڌايا. خاص طور تي هن جو نظم "جهاز". جنهن جي باري ۾ سندس چوڻ هو تہ اهو نظم محمد خالد اختر صاحب کي ڏاڍو وڻندو هو ۽ ان کان بہ وڌيڪ فهميده رياض کي.

ان نظم ۾ هڪ جهاز جو ذڪر آهي، ۽ هڪ ڇوڪريءَ جو. جهاز ڇوڪريءَ کي ڪٺي پهچڻ وارو آهي ۽ خوش آهي، پر ڪيس خيال ٿو اچي" ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪري، هيءَ ڇوڪري شهر ۾ وڃائجي ويندي. هو سوچي ٿو ۽ آسمان ۾ ڦيريون پائڻ ٿو شروع ڪري. زمين تي لهڻ کان پهرين ڪڪرن ۾ لڪڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. سوچي ٿو. جيڪڏهن مان ٻيهر هن جي گهر مٿان گذريس، تہ ڇا هوءَ مون کي سڃاڻي سگهندي؟ هو ڏڪارو ٿي ٿو وڃي. پر هو ڳوڙها نٿو وهائي سگهي. هو پنهنجي پرن کي پنهنجين اکين تي نٿو رکي سگهي. سائنس چوي ٿي، مشين هوندو آ جهاز. محبت نٿو ڪري سگهي. ٻڌي ٿو جهاز ۽ بي قرار ٿي، ٻيهر اڏامي ٿو وڃي. "

هن نظم کي پڙهڻ ۽ ٻڌڻ کان پوءِ اها ئي خاموشي اختيار ڪري سگهجي ٿي، جنهن جو ذڪر فهميده رياض ڪٿي ڪيو آهي تہ"ذيشان جي نظمن ۾ هر شيءَ جيئري ٿي سگهي ٿي."واقعي- پر سڀ کان سٺي ڳالهہ تہ اها آهي، جيڪا ويرتا فهميده کي ٻڌائي هئي. هن ذيشان جي نظم بابت چيو"هو انتهائي ڊيچارينڊڙ يا معمولي، روزمره جي واقعن جي باري ۾ بہ ان نموني ٿو لکي، جو حسن، معصوميت ۽ پاڪيزگيءَ جو احساس پيدا ٿئي ٿو. جڻ تہ نظمن ۾ انهن سيني کي بچايو ويو هجي. ذيشان انڪل جا نظم اهڙين تصويرن وانگر آهن، جن جي سطح تي تمام خوبصورت ۽ روشن رنگ آهن. پر اندر ڪارنهن جا ڪئين تهہ آهن. ايئن هو اسان جي ذهن ۾"تلخي يا ڪاوڙ پيدا ڪرڻ کان سواءِ ئي اهڙي اداسي ۽ غم بہ آڇي ٿو جو اسان سڄو ڏينهن سوچيندا رهون ٿا تہ ٻاهر ڇا پيو ٿئي. "

ذيشان! اڄ سومر آهي. تو کي الوداع ڪيو ويو هوندو. اجمل لکيو آهي تہ جنازي نماز انچوليءَ ۾ ٿيندي. ڪير ڪير هوندو اتي؟ توڙي جو هاڻ گفتگو هڪ طرفي رهجي وئي آهي، پر اها پوءِ بہ جاري آهي- ۽ تنهنجا نظم آهن نہ. اسان اهي نظم ماڻهن


کي ٻڌائيندا اسين ۽ تون اسان جي وچ ۾ رهندين ۽ ٻڌ! تو کي گهڻو انتظار نہ ڪرڻو پوندو. اسين بہ تہ اچئون پيا نہ. ۽ ٻڌ! تون چوندو هئين نہ:

جڏهن بہ
مان اونده ۾ سفر ڪيان ٿو
پنهنجا هٿ
ڇهري تي رکي ٿو ڇڏيان
ڪٿي تاريڪي مون کان منهنجو چهرو
هميشہ لاءِ
کسي نہ وٺي."

پر هاڻ تو کي ان جي ضرورت بہ نہ پوندي. هاڻ ايرينا، چڙيون ڪا شور، ڪهر آلود آسمان ڪي ستارے، ڪراچي اور دوسري نظمين، اِي ميل، شب نامہ جنگ ڪي دنون مين ۽ نيم تاريڪ محبت ۾ شامل نظم ۽ باقي جيڪي هاڻي ڇپبا. تنهنجو چهرو بڻجي ويندا ۽ انهن کي ڪا بہ تاريڪي کسي نہ سگهندي ان کان سواءِ تهمينہ احمد جا ترجما بہ تہ آهن: on the outside. ۽ آصف بہ تہ تنهنجا ڪيترا ئي نظم ترجمو ڪيا آهن. ڪراچيءَ تي تنهنجي نظمن سان گڏ نفيسہ شاهہ جون ڊرائنگز اسان کي تيستائين هڪ هڪ ڏينهن جي ياد ڏياريندي رهنديون، جيستائين اسان پيهر هڪ ٿيا ٿيون.

ڏس! خالد اختر صاحب ۽ انور خالد کي اسان جا سلام ڏيڻ نہ وسارجانءِ ۽ صغير ملال کي چئجانءِ، لطيفن اسان کي ڪلائڻ ڇڏي ڏنو آهي.

⊙⊙



# ٽين دنيا جي شاعري

عزيز پلي

فنڪار حسين حقيقتن جي عڪاسي ڪري ٿو ۽ جڏهن هن جي دنيا ۾ حسن نہ رهندو آهي، تڏهن ان لاءِ جدوجهد هن جو فرض بڻجي ويندو آهي. اها ئي اها خاص صورتحال آهي، جنهن ۾ سياست هن جي فني مقصدن ۾ داخل ٿي ويندي آهي. "ٽين دنيا" خود بہ هڪ سياسي اصطلاح آهي، اهڙي "ٽين دنيا" جو ادب بہ ڪنهن نہ ڪنهن حيثيت ۾ سياسي ادب بڻجي وڃي ٿو. اهڙي ادب ۾ "غمِ جانان ۽ غمِ دوران" هڪ ٻئي ۾ جذب ٿي، دنيا جي پيڙهيل ماڻهن جي نمائندگي ڪرڻ لڳندا آهن. يورپ ۽ آمريڪا جا دانشور هميشہ هر قسم جي سماجي ۽ سياسي ظلم ۽ استبداد خلاف احتجاج ڪندا رهيا آهن. حڪومتي مشينري ۽ سڄ سماءَ جي ترقيءَ جي نتيجي ۾ سياست سموري زندگيءَ تي حاوي ٿيندي پئي وڃي. صفا نجي ۽ سماجي نوعيت جا مسئلا بہ تيزيءَ سان آئين سازيءَ جي دائري ۾ اچي رهيا آهن. مغربي ملڪن جو ادب گهڻو ڪري تہ احتجاجي ادب آهي يا وري ان دغا ۽ دوکي جي دنيا کي وائکي ڪرڻ جي ذميداري پنهنجي مٿي تي کنئي آهي، پر ٽين دنيا جو ادب اهي سيئي منزلون اورانگهي زندگيءَ جي تيزيءَ سان تبديل ٿيندڙ مختلف پهلوئن جو نہ رڳو شعوري مطالعو ڪري ٿو پر انهيءَ اجاگر ٿيندڙ شعور کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش بہ ڪري ٿو.

جيئن زندگي سنئون سڌو پيش ايندڙ حالتن کان متاثر ٿئي ٿي، اهڙيءَ طرح ادب بہ انهيءَ وهڪري ۾ پاند پسائڻ کان هرگز بچي نٿو سگهي. ٽين دنيا جو ادب پيش ايندڙ حالتن ۽ انهن جي نفسياتي ۽ جمالياتي ردعمل جو هڪ جامع داستان آهي ۽ اهو ادب دانشورن جي روحاني ۽ جذباتي روين جي عڪاسي ڪري ٿو. ان ڪري ٽين دنيا کي سمجهڻ ۽ هتان جي زندگيءَ جو حقيقي شعور حاصل ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ سياست، معاشيات ۽ فلسفيانہ نظرين سان گڏوگڏ ادب جو مطالعو بہ ڪيو وڃي.

”ٽين دنيا“ هڪ وسيع ۽ متنازع دنيا آهي جنهن جي سڄاڻپ اها جدوجهد آهي، جيڪا هيءَ دنيا نو آبادياتي نظام جي زنجيرن مان آزاديءَ ماڻڻ لاءِ ڪري رهي آهي. ”ٽين دنيا“ جي مختلف ملڪن ۾ علائقن جو ادب انهيءَ ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو ته اتي وڙهي ويندڙ آزاديءَ واري جنگ ڪٺن مرحلن مان آهي ۽ اجا ڳوڙهو مطالعو ڪرڻ سان اها خبر به پئجي سگهي ٿي ته اها جنگ ڪٺن مرحلن مان گذري چڪي آهي. آرنلڊ (Arnold) سچ چيو هو ته ”فن ۾ بي ايماني ۽ منافقت ناروا آهي“. انهن ملڪن متعلق اسين جيڪو ڪجهه سڌ سماءَ جي ذريعن کان ٻڌون ٿا، اهو بحث جوڳو آهي، پر ادب جن حقيقتن جي عڪاسي ڪري ٿو انهن کي ڪوڙو قرار ڏئي نٿو سگهجي، ڇو ته اهو ادب مصلحت پسند ڪو نه هوندو آهي. ٻيو ته اهو پڙهندڙ جي دل جي دفتر ۾ داخل ٿي ويندو آهي ۽ انهيءَ ڪري اهو ادب ڪجهه وڌيڪ ئي اعتبار جوڳو هوندو آهي.

سياست جي حوالي سان ادب هڪ بحث جوڳو مسئلو بڻجي ويندو آهي، پر ادب جي حوالي سان سياست کي سمجهڻ بلڪل سولو آهي. ڇاڪاڻ ته ادب انهن داخلي ڪيفيتن جي عڪاسي ڪري ٿو جيڪي دماغ تي حاوي هونديون آهن، پر اهڙي قسم جي ادب تائين پهچ ايتري سولي ڪونهي. ڇو ته سڌ سماءَ جا ذريعا ۽ ڇاپيندڙ ادارا اهڙي باغيانه قسم جي ادب کي ماڻهن تائين پهچائڻ جو خطرو کڻڻ کان لنوائيندا آهن ان جي باوجود به جيڪو ٿورو گهڻو ادب پڙهڻ لاءِ ميسر آهي، اهو اديبن ۽ شاعرن جي ردعمل جي ڪافي حد تائين عڪاسي ڪري ٿو.

انهيءَ سلسلي ۾ ”ٽين دنيا“ جي اديبن ۽ شاعرن نه صرف نون موضوعن جي تلاش ۽ تجزيو ڪيو آهي، پر فني لحاظ کان به انهن نوان نوان دڳ ڳولهي لڌا آهن ۽ بيان ۾ طريقن کي پُر اثر بڻائڻ جي ڪوشش به ڪئي آهي. انهن اديبن ۽ شاعرن سر ريئلزم ۽ علامت نگاريءَ جي ڀرپور استعمال سان گڏوگڏ لوڪ ادب ۽ آرٽ کي به وڏي ڪاريگريءَ سان ڪم آندو آهي. ساڳيءَ ريت نثري نظم به ڪافي ترقي ڪئي آهي.

”ٽين دنيا“ جي مختلف خطن ۾ سياسي، سماجي ۽ معاشي آزاديءَ جي جنگ مختلف مرحلن مان گذري رهي آهي. اهي مرحلا انهيءَ جدوجهد جي سرجندڙ شعور جي نشاندهي ڪن ٿا. اهڙي شعوري ۽ فني پختگيءَ جي لحاظ کان نقاد ”ٽين دنيا“ کي هيٺين پنجن واضح حصن ۾ ورهائين ٿا:

1. اهي ملڪ جتي سياسي، سماجي، اقتصادي انقلاب هڪ حد تائين مستحڪم ٿي چڪا آهن ۽ هاڻ انهن جا مسئلا طبقاتي يا سياسي هئڻ جي بدران گهڻو ڪري آفاقي، جذباتي، آدرشي قسم جا آهن. هاڻي هو وجود جي اسرار کي سمجهڻ جي ڪوششن ۾ مصروف آهن. پر انهيءَ پر اسراريت جي ڳولها ۾ هو ڪنهن ڊپ ڊاءَ بدران وڏي ايمان ۽ اعتماد سان ڳالهائن ٿا ۽ هنن جي انهيءَ جستجو ۽ ڳولا ۾ هڪ واضح نصب العين ڪڏهن به سندن نگاهن کان غائب نٿو ٿئي.

2. اهي ملڪ جتي انقلاب اجا تائين تجرباتي منزلون اورانگهي رهيو آهي، اتي ادب به هڪ عبوري دور مان گذري رهيو آهي. هتي ٻنهي خارجي ۽ داخلي محاذن تي

جنگ جاري آهي. مطلب تہ دشمن سان مقابلو بہ آهي تہ ٻئي طرف وري ذهني ۽ جذباتي روڳ سان جهيڙو بہ. سندن خواب ڏاڍا خوبصورت آهن. پر انهن جي چوڌاري موجود خطرا ڪڏهن ڪڏهن انهيءَ خوابن واريءَ دنيا کي جهنجوڙي بہ ڇڏيندا آهن. پر خواب ڪي جنگي قيدي بہ تہ ناهن! ڪڏهن تہ اهي اديب مونجهاري جو شڪار بہ ٿي پوندا آهن ۽ ڪو بہ فيصلو ڪري ڪو نہ سگهندا آهن. انهن مان ڪجهہ تہ جدوجهد تان بہ هٿ کڻي ويندا آهن ۽ خود فريبيءَ ڏانهن مائل بہ ٿي ويندا آهن. ڪي وري اهڙا بہ هوندا آهن، جيڪي اڪيلي سر جنگ جاري رکندا آهن. جيتوڻيڪ انهن جي ذهنن ۾ منزلِ مقصود بابت هڪ هم آهنگي هوندي آهي، پر انهيءَ جي حاصلات متعلق گهڻين ئي دلين ۾ شڪ جو شيطان بہ واسو ڪيو ويٺو هوندو آهي.

3. اهي ملڪ جتي جنگي ڏرين جي سڃاڻپ بہ واضح آهي تہ اتي سرجندڙ ادب ۾ بہ هڪ ڪليل جنگ جاري آهي ۽ اها جنگ صرف سياسي محاذ تائين محدود نہ آهي، پر خود اديبن جي اندر ۾ بہ باهہ ڀڙڪا پئي ڪائي. هيءَ جنگ تاريخ، استبداد ۽ رسم و رواج جي پيدا ڪيل دوکن جي خلاف آهي ۽ انهن ويساهہ گهاتين جي بہ خلاف آهي، جيڪي پنهنجن ئي ڪيون آهن. انهيءَ سموري جهيڙي جو اڳواڻ ادبِ ئي آهي، جنهن جو نصب العين انساني شعور جي نشو و نما ۽ تربيت ڪرڻ آهي.

4. اهي ملڪ جتي باقائده خوني ويڙهہ وڙهي پئي وڃي، اتان جو ادب، ميدانِ جنگ ۾ حب الوطنيءَ جو ادب آهي. اتي انهيءَ نئين شعور کي زنده ۽ اجاگر ڪرڻ لاءِ جنگ هلي رهي آهي، جنهن کي يا تہ مڪمل طور تي تباهہ ڪيو ويو آهي يا تہ گهٽ ۾ گهٽ هيسايو ۽ مُڏو ڪيو ويو آهي. انهيءَ ادب ۾ شدت سان اهو احساس وڌي رهيو آهي تہ ترقي يافتہ دشمن سان وڙهڻ لاءِ ذهني آزادي ۽ فڪري ترقي بيحد ضروري آهي. اها جنگ جن محاذن تي وڙهي پئي وڃي، اتي هڪ وڏو محاذ جهالت ۽ غربت جو بہ آهي. اها غربت ذهني بہ آهي تہ سماجي بہ. هي ادب ٻنهي يعني تعليم توڙي تربيت ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو.

5. اهي ملڪ جتي اڃا تائين دوست ۽ دشمن جي سڃاڻپ نتي ٿئي، جتي اڄ بہ نو آبادتي ڍانچو جيئن جو تيئن موجود آهي، جتي مظلوم کي ظلم تہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو پر ظالم جو هٿ ڏسڻ ۾ نٿو اچي، جتي هڪ طرف حد کان وڌيڪ مايوسي ڏسڻ ۾ ٿي اچي تہ ٻئي طرف وري همت ۽ بردباريءَ کان وڌيڪ نعريبازي- پر ڪڏهن ڪڏهن واضح شعور جا اهڃاڻ بہ نظر اچن ٿا. مجموعي طور تي اهڙن سماجن ۾ ادب تي خوف جو غلبو حاوي آهي ۽ اصل مسئلن تي لکڻ بجاءِ خاموشين جو راڄ قائم آهي. تڏهن انهن حالتن ۾ ڪڏهن ڪڏهن مختلف آوازن جي گوڙ ۾ ڪنهن نوجوان آواز جو پڙاڏو بہ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو جنهن ۾ حوصلي ۽ بهادريءَ سان گڏ خطرن جي صحيح سڃاڻپ جي ساڃهہ بہ هوندي آهي، پر ڏک جي ڳالهہ اها آهي تہ اڃا تائين ڪو ايڏو وڏو "انا الحق" جو نعرو ٻڌڻ ۾ نٿو اچي، جيڪو ٻين نعرن کي گڏ ملائي ۽ منزل ڏانهن اڳتي وڌائي.

هنگري(Hungry): جيڪي ملڪ انقلاب کي لڳ ڀڳ مستحڪم ڪري چڪا آهن، انهن ۾ هڪ هنگري بہ آهي. هتان جو هڪ جهور ڪراڙو اسي سالن جو استاد، اديب ۽ شاعر ديسو ڪرستوري(Dezokeresztury)پنهنجي انٽرويوءَ ۾ چوي ٿو تہ:

"تجربي مان مون اهو سبق سکيو آهي تہ ذهن ۽ عقيدي جي آزادي جيڪڏهن بي راهہ رويءَ جي حدن تائين پهچي وڃي تہ پوءِ اها خودڪشيءَ ڏانهن وٺي ويندي آهي، جيئن بائيبل ۾ لکيل آهي تہ انسان زوال ڪان پوءِ گناهہ ڏانهن مائل بہ ٿيندو آهي ۽ انهيءَ رجحان تي ضابطو رکڻ ضروري آهي."

پنهنجي هڪ نظم ۾ هو لکي ٿو تہ:

تون پيدا ٿئين ۽ دنيا توکي قبول ڪيو
تون بہ جدوجهد ڪندي ڪندي اهو مڃين ويندين
تہ هي ڪڏهن بلندين تي پهچائي ٿي تہ ڪڏهن پستين تي-

پنهنجي سيني مسئلن کي منهن ڏيو
" جيڪڏهن تون ابدي اصول کان واقف آهين
تہ پڏتر مان هڪ نظم جنم وٺندو.

رومانيا (ROMANIA): اهڙي قسم جا رجحان رومانيا جي جديد شاعريءَ ۾ بہ ملن ٿا. مثال طور اليڊاپلا سز لوفي جي نظم جو عنوان آهي:

"ڪهڙي شيءِ مون کي جيئڻ لاءِ اڪسائي ٿي!"
جيڪڏهن هي منهنجوئي هجي ها، جيئن مون سمجهيو هو
پر هيءَ انوکو احساس بہ
چشمي جي پاڻيءَ ۾، آسمان جي آئيني ۾
مون کي ڇڏي وڃي ٿو
تنهن لاءِ هي منهنجو ناهي
هي احساس اڳي بہ ڪنهن کي ٿيو هو
۽ جيڪو جذبو هن کي اپارٽو هو هن اهو اپاريو هو.

چنڊ هڪ پراڻو منظر آهي ۽ عورتون
سڀ فاني آهن
هو "آئون" ۾ پنهنجي ساري وجود کي
گم ڪري ڇڏين ٿيون ۽ اهو نٿيون ڄاڻن تہ
محبت انهن کي بدلائي ڇڏي ٿي، جنهن سان هنن ۾
هڪ شڪتي اچي ٿي ۽ هو

گلن وانگر ڦٽي پون ٽيون
محبت خود زندگي آهي.

اهڙيءَ ريت جدلياتي ماديت جي حوالي سان واسلي پوئينارو (Vasslle Poeraru) جو هيءُ مختصر نظم "آئون" بہ هڪ خوبصورت شاهڪار آهي.

هڪ پن آسمان کي ڪاٽي ٿو
هوا رکجڻ واري آهي
هڪ وڻ (دنيا کي ڳجهي) جذب ڪري ڇڏي ٿو
۽ پاڻي زمين کي غرق ڪري ڇڏي ٿو
هي سڀ هڪ عظيم ديوتا جي ڪارسازي آهي
جنهن جو نالو آهي تبديلي
مان بہ هڪ جهڙو نٿو رهان
۽ سنئين رستي تي وڌندو رهان ٿو
انڌلٺ منهنجي پيشانيءَ تي گهنج وجهندي رهي ٿي.

هن شاعريءَ ۾ هڪ جذبو طاقت ۽ نزاڪت آهي. هي انسان، فرد ۽ ڪائنات جي رشتي کي ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش بہ آهي تہ وري زندگيءَ جي ارتقائي عمل جو شعور حاصل ڪرڻ جي خواهش بہ۔ ۽ اهو احساس بہ تہ لڳاتار بدلجندڙ حقيقتن جي پويان هڪ ئي حقيقت ڪارفرما آهي تہ هيئت جو تبديل ٿيڻ ئي نشو نما ۽ زندگي آهي.

بلغاريہ جي شاعريءَ ۾ وري هڪ ٻئي قسم جو آهنگ آهي. ڊورا گابي (Dro gabe) جا ڪجهه مختصر نظم قابل غور آهن.

دور گهرائين ۽ اونهائين ۾
ٻج لڪي وڃن ٿا
تہ جيئن زندگيءَ جي قوت
پنهنجي اندر ۾ جذب ڪرڻ کان پهريائين
هوائون کين اڏاري ڪٿي نہ وڃن.

...

سفيد برف جو هڪ ٽڪرو
ڇا صرف انهيءَ لاءِ تيزيءَ سان
برف تي هلي رهيو آهي
جيئن
پنهنجيءَ معصوميت سان
زندگيءَ کي ڪچلي ڇڏي؟

...

۽
منهنجي زندگيءَ جو

آخري وقت اچي ويو آهي
جيڪي ڪجهه مون وٽ آهي
آئون ڏيئي وڃان ٿي
آئون هاڻي گناهن ۾ به ملوث نٿي ٿيان
پر
ڪهڙي بي دنيا
منهنجي خالي دل سان گڏ
مون کي
قبول ڪندي؟.

هن دنيا جي ادب ۾ به رجحان بلڪل واضح آهن: هڪ طرف فرد ۽ معاشري جي وچ ۾ مڪمل هم آهنگيءَ تي زور ڏنل آهي ته ٻئي پاسي فرد جي جذباتي ۽ داخلي ضرورتن ۽ خوف ۽ ان سان گڏوگڏ فرد ۽ ڪائنات جي وچ ۾ هڪ مستقل ڇڪتاڻ به هن شاعريءَ جو مستقل موضوع آهي. هڪ طرف ڏکن ڏاکڙن جي سامهون ايمان ۽ اعتماد، ظلم جي مقابلي ۾ مردانگي، مڙسي ۽ انساني همدرديءَ جا جذبات ملن ٿا ته ٻئي طرف هڪ قسم جي روحاني بي چيني. هي ادب ان قسم جي معاشري جي عڪاسي ڪري ٿو جتي نه فقط بنيادي مسئلا ۽ طبقاتي ناهمواري ماڻهوءَ جو جيئڻ جنجال بڻائي ٿي ڇڏي، پر جتي شاعر جو پنهنجو وجود به هڪ سواليه نشان بڻجي وڃي ٿو. اتي هڪ اهڙو ماحول آهي، جتي ڏک ۽ درد به آهن ته جدوجهد ۽ جستجو به.

**چين** (China) : چين جو ادب "ٽين دنيا" جي انهن علائقن جي بهتر نمائندگي ڪري ٿو جتي انقلاب اچا تائين تجرباتي دور مان گذري رهيو آهي. هونءَ به چيني ادب لوسون کان وٺي اڄ جي نوجوان لکندڙن تائين، دانشورن جي ذهني ۽ جمالياتي سفر جو هڪ دلچسپ داستان آهي. دانشور، اديب ۽ شاعر انقلاب کان اڳ ۾ ڪيئن سوچيندا هئا ۽ انقلاب اچڻ کان پوءِ انهن جي رويي ۾ ڪهڙي تبديلي آئي آهي يا وري جڏهن انقلاب کي اندروني تضادن جو منهن ڏسڻو پيو ته ڪهڙي قسم جو ادب پيدا ٿيو. چيني ادب انهيءَ سموري سفر جو دستاويز آهي.

چين ۾ اڄڪلهه لکڻ وارا اڪثر نوجوان آهن. هڪ اڀرندڙ شاعر لي ڇي (Li Qi) جو هيٺيون نظم "برف جا مجسما" به انهيءَ رجحان جي عڪاسي ڪري ٿو.

گرم دلين
۽ اتر جي سخت سردين
هي مجسما بنايا آهن
۽ انهن کي خوبصورت ٺاهيو آهي!

مون کي اوچتو هيءُ احساس ٿيو آهي

تہ سخت سرديءَ جي محبت
۽ هم آغوشيءَ سان
نرم ۽ ڪمزور پاڻي بہ
مضبوطيءَ سان اٿي بيهي سگهي ٿو
۽ مختلف شڪلين ۽ زاوين ۾
زندگيءَ جو معجزو ڏيکاري سگهي ٿو

جڏهن بهار اچي ٿي
هي پگهرجن ٿا
تہ افسوس مان آهون نٿا ڀرين
تنهن لاءِ تہ فخر مان انهن جا ڳاٽ اوچا آهن
هو خوشيءَ مان پيدا ٿيا
۽ خوشين سان فنا ٿيڻ لاءِ تيار آهن.

اَي اتر جي سرزمين
مون کي هڪ مجسمو بنائي ڇڏ
هڪ معصوم
آزاد مڇي-
هُما يا جهرڪي
هڪ ڏينهن لاءِ ئي سهي
مون کي فنا ٿيڻو هجي
ائين فقط بهار ۾ ٿيندو.

هتي بہ هڪ آدرش جي تڙپ آهي، پر اهو احساس بہ آهي تہ اهو آدرش ديرپا نہ هوندو. خاص ڳالهہ تہ انهيءَ خواهش ۽ خوف ۾ ڪائي سطحي جذباتيت نہ آهي. هيءَ هڪ متضاد خواهش آهي، جنهن خزان ۾ جنم ورتو ۽ بهار ۾ فنا ٿي.

انهن ادبي ڪاوشن مان بخوبي اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اڄ چين ۾ انقلاب ڪهڙي مرحلي ۾ آهي ۽ چيني دانشورن جو انهيءَ انقلاب سان ڪهڙو ذهني ۽ جذباتي لڳاءُ آهي.

**لاطيني آمريڪا (Latin Ameriea):** لاطيني آمريڪا ۾ بہ وڏا ناليوارا اديب ۽ شاعر پيدا ٿيا آهن، جن ۾ پيٺبلو نرودا ۽ گارشيا مارڪئيز تہ نوبل انعام يافتہ آهن. هتي نوآبادياتين، ظلم ۽ استبداد خلاف گهڻي عرصي کان هڪ مسلسل جنگ جاري آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترن ئي ملڪن ۾ انقلاب اچي چڪا آهن. لاطيني آمريڪا

جي شاعريءَ ۾ ادب ۾ پراڻي ۽ نئين دنيا جي ٽڪراءَ جو ڀرپور اظهار ملي ٿو. قديم روايتن ۽ ٽوڻن ڦيڻن سان گڏوگڏ هتي ايڪسپريشنسٽ(باطني تجربن جو علامتي اظهار) ۽ ائبسرڊ (ڪل جوڳا) فني تجربا بہ ملن ٿا. انهيءَ سان گڏوگڏ لاطيني آمريڪا ۾ تاريخ جو هڪ شعور اپري رهيو آهي. ارجنٽينا جي شاعر جئن گليمين (Juan gelman) پنهنجي هڪ نظم "تاريخ" ۾ انهيءَ جو اظهار ڪجهہ هن ريت ڪري ٿو:

تاريخ جو اپياس
تاريخون، معرڪا، پٿرن جا ڪتبا
مشهور قول، جن مان تقدس جي بوءِ اچي ٿي
مون کي تہ صرف ڪارا، لوهي
پٿر ڪاٽيندي، سلائي ڪندي غلامن جا هٿ نظر اچن ٿا
روشني ڦهلائيندي، دنيا کي دريافت ڪندي
هو مري ويا، پر انهن جا نُنهن اڃا بہ وڌي رهيا آهن.

پئبلو نرودا بہ تاريخ کي مشڪوڪ سمجهيو ۽ انهيءَ ڪري هو پنهنجي ڪهاڻيءَ کي تاريخ کان اڳ شروع ڪري ٿو:

رنگ ۽ بوءِ جي انهيءَ هنگامي ۾
پٿر جي رات ۾ مون کي پنهنجو هٿ لاهڻ ڏيو
تہ جيئن منهنجي اندر ۾ قديم گم شده انسان جي دل ڌڙڪڻ لڳي
هڪ اهڙي پکيءَ وانگر، جنهن کي هزارين ورهين کان قيد ڪيو ويو هجي.

هو تاريخ جي انهيءَ دورُ جو مطالعو ڪرڻ چاهي ٿو جڏهن انسان ۽ فطرت بلڪل هڪ هئا ۽ گلن، ٻوٽن، جانورن وانگر مٽيءَ ۾ لٽيل هئا. تاريخ جو اهڙو مطالعو جيڪو سرڪاري تاريخ جي نقطہ نظر کان مختلف هجي. لاطيني آمريڪا جا رهواسي نئين دنيا جي دريافت کان پهريائين وڻن وانگر ڌرتيءَ ۾ کتل هئا. پيرو جي شاعر ڪارلوس جرمن بيلي (Carlos german Belli) پنهنجي هڪ نظم ۾ ڪجهہ اهڙن ئي جذبن جو اظهار ڪيو آهي:

پيارن انسانن جي بدران
منهنجا ڏاڏاڻا پٿر چونہ ٿيا
وڻ چونہ ٿيا، هرڻ چونہ ٿيا
جيڪي بظاهر نہ تفريق ڪن ٿا ۽ نہ نصيحتون ڪن ٿا

۽ انهيءَ جهڳٽي کي ڇڏيو جتان اوهان کي خبر آهي تہ
اتر جي هوا ڪهڙي طرف کان اچي ٿي ۽ ڏکڻ جي هوا ڪيڏانهن وڃي ٿي".
يورو گوئي جي آئڊيا ولالنو (Idea Vilalno) مطابق:

"زندگي ڇا هئي"
هيءَ اهڙي شيءِ نٿي ٿي سگهي، جنهن ۾ مختلف رستا هجن
اداس صبح هجن
غليظ بي سرور مصروفيتون، روزمره جا مفاد
هيءَ اهڙي ٿي نٿي سگهي
ڪڏهن به اهڙي ٿي نٿي سگهي
اها نه جيڪا هئي ۽ هاڻي به آهي
گلين جي گندي هوا
سرديون
بيحد ڪوتاهيون
ڪجهه
بيزاري
هڪ ويران دنيا ۾.
پيرو جو جيويئر هيراڊ (Javier Heraud) پنهنجي نظم "اونده جو قصيدو" ۾ وري هينئن ٿو چوي:
هاڻي اسان کي هر ڪم پنهنجي هٿن سان ڪرڻو پوندو
لفظ ناهڻا پوندا
وڻن جي ٽڙن وانگر
نه پنندا سين ۽ نه روئيندا سين
پر ختم ڪندا سين
زمين جي مردانگي(پيدا واري قوت) پنهنجي ڏڪن سان ختم ڪندا سين!
مطلب ته لاطيني آمريڪا جي ادب ۾ هڪ نئين شعور جاڳڻ جون شاهديون ملن ٿيون. انهيءَ شعور ۾ وڏو حصو انهن ڪارن ماڻهن جو آهي، جن کي ايمي سيزير جي Negritudeتحريڪ تمام گهڻو متاثر ڪيو. هي انهن ٿورن ڪارن ماڻهن جو ادب آهي، جيڪي اڇن ماڻهن جي گهٽائيءَ جي گهيري ۾ آيل آهن. آفريقا ۾ اڇن ماڻهن جي اڪثريت آهي ۽ تاريخ سان گڏوگڏ جاگراني به سندن حق ۾ آهي. ڪارن جو اهو ايمان آهي ته هڪ ڏينهن آفريقا آفريقين جو ٿي ويندو ۽ اڇا ماڻهو اقليت ۾ رهجي ويندا. انهيءَ ڪري ئي سندن سوچ ۾ فراخدلي آهي. هو سخت ظلم جي باوجود به محبت، اميد ۽ آسري جي ڳالهه ڪن ٿا. جيئن سينيگال جو ڊيوڊ ڊايپ(David diop) چوي ٿو:
هو اجنبي جن ۾ محبت نظر نه ايندي هئي
هو جيڪي ڪتابن جا عالم هئا، پر محبت کان ناواقف

پر اسين جيڪي هٿن سان زمين جي ڪک کي ذرخيز ڪريون ٿا
اوهان جي مغرور گيتن جي باوجود
آفريقا جي ويران ۽ لٽيل ڳوٺن جي باوجود
اسان جي اندر ۾ اميد هڪ مضبوط قلعي وانگر محفوظ هئي
۽ سوازي ليند جي کاڻين کان وٺي يورپ جي ڪارخانن تائين
اسان جي روشن قدمن هيٺان وري بهار جنم وٺندي
انهيءَ جي بلڪل ابتڙ هتان جو رهاڪو ريني ڊيپيسٽري (Rene depestre)اعتراف ۾ وري هيئن گجگوڙ ڪري ٿو:
بهتر آهي مرڻ ۽ غلبو حاصل ڪرڻ
بهتر آهي تپي ۽ ڳرڻ
پنهنجي درد کي
پنهنجي اعتماد کي
پنهنجيءَ طاقت کي
خونريز جنگين جي ميدانن ۾
جيئن تہ منهنجي زندگي
جوان
پر عزم، تباهہ ٿيل
ٻڙڪي پوي ۽ هڪ کنڊر دنيا تي چلڪي سگهي.
يا ڪيوبا جو ڊيوڊ فرنانديز چيريشن (David fernazdez Cherician) تين دنيا جي تعريف وري هيئن ڪري ٿو:
اسين ضدي آهيون
انهيءَ لاءِ اسين ماضيءَ کي
اسان جي سڀ کان وڏيڪ بنيادي ضرورت سمجهون ٿا
۽ بندوق کي انهيءَ کي حاصل ڪرڻ جو
مناسب ترين ذريعو.
آفريقي شاعريءَ جا موضوع انساني لڙڪن، دکن ۽ دردن جي اڻ کٽ ڪهاڻي آهن. اهي ذک ۽ ڏاکڙا ڪنهن ڊيچاريندڙ خواب وانگر شاعر کي جنجهوڙي ڇڏين ٿا. مثلن سينيگال جي ليو پولڊ سيدار سينگهور (Leopold sedor senghor) جي هڪ نظم "نيويارڪ" جا ڪجهہ حصا هن ريت آهن:
نيويارڪ!! آئون شروع ۾تنهنجي حسن کان بوکلائجي ويو هوس
انهن ڊگهين سون جهڙين ٽنگن وارين ڇوڪرين جي حسن کان.

آسمان کي ڇهندڙ عمارتون، جيڪي پنهنجي لوهي پاڪرن ۽ پٿر جهڙي کهري چمڙيءَ سان طوفانن جا رخ بدلائي ڇڏين ٿيون.

نہ ڪنهن يار جي منهن تي مسڪراهٽون ورڪا ڪن ٿيون ۽ نہ وري منهنجو هٿ هن جي هٿ جو ڇهاءُ محسوس ڪري ٿو.

ڪنهن ماءُ جون ڇاتيون بہ نہ آهن، صرف ٽنگون ئي ٽنگون آهن
ٽنگون ۽ ڇاتيون، جن ۾ نہ ڪوئي پگهر آهي ۽ نہ ڪا خوشبو.

محبت جو ڪو لفظ ناهي، ڇو تہ چپ ئي نہ آهن
صرف مصنوعي دل، جيڪا خريد ڪئي وئي آهي.

بي خواب راتيون، هي مين هٽن جون رايتون
رنگين روشنين کان پريشان
جڏهن موٽرن جا هارن خاموش گهڙين ۾ گونجن ٿا.

۽ جتي سياهہ پاڻيءَ ۾ صحت جي حفاظتي اصولن مطابق ڪيل محبت ائين وهي وڃي ٿي، جيئن يارن جي لاشن سان ڀريل درياءُ.
اهڙن ئي خيالن جي گجگوڙ فلسطيني ادب ۾ بہ ٻڌڻ ۾ اچي ٿي. ڇو تہ اتي بہ خونخوار هٿيارن ۽ استحصالي قوتن جي خلاف هڪ خونخوار جنگ سان گڏوگڏ شعوري آزاديءَ لاءِ بہ هڪ زبردست جنگ وڙهي پئي وڃي.
جيئن سميع القاسم "منهنجو انتظار ڪر" ۾ چوي ٿو:
اي منهنجي ڌرتي ماءُ! زمين جو هڪ ٽڪرو جو منهنجي وڏڙن کان ونئي
پنهنجي عقيدن سان پُر آهي، جن ۾ ڪوڙ ۽ فريب جو راڄ آهي
جن تي ڪوڙين ڪهاڻين تي دوکن جا غلاف چاڙهيا ويا آهن
پر هاڻي تنهن کي پيغمبرن جي بصيرت ملي وئي آهي.
وري بہ سميع القاسم "منهنجي ڪارڊ کي ياد رکجانءَ" ۾ بيان ڪري ٿو:
ماضيءَ جي دوکي جو سحر ٽٽي چڪو آهي
۽ هاڻي ماٺهو ستارن ۾ پنهنجي قسمت ڪو نہ ٿا ڏسن
تہ ياءُ تون چوين ٿو ايئن ئي ٿيڻو هو اهو ئي نصيب هئو
محنت/نصيب جو سهارو سيني سهارن ۾ سڀ کان ڪمزور سهارو آهي.

⊙⊙



# جهَڪيون جهَڪيون يادگيريون

عبدالقادر جوڻيجو

## ٻيڙي سگريٽ

نِجو پِجو سچ ٻه ٿيندو آهي ڇا؟

اِها دعوي ئي نٿو ڪري سگهان ته ڪو آئون نِجو پِجو سچ لکي سگهان ٿو. سبب؟ سبب پڌرو پيو آهي. هر ماڻهوءَ وٽ پنهنجو پنهنجو سچ هوندو آهي. هر ڪو ماڻهو هر ڳالهه کي پنهنجي پنهنجي اينگل کان ڏسندو آهي ۽ پوءِ انهيءَ اينگل کي سچ ٻڌائي ڇڏيندو آهي. بلڪل ائين جيئن هاٿيءَ کي انڌن هٿ لائي ڏٺو ۽ پنهنجو پنهنجو سچ بيان ڪيائون. انڌن ملتان ته ڳولي وڃي لڌو پر هاٿيءَ کي هاٿي سمجهي نه سگهيا.

آئون ٻه انهن انڌن مان هڪ آهيان. اصل ۾ وهيو ڇا. اِها ته خبر رب جي ذات کي، پر هن وقت مون کي جهَڪيون جهَڪيون يادگيريون اچن ٿيون. اهي ئي لکي سگهان ٿو. ٿي سگهي ٿو اهي حقيقتون ائين نه هجن، جيئن هينئر ٿيون ياد اچن. ڪمپيوٽر نه ناهيان نه بابا. ماڻهو آهيان يار، ماڻهو. مون لاءِ هونئن ٻه دنيا جو ڏکئي ۾ ڏکيو ڪم آهي پنهنجي باري ۾ لکڻ، پر لاچار کي آچار ناهي. ڪجهه پنا ته ڪارا ڪرڻا ئي آهن.

کهاڻي لکڻ جو سوچيم. پنا اڳيان رکي ويٺس ته مون کي لڳو ته منهنجي هٿ مان ڪهاڻي ٻه ڇڏائي وئي آهي ۽ پولڙي ٻه ڇڏائي وئي آهي. دل چيو ته پنهنجي منهن تي ڪارٽ مليان، پر منهنجي گهر ۾ ڪارٽ آهي ئي ڪو نه. سو هٿ هٿ تي رکي ويهي رهيس. هونئن ٻه پلا ڪارٽ ملڻ وارا ٻين جي منهن تي ڪارٽ مليندا آهن، پنهنجي منهن تي ڪير ٿو ڪارٽ ملي.

سنڌ يونيورسٽيءَ جي گئيسٽ هائوس جي ڪمري نمبر هڪ کان سلسلو شروع ٿيو ۽ لاهور ڪئنٽ تائين پهچي ويو. هونئن ته اسان ٻنهين ۾ وڏو فرق آهي. هوءَ ولايت

۾ پنهنجي خرچ تي پڙهي نڪتي هئي ۽ مون جُتيون گسائي، پرائيوٽ امتحان ڏيئي پاس ڪيو هو. هوءَ فر فر انگريزي ڳالهائيندي رهي ۽ آئون انگريزيءَ جون ٽنگون ڀڃندو رهيس. هوءَ پنجاب صوبي جي اعليٰ طبقي مان آهي، آئون ٿر جي اوٺارين مان آهيان. هوءَ روز فجر جو ڇهه ڇهه ميل رننگ ڪندي هئي ۽ مون کان سولي وک بہ ڪا نہ کڄندي هئي. اسان ۾ صرف هڪ هڪجهڙائي آهي، سا هيءَ تہ هوءَ بہ هاڪڙي جي ڪپر جي رهواسڻ آهي ۽ آئون بہ هاڪڙي جي ڪپ جو رهواسي آهيان. انهيءَ هاڪڙي ئي اسان کي هڪ لهر ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. مون کي سندس سڀ ادائون وڻنديون آهن، پر سندس هڪ ادا مون کي وڏيڪ ڇڪ ڏيندي آهي. هوءَ جڏهن گولڊ ليف جو سگريٽ ساڄي هٿ جي آڱوٺي ۽ ڏسٽيءَ جي وچ ۾ ڦاسائي، هڪڙي اک پوري ڇڪيندي آهي تہ آئون پاڻيءَ مان نڪري ويندو آهيان.

پلا پائي، هيءَ ڇا؟ سوچي سوچي نيٺ وڃي ڳجهارت پڄُم.

ماٺهوءَ جي هڪ ماءُ ٿيندي آهي، پر منهنجيون چار مائرون هيون. هڪڙي ماءُ هئي ملوڪان مهاڻي، جنهن مون کي ڄڻيو. اصل ۾ هٿونگي واري ڍنڍ (تعلقو کپرو ضلعو سانگهڙ) جي هئي. بابا پوليس کاتي جو سيان ڪوتوال هو سو ڀنهين جي پاڻ ۾ شادي ٿي ويئي. اصل ۾ بابا جي پهرئين شادي سندس سڳي سؤٽ خطيجان جوٽيجيءَ سان ٿيل هئي، پر اها هڪ فرشتہ صورت پٽ محمد قائم کي جنم ڏيئي، گذاري وئي. سو بابا ڪٽي امان سان شادي ڪئي، جيڪا دل وٽان بہ هئي ۽ ارينجڊ بہ هئي. منهنجيءَ ماءُ مون کي رڳو ڄڻيو. باقي مون کي پالڻ واريون ٻيون ٽي مائرون هيون. انهن مان به تہ ٻڪريون هيون. وڏي ماڙي هئي، تنهن جي چوڌاري وڏو ڪوٽ هو. ڪوٽ کي وڏو در ڏنل هو. وڏي در جي پير ۾ منهنجون مائرون ٻڪريون رات گذارينديون هيون. ننڍي پڻ ۾ آئون سليپ واڪر هوندو هوس، جيڪي ماٺهو ننڊ ۾ هلندا آهن. ننڊ ۾ هوندي ڪري بہ رات جو ٽئين چئين وڳي اٿي ڪڙا کولي، ڪوٽ اندر ئي گهمڻ ڦرڻ ويندو هوس. پر تڏهن ٽڙهہ سيارا بہ پوندا هئا. واري ٺري ڳڳ ٿي ويندي هئي، وڻ سڙي ويندا هئا ۽ ٻاهر پيل گهڙن ۾ پاڻي ڄمي ويندو هو. سو اهڙين ڳگ راتين ۾ بہ آئون ننڊ ئي ننڊ ۾ اٿي، ڪڙو کولي ٻاهر نڪرندو هوس تہ اهي ٻئي ٻڪريون اڳوات ڪُرَ هٽي صفائي ڪري، منهنجو اوسيڙو ڪڍنديون هيون. آئون ننڊ ئي ننڊ ۾ هلندو ٿلهي تان لهي انهن ٻڪرين جي وچ ۾ وڃي ليٽي پوندو هوس ۽ ٻڪريون هڪ ٻئي جي ويجهو اچي، پنهنجون پٺيون پاڻ ۾ ملائي، هڪ ڪري ڇڏينديون هيون ۽ ٻڪرين جي ٿاهيل انهيءَ گرم ڪمبل هيٺان پيو هوندو هوس. ٻڪرين کي ڪنهہ ڪنهان جي عادت آهي، پر مجال آهي جو انهيءَ وقت سندن ٻُٽ بہ چري. هيٺان جو سندن ٻچو ستل هوندو هو. وڏي فجر جو امان ملوڪان اٿندي هئي تہ مون کي هنڌ تان غائب ڏسي، پڪ سان سمجهي ويندي هئي تہ آئون ڪيس ڇڏي ٻين ٻن مائرن جي هنڌ ۾ ستو پيو آهيان. سو اچي اتان

ننڊ مان اٿاريندي هئي. ڪيس ۽ ڀين کي اهو به شڪ هو ته مون کي غئبات لڳي وئي آهي. غئبات کي تارڻ لاءِ ڳوٺ جي سيد کان ڪارو ڏاڳو وٺائي، منهنجي ڪنڌ ۾ ٻڌي ڇڏيو هون. اِهو ڪارو ڏاڳو ليڪ بنجڻ کان پوءِ منهنجي ڪنڌ ۾ ٻڌل هوندو هو جيڪو يونيورسٽيءَ ۾ اچي الائي ڪيڏانهن غائب ٿي ويو. شايد سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پرتي ٿيل غئبات ڪٽي وئي، پر سيدن جون دعائون ۽ وٺن جون ڇانئون اڃا هلنديون اچن. ٻڪريون ته ڪڏهوڪو هِن دنيا ۾ غائب ٿي ويون. ڪوٺ به ڪچ واري زلزلي ۾ ڪري پيو. ماڙي به ڊٺي ۽ آئون به ڄامشوري جي جبلن ۾ رلي ويس.

منهنجي ڇوٽين ماءُ هئي ڇاڇي ڀاڀِي جوٺيجي. اها سچو ڏينهن مون کي پاڻ سان رکندي هئي ۽ سيرا حلوا کارائيندي هئي. اصلي ماءُ کان وڌيڪ مون کي پيائيندي هئي. ڪيس اولاد ڪو نه هو. منهنجي انهيءَ گهنگور گهٽا ماءُ ڀاڀِيءَ جي هڪ خاص ادا به هوندي هئي. پاڻ پتي جي بيڙي چلهه مان دکائي، ساڄي هٿ جي آڱوٺي ۽ ڏسٽيءَ آڱر جي وچ ۾ ڦاسائي، هڪ اک پوري، پوءِ ڇڪيندي هئي.

ائين وڃي ڳجهارت پڳم ته لاهور ڪئنٽ ۾ رهڻ واريءَ جي گولڊ ليف ڇڪڻ جي اِها ادا مون کي ڇو وڌيڪ ڏانهس ڇڪيندي هئي/ آهي. سواِهي زندگيءَ جون اِهي ڳجهارتون جو ائين پڇنديون آهن.

## ٺڪرَ

اسان ٻئي روز شام جو لاهور جا هل هنگاما ڇڏي، ملتان روڊ تي هڪڙي ٻاڪڙا هوٽل جي سامهون ڪار بيهاري، تيليءَ ٻوڙ کير پتيءَ واري چانهن پئندا هئاسين. گاڏي به سٺي هجي، ڊرائيورياڻي به سٺي هجي ۽ چانهن به سٺي هجي، پوءِ ته نشا چڙهن ئي چڙهن. نشا چڙهن ته متو به خراب ٿئي ئي ٿئي.

چيني شاعر، ڊرامہ نگار، مصور ۽ ورزش جي تربيت ڏيندڙ منهنجي هڪ ٻئي محبوبہ ليو شاخوا ڏاڍي ڪم جي چيني ٻوليءَ جي ڪهاوت ٻڌائي هئي، ته ”جي ڊنڊ ۾ اڪيلي بدڪ هوندي ته ڪيس بوريت ٿيندي ۽ جي به نر مادي بدڪون هونديون ته ڪڏهين پيون وڙهنديون ته ڪڏهن پيون سرچنديون. پر جي ٽي بدڪون هونديون ته پوءِ پاڻ ۾ خوش هونديون.“

ائين اسين جڏهن ملتان روڊ تي نڪرندا هئاسين به ٽي به هوندا هئاسين ته هڪ ٻئي جي اوير به پيئندا هئاسين، پر ڪڏهن ڪڏهن سنهي ٿلهي زباني ڪلامي جهڙپ به ٿي ويندي هئي. اهي دوست ئي ڪهڙا، جن جي پاڻ ۾ جهڙپ نه ٿئي، جي جهڙپ نه ٿئي ته معنيٰ ته پوءِ اها لاتعلقي ٿي، دوستي ته نه ٿي. دوستي ته اهڙي شئي آهي، جيڪا ٻين چڱائين ۽ مٺائين سميت ڪاوڙ کي به جڳهہ ڏيندي آهي.

انهيءَ شام جو ملتان روڊ تي ٻاڪڙا هوٽل جي سامهون اسان جي جهرڦپ جهيڙي ۾ تبديل ٿي وئي ۽ فلمي سين بڻجي وئي. چانهن پيئندي پيئندي ڀرئين ته لفظن جي ڏي وٺ ٿي وئي. مون کان بنهين ڪو اؤکو جملو نڪري ويو. ڏوهه منهنجو هو سراسر منهنجو ڏوهه. ڳالهه ئي اهڙي ڪئي ڪيم، جو هن مون کي ٿڦڙ وهائي ڪڍي، مون کان به رهيو نه ٿيو سو مون به ڪيس ٿڦڙ وهائي ڪڍي. سندس عينڪ هيٺ وڃي ڪري. سندس هٿ هلڪو آهي ۽ منهنجو هٿ ڳرو آهي، سو ٿڦڙ هڻڻ ۾ به منهنجو ڏوهه هو. جي هوءَ ورزشي نه هجي ها ته نڪ مان ناڪيلي اچي وڃيس ها. ٿڦڙ کان پوءِ هوءَ مون کي ڏک وچان ڏسڻ ته لڳي، ناهه جا امڪان موجود هئا. پر مون اچا به وڌيڪ ساٽس زيادتي ڪئي ۽ گاڏيءَ مان هيٺ لهي ويس. هوءَ گاڏي اسٽارٽ ڪري اڳتي هلي وئي. ٻاڪڙا هوٽل وارا اسان جي جهيڙي تي کلي پيا. سندن خيال هو ته اسان ٻئي زال مڙس آهيون، سو وڙهي پيا آهيون. هونئن به جتي گاڏي بيهاريندا هئاسين ته فقير اِها اچي صدا هڻندا هئا. ”الله جي نالي، رب جي نالي، اوهان کي الله سائين پٽڙو ڏيندو.“ اسان انهيءَ صدا تي خوش ٿي، خيرات ڏيندا هئاسين. چاڪاڻ ته انهيءَ وقت نه مون کي پٽ هو نه هن کي. هن وقت اسان جا پٽ قنڌار لڳا پيا آهن. سندس پٽ سڌو سادو ۽ اعليٰ تعليم حاصل ڪندڙ نوجوان آهي ۽ منهنجو پٽ نصير ڏنگو ۽ چالاڪ آهي.

سو ڳالهه پئي هلي ٿڦڙن جي. هوءَ پنهنجي گاڏي ڀرئين ته اڳتي ڪٽي ويئي ۽ پوءِ دل ۾ الائي ڪهڙو خيال آيس، جو گاڏي ريورس ڪري مون وٽ آئي. مون کي رڳو چڙهڻ جو چيائين. آئون چڙهي ويٺس ته مون کي ڪٽي وڃي پنجابيءَ جي هڪ وڏي شاعر وٽ ڇڏي هلي وئي. ”لاهه ڪي گوري ني پزيبان رکيان، ڏرتي نون ٿل لڳ گئي“ — وڏيءَ دل وارو وڏو شاعر.

جنهاڻ ٽي آهن. هڪڙو اتر ۾ آهي، جي پلجان نٿو ته شايد لاڙڪاڻي ضلعي ۾ آهي. ٻيو جنهاڻ سومرن وارو آهي، جيڪو ٽنڊي محمد خان ضلعي ۾ آهي ۽ ٽيون جنهاڻ منهنجو پنهنجو آهي. جيڪو ٿرپارڪر ۽ ميرپورخاص ضلعي جي ڪس تي آهي ۽ مهراڻي ۾ پراڻي هاڪڙي جي ڪپر تي آهي، اهو هاڪڙو ڀرئين درياءَ هو تنهن کي پوءِ ”چنبڙ“ ۽ تنهان پوءِ ”ڍورو“ سڏيو ويو. جنهن وقت اِهو وهڪرو اچا چنبڙ هو ۽ ”ڍورو“ نه بڻيو هو انهيءَ وقت اسان جي گهرن جي پر ۾ ئي ٻابا همير عرف مريد حسين پرائمري پڙهي نڪتو هو ۽ اُنيُن جو وڏو وڳ چاريندو هو. بابا جو قد ڇهن فوٽن کان مٿي هو ۽ رنگ ڳورو.

هڪڙي پيري انيون چاريندي، بابا کي شڪار تي نڪتل انگريز ڪمانيءَ ڏسي ورتو. پاڻ جهڙي ماڻهوءَ کي انيون چاريندي ڏسي، گوري کي حيرت وٺي وئي ۽ هو گهوڙو ڊوڙائي وٽس اچي پهتو ۽ صاف سنڌيءَ ۾ پڇيائينس، ”پڙهيل آهين؟“ بابا”ها“ ۾ جواب ڏنو ته گوري شڪاريءَ پاڻ سان گڏ هلندڙن کي حڪم ڪيو ته، ”چاڙهيوس اُٺ

تي.“ ائين بابا کي گورو اغوا ڪري ويو. شام جو جڏهن ڳوٺ ۾ اها خبر پهتي ته سڄي راڄ ۾ روڄ راڙو شروع ٿي ويو ته همير کي گورا ڪٺي ويا آهن. جي ڪيس ڪو ديسي ماڻهو اغوا ڪري ها ته ڳوٺ وارا سندس ٻڻ ٻٽياد پورو ڪري ڇڏين ها. پر گوري بادشاهه جو ڪير نالو وٺي. الاهي ڏينهن ماتم هليو. نيٺ ڏکين اکرن ۾ لکيل بابا جو خط ننگر پارڪر مان اچي پهتو ته گورن کيس پوليس جو جماندار بڻائي ڇڏيو آهي ۽ سندس نالو همير مان ڦيرائي مريد حسين رکيو آهي. گورا قدر داني ڪنديء نوڪري به ڏيندا هئا ۽ ارهه زورائي ڪندي ماڻهن جا رکيل نالا به بدلائي ڇڏيندا هئا.

بابا چيتڙ به هو. پهرئين ته سندس گولي گسندي ڪا نه هئي، جي گسندي هئي ته به انچ ڏيڍ تان. انهيءَ ڪري گورن کيس انعام اڪرام به ڏنا ۽ تڪڙي ترقي به ڏني.

اها ته ٿي منهنجي ٻڌل ڳالهه.

ڏٺل ڳالهه اِها آهي ته هڪڙو ته پاڻ چپ گهٽو رهندو هو. ٻيو ته سڄي ڪيريئر ۾ هن ڪنهن گرفتار ٿيل چور چڪار کي مارڻ ته ڇا، پر ڪڏهن ٺڦڙ به نه هنيائين. باقي دڙڪو اهڙو ڏيندو هو جو جهڙي تهڙي جو مُٽ وهي وڃي. مون کي ته ڪڏهن دڙڪو به نه ڏنائين. پر ادي وڏي قائم کي دڙڪا ڏيندو هو ته ادو ته چپ رهندو هو پر آئون روئي ڏيندو هوس ته بابا پشيمان ٿي ويندو هو. پوليس وارا مار ڏيڻ جا وڏا شوقين آهن. پر جيستائين بابا ٿاڻي ۾ هوندو هو ته ڪنهن پوليس واري جي هيڻاري ئي ڪا نه ٿيندي هئي، جو جوابدار کي به اکر چئي وڃي. پر جڏهن جانچ تي نڪتل هوندو هو ته پويان پوليس وارا جوابدارن مان ڳسرون ڪيندا هئا ۽ هٿ ٺاريندا هئا. جنهن به حد ۾ ويندو هو اتان جا ماڻهو بابا کي ”شهنشاهه مڙس“ سڏيندا هئا. انهيءَ شهنشاهه مڙس ڪڏهن ڪنهن کي ٺڦڙ نه هنئي، جي هنيائين ته مون کي ٺڦڙ هنيائين.

مون اڃا پڙهڻ شروع ڪو نه ڪيو هو ننڍو هوس. پيرونڊل (تعلقو ڪپرو ضلعو سانگهڙ) جي ٿاڻي ۾ آئون بابا سان گڏ رهندو هوس. هڪڙي ڏينهن گهر مان نڪري گم ٿي ويس. پويان بابا آيو ته کيس منهنجي گمشدگيءَ جو اطلاع مليو. پوليس ترتلي ۾ اچي ويئي. وڙول به شروع ٿي وئي، ته هڙڪ به شروع ٿي وئي. پوليس مون کي ڳولڻ لاءِ ڪاهي پئي. نيٺ هڪڙي جمعدار مون کي ڳولي هٿ ڪيو. ڇا ٿو ڏسي ته آئون ڪنهن ديوان جي مانڊٽيءَ تي وينو آهيان ۽ پان وينو چٻاڙيان. ائين ڪٺي مون کي هنج ۾ کنيائين ۽ بابا وٽ اچي پهتو. بابا سخت پريشان هجي، سو نه ڪو ڪيائين هَم نه ڪو ٿَم، مون کي ٺڦڙ هڻي ڪڍيائين، پر جمعدار تيزيءَ سان ايڪشن ۾ اچي ويو ۽ مون کي ٺڦڙ جي رخ کان پري ڪري، پنهنجو ڳل ڏئي ڇڏيائين. سو انهيءَ زوردار ٺڦڙ وڃي جمعدار جي ڳل تي ڪڙڪو ڪيو. بابا جو به هٿ ڳرو هو سو جمعدار جي نڪ مان رت اچي ويو. هينئر اهو جمعدار جيئرو آهي يا نه، پر مون کي جڏهن به پاڻ مليو يا قبر هٿ آئي ته آئون کيس ائين سيليوٽ ڪندس، جيئن هو بابا کي سيليوٽ ڪندو هو.

مون ملتان روڊ تي هن کي جيڪا ٿڦڙ وهائي ڪڍي، هڻڻ تہ ائين ڪپي ها تہ احساسِ جرم وچان ڪيترو ئي وقت پنهنجو اهو هٿ ڪنهندو وتان ها، پر ائين نہ ڪيم. بابا جيڪا ٿڦڙ مون کي واري هئي، جيڪا گسي وئي. تنهن هوندي بہ بابا احساسِ جرم وچان پنهنجو ڪاہو هٿ ڪنهندو رهيو جو بابا ڪاہڙ بہ هو.

پيءُ خانصاحب مريد حسين پوليس ۾ هوندي ڪري بہ پلو مڙس نڪتو، سندس پٽ عبدالقادر جوٽيجو ليڪڪ هوندي ڪري گسو ماٺو نڪتو.

## لهانديون چڙهانديون

عطائي پلي ناري جو نواب هو. سؤ جي نوٽ ۾ تماڪ وجهي چڪيندو هو. ناري جي پٽ ۾ ١٩٢٨ع ۾ پهرئين رولس رائيس گاڏي آندائين، جنهن جو ڊرائيور بہ بمبئيءَ مان ڪچي آيو هو. جڏهن بہ گاڏي خراب ٿيندي هئي تہ انهيءَ کي نمرائڻ جي بدران نئين رولس رائيس گاڏي اچي ويندي هئي. سندس گهٽي اٺ ويهہ راجپوتانا جي راڄواڙن سان هئي. عطائي پليءَ جو شاعر پٽ عبدالڪريم پلي بہ اهڙو ئي سخي هو. سندس سخاوت جو هٿ عالمن، اديبن ۽ فنڪارن ڏانهن گهٽو ورندو هو. ڏيڻ تي ايندو هو تہ اهڙي چڏيندو هو. گنديءَ ڪپڙي سان گڏوگڏ سٺين پينن ۽ سٺن لائيٽرن رکڻ جو بہ شوقين هو. پوءِ مٿس اهڙو وقت بہ آيو جو پاڻ گهٽو ڪري ٻاهر نہ نڪرندو هو جي نڪرندو هو تہ آڌيءَ رات جو نڪري اچي اوطاق ۾ وهندو هو.

سبب؟ سبب اهو هو تہ وٽس ايترو گهٽو پئسو نہ رهيو هو. سواليءَ جو هٿ موٽائڻ سندس وڙ ئي نہ هوندو هو. سوالي ڪيئن عبدالڪريم جي اوطاق تان خالي هٿين وڃي! انهيءَ ڪري ٻاهر نہ نڪرندو هو.

هوءَ ۽ آئون سچي سنڌ رلي جڏهن عمرڪوٽ پهتاسين تہ عبدالڪريم کي اطلاع ڪيوسين تہ شام جو تنهنجا مهمان آهيون. جڏهن اسان سندس اوطاق تي پهتاسين تہ پاڻ ڪجهہ نوٽ کيسي ۾ وجهي اچي اوطاق مان نڪتو. انهيءَ وقت وڏا وڏا ماٺو در تان ٽارڻ واري عبدالڪريم جو اسان تي راز تي پيو جو ٻاهر نڪتو. مون سان مڙيئي ٿربڙو گهٽو هوس. شايد تڏهن ٻاهر نڪتو. هو اوطاق تي پهتو تہ راڄن کي خبر پئجي وئي. سو ڪي هٿ ٽنگڻ وارا تہ ڪي فيصلا ڪرائڻ وارا اچي نڪتا. پلي صاحب مون سان گڏ آيل مهمانڙيءَ سان بہ ڳالهائيندو رهيو. فيصلا بہ ڪندو رهيو ۽ گهرڻ وارن جي مٺ بہ گرم ڪندو رهيو. ڪجهہ وقت ڪان پوءِ مون سان گڏ آيل هن سڏڪڻ شروع ڪيو. ڪيس چپ ڪرائڻ منهنجي ذميواري هئي.

"روئين ڇو ٿي؟"

"آئون نندڙي هيس. ڏاڏي جي ههڙي ئي اوطاق هئي. جنهن ۾ ويهي منهنجو ڏاڏو تنهنجي هن دوست وانگر ضرورتمندن جو پورائو بہ ڪندو هو ۽ ائين ئي فيصلا ڪندو

هو. تنهنجي دوست کي ائين ڪندو ڏسي، مون کي پنهنجو پرسڪون ننڊپڻ ياد اچي ويو تنهن ڪري روئان ٿي....“ هن سڏڪندي سڏڪندي چيو. ڪيس سڏڪندو ڏسي، ڪريم پليءَ جي دل کي ڌڪ لڳو ۽ هو ڪنڌ هيٺ ڪري ويچار ۾ اچي ويو. ائين، جيئن ماڻهو مراقبي ۾ هليو ويندو آهي. پرائي ڏک کي پنهنجو ڏک سمجهڻ واري مرحوم عبدالڪريم پليءَ جي اها خاص عادت هئي.

هن جو ڏاڏو ايڏو ئي وڏو ماڻهو هو. سندس پيءُ وري ڪمشنر ٿيو. ڪمشنر جي ڌيءُ کي ملڪ کان ٻاهر تعليم حاصل ڪرڻي پئجي وئي.

فائين آرٽس ۾ پڙهندي، سندس ملاقات هڪ غريب نوجوان شاگرد سان ٿي وئي، جيڪو آرڪيٽيڪچر جو هڪ ذهين ۽ تخليق ڪار شاگرد هو. غريب جو ٻار هو. ٻچيل وقت ۾ مزدوري ڪري خرچ جو پورائو ڪندو هو. پرائي ملڪ ۾ ڪو پنهنجو ملڪي ماڻهو ملي ويندو آهي ته ڇڪ ته ٿيندي آهي. ائين سندن پهرئين چاڻ سڃاڻ ٿي. هوءَ دل جي ته ڪونئري هئي ۽ پنهنجي ڏاڏي وانگر غريب پرور به. ائين هن انهيءَ غريب شاگرد جي خرچ جو ٻار کنيو ته جيئن ٻچيل وقت ۾ ڪنهن ريسٽورينٽ ۾ وڃي ٿانءُ ڌوئڻ بدران پنهنجو سڄو ڌيان تعليم تي ڏئي. چاڻ سڃاڻ مان پنهنجائپ جنم ورتو پنهنجائپ مان پيار جنم ورتو ۽ پيار شاديءَ ۾ تبديل ٿي ويو. خيال اهو بيٺو ته هاڻي ٻنهين کي آمريڪا ۾ ئي رهڻو پوندو. مرد ۽ عورت جڏهن هڪ ٻئي سان پيار ڪندا آهن ته وطن جا وڻ وسري ويندا آهن ۽ پرائي ملڪ جو بيڊروم ئي رهجي ويندو آهي.

انهيءَ زماني ۾ عراق ۾ تمام گهڻو پيٽرو ڊالر آيو. صدر صدام حسين شاهجهاني شروع ڪري ڏني. وڏيون ۽ سهڻيون عمارتون ٺهڻ لڳيون. ٻاهرين ملڪن مان وڏا وڏا انجنيئر ۽ آرڪيٽيڪٽ وڏن وڏن پگهارن تي گهرايا ويا. انهيءَ لاٽ ۾ ماهر آرڪيٽيڪٽ به پنهنجو ڪيريئر ٺاهڻ لاءِ عراق هليو ويو ۽ هوءَ اڪيلي رهجي وئي. ڪيس گهر جون پٽيون ڪائڻ لڳيون. پوءِ به صبر جون واڳون هٿ مان نه ڪڍيائين. هاڪڙي جي ڪپر جي ڇائي هئي، سو ڪيس اِها خبر هئي ته جيڪي ڪونجون اونهاري ۾ هليون وينديون آهن، سي سَرن نسرڻ ۽ اتر جي واءُ لڳڻ وقت واپس موٽي اينديون آهن. پر هو نه وريو ته نه وريو. پهرئين خط پٽ هلندا رهيا، پوءِ خط اچڻ به بند ٿي ويا.

فرانز ڪافڪا پنهنجي محبوبه ميلينا کي جيڪو پهريون خط لکيو هو انهيءَ ۾ هن لکيو ته، ”منهنجي هن خط کي منهنجا لڙڪ سمجهجانءِ. پر مون کي خبر ناهي ته منهنجا اِهي لڙڪ وچ ۾ ئي جِهرو جهنڻي ويندا....“

شايد ائين ئي هن جا عراق ڏانهن لکيل خط جِهرو (Little devils) جهنڻي ويا. گهر جون جيڪي پٽيون ڪيس ڪائينديون رهنديون هيون، انهن پٽين کي پاڻ چٽڻ لڳي. سندس ور ڏاڍو چڱو ماڻهو آهي، پر گهوڙي ۽ مڙس جي ڪرڻ جي ڪا به مند نه

هوندي آهي. عراق ۾ هو هڪ آمريڪن ڇوڪريءَ سان رهڻ لڳو. اها خبر جڏهن سندس زال تائين پهتي ته هوءَ پٽيون پٽي، آسرو پلي ۽ پرائو ديس ڇڏي اچي پنهنجو ديس وسايائين.

ماڻهو جڏهن مٿان ڏک ڪائي هيٺ ڪرندو آهي ته ڏک پچائڻ لاءِ فوٽ پاٿ سان ياري رکڻ ضروري آهي. اهو ڪو سندس مالي زوال نه هو پر پوءِ به هن پنهنجو ڪلاس ڇڏي، پنهنجي ديس جون واٽون ووڙڻ ۽ جهوپڙيون ڪچڻ لڳي ۽ جهوپڙين جو ڪيس وڙهڻ لاءِ دردر ڌڪا کائيندي رهي.

جوٽو مٽ اوٺو چام تماچي آءَ،
سباجهي ٻاجهه پيئي، تو سين ٽتو راءِ.

(شيخ حماد جمالي)

سنڌالاجيءَ ۾ پبليڪشن آفيسر هوس. رول اڳيئي هوس، مٿان ڊاڪٽر غلام علي الانا ڪيڏانهن به هلڻ جي صلاح هٽندو هو ته دير نه ڪبي هئي. مڪلي هلڻ جي صلاح هنيائين. پهچي وياسين. الانا صاحب سان ٻيا به هئا. جاءِ واردات تي پهچڻ کان پوءِ ٻين روڊ کان اتر طرف رخ رکيو. آئون ٻين سيني کان ٽتي ڏار تي، پنهنجي منهن اڪيلي سر اتر اوپر هليو ويس. جو منهنجي نِنڊيڙ کان وٺي عادت آهي ته راڄ جو منهن هڪڙي پاسي ته پنهنجو منهن ٻئي پاسي. هلندي هلندي هڪ پڪي قبر تي نظر پيم. فارسيءَ ۾ لکيو پيو هو چام جوٽو. اهو نالو پڙهي مون کي ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويئي ته آئون ٻئي راڄ کي ڇڏي، پنهنجي منهن ٻئي پاسي ڇو هليو ويندو آهيان. جيڪي راڄ کي ڇڏي ٻئي پاسي منهن ڪندا ته ”مت اوٺا“ ته سڏبا. چام جوٽي سمي به اهڙي ڪا حرڪت ڪئي هوندي، تنهن تان شيخ حماد جمالي ناراض ٿي شعر چيو. Genes صدين کان سفر ۾ هونديون آهن.

جوٽيجا اولاد چام جوٽي سمي جو. نکون چار. (۱) دبگر(ٽتي ۾ دبگرن جي مسيت اڃا موجود آهي) (۲) سنگهار (۳) آرادين (۴) ويڙهيچا.

ٽتي جو وڻ وڻ سان وڳو ۽ سِر نه گڏي سِر سان. پاڄ، راجستان، اڇڙو ٿر، گجرات ۽ بلوچستان. مهربانڻ ڪلهوڙن جي دؤر ۾ سنڌ ڏانهن واپسي ٿي. ڪي پوئتي راجستان ۾ رهجي ويا ۽ اڃا اتي ويٺا آهن. ڪي هندو ته ڪي مسلمان.

اسان ويڙهيچن جوٽيجن جا وڏا راٺاهي جي پاسي اڇڙي ٿر ۾ رهندا هئا. مهربان ڪلهوڙن جي شروعاتي دؤر ۾ لڏي اچي جنهاڻ ۾ ويٺا. جنهاڻ معنيٰ وسندي اُنين جا وڳ چاريندا هئا. انگريز بادشاهه باريڇ ڪوتائي ته سڄي ديهه جنهاڻ (جيڪا هن وقت ٿرپارڪر، عمرڪوٽ ۽ ميرپورخاص ضلعن ۾ ورهايل آهي) وڏن جي حوالي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ٻنيون پوکيو. ڏاڏي دوسوءَ وارن وٺي رڙيون ڪيون ته جهنگ ودجي ويندو ۽ اپ ۾ تنگ ٿي پوندو اوزون. سو انگريزن کان لڪي ويا. انگريزن ڏٺو

تہ ”مت اوٹن“ کي مت ڪا نہ ايندي، سو پٽي ڪٽي ڇڏيائون. جي ڏاڍي دوسوءَ وارا ائين نہ ڪن ها تہ هيءُ بندو ڳر لڪي لڪي مڪيون مارڻ جي بدران اسيمبلي هال ۾ نندبون ڪندو نظر اچي ها.

وڏا ٿيا، تہ بابا چڙهيو بابا ٿيو تہ هيءُ بندو پرائمري ماستر ٿيو. پرائمري ماستر مان سيڪنڊري ماستر ٿيو ۽ سيڪنڊري ماستر مان ڦري شيخ اياز جي مهربانين سان ٽپڙ ويڙهي اچي جام شوري پيڙو ٿيو. هڪڙي ڏينهن الانا صاحب مون کي گهرايو تہ لاهور مان ڪا ليڊي اچڻي آهي، کيس سنڌ گهمائڻي آهي.

ائين نما شام جو سنڌ الاجيءَ جي سامهون سائنس ملاقات ٿي، جيڪا ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ اجا هلندي اچي. پر هاڻي ترن ۾ اهو تيل نہ رهيو آهي.

## اباڻي ريت

۱۹۸۰ع جي گرم منجهند. پگهر سُڪي ئي نہ پيو. پنهنجي بت سان آورت هجان تہ الانا صاحب مون کي گهرائيو. حڪم ڏنائين تہ، ”اڄ شام جو لاهور مان ڪا مهمان اچڻي آهي. کيس سنڌ گهمائڻ تنهنجي بلي آهي.“ نما شام جو سنڌ الاجيءَ جي سامهون اچي گاڏي بيٺي، جنهن مان هوءَ لٿي تہ ڊڪري وڌائين. قد ڇوٽو ڪارن وارن جون ڇڳون سنهري، چيلهہ اهڙي سنهي جو چلي ۾ اچي وڃي، پيٽ ايترو پوئتي پيل جو دل چئي تہ دن تي هوڙ وجهي ماني کائي وٺجي. پر منهنجن وڏن جو اهو وڙ هو تہ پرائي حسن کي پاڻ نہ تڪجي، جي حسن پاڻ در کولي لنگهي اچي تہ پوءِ اهڙي حسن کي ناراض نہ ڪجي. عورت جو عاشق نہ ٿجي، پر معشوق ٿجي. پنهنجي وات کولي نہ ڪجي. سو کيس پنهنجو معزز مهمان سمجهي، سنڌ يونيورسٽيءَ جي گئيسٽ هائوس وٺي ويس.

پروگرام اهو بڻيو تہ پهرئين آمريءَ جا دڙا ڏسبا، پوءِ سيوهڻ جي ميلي ۾ هلبو. اتان منڇر ڍنڍ ڏسي، موهن جي دڙي ڏانهن رخ ڪبو. آئون پروگرام سان ٻڌل هوس، حسن سان ٻڌل نہ هوس. ڇت ڇاموت هئس ۽ وڏن جي آڪڻي تي هلڻ وارو.

صبح جو روانا ٿياسين. گهُٽ ۽ گرمي اهڙي هجي، جو ساهہ ڪٽڻ ۾ بہ مُنجهہ پيئي ٿئي.

آمريءَ پهتاسين تہ اسان کي ڪليل جيپ ۾ ويٺل وڏيرا مليا. خيرپور ضلعي جا سيد هئا. حال احوال ٿيا. شاهہ صاحب مون کي اردوءِ ۾ چيو تہ ”هيءَ پيڻ پنجاب مان لنگهي اسان وٽ آئي آهي. انهيءَ جي پارت اٿئي. اسان جي مدد جي ضرورت هجي تہ ٻڌاءِ.“ هوءَ هڪ وڏيري واتان اِهي اکر ٻڌي پريشان ٿي وئي. شاهہ صاحب جي هليو وڃڻ کان پوءِ مون کي چيائين: ”سنڌ جا وڏيرا اهڙا چڱا ماڻهو آهن ڇا؟“ کيس سنڌ جي وڏيرن تي ڪوشڪ پيل هو. هن کي جڏهن بہ سگريٽ جي ٻاڙ لڳندي هئي تہ پنهنجي

پرس مان سگريٽ جو پاڪيٽ ڪڍندي هئي تہ مون کي سندس پرس ۾ رکيل پستول نظر ايندو هو. سوچيم تہ هوندس ڪي ڪٽڪا سنڌ مان.

سيوهڻ جي ميلي ۾ مزار مان ٽي ٻاهر آياسين تہ اسان کي کدڙا نظر آيا. جيڪي نچيا پئي ۽ ماڻهن کدڙن جي ڳلن تي نوٽ رکي، کين پئي ڏنا. هن بہ ڇا ڪيو جو نوٽ ڪڍي کدڙن جي ڳلن تي رکي، ڏيڻ شروع ڪيائين ۽ ڏيندي وئي.

”قادر!“

”جي.“

”نئين ڳالهہ ٻڌايانءِ.“

”ٻڌاءِ.“

”هنن کدڙن ۾ اڌو اڌ ڇوڪرا آهن. اِهي ڪي کدڙا ناهن، پر بي روزگار ڇوڪرا آهن. جيڪي لاچار ٿي، کدڙن جو ويس پهري نچي بہ پئسا ڪمائين ٿا. سنڌ ۾ ڏاڍي بي روزگاري آهي.“

”پر توکي خبر ڪيئن پيئي؟“

”کدڙي جي ڳل ۽ مرد جي ڳل ۾ وڏو فرق هوندو آهي. مون کي سندس ڳلن مان پتو پيو آهي.“ مون کي تاڙ ڏيئي ٽڏيائين. هونئن ئي فيلڊ ريسرچ وارا ماڻهو ڪتابي ريسرچ ڪندڙن کان وڌيڪ ڇاڻ رکندڙ هوندا آهن. بعد ۾ مون جڏهن ٻين ماڻهن کان پڇيو تہ سندس ڳالهہ صحيح نڪتي.

انهيءَ زماني ۾ سيوهڻ جي لال شهباز ريسٽ هائوس ۾ ايئرڪنڊيشنڊ نہ هئا، ڪولر رکيل هوندا هئا. انهيءَ ڪري اتي ڪو ڪو رهڻ وارو پويون دريون کولي ڇڏيندو هو. مون سان سفر جو سامان موجود هو. ڪتاب هو. عنوان هوس 'Fifth Horseman'. هاڪاريل سياسي ٿِرلر هو. سو جتي بہ موقعو ملندو هوم تہ ڪتاب سان مَلهہ ڪندو هوس. ريسٽ هائوس ۾ ڪتاب سان پئي ملهہ ڪيم تہ هن مون کان ڪتاب ڦري ورتو.

”پهرين مون کي 'Fifth Horseman' جي معنيٰ ٻڌاءِ.“

”پنجون گهوڙي سوار.“

”پنجون گهوڙي سوار ڪنهن کي چوندا آهن؟“

”تون ئي ڪٿي ٻڌاءِ.“

”يهودين ۾ ملڪ الموت جو تصور اِهو آهي تہ چئن طرفن کان چار گهوڙي سوار اچي ماڻهوءَ جو ساهہ ڪڍندا آهن. هن ڪتاب ۾ پنجون گهوڙي سوار ڪرنل قذافي اٿئي.“

ائين چئي ڪتاب پوئين دريءَ مان ٻاهر اڇلائي ڇڏيائين.

درياءَ جو ساڄو پاسو گهمندا، سکر - روهڙيءَ وٽان کاٻو پاسو ورتو سون.

وڏيري شاهنواز جوڻيجي جي اوطاق. ٻن ڳرين ڏرين بروهين ۽ پٺاڻن جو فيصلو. سڀ هٿياربند. پٺاڻ گوڏا کوڙيو ويٺا هئا ۽ بروهي سنڌي رواج مطابق. ايترا هٿيار ڏسي هوءَ لڏي ويئي ۽ پنهنجو پرس کولي پستول کي هٿ لائي، پرس بند ڪيائين. وڏيري

شاهنواز اٽي سندس مٿي تي هٿ رکيو ۽ کيس اردوءَ ۾ چيائين، ”بابا گهڻا هٿيار ڏسي ڊڄي نہ وڃجانءِ. ڏريون فيصلي لاءِ برابر آيون آهن، پر هن در تي پاڻ ۾ نہ وڙهنديون.“ ايترو چوڻ کان پوءِ وڏيرو شاهنواز جوڻيجو فيصلو ڇڏي، کيس فيصلي جي باري ۾ سمجهائڻ لڳو. ايستائين اجرڪ اچي وئي، جيڪا وڏيري شاهنواز سندس مٿي تي ائين اوڍائي، جيئن نياڻين کي اجرڪون اوڍائبيون آهن. سنڌي وڏيرن جي باري ۾ سندس ساڳئي پريشاني وڌي وئي.

وڏيري عبدالله ورياهہ جي گهر جي سامهون واري اوطاق. اهو ئي هٿ مٿي تي ۽ اهائي اجرڪ بہ مٿي تي ۽ سندس اهائي پريشاني.

وڏيرو عبدالڪريم پلي. علمي ۽ ادبي ڳالهيون. مٿي تي هٿ ۽ اجرڪ. ساڳئي پريشاني.

وڏيرو غلام نبي جوڻيجو دنبالي وارو. هڪڙو پير بدين ضلعي ۾، ٻيو پير ميرپورخاص ضلعي ۾. اها ئي اجرڪ ۽ مٿي تي هٿ. اها ئي پريشاني.

سنڌ يونيورسٽيءَ جي گئيسٽ هائوس جو روم نمبر ١. هجت وڏي ٻيءَ منزل تائين پهچي وئي. گهر وڃڻ نہ ڏنائين. پنهنجي ڏاڏي قائم، پيءُ مريد حسين، چاچي حاجي منٺار ۽ ادي وڏي قائم جي نقش قدم تي هلندي، عاشق جي بدران معشوق بڻجي ويس. رات تڪي پيس. واهوندي جو واءُ وڻن کي سَٽون ڏيڻ لڳو ڏينهن ڏيئا وسامي ويا ۽ رات امر ٿي وئي. ڪانئس سنڌ جا روايتي وڏيرا وسري ويا ۽ مون کان پنهنجو پاڻ وسري ويو.

## نالا

”توکي اڳي ڪڏهن روڪي سگهي آهيان، جو هاڻي روڪينديس. جيڪي ٻناڪ لکڻا اٿئي، سي لک. باقي پاڻ واري شاديءَ جو نہ لکجانءِ. منهنجا مائٽ ڪاوڙجن ٿا.“ انهيءَ کي چوندا آهن گهر واريءَ جي اجازت ۽ گڏوگڏ وارننگ بہ.

١٩٨٧ع، سرڪار جو حڪم ٿيو تہ چين گهمي اچ. واهہ واهہ! دهل وڄي ويا. هاڻي تہ ڪن جهليو گهر ويٺو آهيان. پنهنجي بيڊروم ۾ ليٽي، دنيا جي ڏار ڏار ملڪن جي ليکڪن کي پڙهي، سندن اکين سان ٻاهرئين دنيا کي ڏسندو رهندو آهيان. پر اڳي مون کي ڏاڍي گهُٽ ٿيندي هئي تہ شايد پنهنجي ملڪ جي حد کان ٻاهر نڪري نہ سگهان. ساهہ منجهندو هو. رول جو هوس.

چين ولايت پهچي ويس. عورتن توڙي مردن جا ساڳئي سيبي وارا نيري رنگ جا ڪپڙا. يڪسانيت. جاسوسيءَ جو سخت نظام. سلِوموشن ۾ لاٻارو ڪنڌڙ ڏري تي ويٺل هاري. بس جي انتظار ۾ بيٺل مزور ايڏا ٽڪل ٽَڪل، جو ريلنگ تي مٿو ڏيئي بيٺي بيٺي ننڊ ڪرڻ جا عادي. ڪڪنگ آئل جي ڏپ. ڪنهن بہ غير ملڪيءَ سان ڪنهن بہ چيني عورت جي هجت تي کيس ملندڙ سزا. سياسي سوالن جا جواب ڏيڻ لاءِ چيني مترجمن جي آنا ڪاني يا ٺپ چپ.

نتيجو؟ ڪلچرل شاڪ، پنهنجي بت مان آزروت، بيزاري، ڦيريون ۽ الٽيون. واپسيءَ لاءِ وقت ٿورو بچيو هو سو ڏندن تي ڏنم ۽ اسپتال حوالي ٿيڻ کان بچي ويس. ڪنهن سوشلسٽ کي سزا ڏيڻ جو سرڪار سنئو طريقو ڳولي لڌو هو. سزا بہ کائو ۽ سوشلزم تان بہ هٿ کڻو.

١٩٩٣ع. سرڪار جو وري حڪم ٿيو تہ وري بيهر چين گهمي اچ. اڙي بابا، اوهان کي بيو ملڪ نٿو سجهي ڇا. جو وري بہ چين وڃ. دل من هنيم. پر جنهن ماڻهوءَ جي جُتي جُتيءَ تي چڙهيل هوندي آهي، اهو ڪٿي ٿو رهي. ٽيپ ٿي سهي. اها بہ خبر پيم تہ چور ٽيپ ڪاٽڻ کان پوءِ بہ چوري چو ٿو ڪري.

هن ڀيري چين ويس تہ ايئرپورٽ ۽ ايئرپورٽ کان بيجنگ شهر ڏانهن ويندڙ روڊ جا ڪٽ ٿي ڦريا پيا هئا. بيجنگ هوٽل جي پر ۾ ميڪڊونالڊ کلي چڪو هو. جپانين پلون پئي ٺاهيون، جرمنن فليٽ پئي اڏيا ۽ مليشئن هوٽلنگ ۾ لڳا پيا هئا ۽ يڪسان نيري رنگ جي ڪپڙن جي بدران رنگا رنگي لڳي پئي هئي. آمريڪا مان سياحن جا ڪٽڪ لٿل هجن. پر لڳي ٿو تہ جاسوسي تہ ڪا اهڙي عادت آهي، جيڪا ويٺي ناهي. بيجنگ هوٽل جي ڏهين ماڙ تي پهچي، لفٽ مان لهي ڪاروبڊور مان ڪمري ڏانهن وڃڻ لڳس تہ ڪئميرا جي اک تي نظر پيم. باهه وٺي ويئي، سو گهروڙي کڻي ڪئميرا جي اک کي پوندو بہ ڏنم ۽ ڪڙڪ سنڌيءَ ۾ ڪڙڪ گار بہ ڏنم. منهنجي انهيءَ ڪاوڙ تي هيٺ اسڪرين تي ويٺل کي الائي شرم آيو يا نہ! اهڙن جاسوسن کي ڇڏي ڪري باقي چين ملڪ ملير لڳو پيو هو.

مائٽ ڪهڙو بہ نالو رکن، پر پيا وري بيو نالو رکيو ڇڏين.

لِيو شاخوا مون تي نالو رکيو "بليو پرنس (Blue prince)". هانگ جو شهر جي ريشمي ڪپڙن جي اسٽور تي ڪم ڪندڙ سيلز گرل نالو رکيو "ڪنگ آف ڊزرٽ (king of desert)". شيئان شهر جي اسٽيج آرٽسٽ نالو رکيو، "مسٽر ڊيم ڪيئر". منهنجي اِها حالت ڏسي، اسان جي ٽيم ليڊر عڪسي مفتيءَ مون کي نالو ڏنو "گيدڙ سنگهي والا". چين ولايت وڃڻ کان اڳ ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ وارا مون کي سڏيندا هئا "وڏيرو". اهو نالو الانا صاحب مون تي رکيو.

دل نہ پئي گهريو تہ ڪو چين ولايت کي ڇڏجي، پر واپسيءَ جو ڏينهن اچي ويو. آمريڪا کان ٽوڪيو ٽوڪيو کان بيجنگ ۽ بيجنگ کان ايندڙ PIA جي فلائيٽ ۾ اچا سيٽ تي مس ويٺس تہ پويان زناني آواز ۾ سڏ ٿيو "قادر!" انهيءَ نالي وٺڻ تي ڦري ڪٿي ڏسان تہ هوءَ ويٺي آهي. مون سان گڏ ويٺل عبدالله بلوچ کي چيم تہ "پاڻ هلون ٿا" تہ هن حيرت مان مون کي چيو تہ "هوائي جهاز ۾ بہ..."

عبدالله بلوچ جي ڳالهہ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري، هليو آيس هن وٽ. پنجن ڪلاڪن جو سفر مون لاءِ آسان تہ ڇا دلڪش بڻجي ويو.

آمريڪا مان ٽوڪيو رستي ايندڙ هن مون کي ٻڌايو تہ هوءَ مڙس سان ٺهي ويئي آهي. هيڏو وڏو عذاب پوڳڻ ڪان پوءِ بہ مڙس سان ٺهي وڃڻ لاءِ وڏي دل ٿي کپي. هوءَ بہ وڏيءَ دل واري آهي. ونس معافيون تلافيون ايتريون گهٽيون آهن. جو جهوليءِ جهل تہ اها بہ پرجي ويجي.

”قادر زندگي تہ ڪو فارمولو تہ ناهي جو ڪنهن سان ڪو حساب رکان.“ ڪيس ڏسندو ئي رهجي ويس. هوءَ گهٽو ڪجهہ هوندي بہ فقير تن بہ آهي ۽ فقير منش بہ.

ننڍيو هوس. واڏڙو بہ هوس. توائي بہ هوس. پنهنجي هلائڻ وارو بہ هوس ۽ منڊڪائي هلڻ وارو بہ هوس. پر مون تي رکيل ٻيا نالا مٺائڻ منهنجي وس ۾ نہ هئا/آهن.

ساڄي ٽنگ سڪڻ لڳي هئي. انهيءَ ڪري ڪابيءَ ٽنگ جي زور تي ريڙهيون پائيندو هوس. بابا گهٽيئي وس ڪيا. ڊاڪٽرن جواب ڏيئي ڇڏيو. جيترو اولاد جو ڏک اندران کائيندو آهي، اوترو ئي اکين ۾ هاڪڙو وهي ايندو آهي. ادي قائم جي هينئين تي ڳوڙهو ئي بيهي رهيو. هڪڙو ئي پاءُ تہ هوسانس، سو بہ مفلوج.

امان ملوڪان لاءِ اِهو ڏک ڪا وڏي ڳالهہ نہ هو جو صفا غريباڻن گهرن ۾ پوليو ئي وڃڻ يا ڪنهن ٻيءَ بيماريءَ وگهي چڙي چڙي مري وڃڻ عام ڳالهہ هئي. امان اهڙن غريب مهاڻن مان هئي.

پر مون همٿ نہ هاري. ڪٽ جي اِيسَ کي جهلي جهلي، اٿڻ جي ڪوشش ۾ لڳو رهيس. نيٺ ساڄيءَ ٽنگ تي بيهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس. پوليو جهڙن مرضن جو ڪو علاج تہ ناهي. پر دل جي ڏڍ تي وڏين وڏين بيمارين سان ويڙهہ ڪائي سگهجي ٿي، Resistance Power. هلڻ جهڙو تہ ٿي ويس، پر ٿورو ٿورو منڊڪائي هلندو هوس. انهيءَ ڪري ”قادريو“ سان گڏ مون کي ”منڊو“ جو نالو بہ ڏنو ويو.

• پنهنجي ناڙڻ جي ڪري، پنهنجي منهن ڪيڏانهن بہ هليو وڃڻ جي ڪري مون کي ”موالو“ جو نالو بہ مليو. هاڻي ڪي نوجوان مون کي ”گـُرو“ بہ ڪري سڏيندا آهن. گروءَ واري ٽڪڙي سردار علي شاهہ ٻاري.

منهنجا نالا تہ گهٽيئي هوندا آهن. پر شخص هڪڙو آهيان.

١٩٩٨ع. شام جو وي ايس نائپال جو ڪو ڪتاب پئي پڙهيم. GBS جي وائرس جو موتمار حملو. ٽنگن. ٻانهن ۽ زبان مان سَت نڪري ويو. جيڪي منهنجي اڳيان وينل هجن. اهي پويان وينل پيو ڏسان ۽ پويان وينلن کي اڳيان پيو ڏسان. طارق ابڙو. پاڻ تڪليفون ڏٺيون ۽ سٺيون اٿس. سنڌ يونيورسٽيءَ وارن جي اک تي هيٺ ئي نہ هوس. سو طارق ابڙو مدد لاءِ پهچي ويو. ٻيو ابڙو ڊاڪٽر علي گوهر ابڙو. ٽرڊ جنريشن جون اينٽي بايوٽڪ انجيڪشنون ۽ ڪارٽيزون. موت جي منهن مان ڪيڊي ڊاڪٽر علي گوهر ابڙي مون کي آغا خان اسپتال ڪراچيءَ جي بين الاقوامي شهرت رکندڙ ڊاڪٽر شاهد مسعود بيگ ڏانهن موڪليو.

ڊاڪٽر شاهد مسعود بيگ منهنجي نالي ڪان واقف هو. ڪمپيوٽر تي ٽيسٽون ڪرائي، پنهنجي باڪس ۾ وٺي آيو. ڪل مک ماڻهو.

”توکي خبر آهي تہ موت توکي ڪِـ وجهي، پوءِ ڇو ڪيئيو؟ “

”سر، خبر ناهي. “

”ڪٽاڻ جو آهين؟ “

”ٿر جو. “

”جيڪي ڏکين بکين علائقن ۾ رهندا آهن، انهن ۾ Resistance Power گهڻو هوندو آهي. تو ۾ غير معمولي قوت مزاحمت آهي. “

”سر، اهو ٿر جو ڪمال ناهي، منهنجي Genes جو ڪمال آهي. “

”هاڻي ٻڌاءِ پير ڏيندين يا ماڻهو؟ “

”سر، اهو وري ڪيئن ڏيندو؟ “

”جي ٽنگون ٻانهون ۽ زبان ست ڇڏي ويندي يون تہ دماغ جون فئڪلٽيون Active ٿي وينديون، پوءِ جيڪي چوندين، سو ٿيندو. “مون کي پهريون پيرو خبر پئي تہ نيورولاجسٽ ماڻهن کي پير ٻڌائي سگهن ٿا، پر پيرن کي ماڻهو ٻڌائي نٿا سگهن.

” ائين تہ نہ ڪريو. مون کي ماڻهن جهڙو ماڻهو ڪريو. “

”اهو تہ اسان جو ڪم آهي، پر ڪهڙي ڳالهہ تہ ٻڌاءِ. “

”الائي ڪهڙي؟ “


”تنهنجي ساڄي ٽنگ ڪمزور ڇو آهي؟ “

”سر، اهو مينيو فيڪچرنگ فالٽ آهي. “

سو نالا بہ مينيو فيڪچرنگ فالٽ جي حساب سان رکيا ويندا آهن.

⊙⊙

تخيل



# آدرش

اڪثريتي سنڌي شاعر، روايتي تخليقي فضا ۾ ساهه کڻڻ سبب، نثري نظم کي "ٻئي درجي جي شاعري" سمجهن ٿا. انهن جي اُبتڙ آدرش هميشه ان کي پهريون درجو ڏنو آهي. هن پنهنجي شاعريءَ کي نثري نظم سان ايئن ٻڌي ڇڏيو آهي، جيئن ڪا وينگس پنهنجن وارن کي هيئر ربن سان ٻڌي ڇڏيندي آهي. هن جي پهرين انفراديت ته اها ئي آهي ته هُو پابند شاعريءَ جي خيالن کي نثري سٽن ۾ توڙي مروڙي پيش نٿو ڪري، پر نثري نظم کي ان جي اصلوڪي اولهندي روايت سان جوڙڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ٻي ڳالهه ته هن جا نظم عام رواجي ۽ روزمره جي ڳالهه ٻولهه ۾ ڪتب ايندڙ لفظن مان ئي تصورن ۽ تصويرن جو جهان جوڙين ٿا. اوپرا، غير رواجي ۽ ڏکيا لفظ هن جي نظم جي لغت جو حصو نٿا بڻجن. ان سان توڙي جو هن جا نظم معنائن جا گهڻا تهه نٿا ناهن ۽ گهڻو ڪري ته ڪنهن علامتي ڪهاڻيءَ وسيلي، تاثر تخليق ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن انگريزي لفظن، ڪردارن جي نالن يا مختلف نظمن ۾ انداز جي هڪجهڙائي سندس شعرن ۾ ورجاءَ جو شڪ پيدا ڪندي آهي، پر تڏهن به آدرش جو نثري نظم پنهنجي غير رواجي پيشڪش سبب انفرادي حيثيت جو مالڪ آهي. _ اسحاق

# اَسان عوام آهيون

اَسان ڪڪاون گهَرن ۾ پيدا ٿيا آهيون
۽ اَسان خاموشيءَ سان
ڪچين قبرُن ۾ دفنايا ويندا آهيون،
جن مٿان ڪوبہ ڪتبو لڳلُ ناهي هوندو
اسان کي ڪوبہ ياد ناهي ڪندو.

اسان عوام آهيون
اسان هوائي جهاز آسمان ۾
ڏسي سگهندا آهيون
پر ان ۾ سفر نہ ڪري سگهندا آهيون،
اسان لاءِ اهي آرام ده بسون
هونديون آهن،
جن جا شيشا اونهاري ۾ بند
۽ سياري ۾ کُليل هوندا آهن.

اَسان عوام آهيون
رڳو نَلهن نعرن جي جوشَ ۾
شرابي، بدعنوان ۽ عورت باز
ميمبرس چونڊيندا آهيون
جيڪي نااهل هوندي بہ
وزير بڻجي ويندا آهن
۽ هترادو ڏُڪر پيدا ڪندا آهن.

اَسان عوام آهيون،
جائز شناختي ڪارڊ ۽ ڊوميسائيل
نهرائڻ تي بہ رشوت ڏيندا آهيون،
۽ اَسان جا حڪمران
بئنڪن مان ڪروڙين روپيا قرض بہ
رڳو آڱوٺا هڻي کڻندا آهن.
اَسان عوام آهيون،
ڌرتيءَ جي دل آهيون،
ان ڪري ئي حڪمرانَ جي
پيرن هيٺان لتاڙيا آهيون.

✸

## اَمن رڳو قبرن ۾ آهي

هر شهرجي پول تان
بلٽ لٽل آهن،
بمَ ٽنگيل آهن.

خوف جي راڪاس
ٻارن کان ننڊپڻ کسي ڇڏيو آهي.

عورتن ۽ مردن جي
خوابن کي ويڙهي سيڙهي
توبَ جي ناليءَ ۾ وڙو ويو آهي.

گهٽيءَ مان لنگهندڙ ماڻهو
هيڏي هوڏي نهاري ٿو
۽ سوچي ٿو:
"گولي ڪهڙي پاسي کان ايندي؟"

اَمن رڳو قبرن ۾ آهي
حُڪمران
صليبَ جي ڪوڪن وانگرُ
اَنڌو آهي.

✸

## بِل

آسان چيوسين:
"اسان محنت ٻه ڪريون ٿا
اسان جو جيترو پيٽ خالِي آهي
گهٽِ ۾ گهٽ اوتري ئه مانِي ڏيو."
۽ اُهي اسان ڏانهن ڪاوڙمان ڏسڻ لڳن ٿا.

آسان چيوسين:
"آسان کُليلَ آسمان هيٺان
سيءَ ۾ مينهَن ۾ فوٽ پاٿ تي سمهون ٿا
آسان وٽ سٽيزن شِپ ڪارڊ ٻه آهن
ٽيڪس ٻه ڀريندا آهيون
آسان کي گهرُ ٺاهي ڏيو پلي ڪچا ئي هجن."
۽ اُهي مُنيون پيڪوڙڻ لڳن ٿا.

آخر ۾ آسان چيوسين:
"جيڪڏهن آسان کي مانِي ٻه نٽا ڏيو
نه ئي گهرَ ٿا اڏي ڏيو
آسان مان ڪڪِ ٻه آهيو
ته پوءِ اسان کي هنن تڪليفن
کان بچايو
مهرباني ڪريو
آسان کي سمنڊ ۾ اُڇلايو."

اُهي مرڪڻ لڳا،
۽ فرمايائون:
"ها! اِهو واعدو آهي
اسان ان ڳالهه تي تمام گهڻو غور ڪنداسين
۽ انشاءَ الله
اسيمبليءَ ۾ بِل پاس ڪنداسون."

✸

## اَسان جي بادشاهہ کي ڪنهن ماريو؟

ڪينيڊيءَ کي گولي ڪنهن هنئي؟
ضياءُ الحق جو جهاز ڪنهن تباهہ ڪيو؟
استالن روس ٽُنڊ کان اڳ ڇو مري ويو؟
رقاصہ جا پير ڪنهن وَڍيا؟

آسان بازار مان ڀاڄي وٺي
ڇوواٽي تي پهتاسون تہ اسان کي ٻڌايو ويو تہ
آسان جي بادشاهہ کي ماريو ويو آهي.

اسان پڇيوسون:
"اسان جي بادشاهہ کي ڪنهن ماريو؟"
هنن پڇيو:
"جڏهن بادشاهہ کي
بادشاهي ڏني وئي هئي تہ
توهان کان پڇيو ويو هو ڇا؟"
اسان وراڻيوسين:
"نہ"
تہ هنن چيو:
"تہ پوءِ بادشاهہ کي مارڻ لاءِ
اوهان کان ڇو پڇيو وڃي؟
بادشاهہ ايئن ئي بادشاهہ ٿيندا آهن
۽ ايئن ئي توهان کان پُڇڻ بنا ماريا ويندا آهن."
۽
اسان کي
پنهنجي ديس جي
جمهوريت سمجهہ ۾ اچي وئي.

٭

## هڪ ماڻهوءَ بابت نظم

هو لوڪل ٽرين ۾ سفر ڪندو آهي
پرسان ويٺل همراهہ جي
اخبار پڙهندو آهي.

هو سينيما جي ٿرڊ ڪلاس ۾
انگريزي فلم ڏسندو آهي.

هو رات جو دير تائين
جاسوسي ناولَ
پڙهندو آهي.

هو سدائين
آرميءَ تي جَڪَ
کائيندو آهي.

هو بس استاپ تي بيٺل
آواره عورتن
۽ پُل تي بيٺل ڇوڪرن کي
ڦاسائيندو آهي.


هو زندگيءَ مان ڪٽِ آهي،
قبرَ کان ٻاهر آهي
پر زندهہ لاش آهي،
۽ ٽين دنيا جو
رهواسي آهي.

٭

## پاڪستان

ٻوڙن جي ڪنهن بستيءَ ۾
ڄڻُ ڪو گُونگو دَرَ کڙڪائي
پنهنجو ديسُ بہ اهڙو آهي.

٭



# ادبي حقيقت نگاري

اڪبر لغاري

نشو ڪيترو ئي زوردار ڇو نہ هجي، ان کي نيٺ تہ لهڻو ئي هوندو آهي. رومانيت جو ڪيپ بہ آهستي آهستي تنڌ لڳو ۽ يورپ خمار آلود اکيون کوليون، حقيقت جي ڪوڙاڻ کي چيٽ سان چکڻ لڳو. عجيب لطف آهي رومانيت ۾. تخيل جُون حسين واديون آهن، جن ۾ جذبن جي ندين جا تيز وهڪرا آهن. ڪائنات جي بي ڪران وسعتن ۾ هر شيءِ ۾ حسن ئي حسن نظر اچي ٿو. بيانڪ ۽ هيبت ناڪ شين ۾ بہ بي پناہ ڪشش محسوس ٿئي ٿي، تباهي ۽ بربادي جو احساس بہ نٿو ٿئي. بس بي قابو توانائي، هڪ لذت آميز جنون، هڪ پر ڪيف بي قراري هر وقت ماڻهوءَ کي پنهنجي گرفت ۾ رکي ٿي. ليڪن بقول هڪ اردو شاعر فرحت شهزاد جي تہ:

کهلي جو آنکهہ تو وہ تها، نہ وہ زمانہ تها
دهکتي آگ تهي، تنهائي تهي، فسانہ تها.

رومانويت جي خوابناڪ ميرانجهڙي روشني ختم ٿيڻ لڳي ۽ حقيقت جي تيز روشني يورپ جي ذهن کي بيدار ڪرڻ لڳي. فرانس جي سرزمين ڪيترين ئي سياسي، سماجي، فڪري، ادبي ۽ لساني نظرين، تحريڪن ۽ لاڙن جي جنم ڀومي رهي آهي. فرانس، جتي رومانيت جي ولادت ٿي، حقيقت نگاريءَ جي لاڙي بہ اتي ئي اکيون کوليون.

حقيقت نگاري هڪ لاڙو، هڪ رجحان ئي آهي، جيڪو تحريڪ وانگر پوري يورپ ۽ پوءِ پوريءَ دنيا ۾ پکڙجي ويو. حقيقت نگاري اصل ۾ رومانيت جي ردِ عمل ۾ پيدا ٿي. هر وقت داخلي سوچ، تخيل، ماضي پرستي ۽ خيالي دنيا يورپ جي منطقي ذهن جي لاءِ گهڻي عرصي تائين قابلِ قبول نہ رهي. هي يورپ ۾ سائنسي ۽ شعوري سجاڳيءَ جو دور هو. علم حياتيات اهو ڏس ڏئي رهيو هو تہ ماڻهوءَ کي ماڻهو سمجهو خدا نہ. نفسيات ماڻهوءَ جي ڪيترن ئي مخفي روڳن کي ظاهر ڪري، سندس

قدم زمين تي رکيا. نوان سياسي ۽ سماجي نظريا وجود ۾ آيا. معاشي علم ترقي ڪئي ۽ ٽيڪنالاجيءَ سبب صنعتي ترقي پنهنجا پير پختا ڪرڻ لڳي.

ماڻهوءَ جي سماجي ۽ معاشي حالت ۾ تبديلي اچڻ لڳي. ان جي روزگار جا وسيلا ۽ پيداوار جا اوزار تبديل ٿيڻ لڳا. ان جا مسئلا ساڳيا نـ رهيا ۽ انهن جي جاءِ تي نون مسئلن ڪر ڪنيو. ماڻهو خوابناڪ داخليت جي گنبذ ۾ پنهنجي ئي گونج کي ڪو ازلي آواز سمجهڻ بجاءِ خارجيت جي خراب ليڪن حقيقي دنيا ۽ ان جي مسئلن کي سمجهڻ پرجهڻ ۽ حل ڳولڻ لاءِ جتن ڪرڻ لڳو.

ادبي حقيقت نگاريءَ جا اهم نقطا هي آهن:

- خارجي دنيا ۾ ماڻهوءَ جي حقيقي مسئلن جي عڪاسي ڪرڻ.
- حقيقتن جي خوردبين ( Microscopic ) ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ۽ انهن کي جيئن جو تيئن بيان ڪرڻ.
- اڪثر شاعريءَ جي بجاءِ نثر کي اظهار جو ذريعو بنائڻ.
- مشاهدي ۾ گهرائي پيدا ڪرڻ ۽ حقيقتن کي غير شخصي، غير جذباتي ۽ معروضي انداز ۾ بيان ڪرڻ ۽ ليکڪ جي سڌيءَ مداخلت کان پرهيز ڪرڻ.
- ٻولي سادي ۽ غير شاعراڻي، لهجو دوستاڻو ۽ ظرافت وارو، سنسني خيزيءَ کان پرهيز، نظرياتي طور جمهوريت پسند.
- حقيقت کي امڪان تي فوقيت.
- افساني ۽ ناول ۾ جزئيات نگاري ۽ تفصيل تي زور، زندگيءَ جي تلخ، بي رحم، ظالم ۽ قبيح حقيقتن کي بيان ڪرڻ، تصوير جي سياه رخ جي نمايان عڪاسي ڪرڻ.
- حواسي ۽ جذباتي تسڪين جي بجاءِ ادب کي زندگيءَ جي مڪروه حقيقتن، مڪارين، برائين، بڇڙائين وغيره کي عيان ڪرڻ گهرجي.
- حقيقت پسند ادب کي معاشري جو نقاد هجڻ گهرجي.
- معروضي حقيقتن کان علاوه اديب کي ماڻهوءَ جي اندر ۾ لهي، ان جي فطرت ۽ منفي لاڙن ، لالچ، خود غرضي وغيره جي بـ عڪاسي ڪرڻ گهرجي.

فرانسيسي ليکڪ بالزاڪ کي ادبي حقيقت نگاريءَ جو بنياد رکندڙ سمجهيو وڃي ٿو جنهن کان پوءِ گستاف فلابيئر ۽ موپاسان حقيقت نگاريءَ کي عروج تي پهچايو. انگريزي ادب ۾ حقيقت نگاريءَ کي جارج ايليٽ 1880 ڌاري متعارف ڪرايو ۽ هڪ شاهڪار ناول "مڊل مارچ" لکيو. آمريڪا ۾ حقيقت نگاريءَ جو لاڙو وليم ڊين هاويل ذريعي پهتو ۽ روس ۾ وري ان کي پشڪن ۽ گوگول مقبول بنايو. ائين حقيقت نگاريءَ جو لاڙو پوريءَ دنيا ۾ پکڙجي ويو ليڪن پنهنجي ديرپا اثر پذيري ۽ ڪلاسيڪي حيثيت حاصل ڪرڻ سبب روس، آمريڪا ۽ فرانس جي حقيقت

نگاريءَ کي خصوصي حيثيت حاصل آهي. روس ۾ پهرين پشڪن ۽ گوگول کان پوءِ ترگنيف ۽ چيخوف وڏا حقيقت نگار ليکڪ بنجي اڀريا. دوستو وسڪي ۽ ٽالسٽاءِ بہ حقيقت نگار هئا، ليڪن فلابيئر کان مختلف. دوستو وسڪي انسان جي اندر ۾ جهاتي، ان جو مشاهدو ڪيو ۽ اتي جنم وٺندڙ حقيقتن کي ناولن جو روپ ڏنو جن کي نفسياتي حقيقت نگاري چيو وڃي ٿو. ساڳيءَ طرح ٽالسٽاءِ بہ ڪردارن جي نفسياتي وڍ ٽڪ ايئن ڪئي، جيئن ڊاڪٽر آپريشن ڪرڻ وقت ڪندا آهن.

آمريڪا ۾ هڪ سول وار ختم ٿي تہ ٻي سول وار شروع ٿي، جيڪا لفظن سان وڙهي ويئي ۽ فريق هئا روماني ۽ حقيقت نگار. رالف والڊو ايمرسن ۽ ٿوريو روماني ليکڪ هئا. جڏهن تہ مارڪ ٽوئين، وليم ڊين هاويلز ۽ هينري جيمز وڏا حقيقت نگار هئا. جيڪي بالزاڪ، فلابيئر ۽ ترگنيف جي اثر هيٺ، انسان جي مسئلن ۽ انساني صورتحال جي عڪاسي حقيقت پسندانہ انداز ۾ ڪري رهيا هئا. سندن موقف اهو هو تہ ادب کي بورزوا غرور ۽ طور طريقن تي وار ڪرڻ گهرجي. فرانس جي جن حقيقت نگارن هن لاڙي جو بنيادي ڍانچو فراهم ڪيو، تن مان چند اهم حقيقت نگارن جو مختصر احوال ضروري آهي:

**بالزاڪ ( 1799کان 1850)** بالزاڪ دنيا جي چند اهم حقيقت پسند ناول نگارن مان هڪ آهي. هن فرانس جي زندگيءَ جي هر رخ تي ناول لکيا، جيڪي لڳ ڀڳ 100 کن آهن ۽ جن سيني کي گڏي نالو ڏنائين: la Comedie Humaine. بالزاڪ انسان جي فطرت جي گهري مشاهدي ۽ ان جي روزمره جي زندگي ۽ ان ۾ ايندڙ تلخ حقيقتن جي شاندار عڪاسي ڪئي آهي. پڙهندڙن کي بالزاڪ جا ناول اڄ بہ نوان نڪور لڳن ٿا. ڇو تہ انسان جي فطرت تمام آهستي تبديل ٿيندي آهي. انسان جي پيڙا کي بالزاڪ کان وڌيڪ صحيح نموني شايد ئي ڪنهن چٽيو هجي.

**گستاف فلابيئر ( 1821 کان 1880)** فلابيئر جو تعلق بہ فرانس سان هو. هن خود ڪڏهن بہ پنهنجو پاڻ کي حقيقت نگار نہ چيو ليڪن سندس لکڻيون کيس اتم درجي جو حقيقت نگار ثابت ڪن ٿيون. فلابيئر جو پيءُ ڊاڪٽر هو جنهن سبب سندس ننڍ پڻ اسپتال جي ماحول ۾ گذريو. اسپتال ۾ هن انسان ذات کي تڙپندي ۽ سسڪندي ڏٺو ۽ ويجهڙائيءَ کان موت جي راڪاس کي زندگيون جهٽيندي ڏٺو. سندس ناول "مادام باوري" تمام گهڻو مشهور ٿيو جنهن تي پوءِ فلمون پڻ ٺهيون. هن ناول لکڻ تي فلابيئر تي ڪيس پڻ هليو جتان پوءِ هو با عزت بري ٿي ويو. زندگيءَ بابت سندس رويو نا اميديءَ وارو هوءِ هن معاشري جي سياه رخ کي وڌيڪ چٽيو. مادام باوري جي روماني زندگيءَ جون ناڪاميون ۽ آخر ۾ خودڪشيءَ جي ذريعي فلابيئر اڻ سڌيءَ طرح اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري تہ روماني مزاج، حقيقت جي بي رحم دنيا کي منهن ڏيڻ لاءِ نہ صرف ناڪافي بلڪ نقصانڪار آهي. فلابيئر ناول ۾ پلاٽ کان وڌيڪ اهميت ڪردار

۽ ان جي داخلي ۽ خارجي جهان کي ٿو ڏئي. سندس اثر مارسل پرائوسٽ، هينري جيمز جيمس جوائس ۽ ٻين ڪيترن ئي ناول نگارن تي پيو.

**موپاسان ( 1850 کان 1893)** موپاسان بہ فرانس جو وڏو افسانہ نگار ۽ ناول نگار هو. مٿس فلابيئر جو وڏو اثر هو. فلابيئر سندس ماءُ جو دوست هو جنهن اڳتي هلي سندس ملاقات ايمائيل زولا سان ڪرائي ۽ ان جو اثر موپاسان تي فلابيئر کان بہ وڌيڪ ٿيو. جنهن سبب موپاسان حقيقت نگاريءَ کان اڳتي وڌي نيچرلزم جي لاڙي تحت افسانہ ۽ ناول لکڻ لڳو. سندس لکڻيون انتهائي سنجيده، نا اميديءَ تي ٻڌل ۽ انساني ڪوششن کي فضول ۽ بي معنيٰ قرار ڏيندڙ آهن. سندس ڪردار ڪنهن خاص طبقي مان هئڻ يا سندس مرڪزي خيال ڪنهن خاص طبقي جي پيڙائن ۽ پوڙگنائن جي عڪاسي ڪرڻ بجاءِ عالمِ انسانيت جي بي وسيءَ کي ظاهر ڪن ٿا. بي وسي جيڪا هو پنهنجي ئي اندر جي منفي قوتن ۽ جبلتن يا معاشري جي مجموعي منفي طاقتن اڳيان محسوس ڪري ٿو. سندس خيال مطابق انسان ڪڏهن انفرادي تہ ڪڏهن اجتماعي جبلتن ۽ خواهشن جي اڳيان مجبور آهي. موپاسان بهادري، سخاوت ۽ ٻين انساني قدرن جو منڪر نہ هو ليڪن سندس خيال مطابق اهي سڀ انفرادي سطح تي آهن ۽ انسان مجموعي ۽ اڪثريتي طور ڪميڻو نيچ، خسيس ۽ پست قدرن ۾ جڪڙيل آهي، جنهن سبب نہ صرف هو پاڻ پوڙگي ٿو پر ٻين جي پوڙگنائن جو بہ سبب بڻجي ٿو. سندس بهترين ڪهاڻي The Necklace سمجهي وڃي ٿي، جنهن ۾ هڪ جوڙو ڪنهن پارٽيءَ ۾ وڃڻ لاءِ پاڙيسري عورت کان هيرن جو هار اڌارو وٺي ٿو جيڪو انهن کان گم ٿي ٿو وڃي. اهو جوڙو نيڪ ان جهڙو ٻيو هار ڳري قرض تي وٺي، پاڙيسريءَ کي واپس ڪري ٿو۽ قرض چڪائڻ لاءِ ڏهہ سال مشقت ڪري ٿو. آخر ۾ ان کين خبر پوي ٿي تہ جنهن هار لاءِ هنن پنهنجي زندگيءَ جا ڏهہ قيمتي سال ضايع ڪيا، اهو هار تہ نقلي هو. هاڻ انهيءَ پوڙگنا جو ذميدار ڪير؟ پارٽيءَ ۾ اڌارو هار پائي ڪوڙي شان و شوڪت ظاهر ڪرڻ واري سندن سطحي خواهش يا هار اڌارو ڏيندڙ جي بي حسي يا اهو معاشرو جتي انسان جي بجاءِ اهميت هڪ هار کي حاصل هجي؟ اها آهي موپاسان وٽ حقيقي انساني صورتحال، جنهن ۾ پيڙائون ۽ پوڙگنائون انسان جومقدر آهن.

**نيچرلزم**

حقيقت نگاريءَ کي جيڪڏهن انتها تي وٺي وڃجي تہ ان کي نيچرلزم جو نالو ڏيڻ کپي. ايمائيل زولا (Emile Zola) پنهنجي نيچرلزم جو بنياد سائنسي حقيقتن يا جبريت، خاص ڪري ڊارون جي نظريي تي رکيو يعني انسان جي عمل، رويي ۽ فڪر جو دارومدار ان جي موروثيت، جينز ماحول ۽ معاشري تي آهي. رومانين انسان کي هڪ ديوتا، عظيم ۽ خودمختيار هستي ڪوٺيو هو جڏهن تہ حقيقت نگارن ان کي انسان ئي رهڻ ڏنو پر ايمائيل زولا انسان کي هڪ مجبور مخلوق بنائي پيش ڪيو. جيڪو حالتن جي جبر جو شڪار ٿي، اهو ئي ڪري ٿو جيڪو حالتون هن کان ڪرائڻ چاهين ٿيون.

حقيقت نگاريءَ جي ڪک مان ڪجھ بيا ادبي لاڙا ڦٽي نڪتا، جن مان ٽي لاڙا اهم آهن. انهن جو مختصر احوال ڪجھ هن ريت آهي:

### 1. سماجي حقيقت نگاري

سائنسي ترقي جڏهن صنعتي ترقيءَ کي وڌايو ته شهرن ۾ مزدور طبقو ۽ ڪچيون آباديون وڌڻ لڳيون، جنهن سان گڏ هيٺيون وچولو طبقو پڻ وڌڻ لڳو. صنعتي ترقي ۽ پرماريت امير طبقي جي حيثيت ۽ شان و شوڪت ۾ وڏو اضافو ڪيو. نتيجي ۾ امير ۽ غريب جو فرق وڌيڪ نمايان ۽ وڌيڪ اذيتناڪ بنجي ويو. مسڪينن جي اهنجن ۾ روز بروز اضافو ٿيڻ لڳو. استحصال ذريعي امير جون تجوريون پرجڻ لڳيون ۽ غريب کي گرھ بہ مشڪل سان ملڻ لڳو. انهيءَ سان گڏ مارڪسي فڪر بہ تيزيءَ سان ڦهلجڻ لڳو ۽ ان جو اثر سنئون سڌو ادب تي پيو. اهڙيءَ صورتحال ۾ ادب ۽ فن ۾ حسن جي بجاءِ هيٺئين طبقي جي حالتِ زار جي عڪاسي ڪرڻ اديب ۽ فنڪار جي اولين ذميداري بنجي ويئي. حقيقت نگاريءَ ۾ اديب غير جانبدار بنجي صرف حقيقتن جي عڪاسي ڪري رهيو هو ليڪن سماجي حقيقت نگاريءَ ۾ اديب کي ڌر بنجي، مظلوم جو ساٿ ڏيڻو پيو. سماجي حقيقت نگاريءَ جو مقصد هو”خوبصورت ادب جي بجاءِ مظلومن ۽ مسڪينن جي اهنجن جي عڪاسي ڪريو. ظالم جي ظلم کي وائکو ڪرڻ لاءِ قلم کان تلوار جو ڪم وٺو ۽ مظلوم جي مدد ڪريو.“

سماجي حقيقت نگاريءَ جي لاڙي هيٺ جيڪو ادب تخليق ٿيو ان جا اهم نقطا هي هئا:

سماجي حقيقت نگارن بہ رومانيت تي وار ڪيو ليڪن موضوعيت ۽ تخيل جي بہ ڪجھ گنجائش رکي.

غريب ۽ مسڪين عوام جي حوصلي افزائي ڪندي، کيس هيرو ڪري پيش ڪيو ويو.

پورهيت طبقي ۾ ولولو پيدا ڪرڻ تہ جيئن انقلاب لاءِ راھ هموار ڪري سگهجي.

اميد آفريني پيدا ڪرڻ ۽ مايوسيءَ تي وار ڪرڻ.

حب الوطني ۽ قوم پرستيءَ کي فروغ ڏيڻ.

ادب کي عام فهم، عوام جي امنگن ۽ ان جي محسوسات مطابق بنائڻ، تجريدي ادب کان پاسو ڪرڻ.

سماجي حقيقت نگاري روس ۽ فرانس ۾ پير پختا ڪرڻ کان پوءِ سڄيءَ دنيا جي ادب ۽ فن تي پنهنجو اثر ڇڏيو. برِصغير ۾ اها ترقي پسند تحريڪ جي صورت وٺي، هڪ وڏي ادب جي تخليق جو باعث بڻي. سماجي حقيقت نگاري اڄ بہ مظلوم ۽ مسڪين جي زندگيءَ جي عڪاسي ڪري رهي آهي. ليڪن روس ۾ ان کي اسٽالن جي نظر ڪائي ويئي.

جيڪڏهن ادب تي حڪومتِ وقت جو دستِ شفقت پئجي پئجي وڃي ته اهو ان لاءِ وڏو هاڃيڪار ثابت ٿيندو آهي، ڇو ته پنهنجي عنايت جي صلي ۾ حڪومتِ وقت ڪجهه "توقعات" به رکندي آهي، جيڪي پوريون ٿيڻ جي صورت ۾ ادب جو ٻيڙو ٻڏي ويندو آهي ۽ توقعات پوريون نه ٿيڻ جي صورت ۾ اديب دربدر ٿي ويندو آهي. 1932 ۾ اسٽالن جي حڪم تي Soviet Writers Union of جو بنياد رکيو ويو جنهن سماجي حقيقت نگاريءَ کي تسليم ڪيو. 1934 ڌاري آزاد ادبي تنظيمن کي ختم ڪيو ويو ۽ صرف اهي اديب جيڪي U.S.W جا ميمبر هئا، اهي ئي ڇپجي پئي سگهيا ۽ حڪومت تي تنقيد ڪندڙ يا سوشلزم سان اختلاف رکندڙ اديبن جا سينسرشپ جي ذريعي رستا بند ڪيا ويا. اهڙيءَ صورتحال ۾ صرف حڪومت نواز ادب ئي ڇپجڻ لڳو ۽ ڪميونزم کان سواءِ باقي هر شئي تي تالو پئجي ويو. نتيجي ۾ تخليقي قوتون خشڪ ٿي ويون ۽ سوويت يونين ۾ سماجي حقيقت نگاريءَ جي جڳهه ورتي "سوشلسٽ حقيقت نگاري".

## 2. سوشلسٽ حقيقت نگاري

اسٽالن فن ۽ ادب کي به مشرف به ڪميونزم ڪري، انهن کي سرخ ٽوپي پارائي ڇڏي جيڪي اديب ڪميونزم جي پرچار ڪرڻ لڳا، انهن کي انعام و اڪرام ۽ باقي سڀ گهر ويٺا. تخليق ڪڏهن به پابندين ۾ پڦرن ۾ پروان چڙهي نه سگهندي آهي. نتيجي طور 1934 کان 1990 يعني سوويت يونين جي ٽٽڻ تائين روس ۾ وڏو ادب پيدا نه ٿي سگهيو. اسٽالن جي حڪم تي روس ۾ ايندڙ ٻاهريون ادب بند ڪيو ويو. سوشلسٽ حقيقت نگاريءَ جا اهم نقطا هيٺ ڏجن ٿا:

- ادب کي پرولتاري ڊڪٽيٽرشپ جي حق ۾ ۽ بورزوا خلاف لکڻ گهرجي.
- ادب کي سوشلسٽ حڪومتن جي پروپيگنڊه ۽ ڪميونزم جي ڦهلاءَ لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي.
- سوشلسٽ نظريي جي مسلسل ۽ موثر پرچار ڪري، پرولتاريه جي تربيت ائين ڪجي، جو ان کي نئين سانچي ۾ ڍالي، ان کي هڪ مڪمل نئون ماڻهون New Soviet Man ٺاهجي.
- پرولتاريه کي مضبوط خوش ۽ مطمئن ڏيکارجي ۽ سندس رهڻي ڪهڻيءَ کي تمام گهڻي اهميت ڏجي. سوشلسٽ ڊڪٽيٽر کي عظيم ماڻهون ڪري پيش ڪجي.

سوشلسٽ حقيقت نگاريءَ تحت صرف انهن ملڪن ۾ لکيو ويو جيڪي سوشلزم جي اثر هيٺ هئا. هن لاڙي تحت لکندڙن ۾ مئڪسم گورڪي ۽ شولوخوف وڏا نالا آهن. مئڪسم گورڪيءَ جو ناول "ماءُ" ٽين دنيا جي ماڻهن ۾ ڪافي مقبول ٿيو ليڪن غور سان پرکيو وڃي ته اهو دوستووسڪي، ٽالسٽاءِ ۽ چيخوف جي تخليقن کان گهڻو گهٽ آهي.

اسٽالن جي موت کان پوءِ ڪجھ نرمي ڪئي ويئي ليڪن ادب کي رياست جي تسلط کان آزادي سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ ملي.

### 3. جادوئي حقيقت نگاري

حقيقت نگاري ۽ سماجي حقيقت نگاريءَ جي لاڙي هيٺ هڪ سئو سالن کان وڌيڪ عرصي تائين ادب تخليق ٿيندو رهيو. هن عرصي دوران ٻيون ڪيتريون ئي ادبي ۽ فڪري تحريڪون آيون. جيڪي حقيقت پسنديءَ جي لاڙي کي بہ متاثر ڪنديون رهيون. نفسيات، ساختيات ۽ پسِ ساختيات، جديديت ۽ مابعد جديديت، ثقافت وغيره جي اثرن هيٺ حقيقت نگاريءَ جي شڪل بہ ڪافي تبديل ٿي ويئي ۽ ويهين صديءَ جي آخر ڏاري ان جيڪو روپ ورتو، ان کي سڏيو ويجي ٿو جادوئي حقيقت نگاري

جادوئي حقيقت نگاري ميلاپ آهي معروضي سائنسي حقيقت ۽ داخلي نفسياتي حقيقت جو. هن ۾ انساني داخليت جا پهلويعني جذبا، فڪر، خواب، ثقافتي ڏند ڪٿائون ۽ تخيل، معروضي حقيقتن سان ملي اهڙو ادب تخليق ڪن ٿا، جن جو اثر جادو جهڙو ٿئي ٿو.( هتي جادو استعاري طور استعمال ٿيل آهي).


جادوئي حقيقت نگاريءَ ۾ رومانيت جا جزا دلڪش انداز ۾ ملايا ويندا آهن. ليکڪ جو انداز بيانيہ ، متحيرڪندڙ ۽ قصہ گوئيءَ وارو ڪهاڻيءَ جو انجام غير متوقع ۽ غير معمولي هوندو آهي. سڀ کان وڌيڪ اهم ڳالہ آهي " ناقابلِ فهم" عنصر جو هجڻ. ڪي ڪردار حالات يا واقعات نا قابلِ فهم هوندا آهن. جن جي وضاحت نہ تہ ڪردار يا حالتون ڪنديون آهن، نہ ئي وري ليکڪ ڪندو آهي. اهو پڙهندڙ تي ڇڏيو ويندو آهي تہ هو پنهنجيءَ سمجهہ مطابق ان جي تفهيم ۽ تفسير ڪري.

گارشيا مارڪئيز بن اوڪري، يان مارٽل، ٽوني موريسن وغيره جادوئي حقيقت نگاريءَ جا بهترين ناول نگار آهن. بن اوڪري جو ناول In Arcadia ۽ يان مارٽل جو ناول Life of Pi ضرور پڙهڻ گهرجي. يان مارٽل جو ڪمال اهو آهي تہ هن حقيقت جو هڪ ننڍڙو ڪئنواس کڻي، ان تي تخيل جا ايترا تہ رنگ ڀريا آهن، جو انسان جو عقل دنگ رهجيو وڃي.

حقيقت نگاريءَ جو سفر جاري آهي ۽ اهو انسان جي ارتقا سان گڏ پنهنجا روپ پڻ بدلائيندو رهندو. حقيقت جا هزار رنگ آهن ۽ حقيقت جو پنهنجو ڪو رنگ نہ آهي ۽ ڏسندڙ کي صرف ان رنگ ۾ نظر اچي ٿي، جنهن ۾ هو ان کي ڏسڻ چاهي ٿو. ان حقيقت جا رنگ برش ۽ قلم جي ذريعي اسان تائين پهچندا رهندا.

⊙⊙

ليڪچر



# محبت جو ڪائناتي تصور ۽ سنڌي سماج

جامي چانڊيو

**محبت** ڪرڻ جي شيءِ آهي، ان تي ڳالهائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. محبت جي موضوع کي هر شعبي پنهنجيءَ اک سان ڏٺو ۽ پرکيو آهي، جڏهن ته هر فرد ۽ معاشري توڙي دؤر ان کي پنهنجين حالتن آهر ۽ پنهنجي پنهنجي انداز سان Experience ڪيو آهي. اڄ تائين محبت کي مذهبن بيان ڪيو آهي. سمورو ادب، پوءِ ان ۾ شاعري هجي، افسانو هجي، ناول هجي يا ڊرامو هجي، انهن به سماج ۾ محبت کي بيان ڪيو آهي. فلسفي ۾ انساني ڏاهپ محبت کي بيان ڪيو آهي. فلسفي جي هڪ شاخ اپسٽمالاجي (Theory of Knowledge) آهي، اها ته محبت کي احساس ۽ عقل جي تناظر ۾ باقائده (Discipline) طور بيان ڪري ٿي ۽ ٻيا بيشمار انسان جي ادراڪ جا، سمجهه ۽ شعور جا ۽ عقل جا علم آهن، جنهن ۾ هي سموريون پينٽنگس، سموري مصوري، سموري موسيقي ۽ هي سمورا جيڪي به فن آهن، اهي دراصل محبت جي اظهار جا ئي خوبصورت انداز آهن. ان جي باوجود لطيف سائين محبت جي باري ۾ ڇا ڇا نه چيو آهي. اسين ماضيءَ جي ماضيءَ ۾ وڃون ته به اهو موضوع اظهار جي حوالي سان اڻپورو رهندو ۽ مستقبل جي مستقبل ۾ به اهو موضوع ايئن ئي رهندو ڇاڪاڻ ته محبت جي اونهائي ۽ گهرائي ماپي سگهجي ئي نه ٿي ۽ ان جو انت ٿي سگهي ئي نه ٿو. هيءَ انت بحر جي ڳالهه آهي، جنهن جا سڀ رنگ ڪوبه هڪ شعبو پروڙي نٿو سگهي. محبت هڪ اپار ۽ لامحدود تصور آهي. اهو هڪ لامحدود احساس آهي، ان ڪري ايئن چئي نٿو سگهجي ته ڪو اهڙو زمانو ايندو جو محبت جي باري ۾ ڪي حتمي شيون پيش ٿينديون. جيئن خوشبوءِ کي واسي سگهجي ٿو پر خوشبوءِ کي بيان ڪري نٿو سگهجي

پر ان تي ڳالهائي سگهجي ٿو ۽ جيئن سُٺن آوازن ۽ آلاپن کي ٻُڌي ۽ مزو وٺي سگهجي ٿو ۽ ان تي ڳالهائي بہ سگهجي ٿو جيئن حُسن ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ جي شيءِ آهي، سمجهڻ جي شيءِ آهي ۽ روح جي گهراين ۾ محسوس ڪرڻ جي شيءِ آهي پر ان جي باوجود فلسفو ۽ ٻيا شعبا ان تي ڳالهائين ٿا. ان ڪري جيتوڻيڪ محبت بہ هڪ حساس آهي ۽ نهايت لطيف احساس آهي، پر ان جي باوجود ان تي ڳالهائي ضرور سگهجي ٿو. ان حوالي کان نہ تہ ان جي باري ۾ ڪي حتمي شيون پيش ڪيون وڃن، پر ان خيال کان تہ ان سان لاڳاپيل سوال ۽ نسبتون سمجهي ۽ واضح ڪري سگهجن ۽ خاص طور ان جي جوهر ۽ ڳر کي سمجهي سگهجي.

محبت جي حوالي کان سڀ کان پهريون سوال اهو آهي تہ هن سڄيءَ ڪائنات ۾ محبت فقط انسان ئي ڇو ٿو ڪري؟ هيءَ ڪائنات تمام وڏي آهي، تمام وڏي آهي. اڃان انسان ان کي پوريءَ طرح پروڙي ئي نہ سگهيو آهي، سڄيءَ ڪائنات ۾ جيوتن جا ۽ زندگيءَ جا هزارين آثار ۽ اظهار آهن پر جنهن کي اسان محبت چئون ٿا. اها انسان کانسواءِ هن ڌرتيءَ تي، هن ڪائنات ۾ ٻيءَ ڪابہ جيوت نٿي ڪري. هڪڙو سوال آهي تہ آخر ايئن ڇو آهي جو فقط انسان ئي محبت ڪري ٿو ۽ ٻي ڪابہ جيوت نٿي ڪري؟ انسان بنيادي طور جانور آهي، ان جا جيڪي سڀ طبعي نظام آهن، ان جي ساهہ کڻڻ، کائڻ ۽ پيئڻ جا طبعي نظام، ان جي عضون جي ڪم ڪرڻ جا نظام، ان جا سڀ فطري نظام حيواني آهن. ان ڪري انسان فطري ۽ جسماني نظامن جي حوالي کان ٻين جيوتن کان مختلف نہ آهي. انسان جيئن تہ سماجي جانور آهي، جيئن ارسطوءَ چيو آهي تہ انسان سماجي جانور آهي، پر انسان جانور ضرور آهي. انسان جيئن تہ سماج ۾ رهي ٿو ۽ سماج دراصل سماجي شعور جو ٻيو نالو آهي، انسان ان ڪري سماجي جانور آهي جو هو شعور رکي ٿو. انسان هڪ سوچيندڙ محسوس ڪندڙ شعور رکندڙ ۽ تصور ڪندڙ جيوت آهي. انسان کانسواءِ هن ڌرتيءَ جي گولي تي ۽ ڪائنات ۾ ٻي ڪابہ اهڙي جيوت نہ آهي جيڪا عمل کان اڳ ان جو تصور ڪري سگهي يا جنهن وٽ تخيل جي سگهہ هجي. انسان ٻين سمورين جيوتن کان مختلف ان ڪري آهي جو اهو سماجي طور باشعور آهي، اهو سماجي ۽ ماحولياتي سوچ رکي ٿو ان کي سمجهہ آهي، ان کي عقل آهي، ان کي احساس آهي، ان ڪري ئي انسان سماجي جانور آهي.

هاڻي اچو تہ ان سوال تي سوچيون تہ سماج ڇا آهي؟ سماج جو مطلب آهي تہ هڪ فرد ٻئي فرد سان پنهنجو لاڳاپو محسوس ڪري سگهي ۽ ان جو سماجي اظهار بہ ڪري سگهي. فردن کي اهو ادراڪ هجي تہ ان جو هڪ فرد سان، ٻين فردن سان ۽ سڄي ماحول سان ۽ سڄيءَ دنيا سان ان جو تعلق ڪهڙو آهي ۽ ان جو ٻئي فرد ۽ سماج سان مفاد ڪهڙو آهي؟ اهو مفاد مادي آهي، سماجي آهي، اقتصادي آهي، سياسي آهي،

روحاني آهي، اخلاقي آهي، ذهني آهي، يعني سماج جو مطلب آهي سماج ۾ رهندڙ فرد جو ٻئي فرد سان، ڪميونٽيءَ سان، پوري ماحول سان، فطرت سان، سڄيءَ ڪائنات سان لاڳاپو ڪهڙو آهي. ان آگاهيءَ جو نالو شعور آهي. ڪائنات جي ٻي ڪنهن جيوت کي اها خبر نہ آهي. هڪ مينهن کي اها خبر نہ آهي تہ ان جو ٻيءَ مينهن سان ڪهڙو تعلق آهي، يا ان جو فطرت ۽ سماج سان ڪهڙو تعلق آهي، ان جو دنيا سان ڪهڙو تعلق آهي، ان ڪري شعور جو مطلب آهي، انفرادي ۽ اجتماعي رشتن جي پرک جو احساس ۽ رڳو رشتن ئي نہ پر مفادن جي پرک جو احساس. اهي احساس ذهني، معاشي، اخلاقي، فطري، طبعي، ماحولياتي، ڪائناتي ۽ جيڪي بہ مفاد آهن، انهن جي ادراڪ، آگاهي ۽ سمجهہ جو نالو شعور آهي.

ان ڪري اهو سوال ڏاڍو بنيادي آهي تہ فقط انسان ئي محبت ڇو ٿو ڪري؟ هاڻي سڀ کان پهرين سوال اهو آهي تہ محبت ڇا آهي ۽ ماڻهو محبت ڇو ٿو ڪري؟ ان کي ڪو هرو ڀرو محبت ڪرڻ جو شوق آهي يا ڪو ٻيو مسئلو آهي؟ هاڻي محبت تي پاڻ جنرلي ٿا ڳالهايون تہ هڪڙو ماڻهو يا فرد جنهن کان سوسائٽي، سول سوسائٽي، انساني تهذيب ۽ سڀ شيون شروع ٿين ٿيون، اهو فرد آهي. هڪ فرد جي ٻئي فرد سان نسبت ڪيئن ٿي ٿئي؟ هڪ ڳالهہ واضح ڪندو هلان تہ نسبت ڪانسواءِ ڪائنات ۾ ڪا شيءِ جدا ۽ حتمي ڪانہ ٿيندي آهي. هاڻي چئجي تہ ڪا شيءِ ٿڌي آهي، پر ڇا جي ڀيٽ ۾؟ ڪنهن نہ ڪنهن ٻيءَ شيءِ جي ڀيٽ ۾ اها ٿڌي هوندي. چئون ٿا هڪڙي شيءِ وڏي آهي پر اها ڇا جي ڀيٽ ۾ وڏي آهي. هڪڙي شيءِ سُٺي آهي، ڇا جي ڀيٽ ۾ سُٺي آهي، هڪڙي شيءِ حَسين آهي، ڇا جي ڀيٽ ۾ حَسين آهي؟ ڪا شيءِ ڪوجهي آهي، ڇا جي ڀيٽ ۾؟ هيٺ آهي، ڇا جي ڀيٽ ۾، مٿي آهي ڇا جي ڀيٽ ۾؟ هر شيءِ جي نسبت هوندي آهي، هر شيءِ جو وجود ڪنهن شيءِ جي نسبت سان هوندو آهي. نسبتن ڪانسواءِ شين جو ڌار ۽ قطعي وجود نہ ٿيندو آهي، سواءِ مادي جي هر شيءِ جي نسبت ٿيندي آهي. مادو خيال جي نسبت کان بي نياز آهي، پر ٻيءَ هر شيءِ جو وجود ڪنهن نہ ڪنهن شيءِ جي نسبت سان آهي. نسبت ڪانسواءِ ڪنهن بہ شيءِ جي ڪا معنيٰ نہ هوندي آهي، خاص طور انساني سماج ۾.

هڪڙي فرد جا رشتا مختلف نوعيتن جا آهن، ماڻهوءَ جا مفاد سماجي بہ آهن، ان کي ڪپڙا ملڻ گهرجن. ان جي ضرورتن جو پوراءُ ٿيڻ گهرجي ۽ ان کي تحفظ ملڻ گهرجي. ماڻهوءَ جا مفاد اقتصادي بہ آهن. ان کي روزگار ملڻ گهرجي. ڪاڏو ملڻ گهرجي، هن جا روحاني حق بہ آهن تہ هن کي خوش ٿيڻ جو حق ملڻ گهرجي ۽ سماج ان کي خوش ٿيڻ جو حق ڏئي ۽ ماڻهو پنهنجي خوش ٿيڻ جو فرض ادا ڪري سگهي. ماڻهوءَ جا جيڪي تمام گهڻا روحاني، ذهني، سماجي ۽ معاشي حق آهن، اهي سڀ حق سندس سماجي رشتن سان وابستہ آهن ۽ اهي رشتا هڪ فرد جا ٻئي فرد سان بہ آهن، نسبت

سان بہ آهن. ماءُ سان هڪ رشتو آهي، پيءُ سان بيو رشتو آهي، ڀاءُ سان بيو رشتو آهي، ڀيڻ سان بيو رشتو آهي، زال سان بيو رشتو آهي، دوست سان بيو رشتو آهي، محبوبا سان بيو رشتو آهي، پنهنجي وطن سان بيو رشتو آهي، انسان ذات سان بيو رشتو آهي، هن جو گل سان بہ رشتو آهي، هن جو وڻ سان بہ رشتو آهي، ڇو تہ انهن جي تاثير ان کي ملي ٿي. هن جو زمين سان بہ رشتو آهي، هن جو بادلن سان بہ رشتو آهي، هن جو برساتن سان بہ رشتو آهي، هن جو سمنڊ سان بہ رشتو آهي، هن جو درياهن سان بہ رشتو آهي، هن جو پهاڙن سان بہ رشتو آهي، هن جو آوازن سان بہ رشتو آهي، هن جو حُسن سان بہ رشتو آهي، رشتن جون اٿاهہ وابستگيون آهن. اهي رشتا ڪي هرو ڀرو ڪونہ ٿيا آهن. انهن رشتن جي فارم تي ماڻهن جا مفاد آهن، ان تي نسبت جي ڳالهہ آهي، جيڪڏهن رشتا سياسي هوندا تہ مفاد بہ سياسي هوندا. جيڪڏهن رشتا سماجي هوندا تہ مفاد بہ سماجي هوندا. جيڪڏهن رشتا روحاني هوندا تہ مفاد بہ روحاني هوندا. جيڪڏهن رشتا هوندا ذهني تہ مفاد بہ ذهني هوندا. جيڪڏهن رشتا هوندا تصوراتي تہ مفاد بہ تصوراتي هوندا. رشتن ۽ مفادن جو بہ پاڻ ۾ هڪ بنيادي رشتو آهي.

هاڻي هڪ ننڍڙو مثال ٿا وٺون. هڪ فرد جو ننڊ مان اُٿندي ڪيترين شين سان واسطو پئي ٿو هڪ فرد ننڊ مان اُٿي ٽوٿ پيسٽ ڪري ٿو اهي بہ ڪي فرد ناهين ٺا، اهي ٽوٿ پيسٽ هڪ فيڪٽريءَ ۾ ٺهن ٿا. هڪڙي پوري سسٽم مان گذري ۽ ڪيترائي مرحلا طئي ڪري پوءِ شيون ماڻهوءَ تائين پهچن ٿيون. صبح جو ننڊ مان اک کلڻ کان وٺندي رات جو سمهڻ تائين ڪيترن ئي نظر نہ ايندڙ فردن، ادارن ۽ قومن جي شين ۽ پورهيي جو انهن سان سڌو ۽ اڻ سڌو لاڳاپو آهي. جنهن بلب ٺاهيو آهي، ان سان بہ رشتو آهي، جنهن جنهن بہ اهي ايجادون ڪيون آهن، انهن سان رشتو آهي. بظاهر اهو رشتو نظر نٿو اچي پر ان سان پنهنجو تعلق آهي. اهي سڀ ايٽريون ساريون شيون جيڪي اسان جي، ارد گرد آهن. انهن سان پنهنجو تعلق آهي، هڪ گل آهي، ان جي حُسن اوهان کي موهيو آهي، اوهان جو ان سان رشتو آهي، اوهان جو ان سان مفاد آهي، اهو اوهان کي وڻي ٿو. اوهان ميوا کائو ٿا. اوهان جو وڻن سان رشتو آهي، اوهان اَن کائو ٿا. اوهان جو ٻنين سان رشتو آهي.

هيءَ ڳالهہ ڪري پاڻ پنهنجي موضوع کي اڳتي وڌايون ٿا تہ هن سڄيءَ ڪائنات ۾ محبت فقط انسان ٿو ڪري، ڇو تہ ان کي شعور آهي، هو سماجي جانور آهي ۽ سمجهہ ۽ شعور جو مطلب آهي سموريءَ ڪائنات جي سمورين شين سان رشتن ۽ مفادن جي پرک يا ڄاڻ. مثال طور سج آهي، اهو اسان کان ايترو پري آهي جو هڪ لک ڇهاسي هزار ڪلوميٽر هڪ سيڪنڊ ۾ ان جي روشنيءَ جي رفتار آهي. هاڻي اوهان هڪ لمحي لاءِ رڳو تصور ڪريو تہ اهو ڪيترو پري هوندو ۽ ان سج سان بہ جيڪڏهن ڪا گڙٻڙ ٿئي تہ ڌرتيءَ سان مسئلو ٿيندو. سج بظاهر تمام گهڻو مٿي آهي ۽ بظاهر ان سان ڪوبہ رشتو نظر نہ ٿو اچي پر ڇا واقعي ان سان اسان جو ڪوبہ رشتو نہ

آهي. سچ سان ڪوبہ مسئلو ٿئي ٿو تہ ان جو اثر هر ماڻهو محسوس ڪري ٿو. جيڪڏهن ٿڌ ڪوئيٽا ۾ پئي ٿي تہ ان جو اثر هتي محسوس ڪيو ٿو وڃي. شيون پاڻ ۾ گڏيل، ڳتيل ۽ ڳنڍيل آهن. اسان وٽ موسمن جو مثال آهي، هڪڙيءَ موسم ۾ انب ٿين ٿا، ٻيءَ ۾ نٿا ٿين.

هڪ فرد جو تعلق ۽ رشتو رڳو پنهنجي همعصر دؤر سان ئي نہ آهي پر ان جي ماضيءَ جي ماضيءَ سان بہ آهي ۽ ان جي مستقبل جي مستقبل سان بہ آهي. ان جي رشتن ۽ مفادن جو تعلق تمام ڳتيل ۽ نہ رڳو ڌرتيءَ، ماحول پر سموريءَ ڪائنات جي سمورين شين سان آهي.

هن وقت تائين پاڻ اها ڳالهہ سمجهي آيا آهيون تہ ڪابہ شيءِ ماڻهو بي سبب ڪونہ ٿو ڪري ۽ ڪائنات جي ڪابہ شيءِ بي سبب نٿي ٿي سگهي. ڪنهن شيءِ جو بنياد نہ هجي، ڪنهن شيءِ جو سبب نہ هجي، ايئن نہ ٿيندو آهي. اهڙو ڪوبہ مظهر، اهڙي ڪابہ فنامنا سبب کان سواءِ ٿي نٿي سگهي. محبت بہ تہ ڪا اهڙي شيءِ هوندي، جنهن ڪي ضرور ماڻهو ڪن سببن جي ڪري ڪري ٿو. ان سان گڏوگڏ رشتا آهن ۽ انهن رشتن سان هن جا مفاد وابستہ آهن، ان ڪري ماڻهو محبت ڪري ٿو.

انساني تهذيب انسان کي حيوانيت مان ٻاهر ڪڍڻ جي سفر ۽ جوهر جو نالو آهي. انسان ۾ حيوانيت بہ آهي ۽ وٽس شعور بہ آهي. هو فطرتي حوالي کان جانور آهي، ان ڪري ان ۾ حيوانيت بہ آهي، ان سان گڏوگڏ هو سماجي جانور بہ آهي، ان ڪري هن کي شعور بہ آهي. انسان ۾ هڪ ئي وقت ٻہ عنصر موجود آهن. هڪ ماڻهو ڪنهن کي ڇيري ڦاڙي ڇڏي ٿو يا ڪنهن جو قتل ڪري ڇڏي ٿو اهو ڇا آهي؟ اهو ماڻهوءَ جي اندر جو حيوان آهي. جنسي ٻُک آهي، ماڻهو ڪنهن سان ريپ ڪري ٿو ان وقت انسان جو شعور مات کائي ٿو اتي هڪ فرد جي تهذيب مات کائي ٿي، ان تي حيوانيت حاويءَ ٿي وڃي ٿي. هڪ فرد ٻئي جو حق کائي ٿو ٻئي تي ظلم ڪري ٿو معنيٰ اها ان جي شعور ۽ تهذيب جي نفي آهي. ماڻهوءَ ۾ ٻہ شيون آهن. هڪ ان ۾ حيوانيت آهي ۽ ٻيو ان ۾ شعور آهي. هاڻي سوال اهو آهي تہ انهن ٻنهي شين مان ماڻهوءَ تي ڪهڙي شيءِ حاوي هجي، ان جو جواب آهي تہ ان تي شعور حاوي هجي. سچي انساني تهذيب جي جيڪڏهن اسان پاڇي ڪيون تہ ان جي پاڇي اها نڪرندي تہ تهذيب انسان کي حيوانيت مان ٻاهر ڪڍڻ جو نالو آهي. ماڻهوءَ جي دل چاهي ٿي تہ ٻئي کي ڦُري ۽ ماري، ڇو تہ حيوان تہ ماريندو آهي، وڏي مڇي ننڍي مڇيءَ کي کائيندي آهي، شينهن جهنگ ۾ ٻين جانورن کي ڇيري ڦاڙي ڇڏيندو آهي. اها هڪ جبلت آهي پر شعور چئي ٿو تہ ايئن نہ ٿيڻ گهرجي، ايئن ڪرڻ غلط آهي. تهذيب انسان کي حيوانيت مان ڪڍڻ جو نالو آهي ۽ محبت ان جو نهايت مٿانهون مقام آهي.

ماڻهوءَ جا حق آهن، ان جا جسماني حق آهن، فطري حق آهن، سماجي حق آهن، سياسي حق آهن، قانوني حق آهن، ذهني حق آهن ۽ روحاني حق آهن. اڄ تائين

جيڪي ماڻهوءَ کي حق ميسر آهن. انهن حقن جي جيڪا سڀ کان مٿانهين شڪل آهي، اها اخلاقي حقن جي صورت ۾ آهي، جنهن کي انسان جا روحاني حق به چئجي ٿو. مان اها اخلاقي حق واري ڳالهه سماجي اخلاقيات واري معنيٰ ۾ نٿو ڪريان پر اها فلاسافيڪل معنيٰ ۾ استعمال ڪريان ٿو. اهو انساني تاريخ جو هڪ وڏو الميو آهي ته هر سُٺي شيءِ، هر سُٺي نظريي، هر سُٺي تحريڪ، هر سُٺي ماڻهو هر سُٺي فلسفي، هر سُٺي ايجاد جا وارث اڳي پوءِ ٺڳ ٿيندا آهن. هر شيءِ جو پس و پيش جيڪو وارث آهي، جڏهن اهو ان شيءِ جي گادي ناهي ٿو ۽ پاڻ ان تي چڙهي ويهي ٿو ته اهو ٺڳ ٿئي ٿو. پوءِ پلي اها عيسائيت هجي، اسلام هجي، ٻڌمت هجي، هندومت هجي، ادبُ هجي، فلسفو هجي، آرٽ هجي، سياست هجي، انقلاب هجي يا ڪا به شيءِ هجي، جڏهن ان جي گادي نهي ٿي ته پوءِ اها شيءِ ٺڳن جي ٿي ويندي آهي، ڇو ته گادي فقط ٺڳن جي هوندي آهي. گادي ان اصل شيءِ جي روح جي اُبتڙ ماڻهوءَ وٽ هوندي آهي. مون هيءَ ڳالهه پٽ شاهه ۾ به چئي هئي ته "پٽائي اڍائي سئو سالن کان يرغمال آهي، ان کي آزاد ڪرايو وڃي، پٽائي جهالت جي هٿان يرغمال آهي، ڇو ته پٽائيءَ تي پٽڙ پئجن ٿا، دعائون ٿيون گهرجن، پُٽ پيا گهرجن، ڏيئرون پيون گهرجن، وٽن ۾ پيون ٿيون اڳڙيون ٻڌجن، اها ته لطيف جي توهين آهي. پٽائي جنهن چيو آهي:

"محروم ٿي مري ويا، ماهر ٿي نه مٺا."

پٽائي، جيڪو ڪائناتي تصورن جو شاعر آهي، جيڪو ڏاهو ۽ فلسفي آهي، جيڪو مفڪر ۽ سماجي معنيٰ ۾ رهبر آهي، اهو ته هاڻي اُتي آهي ئي ڪونه. اها ته لطيف سان عقيدت جي نالي ۾ ان جي عظمت جي نفي ۽ توهين آهي. لطيف ته پنهنجي تصورن ۾ آهي، فن ۾ آهي، ڏاهپ ۾ آهي.

عيسائيت ۾ عيسيٰ عه هڪ عظيم انسان هو جنهن جي اخلاقيات جو اهو مقام آهي ته هن چيو ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو اوهان جي هڪ ڳل تي چماٽ هڻي ته اوهان ان کي ٻيو ڳل به ڏيو ته جيئن ان کي شرم اچي. هاڻي اوهان ان جي اخلاق جو معيار ته ڏسو. حضرت علي عه لاءِ چيو وڃي ٿو ته هو هڪ ڪافر سان وڙهيو پئي، ان ڪافر اسلام جي خلاف پئي ڳالهايو ان ڪري حضرت علي عه ان سان وڙهي پيو. ان کي دسي سندس مٿان چڙهي ويٺو ته ان ڪافر حضرت علي عه ڏانهن ٿُڪ اُڇلي. حضرت علي عه هڪدم هن جي سيني تان هيٺ لهي بيهي رهيو ۽ کيس چيائين ته "توسان مان هاڻي نه وڙهندس." ان ڳالهه تي ڪافر ڪانئن پڇيو ته "اوهان مون کي ماريو پئي، مون اوهان جي شان ۾ گُستاخي ڪئي، اوهان کي ته ويتر ڪاوڙ اچڻ کپي ها. اوهان مون کي مارڻ بدران ڇڏي ڏنو ۽ چئو پيا ته مان هاڻي توسان نه وڙهندس. اها ڪهڙي ماجرا آهي؟" حضرت علي عه ان کي جواب ڏنو ته "مان توسان اسلام جي خاطر پئي وڙهيس، پر هاڻ جيڪڏهن مان توسان وڙهندس ته پنهنجيءَ ذاتي نفرت جي ڪري وڙهندس، ۽

مان توسان پنهنجي ذاتي نفرت جي ڪري نٿو وڙهڻ چاهيان." اوهان اها اخلاق جي معيار جي سطح تہ ڏسو هن چيو تہ جيڪڏهن مان توکي ڏک هڻان ها تہ ان ۾ منهنجي متان ڪاوڙ بہ شامل هجي، ان ڪري مان توکي پنهنجي ذاتي ڪاوڙ جي ڪري ڏک نہ هڻندس، اها توکي معاف آهي. اها اخلاقيات جي هڪ مٿانهين شڪل آهي.

حضرت عيسيٰ ع جي مذهب کي بہ پاپائيت اهڙو خراب ڪيو جو چيائون تہ انسان پيدائشي گناهگار آهي، هن جمي وڏو گناهہ ڪيو آهي، ان ڪري هن کي جيتري گهٽ روحاني آزادي هوندي، اهو اوترا گهٽ گناهہ ڪري سگهندو. خوش ٿيڻ جو حق ماڻهوءَ کي ڏيڻ ئي نہ گهرجي. هر شيءِ جو تعين چرچ جو پوپ ڪري تہ جيئن ڏوهہ ڪرڻ جا گهٽ ۾ گهٽ امڪان هجن، اهو سلسلو اٺ سئو ڪان هزار سالن تائين جاري رهيو ۽ ماڻهن جي انساني ۽ روحاني حقن تي راتاها هنيا ويا. جنهن جي پوءِ مارٽن لوٿر ڪنگ اچي مزاحمت ڪئي. جنهن مذهب جو بنياد هو تہ اوهان کي جيڪڏهن ڪو چماٽ هڻي تہ اوهان ان کي ٻيو بہ ڳل ناهي ڏيو اهو ايئن ئي ويو شيون بہ ايئن ئي ويندڙيون آهن. انسان جا جيڪي سڀ کان اعليٰ حق آهن اُهي روحاني ۽ اخلاقي حق آهن. مثال طور توهان ڪنهن ماڻهوءَ کي سُئو ڪاڏو ڏيو ۽ سڀ شيون ڏيو پر سماج ان جي چوويهہ ئي ڪلاڪ تذليل ڪري، اها ان جي انساني ۽ روحاني حق جي توهين آهي، ان ڪري انساني حقن ۾ جيڪي سڀ کان مٿانهان ۽ اعليٰ حق آهن، اهي اخلاقي ۽ روحاني حق آهن ۽ ان جي جيڪا اعليٰ ترين شڪل آهي، اها محبت آهي. پوءِ چاهي اها محبت ماڻهو فرد سان ڪري، ماءُ سان ڪري، محبوبا سان ڪري، فطرت سان ڪري، انسان ذات سان ڪري، انقلاب سان ڪري يا ڪنهن سان بہ ڪري، ان کي پنهنجو محبت ڪرڻ جو حق آهي. ان کي محبت جي چونڊ ڪرڻ جو حق آهي ۽ هو ان جي جنهن بہ سطح تي وڃڻ چاهي، هن کي ان جو حق آهي. اهو انسان جو وڏي ۾ وڏو ۽ سڀ کان وڏو اخلاقي ۽ روحاني حق آهي. (روحانيت جو لفظ مان مذهبي معنيٰ ۾ نہ پيو استعمال ڪريان، اهو بہ مان فلاسافيڪل معنيٰ ۾ استعمال پيو ڪريان) ۽ انهي حقن ۾ وري جيڪو سڀ کان وڏو ۽ اعليٰ ترين حق آهي اهو محبت ڪرڻ جو حق آهي، جنهن جي ڪا بہ حد نہ آهي، اهو يونيورسل آهي.

ڪائنات جون بہ شيون سڀ کان اعليٰ قدر آهن، انهن ۾ هڪ محبت ۽ ٻيو حُسن آهي. محبت حُسن ۽ جمال اهي ڪائنات جا عظيم ترين قدر آهن. جيئن ڳالهہ ٿي تہ محبت رڳو محبوبا سان نہ ٿيندي آهي، تيئن حُسن بہ فقط جسمن جو ڪونہ ٿيندو آهي، حُسن روحن جو بہ ٿيندو آهي، جذبن جو بہ ٿيندو آهي، هڪ پوڙهي ماءُ جيڪو پنهنجي ٻار سان پيار ٿي ڪري ان ۾ بہ تمام گهڻو حُسن هوندو آهي ۽ اهو پيار جي سڀ کان مٿانهين شڪل آهي. مادام ٽريسا جيڪا ڪوڙهہ جي مريضن سان محبت ڪندي هئي، ان جو پنهنجو حُسن هو. فطرت جو بہ حُسن ٿيندو آهي. وليم ورڊس ورٿ

فطرت جو بهترين شاعر هو. نئين نئين ريل گاڏي نهي تہ هن کي اها ريل ڏسڻ جو شوق ٿيو هو هڪڙي ڏينهن صبح جو ريلوي اسٽيشن تي ريل گاڏي ڏسڻ ويو ان وقت ريل ڪوئلي تي هلندي هئي، ڏٺائين تہ ريل گاڏي تمام گهڻو دونهون ڪيندي پئي اچي. هن اهو ڏسي چيو تہ ڪيڏي نہ صاف شفاف، تازي، وڻندڙ ۽ پياري موسم هئي، اها تہ هن ريلَ گاڏيءَ سڄي دونهون ڪري ڇڏي. اسان کي اها ريل گاڏي نہ گهرجي. هو شاعر هو جنهن کي (Poet of Nature) چئجي ٿو ان کي اهو چوڻ جو تہ حق هو چاڪاڻ تہ ريل جي دونهين پرهہ ۽ ان جي معطر هوا کي خراب پئي ڪيو ان ڪري هن ائين چيو تہ اها ريل ٿي نہ گهرجي. حُسن بہ ائين آهي، حُسن ذهني بہ آهي، جسماني بہ آهي، روحاني بہ آهي، تصوراتي بہ آهي، گل ائين ڪڙيو بيٺو آهي، جيڪو ڪير پري کان ڏسي خوش ٿئي تہ اهو ان جو جسماني حُسن آهي، ان جي خوشبو ان جو روحاني حُسن آهي، خوشبو نظر نہ ايندي آهي، محسوس ڪبي آهي، ماڻبي آهي. سماج بہ ائين آهي، انسانذات بہ ائين آهي، فطرت بہ ائين آهي، سڄي ڪائنات ائين آهي. محبت سڀ کان اعليٰ قدرن مان هڪ اعليٰ قدر آهي، ڇو تہ ان جا ٻہ سبب آهن. پهريون سبب واضح ٿي چڪو آهي تہ انسان ڪائنات ۾ سڀني کان ممتاز ان ڪري آهي جو هو شعور رکي ٿو رشتن جي معنيٰ رکي ٿو رشتن جو ادراڪ رکي ٿو انهن جو احساس رکي ٿو ۽ شعور رکي ٿو ان ادراڪ. احساس ۽ شعور جو گڏيل نالو تهذيب آهي. تهذيب جو مطلب آهي انسان جي اخلاقي ترقي (Moral Development). هڪڙو سورمو آهي، جيڪو سچ خاطر وڙهي ٿو ڪيس خبر بہ آهي تہ مان مارجي ويندس، تڏهن بہ پنهنجي ان عظيم مقصد لاءِ وڙهندي مارجي وڃي ٿو جڏهن هو پنهنجي زندگي ان مقصد لاءِ وڙهندي قربان ڪري ٿو تہ ان جو مطلب اهو ٿو ٿئي تہ هو پنهنجي Moral Values جي ان بلنديءَ تي بيٺو آهي، جيڪي Highest Moral Values آهن. ڪاسا بيانڪا جو مشهور واقعو آهي تہ هڪڙو جهاز پئي ٻڏو هڪڙو تختو هو جنهن تي ڪجهہ ماڻهو چڙهي بچي سگهيا پئي. اتي جيڪي مرد هئا، انهن چيو تہ هن تختي ذريعي پهرين عورتن ۽ ٻارن کي ڇاڙهي بچائجي، اسان جو خير آهي، اهي پاڻ ان جهاز ۾ ٻڏي مري ويا پر ويندي ويندي هڪ مثال قائم ڪري ويا. اها اخلاقي قدر جي اعليٰ شڪل آهي.

وفا عبدالڪريم پلي هڪ بهترين شاعر ۽ زبردست انسان هو. هو هڪ فقير منش انسان هو هن کان ماڻهو اَن وٺڻ ايندا هئا. پوءِ هو انهن کي پرچيون لکي ڏيندو هو تہ هن کي هيٽريون اَن جون ٻوريون ڏيو ان جي در تان ڪوبہ ماڻهو خالي نہ موٽيو هو. هو ماڻهن کي ڏئي خوش ٿيندو هو. ان ڏانهن هڪ ماڻهو آيو اُن اچي ڪيس عرض ڪيو تہ مان غريب ماڻهو آهيان، مونکي اَن ڏيو. پوءِ وفا عبدالڪريم پلي ان کي پرچيءَ تي 2 (ٻہ) ٻوريون اَن جون لکي ڏنيون. هن ڇا ڪيو جو ٻن جي پرسان ٻڙي ڏئي 20 (ويهہ) لکي

ڪمدار ڏانهن ڪٽي ويو. ڪمدار پرچي ڏسي ان کي ويهه ڀوريون اَن جون ڏئي ڇڏيون، چو تہ ڪمدار کي خبر هئي تہ سائين وڏو بادشاهہ قسم جو ماڻهو آهي. ٻئي دفعي جڏهن اهو ساڳيو ماڻهو آيو تہ ڪمدار ان کي ٻہ ڀوريون ڏنيون. پلي صاحب ڪمدار کي گهرائي ان کي ويهه ڀوريون ڏيڻ لاءِ چيو. ڪمدار گذريل ڳالهہ ٻڌايس تہ ان کي چيائين، ”بابا هن کي ويهہ ئي ڀوريون ڏيو هن کي گهرج ويهن ڀورين جي آهي، پر هي گهُري نٿو سگهي.“ اهو ان انسان جو اخلاقي مقام هو. تهذيب، لاڳاپو ۽ اخلاقي قدر ۾ محبت وڏي ۾ وڏو قدر ان ڪري آهي جو محبت ان Moral Level جي مٿانهين شڪل آهي. پوءِ چاهي اُها فرد سان ڪئي وڃي، انسان ذات سان ڪئي وڃي، آزاديءَ سان ڪئي وڃي، عظيم مقصد سان ڪئي وڃي، ماءُ سان ڪئي وڃي، رشتن سان ڪئي وڃي، ڏئل يا اڻڏئل مفادن سان ڪئي وڃي. هڪ شاعر آهي، هن کي پوريءَ فطرت سان پيار آهي، هن تہ پوري فطرت نہ ڏٺي آهي، اڻ ڏٺل ڪائنات سان هن کي ايترو پيار آهي، اها تہ حيرت جهڙي ڳالهہ آهي.

جيئن پهرين روحاني حُسن جي ڳالهہ ڪئي سون، محبت روحاني حُسن جي Superior شڪل آهي. محبت روحاني حُسن جي آخري حد آهي ۽ محبت ان ڪري ئي يونيورسل ويليو آهي. جڏهن حضرت علي ع دشمن جي سيني تان اخلاقي دٻاءَ تحت لٿو هوندو تہ هن جي اُن لهڻ ۾ جا تہ حُسن هوندو هن جو هڪ سماجي احساس وچان هن جي سيني تان لهڻ ڏاڍو حَسين هوندو اها وڏي حُسناڪي آهي، رڳو ڏسڻ واري اها اک هجي. اها وري روحاني حُسن جي بہ مٿانهين شڪل آهي. ۽ تيون هڪ عجيب عنصر آهي، ان بهاني سان مان پڄاڻيءَ تي ايندس. اهو تيون عنصر آهي، جيڪو انسان کي روح جي اندر تبديل ڪري ٿو. انسان جي اندروني تبديلي محبت ڪرڻ ڪانسواءِ ٿي نٿي سگهي. محبت اندر جي تبديليءَ جو وڏو محرڪ آهي. اياز چيو: جنهن محبت نہ ڪئي آهي، اهو زندگيءَ جي گناهگارن مان آهي. چو تہ محبت تهذيب جو حاصل آهي. جنهن بہ فرد پنهنجي روح جي گهرائيءَ سان، پنهنجي من جي گهرائيءَ ۽ مڪمل سچائيءَ سان محبت ڪئي آهي تہ اها محبت ان جي اندروني تبديليءَ جو وڏي ۾ وڏو ذريعو آهي.

مون محبت جي باري ۾ دنيا جي ڪيتري ئي شاعري پڙهي آهي، پر محبت جي باري ۾ جيڪو لطيف جو تصور آهي، اهڙو عظيم ۽ شاهڪار تصور ٻئي ڪنهن بہ شاعر جو نہ آهي. اهڙو تصور مون انساني ادب جي تاريخ ۾ ڪٿي بہ نہ پڙهيو آهي. منهنجي پنهنجي ايماندارانہ راءِ آهي، جنهن سان ڪوبہ جي چاهي تہ اختلاف ڪري سگهي ٿو. مان اها ڳالهہ رڳو ان ڪري نٿو چوان تہ لطيف سنڌي شاعر هو ۽ مان بہ سنڌي آهيان. ان حوالي ڪان جيڪڏهن ڪوبہ لطيف ڪان وڏو شاعر هجي ها تہ مان ضرور ان جو نالو ڪٺان ها. جيڪا ڳالهہ صحيح هوندي اها ضرور چئبي.

سچي انساني تاريخ ۾ منزل کي وڏي اهميت حاصل آهي، لطيف جو پنهنجو جهان آهي، اوهان رڳو هن جا سسئيءَ تي لکيل سُر پڙهو يا سندس ٻي شاعري پڙهو هن وٽ منزل جي ڪا اهميت نہ آهي. هن وٽ محبت ۽ سفر جي اهميت آهي. هو چئي ٿو تہ محبت ڪجي ۽ ان لاءِ سفر ڪجي، پوءِ منزل تي رسجي يا نہ رسجي، اها خير جي ڳالهہ آهي. لطيف سسئيءَ ۾ چئي ٿو:

عمر سڀ عشق سين، پنهون جي پڇن.

هاڻي اوهان مٿين سٽ تي ٿورو غور ڪريو هو رَسڻ جي ڳالهہ نہ پيو ڪري، جيڪڏهن ڀٽائي عام شاعر هجي ها تہ چوي ها:

عمر سڀ عشق سين، پنهون جي رسن.

پر هو ايئن نٿو چئي، هو چئي ٿو تہ:

عمر سڀ عشق سين، پنهون جي پڇن،
ريس، ريزاليون تن سين، ڪجاڙي لئہ ڪن.

لطيف چئي ٿو جيڪڏهن سسئي پنهونءَ جي عشق ۾ سڄي عمر رڳو هلي آهي ۽ ان تائين رَسي نہ آهي ۽ رڳو ان جون پڇائون ڪندي ٿي وتي ۽ ان سفر ۾ ئي مري کپي وئي تہ پوءِ ان ۾ روئڻ، پِٽڻ ۽ افسوس ڪرڻ جي تہ ڪا ڳالهہ نہ آهي. جيڪڏهن هوءَ محبت ۾ هلي ٿي تہ پوءِ ڇا لاءِ قياس آرائي ڪندي تہ پوءِ هوءَ ڇا لاءِ خود قياسي ڪندي؟ اڳتي هلي هو چئي ٿو تہ:

وڏا طالع تن جا، مارڳ جي مَرن

هتي لطيف ان پنڌ، ان سفر ۽ ان جستجوءَ کي مارڳ (منزل) ٿو ڪوٺي، هاڻي اوهان ان سڄي بيت تي ٿورو غور ڪريو:

عمر سڀ عشق سين، پنهون جي پڇن،
ريس، ريزاليون تن سين، ڪجاڙي لئہ ڪن،
وڏا طالع تن جا، مارڳ جي مرن.

لطيف چئي ٿو اها ئي تہ منزل آهي جو سسئي پنهونءَ جي عشق ۾ پڇائون ڪندي ڪندي، پنڌ ڪندي ڪندي، جستجو ڪندي ڪندي مري ۽ کپي وڃي ۽ ايئن سسئيءَ جا سڀ داستان آهن ۽ لطيف جا ٻيا سُر آهن، سُر ڪاموڏ آهي، ان ۾ نوري ڄام تماچيءَ جو قصو آهي، ڪاموڏ جي جيڪا بہ تشريح ٿي آهي، اها غلط ٿي اهي، مون کي اسان جي سينئر ڏاهن محققن سان ان ڳالهہ تي اختلاف آهي. اڄ تائين اهو چيو ويو آهي تہ نوري سورمي آهي ۽ تماچي سورمو نہ آهي. مان ڀٽائيءَ جو پڙهندڙ ۽ عاشق آهيان، مان پنهنجي راءِ پنهنجي ايمانداري ذميواريءَ سان ڏيان ٿو تہ تماچي سورمو آهي، نوري سورمي نہ آهي. هاڻي سوال آهي تہ ايئن ڇو آهي؟ ڇو تہ ڄام تماچيءَ نوريءَ کي وقت جي بادشاهہ جي حيثيت ۾ قبول نہ ڪيو هو. هو سنڌ جو بادشاهہ هو نوريءَ جهڙيون تہ هو ٻانهيون رکي پئي سگهيو. نوريءَ جي ماڻهن جو تہ اهو ٻُڌي هنياءُ

ڦاٽي پوي ها تہ وقت جو بادشاهہ اسان ڪان نوريءَ جو سڱ ٿو گھري پر هن ايئن نہ ڪيو. لطيف چئي ٿو تہ:

ڪڪيءَ هاڻيون ڪارِيون، ڇڇيءَ هاٺا ڇڄ،
پاند جن جي پاند سين، لڳو ٿئي لڄ،
سمو ڄام سهڄ، اُيو ڪري اُن سين.

ڄام تماچي جيڪو وقت جو بادشاهہ آهي، اهو ان ڪڪيءَ هاڻين ڪارين ۽ ڇڄن تي پاڻ اُپين پيرين بيٺو آهي ۽ ان سان فخر تي بيٺو خوش پيو ٿئي. اهو ڇا آهي؟ اها مثانهين Moral Level جي ڳالهہ آهي. اهو ڪو تماچيءَ جو ڪمال نہ هو ماڻهو تہ ماڻهو آهي، اها محبت ئي هئي، اهو محبت جو ئي ڪمال هو جنهن تماچيءَ کي اهڙو بدلائي ڇڏيو جو هو نوريءَ ۽ مهاڻن جي سامهون ڪکين هاڻين ڪارين ۾ اُيو ٿيو بيٺو هو. اهو ان محبت جو ڪمال آهي، اهو تماچيءَ جو مسئلو نہ آهي، نہ ئي اهو ڪو نوريءَ جو ڪمال آهي، پر جنهن ڳالهہ تماچيءَ کي تبديل ڪيو اها محبت هئي. هو جڏهن نوريءَ ڏانهن ويو تہ سمو ڄام ٿي نہ ويو. تڏهن تہ لطيف چيو تہ "نوريءَ جي نوازيو ٿيو تماچي تي". يعني ڄام نوريءَ کي نہ نوازيو پر نوريءَ جي محبت هن کي نوازيو. هو بہ وٽس بادشاهہ ٿي نہ ويو پر عاشق ٿي ويو محبت ڪندڙ ٿي ويو هن پنهنجي ڪلاس جي نفي ڪئي، هن پنهنجيءَ انا جي نفي ڪئي، هن سيني بدبودار روايتن جي نفي ڪئي، پنهنجي سماجي طبقي جي نفي ڪئي، هو نوريءَ جي اڳيان سچو محبت ڪندڙ ۽ عاشق ٿي بيٺو. پنائي اسان کي سمجھائڻ چاهي ٿو تہ محبت اهو احساس آهي، جيڪو ماڻهوءَ کي تبديل ڪري ڇڏي ٿو جيڪو ماڻهوءَ کي وڏو ماڻهو ڪري ڇڏي ٿو ۽ محبت ڪرڻ ڪانسواءِ ڪوبہ ماڻهو وڏو ماڻهو ٿي سگهي ئي نٿو.

هڪڙو ٻيو مثال آهي، هڪڙو سائنسدان آهي، جيڪو ويهہ ويهہ ڪلاڪ ليبارٽريءَ ۾ ويهي ڪم ڪري ٿو اهو ڇا آهي. اها ان جي پنهنجي ڪم سان محبت آهي، وڏا ڳائڻا آهن. جيڪي ڪلاڪن جا ڪلاڪ رياض ڪن ٿا، اها بہ محبت آهي، مائيڪل اينجلو لاءِ چون ٿا تہ هو ويهہ ويهہ ڪلاڪ ويٺو ڪم ڪندو هو اها بہ محبت آهي. هڪ ماڻهو پنهنجي محبوبا جو ويهہ ويهہ ڪلاڪ ويٺو انتظار ڪري ٿو اها بہ محبت آهي، ۽ محبت جي ڪابہ حد نہ آهي. مون مائوءَ لاءِ هڪ ڪتاب پئي پڙهيو مائو هڪ سخت ڊسيپلين پسند ماڻهو هو. هڪ رات هڪڙي جهنگ ۾ سينٽرل ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي هئي، اتي لائيٽ جو ڪو بندوبست نہ هو. سخت سيءَ هو هنڌ بسترا ٿورا هئا. جڏهن ميٽنگ شروع ٿي تہ مائو ڪنهن ڳالهہ تي انهن تي سخت تنقيد ڪئي. جڏهن سڀ ساٿي سُتا پئي تہ مائو انهن کي چيو تہ اوهان سمهي رهو مون کي ڪجهہ لکڻو آهي. جڏهن مون کي ننڊ ايندي تہ ڪنهن ساٿي ڪامريڊ کي اُٿاري سمهي رهندس. مائو هنن سان ڪوڙ ڳالهايو مائو سُتو ڪونہ سڄي رات ويٺو رهيو. ڇو

تہ بسترا اڻ پورا هئا. اها بہ محبت آهي ۽ محبت ڪانسواءِ ماڻهو تبديل نٿو ٿي سگهي. محبت جو احساس ماڻهو کي تبديل ڪري ٿو ڇڏي. دنيا جا سڀ وڏا مفڪر، فلسفي، عالم، آرٽسٽ ڏاها، شاعر، انقلابي ۽ سورما سڀ وڏا عاشق هئا. عاشقيءَ جي ڪا بہ صورت نہ آهي، ان جو ڪوبہ مهانڊو نہ آهي، ان جا خد و خال مخصوص نہ آهن. اها ڪائناتي آهي، اها ڪٿي بہ ٿي سگهي ٿي، ڪنهن سان بہ ٿي سگهي ٿي، ڪهڙي بہ رنگ ۾ ٿي سگهي ٿي. ماڻهو بنيادي طور جانور آهي. جانور جي جبلت ڪسڻ آهي، فقط محبت آهي جيڪا ڏيڻ سيکاري ٿي. اهو ڏيڻ بہ ايئن نہ آهي، ان ڏيڻ ۾ خوشي ۽ سرمستي آهي، اهو ڏيڻ اهڙو آهي جنهن ۾ لطف اچي ٿو جنهن ۾ مزو اچي ٿو هڪ ماءُ آهي، اها پنهنجي ٻار لاءِ سڄي رات جاڳي ٿي، پر پيءُ نٿو جاڳي سگهي. پيءُ عاشق نہ آهي پر ماءُ جاڳي ٿي، ان جاڳڻ مان خوش بہ ٿئي ٿي ۽ مزو بہ وٺي ٿي. هوءَ پنهنجي ٻار جي لاءِ جاڳي، محبت جي احساس جي صورت ۾ ان جي پوري قيمت حاصل ڪري ٿي. محبوب جي انتظار مان بہ ماڻهو مزو وٺي سگهي ٿو. هڪڙو انتظار اهڙو آهي جنهن ۾ اچڻ جو آسرو آهي، پر بي آسري، انتظار، لاحاصل محبت جي انتظار مان بہ ماڻهو لطف حاصل ڪري سگهي ٿو ڇاڪاڻ تہ شيون پنهنجي Highest Level تي وڃي طاقت ٻڻجي ويندي ون آهن. جيئن صوفين وٽ خدا جو تصور آهي، لاحاصل انتظار مان فقط محبت ئي مزو وٺي سگهي ٿي.

نيلسن منڊيلا اٺاويهہ سال جيل ۾ رهيو. هو پنهنجيءَ جوانيءَ ۾ جيل ويو هن جي پنهنجي عاليشان زندگي هئي، هو پاڻ بہ وڏو شوقين ماڻهو هو پر هن حق لاءِ سڀ ڪجهہ ٽُڏي ڇڏيو. اها ان جي اخلاقي سطح هئي. هو اٺاويهہ سال جيل ۾ گذارڻ ڪانپوءِ جڏهن آزاد ٿيو تہ پنهنجن ماڻهن کي چيائين تہ گورن سان پاڻ وڙهون ٿا، اڄ ڪانپوءِ ڪير بہ انهن سان نہ وڙهندو، اهي اسان جا پائر آهن. اسان جا شهري آهن. سڀ انسان هڪٻئي لاءِ برابر آهن. اهو ڪو يوڳ نہ آهي، اها ڳالهہ فقط ڪرڻ جي نہ آهي، اهو چوڻ لاءِ بہ ماڻهوءَ کي ڪائنات جيڏي دل گهرجي. حضور ﷺ جن مڪي ۾ ايئن ڪيو. چيائون تہ اسان تي جيڪو بہ ڪافرن ظلم ڪيو آهي، اهو انهن کي معاف آهي، ڪير بہ ڪافرن سان نہ وڙهندو. اها وڏي ڳالهہ نہ آهي تہ هنن ڇا ڪيو اها وڏي ڳالهہ آهي تہ اسان کي ڇا ڪرڻو آهي. اهو اخلاقي معيار آهي. نيلسن منڊيلا بہ سال اقتدار ۾ اچي، شيون ٺاهي، اقتدار ٻين حوالي ڪري ڇڏيو هن وقت هو پنهنجي ڳوٺ ۾ رهي ٿو. محبت جي ڪائناتي تصور ڪانسواءِ ڪوبہ ايڏو وڏو ماڻهو ٿي نٿو سگهي. اهو ان جي محبت جو احساس ايڏو وڏو آهي، اهو ان جي محبت جو دامن ايڏو وڏو آهي، جنهن جي ڪري ماڻهو ايڏا وڏا ڪم ڪري ٿو.

هڪڙو سوال آهي تہ محبت ڇو ايترو وڏو قدر (Value) آهي، ان جو جواب آهي تہ ڪائنات ۾ فقط محبت آهي، جيڪا تخيلقڪار آهي. جيڪڏهن اها ڪنهن جسم

سان محبت آهي تہ اها احساس تخليق ڪري ٿي، جيڪڏهن ڏاهپ سان محبت آهي تہ اها فلسفن کي تخليق ڪري ٿي، جيڪڏهن فطرت کي سمجهڻ ۽ ان کي دريافت ڪرڻ جي محتب آهي تہ اها سائنس کي تخليق ڪري ٿي، جيڪڏهن هڪ آرٽسٽ حُسن سان محبت ڪري ٿو تہ پوءِ مصوري ۽ مجسما تخليق ٿين ٿا، جيڪڏهن آواز جي حُسناڪيءَ سان محبت ٿئي تہ راڳ ۽ موسيقي تخليق ٿئي ٿي، ڪو رقص ڪري ٿو تہ اهو سمجهڻ گهرجي تہ ڪو فرد ڪونہ ٿو نچي، پر اها محبت آهي جيڪا جهومي ۽ نچي ٿي. محبت جي وڏي ۾ وڏي قدرن مان اهو بہ قدر آهي تہ محبت تخليقڪار (Creator) آهي. هر تخليق جو محرڪ فقط محبت آهي، پوءِ پلي اها انقلاب جي تخليقڪار هجي، تنظيمن جي تخليقڪار هجي، آزاديءَ جي تخليقڪار هجي، ملڪن جي تخليقڪار هجي، تحريڪن جي تخليقڪار هجي، نظرين جي تخليق هجي، فڪر جي تخليق هجي، ايجادن جي تخليق هجي، خوابن جي تخليق هجي ۽ ڪنهن بہ شيءِ جي تخليق هجي، تخليق فقط محبت ئي ڪري سگهي ٿي. جيڪو جذبو ۽ قدر تخليق ڪندڙ آهي، اهو ڪيڏو اعليٰ (Superior) هوندو ان ڪان وڌيڪ ٻيو ڪجهہ نہ آهي.

هاڻي ان سڄي پسمنظر ۾ محبت جي ڪائناتي تصور جي حوالي سان اهو ڏسڻو آهي تہ سنڌي سماج جي ان سان نسبت ڪهڙي آهي؟ سنڌي سماج ڪو خاص (Exceptional Case) نہ آهي، جنهن سماج پنهنجي تهذيب جي اوسر ۾ جيڪو سفر ڪيو هوندو اتي سماج جي فردن کي انفرادي توڙي اجتماعي طور ان جا سياسي، سماجي، اقتصادي، ثقافتي، اخلاقي ۽ روحاني حق بہ اوترائي حاصل هوندا. جيڪو سماج پنهنجي ترقيءَ جي هيٺين سطح تي بيٺو هوندو ان کي ڪي بہ سماجي حق مٿين سطح جا نہ هوندا. انساني تهذيب جي اوسر جو فرد جي اقتصادي حقن سان، سماجي حقن سان، ثقافتي حقن سان، اخلاقي حقن سان، ذهني حقن سان ۽ روحاني حقن سان لاڳاپو آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن سڀني حقن جو تعلق سماج سان آهي.

اسان جي سنڌي سماج ۾ ڪارو ڪاريءَ جا واقعا ٿين ٿا، اهي واقعا سنڌي سماج ڪونہ ٿو ڪري، پر اهي انساني تهذيب جو اهو پسمانده ڏاڪو ٿو ڪري، اهي واقعا پسمانده سوچ ڪري ٿي، محبت جي خلاف انتهائي وحشي رويو ڪري ٿو ۽ ان پسمانده ڏاڪي جون علمبردار قوتون ٿيون ڪن، جيڪي محبت جون ويري آهن. ڇو تہ هتي ماڻهن جا سماجي حق پورا نہ آهن، معاشي حق پورا نہ آهن، انهن جا ثقافتي حق پورا نہ آهن، پوءِ هتي ماڻهن کي ڪيئن اخلاقي حق ملندا؟ انهن کي ڪيئن روحاني حق ملندا؟

هن سماج ۾ جڏهن ڪا ڇوڪري محبت ڪري ٿي تہ ان کي اها خبر هجي ٿي تہ ڪيس محبت ڪرڻ جي ڪري پيءُ ماريندو ياءُ ماريندو يا ٻيو ڪو مائٽ ماري

ڇڏيندو نظرن ۾ روين مان سماج مارينده پر پوءِ بہ هوءَ محبت تي ڪري هوءَ نفي تي ڪري انهن سيني روايتن جي. هوءَ نفي تي ڪري پنهنجي سماج جي ۾ چٽي تي تہ مون کي اهو قبول نہ آهي، ان ڪري اها سماجي معنيٰ ۾ انقلابي آهي. ڇو تہ هوءَ حقيقي پيار ڪري ٿي. مان محبت جي مٿانهين مقام جي ڳالھ ٿو ڪريان، جيڪا واقعي محبت آهي، مان ان محبت جي ڳالھ ٿو ڪريان، جنهن ۾ سهڻي پنهنجي مڙس ڏمر کي ڇڏي ميهار سان ملڻ پئي وئي، لطيف سهڻيءَ تي سچو سُر لکيو آهي. ڇا لطيف کي خبر نہ هئي تہ سهڻيءَ کي مڙس بہ آهي، سهڻي پنهنجي مڙس کي ڇڏي، اڇي ميهار سان ملندي هئي. تنهن جي باوجود هن ان تي پورو سُر لکيو آهي. هاڻي ڪو مُلو اُٿي لطيف سان ڪؤنس تہ ڪري ڏيکاري. جنهن ماڻهوءَ محبت نہ ڪئي آهي، اهو حيوان آهي، جڏهن ماڻهو حقيقي محبت (Pure Love) ڪري ٿو تہ ان ۾ ڪنهن بہ بندش ۽ دائري جي ڪا ڳالھ ۽ حد بندي نہ آهي.

مان جڏهن هتي آيس پئي تہ منهنجي طبيعت ٺيڪ نہ هئي پر هن محبت جي موضوع جي ڪري ٺيڪ ٿي وئي آهي. اسان جو ۽ اوهان جو اهو گڏيل فرض آهي تہ اسان سنڌ کي اهڙو سماج ٺاهڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ ان لاءِ پنهنجو پاڻ پتوڙيون جيڪو سماج محبت جو انڪار نہ ڪري سگهي، پر جيڪو سماج محبت کي پاڙون هڻڻ لاءِ سٺي ۽ سنواريل زمين جو ڪردار ادا ڪري سگهي. سنڌ حقيقي طور تڏهن ئي آزاد ۽ باوقار ٿيندي جڏهن ان ۾ محبت ڳيا ڳيا نہ ٿيندي، محبت تي آگر نہ کڄندي، ان تي ڪهاڙيون اُپيون نہ ٿينديون. اسان کي اهڙي سنڌ جي اڏاوت ڪرڻي آهي جنهن ۾ محبت جا تصور حقيقتن جو روپ ماڻين ۽ لطيف جي ٻوليءَ ۾ "ڪيف ڏاران ڪوءِ جيئي ڪو نہ جهان ۾." ڇاڪاڻ تہ محبت شعور بہ آهي تہ احساس بہ آهي، محبت اخلاق بہ آهي تہ ڪمٽمينٽ بہ آهي، محبت حُسن بہ آهي تہ لطف بہ آهي ۽ سڀ کان وڏي ڳالھ تہ محبت انسان جي تبديليءَ جو وڏو روحاني ۽ احساساتي محرڪ آهي. محبت جي احساس کان عاري ماڻهوءَ کان توهان ڪنهن بہ غير معمولي رويي، ڪم ۽ نتيجي جي توقع نٿا ڪري سگهو. ڇاڪاڻ تہ هي واحد جذبو آهي، جنهن ۾ ماڻهو ڏئي ۽ وڃائي بہ خوش ٿيندو آهي ۽ ڪنهن بہ فرد يا سماج جي اخلاقي اوسر لاءِ اهڙو ئي رويو گهرجي. محبت ئي فرد جي خوشي ۽ سماج جي تبديليءَ جو منشور آهي، اها محبت جيڪا ڪائناتگير آهي ۽ جيڪا فرد کي بہ ڪائنات جيترو ئي وسيع ۽ ڪشادو ڪري ڇڏيندي آهي.

(14 فيبروري 2001ع ۾ "ويلنٽائن ڊي" جي موقعي تي سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام جي آڊيٽوريم هال ۾ ڏنل ليڪچر)

E_mail: jami8195@yahoo.com

⊙⊙

# گذريل ٻن ڏهاڪن دوران
# هند- سنڌ ۾ لکيل سنڌي ادب

(Sindhi Literature in the Last Two Decades in India and Across the Border)




هن برصغير جي ورهاڱي بعد، سرحد جي هِن پر، اڄ جي تاريخ ۾ ڪُل ڇهه ڏهاڪا، يعني سٺ سال. اُنهن مان پهريان چار ڏهاڪا، پاڙن کان اکڙجي آيل جاتيءَ لاءِ اول تہ افراتفريءَ وارا رهيا، پوءِ دؤر بہ آيا، ڏارائون بہ جُڙيون؛ ويچار - فڪر، چاهي اَظهار - انيوَ ۾ بدلاءَ بہ ريکانت ٿيا. ليڪن لڳو ساهتيہ - سنسڪرتيءَ جي ورثي جو هي ڀاري بوجهہ سنڀالئي نٿو سنڀالجي.

17_18 مارچ 2008ع تي پارٽ جي سپ کان وڏي پبلشنگ اداري ساهتيہ اڪيڊمي نئين دهليءَ پاران گڏريل ٻن ڏهاڪن دوران لکيل سنڌي ادب متعلق هڪ ٻہ روزه عالمي سيمينار ڪوٺايو ويو. هي سيمينار پنهنجيءَ نوعيت جو پهريون اهڙو سيمينار هو جنهن ۾ هند۔ سنڌ جي ادب تي نهايت سنجيده ۽ تفصيلي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي وئي ۽ سرحدن جي ٻنهي پاسي گذريل ويهن سالن دوران شاعري، ڪهاڻي، ناول ۽ تنقيد ۾ جيڪو ڪجهہ لکيو ويو آهي، تنهن جا اڪثر روشن توڙي اونداها پهلو سامهون آندا ويا. ان بحث/ گفتگوءَ جي نتيجي ۾ ڪئين نوان موضوع بحث لاءِ آڏو آيا تہ ڪيترن ئي سوالن ۽ مونجهارن کي حل ڪرڻ ۾ مدد ملي. هن کان اڳ هند ۾ سڏايل اڪثر سيمينار يا ڪانفرنسون سيمينار گهٽ، جلسا وڌيڪ محسوس ٿيا آهن. جڏهن تہ هيءَ صحيح معنيٰ ۾ هڪ علمي محفل هئي، جنهن ۾ اڪثر ڳالهائڻ وارن ذاتي ڳالهين کان وڌيڪ موضوع بابت چاڻ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن تہ خوبصورت شاعر، ساهتيہ اڪيڊميءَ جي ميمبر ۽ هن سيمينار آرگنائيزر واسديو موهي سيمينار کي سطحي ڳالهين جو شڪار ٿيڻ کان بچائڻ ۾ گهڻيءَ حد تائين ڪامياب ٿيو. سنڌ مان هن سيمينار ۾ امداد حسينيءَ وائي، شوڪت حسين شوري ڪهاڻيءَ، ڊاڪٽر فهميده حسين تنقيد، تاج جويو نثري نظم، اياز گل غزل ۽ اسحاق سميجي ناول بابت پيپر پڙهيا. جڏهن تہ هند مان هيري شيوڪاڻيءَ تنقيد، لڇمڻ ڪومل غزل ۽ نثري نظم کان سواءِ باقي شاعري، نامديو تاراچنداڻي نئين ڪويتا، واسديو موهي غزل، ڪلا پرڪاش ناول ۽ لکمي کلاڻي ڪهاڻيءَ تي پنهنجا پيپر پيش ڪيا.

پيش ڪيل هر هڪ پيپر تي هڪ هڪ ليکڪ کان تبصرو پڻ ڪرايو ويو جنهن سان موضوع جي رهيل ۽ کٽل پاسن جو گهڻي حد تائين پورائو ٿي ويو. اسان جي خواهش هئي تہ هن سيمينار ۾ پڙهيل سمورا پيپر "سارنگا" ۾ شايع ڪجن ها تہ جيئن گذريل ٻن ڏهاڪن جي سنڌي ادب متعلق سمورا ويچار ۽ رايا سنڌ جي سنڌي پڙهندڙن تائين پهچي سگهن ها. پر ڪي پيپر ملي نہ سگهيا تہ ڪي وري وقت جي گهٽتائيءَ سبب ڪمپوز ڪرائڻ ممڪن نہ رهيا. تنهن ڪري هن پيري خاص ورقن ۾ في الحال هي ٽي پيپر ۽ هن سيمينار جون ڪجهہ تصويرون پنهنجن پڙهندڙن سان شيئر ڪري رهيا آهيون.

- ايڊيٽر



# گذريل ٻن ڏهاڪن (1985_2005) ۾ ڀارت ۾ سنڌي تنقيد: لاڙا ۽ پرورتيون

پروفيسر هيرو شيوڪاڻي

ڪاروان گذرگيا (گذر رها) غُبار ديکتي رهي.... نہ دؤر نہ ڌارائون، نہ فيصلاڳُن موڙ ۽ نہ ڪي سنگِ – نشان. بس ڪي پرورتيون، ڪجھ لاڙا اسين گذريل ٻن ڏهاڪن جي تخليقي ادب ۽ تنقيد جي ڪجھ وراثت!

هي اسان جو ڪاروان، هونئن تہ ڊگهي سفر جو هو. تاريخدان چون ٿا تہ دنيا جي چند قديم ترين تهذيبن مان هڪ سنڌو سڀيتا جا اسين وارث آهيون. تهذيب، تمدن، ادب ۽ آرٽ جي هڪ بيش قيمتي وراثت هئي هِنن ڳُلهن تي، ليڪن سڀ ڪجھ گذري ويو. هن برصغير جي ورهاڱي بعد، سرحد جي هِن پر، اڄ جي تاريخ ۾ ڪُل ڇھ ڏهاڪا، يعني سٺ سال. اُنهن مان پهريان چار ڏهاڪا، پاڙن کان اکڙجي آيل جاتيءَ لاءِ اول تہ افراتفريءَ وارا رهيا، پوءِ دؤر بہ آيا، ڌارائون بہ جُڙيون: ويچار – فڪر، چاهي آظهار – انيوَ ۾ بدلاءَ بہ ريکانت ٿيا. ليڪن لڳو ساهتيہ – سنسڪرتيءَ جي ورثي جو هي ڀاري بوجھ سنڀالئي نٿو سنڀالجي. ساهتيہ سرجڻ جا ساھ پراڻ : انيوَ مشاهدا ۽ احساس ونڙجڻ، مُنجهڻ لڳا آهن. ساهتيہ سمالوچنا جي لوچ، تشريح، گهرو ڏِسڻ، ڏيکارڻ شايد غبار ۾ ڏنڌلائجڻ لڳو آهي- تہ پوءِ....

تخليقي ڏات مان سپجندڙ هيءَ ڏِسڻ جئن تخليقي ادب جي معيار لاءِ لازمي آهي، تئن يا شايد، خارجي ذهني اُميدن لاءِ، سمالوچنا لاءِ تهائين وڌيڪ. لازمي هوندو آهي. مگر ڇا ڪجي، جڏهن هي لوچڻ بہ وقت گذرنديءَ دُرلڀ ٿي رهيو هجي، تڏهن سموريت ۾ سمالوچنا ڇا هونديءَ اندازو تہ لڳائي ئي سگهجي ٿو. بس پنهنجي ڊگهي تمدني امانت جي پسمنظر ۾ البت هڪ حسرت آهي، جا اڃا بہ ڇڏينديءَ دل نٿي ڇڏي!

تازو هنديءَ جي هڪ ادبي رسالي ۾ سمالوچنا جي حوالي ۾ هڪ راءِ تي نظر پيم. هنديءَ جي هڪ اهم شاعر ۽ تنقيدنگار ترلوچن سنگھ جي ڪويتا جو هڪڙو ٽڪرو آهي:

ٻڌايو! اُنهين دنبدو
جو لوگ ديکتي نهين هين
اور کهتي هين، ديکتا هون.
(واگرث، فيبروري 2008ع)

چيم نہ اسان جو اُن طرح جو ڏسڻ تہ تاريخ جي ڪاروان گذري وڃڻ جي غبار جي زَد ۾ اچي ويو آهي. پوءِ بہ 'ڏسان ٿو' جو ضِد تہ قائم آهي!

۽ وري ڏنڊ ڪهڙو! ڪير ڪنهن کي ڏئي؟ اسان وٽ تہ رچناڪار بہ اسين آهيون، تہ سمالوچڪ بہ پاڻ.

ها، اول جي چئن ڏهاڪن ۾ هڪ ڳُهني، شاهوُڪار ٻولي ۽ ساهتيہ جي پس منظر ۾ نوجوان ٿهين جي فن ۽ اُمنگ سان، تازو ئي آزاد ٿيل ملڪ جي آشائن، آڪانڪائن، هڪ طرف ورهاڱي جي گهِري درد سميت، اردگردَ جي ڀارتيہ ٻولين جي ساهتيہ جي اپياس ۽ ولوڙ ادب ۾ دوڙ بہ آندا، ڌارائون بہ لهرايون. تنقيد گهِري وياکيا، وويچن جون بلنديون بہ ڪجهہ پسايون. اول ترقي پسندي (مارڪسوادي فلسفي مان اُمنگيل)، پوءِ اُن جي پرچاري پمفليٽي زور سان گڏ نهايت ڪمزور تخليقي پٽيرائيءَ جي خلاف، ٻين ذهين، تخليقي ڏات سان سرشار جوان ٿهيءَ بغاوت ڪئي. نظرياتي ڪشمڪش پروان چڙهي. وري گذريل صديءَ جي سٺين ڏهاڪي ۾ وڏي پيماني تي ڀارتيہ ادب ۾ جديديت جو جيڪو جولان برپا ٿيو تہ ٽين پيڙهي بہ اُفق تي ابري آئي. هڪ طرف عالمي ادب جي اپياس جون ڳڙڪيون کليون تہ ٻئي طرف آزاد ديشن ۾ پاليل اُميدن ۽ انسنن جي ناڪاميءَ موهہ سڀ ڀڄي ڀوري وڌا. اِن پيڙهيءَ اهڙن ولولن جو سڏ اونايو. سنڌيءَ ۾ بہ نئين ڪهاڻي، اڪهاڻي، نئين ڪويتا، نئون ناول، نئين تنقيد تيز ترار سرجڻ سان اِستاپت ــ قائم ٿي.

ليڪن، اُن بعد ايڪڙ ٻيڪڙ آپوادن ٿي، نئين نڪور پيڙهي آئي ئي ڪانا پنهنجي ٻولي، پنهنجي زبان ئي هٿ جي وٿين مان کسڪڻ لڳي آهي. اِئين ناهي تہ هن وسيع گلوبلائيزيشن، مارڪيٽ فورسز اِقتصادي سڏارن سان دوبدو هن ڀارت جي هڪ سئو ڪروڙ پلس باشندن ۾ باوجود هڪ مائيڪرو اسڪوپڪ ٻوليائي سنڌي جاتيءَ ۾ اِها نوجوان پيڙهي آهي ئي ڪونہ! پنهنجي تعداد جي نسبت ۾ اسانجي اِها نوجوان پيڙهي، ملٽي ڊائمينشل ڏات ۽ ڏانوَ جا جوهر پسايا آهن. ليڪن اُها پنهنجي ٻولي، پنهنجي ساهتيہ کان ئي بي مُک ٿي ويئي آهي. هيءَ صورت حال لڳ ڀڳ اُن نقطي تان نظر اچڻ لڳي آهي، جنهن تان ڪم و بيش، گذريل ٻن ڏهاڪن جي هن پوتاميل ۾ مونکي، اسان کي داخل ٿيڻو آهي. ۽ دلچسپ ڳالهہ اِها آهي تہ هيءَ ايڪويهين صدي پوسٽ ماڊرن، ڪلاچيتنا، لٽرري آرٽ جون ڪيئي للڪارون ميسر ڪري رهي آهي.

ها بچيلَ سچيلَ اِنهن گذشته تنهي پيڙهين جا شاعر، افسانه نگار، تنقيد نگار عادتن سرگرم آهن. سنڌي زبان هن لوڪشاهي، رعيتي راڄ واري ملڪ جي جوڙجڪ ۾ تسليم ٿيل قومي زبان آهي. سرڪارين جو سمرٿن به آهي، اِن ڪري يا اِن جي باوجود ڪتاب شايع ٿي ورهائجي رهيا آهن. البت پڙهڻ وارو عام پاٺڪ ندارد.

ان حوالي ۾ هن مقالي جي هوم ورڪ لاءِ، جڏهن گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ شايع ٿيل تنقيدي ڪتابن کي گڏ ڪيم ته هڪ خوشگوار حيرت مون کي جڪڙي ورتو. ڪهاڻي، ناول، غزل، ڪويتا جي ڳالهه ته نيڪ، پر تنقيد جهڙي خشڪ ذهني ڪسرت ۾ گنڀير اپياس جو هي پستڪ پنڊار، واقعي ڪرشمو لڳو.

پنهنجي هِن طائرانه اپياس ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ، بطور هڪ رڪارڊ – وري شايد اهڙو ٻيو موقعو اچڇي اچي، الائي نه هيءُ فهرست ڏسو - جنهن جي اِردگرد، منهنجي هيءَ گفتگو رهندي:

(1) بدلجندڙ دؤر ۾ تنقيد (2000) آنند کيماڻي

(2) ڪندن جي سڳنڌ (2004) آنند کيماڻي

(3) چنڊ چاڙهه (1995) ستيش روهڙا

(4) ڪوتا کان ڪوتا تائين (2000) ستيش روهڙا

(5) ڪٿا کان ڪٿا تائين (2002) ستيش روهڙا

(6) سرجن ساهتيه (2005) ستيش روهڙا

(7) ٻُڙي ٻه ٻڙيون (ڪويتا جا تضاد – مضمون) (2001) هريش واسواڻي

(8) ڪويتا (تنقيدي مقالا) (1988) پريم پرڪاش

(9) ڳالهه شاعريءَ جي (2006) واسديو موهي

(10) سنڌي ڪٿا ساهتيه (2004) نامديو تاراچنداڻي

(11) لپ پر مهراڻ (1997) ريتا شهاڻي

(12) جاڻي، ته به نه جاڻ (2004) نند ڇڳاڻي

۽ منهنجا پنهنجا چار تنقيدي ڪتاب:

(13) نقط نظر (1992)

(14) لوڪ لهوارو وهي، تون اوچو وهه اويار (2003)

(15) سرجن جو سنڪٽ ۽ سنڌي ڪهاڻي (2005)

(16) سنڌي ناول ڪنگهري ۾ (2007)

بهرحال، منهنجي ڪوشش اِها رهندي ته سنڌي تنقيد جا ڪي نمايان تيور، ڪجهه گهرو نقط نظر، ڪي تري ٻيهندڙ آواز هنن ٻن ڏهاڪن جي آس پاس هجن، اُنهن جي نبض تي آڱر رکندو رهان.

ستين ڏهاڪي ۾ نئين ڪويتا جي مکيہ بانيڪار هريش واسواڻيءَ جي معتبري هڪ ذهين نقاد مفڪر طور رهي آهي، مگر 2001 ۾ هن جو هڪڙو ڪتاب 'ٻڙي ۽ ٻڙيون' (عنوان معنيٰ خيز آهي) شايع ٿيو. اُن ۾ وهنوارڪ سمالوچنا بجاءِ، ڪويتا نسبت اصليت پرئي فڪر ۽ فهم هڪ آغازي نقطي طور مون کي ڪافي اُتساهيو آهي.

"مهرباني ڪري مون کان نہ پڇندا تہ ڪويتا ڇا آهي؟ مان ڪونہ ٻڌائي سگهندس. سچ ۽ ڪلپنا، ٻئي؟ ويگ ۽ ڀاو شمن، ٻئي؟ رس ۽ وکر – اُڪتي، ٻئي؟ ڇند – اڇند، ٻئي؟" اِنهن جو ڪو ڪوشش زده سماڌان ڪرڻ کان بچندي هوُ جوڙي ٿو.

1913ع ۾ هڪ آمريڪي شاعر لڳ ڀڳ رڙيون ڪري چوڻ لڳو: جيستائين لفظ لفظ جي ڪيمسٽريءَ جي ڄاڻ ڪانہ ٿي پوي، تيستائين ڪوئي ڪونہ ٻڌائي سگهندو تہ آخر ڪويتا آهي ڇا؟

ليڪن هريش واسواڻيءَ جي ڪوي – شخصيت ۾ براجمان مفڪر آلوچڪ هار تہ قبول ڪونہ ڪندو. اِن ڪري ٻيو نہ تہ ڪويتا ۽ اُن جي پاٺڪ جو رشتو تلاشيندي، هُو اِن مضمون ۾ چوي ٿو:

جڏهن
شاعر کي خود خبر ڪونہ هوندي آهي تہ هوُ ڪويتا ۾ ڇا چئي رهيو آهي،
تڏهن
پڙهندڙ محسوس ڪري وٺندو آهي تہ هو ڇا چئي رهيو هوندو.
جڏهن
شاعر کي چڱيءَ طرح ڄاڻ هوندي آهي تہ هو ڪويتا ۾ ڇا چئي رهيو آهي،
تڏهن
پاٺڪ اِن انيو کان قاصر رهجي ويندو آهي تہ هوُ ڇا چئي رهيو آهي.
پر ڪڏهن ڪڏهن

ڪويءَ جي ڄاڻ – اڄاڻ کان سواءِ پاٺڪ پنهنجو ڪوئي نوٽ اسٽرائيڪ ڪري وٺندو آهي.... تڏهن ڪويتا – ڪويتا بنبي آهي.

غور طلب آهي تہ لفظ لفظ جي وچ ۾ هيءَ ڪيمسٽري ۽ هڪ سمرٿ ڪويءَ وٽان، اُن جي پيچيدگيءَ جي قبوليت، مان وسهان ٿو ساهتيہ سرجن کي ڏسڻ، ڏيکارڻ جو ما مرو ڪويتا سان گڏ ٻين شاخن ۽ صنفن بابت تنقيد جو اهم مامرو آهي. چوڻ جو گهٽو ضرور تہ ڪو نہ ٿو رهي تہ ساهتيہ سمالوچنا جو هي سنگهرش، نسبتي طور، گذريل صديءَ جي انت کان اڳ، مشهور فرينچ مفڪر ۽ تخليقي ادب جي وياکيا ۾ اڳري ژاڪ ديريدا جي سڌانت – ميٿڊ جي پيچ گهڙ (Deconstruction) طرف چٽو اشارو آهي. ادب ۾ لفظ ۽ معنيٰ جي اِن راز کي ممڪن حد تائين سلڻ، اُن جي اِظهار جي مؤثر بنيادن جي نشاندهي ڪرڻ، لڪ ڇپ جي ڪيمسٽريءَ کي ڊي ڪوڊ ڪرڻ نئين تنقيد جي اهم تشويش آهي.

اِن حوالي مان ڪي مفڪر هريشن واسواڻيءَ جي اُصولي ۽ وهنوارڪ تنقيد ۾ رچنا جي اِظهاري مرحلن ۾ سمايل معنيٰ ۽ جمالياتي حِظ ڪي وياڪيا سان ڳولهڻ جي چٽپٽاهٽ جا ڪيئي اِشارا ملن ٿا. جيڪي گهٽو ڪجهہ اڻ چپيل ۽ بعضي تضاديہ بہ لڳن ٿا. فڪر ۽ وهم جا اهڙا مظهر پُرڪشش تہ آهن. ليڪن اِهي هُن جي تنقيد جي قوت کان وڌيڪ، اُن جي حد بہ ٻڌجي ٿا وڃن. اِن حوالي مان سنڌي ڪويتا جي اوک ڏوک ۾ ذڪر ڪيل ڪتابن کي جيڪڏهن ڌيان ۾ آڻجي ٿو تہ آنند کيماڻي، ستيش روهڙا، واسديو موهيءَ جي تشريح ۽ ميچتائون بہ ڌيان طلب آهن.

آنند کيماڻي، خود نئين ڪويتا جو تيزترار پريڪٽسنگ ڪوي هئڻ کان علاوه، عالمي ادب جو سنجيده اپياسي، خود ساختہ نمائندي جي حيثيت ۾ ڪافي ناموس حاصل ڪري سگهيو آهي. پنهنجي ڪتاب "بدلجندڙ دؤر ۽ تنقيد" ۾ هڪ هنڌ هوُ خؤفناڪ ايمانداريءَ سان قبولي ٿو: "ديريدا جي رد - تشڪيل (Deconstruction) جي پس منظر ۾ اڳ آيل سڄي آلوچنا، گويا رد ٿي ٿي وڃي. مان پنهنجي تنقيد تنقيد کي اِن جو اپواد نٿو مڃان. منهنجون خود جون استاپنائون حيرتي انداز ۾ ڇيهوُن ڇيهوُن ٿي پيون آهن. .... پر پوءِ ديريدا جي ٿيوريءَ (Theory) مون کي تضادن جو احترام بہ سيکاريو آهي."

هُن جي ٻئي تنقيدي ڪتاب "ڪنڊن جي سڳنڌ" (2004) ۾ وهنوارڪ ڪويتا سمالوچنا ۾ بہ ليکہ (1) موهن ڪلپنا جي ڪويتا سنگرهہ جهاز جي ڊيڪ تي بعنوان "ڪويہ سچ پر زندگيءَ جي فتوا نہ ٻڌبو" ۽ (2) "تازه ترين سنڌي ڪويتا ۾ نئين سينسيبلٽي" اهميت وارا آهن. پهرئين تبصري ۾ هو موهن ڪلپنا کي مثالن سان پوسٽ ماڊرن ڪويءَ جي روپ ۾ بيهاريندي چوي ٿو .... "هند ۾ نارائڻ شيام نفيس ۽ مٺي مٺي درد جون انجيڪشنون پائڪن کي هٽي رهيو هوُ ۽ سنڌي ادب ۾ مرڪزي چبوتري تي بيهي ديش پڳتن جي ٽولي لال جهنڊي کي سلامي ڏيئي رهي هئي، تڏهن موهن انجمن پرمپراوادين کي اورانگهي، سنڌي ڪويتا ۾ هڪ ہٺو جمپ ڏنو نئين ڪويتا کان پوءِ جي پوسٽ ماڊرن ڪوتا لکي." چوڻ جي ضرورت ناهي، تہ هُن جيءِ اِن قسم جي استاپنائن سان پوريءَ طرح شامل راءِ نہ بہ ٿجي، کيماڻيءَ جا، سمالوچنا جي گهري پاٺ (Text) ۽ معنيٰ جي انڪشافن جا نمونا آهن. چاهي پوسٽ ماڊرنزم-بعد جديديت – جا لاڙا سنڌي ادب يا سمالوچنا ۾ گهٽو ٿٽو هاڻي آيا آهن – ٻي ڪاٻہ ڏارا يا دؤر نہ هئڻ جي حالت ۾-پنهنجي ٻئي مقالي ڪويتا ۾ نئين سينسيبلٽي ۾ بطور سمجهاڻيءَ جي. هوُ عالمي ادب ۾ جديديت ۽ ان کانپوءِ "بعد جديديت" جا مکيہ پڙاو ڏيکاري، هڪ اُپيوگي ڪارج سر انجام ڪرڻ سان گڏ، سنڌي ڪويتا ۾ آيل نئين احساس ڌاريءَ کي مؤزون مثالن سان مؤثر انداز ۾ ريکانڪٽ ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي.

اِن نسبت ۾ ڊاڪٽر ستيش روهڙا جو ڪتاب "ڪويتا کان ڪويتا تائين"

(2000) نئين ڪويتا سان گڏ مؤزون شعر و شاعريءَ جي وياڪيا ۾ ڇيد ۾، چونڊ ڪويتا سنگرهن جي ڪتابي سمالوچنا ۾ نرالي سطح جوڙي ٿو.

هوُ ڪويتا سرجن (لفظ لفظ جي ڪيمسٽريءَ) جي پيچيدگين کي نهايت ئي سولي انداز ۾ چوڻ کپي، لڳ ڀڳ 'ڪلينيڪل' ميٿڊ سان ڪويتا جي موضوع، اُسلوب ۽ زبان جي باريڪين جا، ذري گهٽ، ٽوپا اُڌيڙيندي، آتم وشواس سان، مذڪوُر ڏسڻ- ڏيکارڻ جو مخصوص ڪرتب ڪري سگهيو آهي. ستيش روهڙا جي تنقيد جي مان پانيان ٿو، اِها الڳ سڃاڻ آهي. ڪنهن بہ ويچار ڌاري، فڪري مڪتب وغيره ڏانهن مائل ٿيڻ کان بچندي، هوُ مُلهہ ڪٿ کان بہ ممڪن حد تائين پرهيز ڪندي، ڪويتا جو ڇيد – وڇيد ڪرڻ جي اَديت قوت رکي ٿو.

ليڪن ساهتيہ سمرچنا (Literary Structure) جي اِظهاري پيچيدگيءَ کي Q. E. D جي طرز تي حل ڪرڻ الڳ ڳالهہ آهي، سرجن – سمالوچنا کي خود ۾ ايترو سولو سمجهي هلڻ، هُن جي تنقيد جي ڪمزوري آهي. اِهو ئي طور طريقو کهاڻي ناول جي ڪتابي سالوچنا واري هُن جي بئي ڪتاب "ڪٿا کان ڪٿا تائين" ۾ بہ ساڳيو آهي. پوءِ بہ مان ڊاڪٽر ستيش روهڙا کي مبارڪون ڏيڻ چاهيندس تہ سمالوچنا لاءِ ازحد ضروري همدرديءَ (سهرديتا) کان ڪم وٺندي، هن سموري All Inclusive ڪتابي سمالوچنا ۾ هوُ ادب جي قدرن جي گهري بصارت ڏيکاريندي، فراخدلي نٿو ڏيکاري

اِن جي برعڪس، خود نئين ڪويتا جي برک ڪويءَ طور مڃتا حاصل ڪري – پوءِ غزل جهڙي روايتي مگر سدا بهار مؤزون صنف غزل ۾ بہ ادائگيءَ جا نرالا انداز ۽ جوهر ڏيکارڻ طرف مڙي – شري واسديو موهي پنهنجي آلوچنا پستڪ "ڳالهہ شاعريءَ جي" ۾ فراخدلي ۽ شائستگيءَ جو قائل لڳي ٿو. هڪ هنڌ، بوُڪ رويوُ ۾ (ص 37) هوُ غزل جي زبان ۾ Oxymoron (تضادي لفظي جوڙن) جي استعمال جي حوالي ۾ چوي ٿو: "اِظهار جا ڍنگ بدليا آهن، مواد ۾ رخ بدليا آهن ۽ اِهي اهم ڳالهيون آهن. اِهي ساهت جي شاهوڪار ڌارائن (trends) جُون ضامن آهن. ايندڙ ڏهاڪي ۾ ٿي سگهي ٿو اجا بہ نوان نمونا، نيوُن سمتون ملن. زمين کي هڙبڙي ۾ ٽيڪم سان کوٽي اجائي پکيڙ ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي، صبر سان ڊِرِلِ ڪريون، پاڻي ضرور نڪرندو ۽ پاڻيءَ مان ئي ڌارائون ڦٽنديون آهن."

ڪويتا سرجن طرف هيءَ سولي سمجهہ - سمجهداريءَ ۽ لفظي جوڙن وسيلي ڊِرِلِ ڪري، ڌارائون ڪيڏڻ جا امڪانات ۽ اُن بابت هي آشاواد گهٽ ۾ گهٽ منهنجيءَ سمجهہ کان ٻاهر آهي. اِن حوالي ۾ مان اِهو ڄاڻڻ بہ چاهيندس تہ گذريل ڏهاڪي ڏيڍ کان، اسان وٽ غزل تي قلم آزمائي، تغزل جو ٻا ڪوشش رنگ پرڻ، Oxymoron جو پريوگ، محض قافيي رديف ۾ نرالن تجربن جي جنهن نموني واڌ آئي آهي، اُها،

همعصر زندگي، اِنساني چيتنا جي بهوُ سمتي للڪارن کي تخليقي انيوَن جي چٽپٽاهٽ جي اردگرد ڪهڙي جائزگي ۽ وابستگي تا ڏيڪارين؟

ميجي ٿو غزل جي صنف، اڄ بہ هڪ مخصوص احساس داري، خيال جي نزاڪت کي، نئين چيتنا سان ڪنهن حد تائين نباهيندي، اِظهار جي آفريني آڻي ٿي. اڄ بہ چڱين ڀارتيہ ٻولين ۾ اُردوءَ سميت غزل لکجي پيو. ليڪن مان سمجهان ٿو غزل جي مقرر بندش ۾ ٿورو هوم ورڪ ۽ رياض ڪري، ٻن ٻن مصرعن جي پاڙ ۾ مڪمل شعر ۾ ڪنهن چتر بيانيءَ سان، اسان وٽ جيترو آسان ۽ عام بڻايو پيو وڃي، اُن تي غور ڪرڻ جي درڪار آهي. ڪٿي اِئين تہ نہ آهي تہ سنڌي ادب ۽ شاعريءَ ۾ نئين نوجوان ٿهيءَ جي عدم مؤجوگيءَ ۾ اسان جي تخليقي قوت جي سوڙهي ٿيندڙ زمين جي صورتحال کي، نام نهاد قافيي، رديف جي تجربائي چمتڪار ۾ ڍڪڻ، بنا اُن جي محدودگيءَ کان روشناس ٿيندي، هيءَ هڪ قسم جي فراريت هجي. جڏهن تہ اڄ ايڪويهين صديءَ ۾ ٻين ڀارتيہ ٻولين ۾ جيڪا ڪويتا، ڪهاڻي، ناول لکجي رهيو آهي، اُن جو مزاج بنهہ الڳ آهي.

هيءَ سوڪالڊ فراخدلي، ٿوري ۾ هڪ ٻيءَ ڳُنڊتان بہ ڏسجي – گذريل ڏيڍ ٻن ڏهاڪن ۾ گلوبلائيزيشن، مارڪيٽي چٽاپيٽيءَ ۽ مالي سڌارن جي وهڪري ۾ هڪڙو نرم ليبرلائيزيشن (اُداري ڪرڻ) خوب ڪيايو آهي. هڪ طرف اِن All Inclusive ساهتيہ کي حاشيہ ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي تہ ٻئي طرف مفاد پرستيءَ واري چٽاپيٽيءَ ٻين ڀاشائن جي قيمت تي، هڪ عالمي زبان ۾ ، ادب کي بہ خريد و فروخت جي جنس ۾ بدل، ائڊوانس رائلٽي جي سٽيين رقمن جي آڇ سان چمتڪار ڇڏيو آهي (مهرباني ڪري، فيبروري 11، جي انگريزي مخزن ”آئوٽ لُڪ“ جو شمارو ڏسو).

مان اِهو تہ ميجان ٿو تہ تنقيد ۽ تنقيد نگار همدرديءَ ۽ اِنساني وويڪ جو پلاند ڪونہ ڇڏيو آهي، اِهو اُن جو بنيادي عنصر آهي. ليڪن اڄ جيڪي فورسز گلوبل وليج ۾ بدلجندڙ هن ڌرتيءَ تي اِنساني جيون ۽ چيتنا لاءِ جيڪي سوال ۽ مسئلا خلقي رهيا آهن، تن طرف ٻئي گيان وگيان جي ذميوارين جي ڳالهہ پاسيري رکي، ساهتيہ ڪلا جي سروڪارن ۾ فراخدليءَ بجاءِ هم – احساس ۽ وويڪ جي سڌ ٻڌڻ جي وڌيڪ لوڙ آهي. ٻيو ڪجهہ بہ نہ مان اِئين وسهان ٿو ساهتيہ جي ذات، بس پنهنجي ڳالهہ چئي، ويهي رهڻ جو نالو آهي.


خير، ذڪر هيٺ آيل اِنهن مُدن کان سواءِ يا اُهي بہ جن، ڪتابن جي فهرست اڳيان ڏني اٿم، سڀ قطار ۾ آهيون. منهنجيءَ هن گفتگوءَ ۾ ’سنڌي ڪٿا ساهتيہ‘ جي ڪلوز ريڊنگ ۾ همعصر ڪهاڻي ۽ ناول کي ڏسڻ وارو پروفيسر نامديو تاراچنداڻيءَ جو ”پرڪاش مان ڏيئو“ بہ قطار ۾ آهي. هريڪانت جي وڏ واتي سياسي ڪويتا (ننگا آواز) جي ڪيمسٽري ڏسڻ وارو پريم پرڪاش بہ تہ ’لپ پر مهراڻ‘ ۾ ڪافي حد تائين

سرحد پار جي ادب جو معائنو ڪندڙ ريتا شهاڻي به- يا اول اول سنڌي ساهتيه جي وديارٿيءَ طور جڙيل ۽ پوءِ ڪن معتبر ادبي رسالن جي سمپادڪ طور لکيل ساهتيه جا جائزا (ڇاڻيـن تـ بہ، نـ ڇاڻ) ۽ تکا مٺا تاثرات لکندڙ نند چڳاڻي به قطار ۾ آهي. هُن جي پبلشر، ان ڪتاب ۾ چڳاڻيءَ بابت، سنڪيت ۾ چيو آهي "شري نند چڳاڻي هڪ ڏيئو آهي، جنهن ۾ تيل بہ آهي تہ وٽ بہ آهي. باقي هڪ تيلي ۽ تيليءَ وارو هٿ هجي."

آخر ۾ مان پنهنجي سمالوچنا لاءِ ايترو چوڻ چاهيندس (ڪنهن بہ نماڻائيءَ کان سواءِ) تہ سنڌي ساهتيه جي، خاص طور ڪٿا ساهتيه ڪهاڻي، ناول جي موضوعن سان گڏ تخليقي مُلهن ماڻن، اُن جي ڀاشا، اظهاري قوت يا ڪمزوري سئوندر يوڌ، توڙي ادب جي انساني سروڪارن کي ڳوليو آهي يا اهڙي ڪوشش ڪئي اٿم. اِن معاملي ۾ اِهو اُداريڪرڻ، فراخدلي، اجا تہ منهنجي ساهتيڪ سوچ، دلچسپي ۽ اڀياس ۾ مُون لاءِ ايڪسٽرا لٽرري ڪنسيپٽ آهي.

⊙⊙

> ڪي ڪتاب رڳو پڙهبا آهن، ڪي چباڙي ڦٽا ڪبا آهن. ڪي ورائي ورائي پڙهبا آهن ۽ ڪي هيئين سان هنڍائبا آهن. (بيڪن)



# سرحد پار سنڌي ڪهاڻي گذريل ٻن ڏهاڪن ۾

شوڪت حسين شورو

**سنڌي ڪهاڻي** سنڌ ۾ جيڪا گذريل صديءَ جي آخري ٻن ڏهاڪن ۾ لکي وئي آهي، ان تي ڳالهائڻ کان اڳ ضروري آهي تہ ٿورو پوئتي بہ سنڌي ڪهاڻيءَ تي هڪ اڇاتري نظر وڌي وڃي. ان پس منظر بيان ڪرڻ سان موجوده دور جي سنڌي ڪهاڻيءَ کي سمجهڻ ۾ مدد ملندي نندي ڪنڌ جي ٻين ٻولين ۾ لکجندڙ ڪهاڻين وانگر گذريل صديءَ جي 40 ۽ 50 وارن ڏهاڪن ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ تي ترقي پسند ادب جي تحريڪ جي ڇاپ هئي. ان اثر هيٺ سوشل ريئلزم جي ناليءَ ۾ جيڪي ڪهاڻيون لکيون پئي ويون، تن ۾ حقيقت پسنديءَ جو فقط هڪڙو رخ پيش ڪيو ٿي ويو. انهيءَ دور ۾ ڪهاڻي، ناول ۽ شاعريءَ کي طبقاتي نظام بدلائڻ جو وسيلو سمجهيو ٿي ويو. هن دور ۾ زرعي سماج جي ٻهراڙي، ماحول ۽ ڪردارن کي وڏيڪ چٽيو ويو. 60 جي ڏهاڪي ۾ آيل ٿهيءَ جي ڪهاڻين تي سوشل ريئلزم جو اثر قائم رهيو. البت اهو ٿيو تہ انهن ڪهاڻيڪارن جي ڪا نظرياتي وابستگي نہ هئي، ان ڪري سندن ڪهاڻين ۾ حقيقت نگاري خاص موضوعن تائين محدود ڪانہ هئي. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ٻهراڙي ماحول سان گڏ شهري ماحول کي بہ آندو ويو ۽ پيار جي نفيس جذبن تي پڻ لکيو ويو.

70 جي ڏهاڪي سنڌ جي حالتن ۾ وڏو ڦيرو آندو. ان سنڌ جي سماجي زندگيءَ تي هاڪاري توڙي ناڪاري ايترا گهرا اثر وڌا جو سنڌ جي زندگيءَ ۾ گهڻيون تبديليون اچي ويون. سماجي، اقتصادي ۽ نفسياتي طور زندگيءَ جي رشتن ۾ وڏي ڦيرڦار آئي. هڪ طرف سنڌ جي ٻهراڙن ۾ رهندڙ سنڌي بهتر روزگار جي تلاش ۾ شهرن جو رخ ڪرڻ لڳا، جنهن سان وڏي پئماني تي ٻهراڙن مان شهرن ڏانهن لڏ پلاڻ ٿي، تہ ٻئي پاسي سنڌ جي امن ۽ سڪون وارن ٻهراڙن ۾ ڏاڙيلن سبب بدامنيءَ جو هڪ ڏکيو سلسلو شروع ٿي ويو. ٽئين پاسي وڌندڙ ڪميونيڪيشن جو اثر سنڌ تي بہ پيو. هي

اهو دور هو. جڏهن سڄيءَ دنيا ۾ هڪ وڏي اٿل پٿل هئي ۽ ادب ۾ نوان لاڙا اچي چڪا هئا. جيڪي دير سان سهي سنڌي ليکڪن تائين پهتا هئا. سنڌي سماج ۾ ٿيندڙ سڄي پيچ ڏاهه، مونجهارن ۽ آدرشن جي ٽٽڻ کي سنڌي ڪهاڻي پاڻ ۾ سمايو.

سنڌ ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ جي ستين ڏهاڪي ۾ هڪ اهڙي نئين ٿهي آئي، جنهن ساهتيہ رچنا جي روايتن کي ٽوڙيو. هنن ترقي پسند ادب لکڻ واري ٿهي توڙي ان کان پوءِ آيل ٿهيءَ جي نہ رڳو فارم ۽ اسٽائل کان بغاوت ڪئي، پر ان لحاظ کان بہ تہ انهن جي ڪهاڻين ۾ رڳو خارجيت هئي ۽ اهي انساني من جي پيچيدگين کي چٽڻ واري تخليقي سگهہ کان قاصر هئا. مشتاق شورو، مانڪ، شوڪت حسين شورو، علي بابا ۽ انهن کان پوءِ آيل مدد علي سنڌي، ممتاز مهر ۽ اخلاق انصاري اهم ڪهاڻيڪار آهن، جن سنڌ ۾ جديد ڪهاڻي لکي.

انديا ۾ جديد ڪهاڻي جيڪا 60 جي ڏهاڪي ۾ شروع ٿي هئي، اها سنڌ ۾ انديا جي سنڌي ۽ اردو ڪهاڻيءَ توڙي ٻين ٻولين جي ڪهاڻين جي انگريزي ترجمن وسيلي پهچي چڪي هئي. سنڌ ۾ ان دور جا نوجوان ڪهاڻيڪار اهي جديد ڪهاڻيون شوق سان پڙهندا هئا. ساڳئي وقت اهي دوستووسڪي، ڪافڪا، ڪامو، سارتر ۽ بيڪيٽ کان بہ متاثر هئا. سنڌ جي ان ٿهيءَ جديد ڪهاڻيءَ ۾ جنهن ڏاريائپ، اڪيلائي، بي دلي، بيوسي ۽ محرومين جو ذڪر ڪيو ان جا ڪارڻ صنعتي معاشري يا مشيني دور بدران سنڌ جون معروضي حالتون هيون. علامتي ۽ تجريدي انداز جي ڪهاڻين ۾ نراسائي، هارايل هجڻ جو احساس ۽ زندگيءَ جي بي معنائيءَ جو تعلق ملڪ جي سماجي ۽ سياسي ماحول سان هو.

هن ٿهيءَ جي ڪهاڻيڪارن زندگيءَ سان نظرياتي تعلق رکڻ بدران ان کي سمجهي، پنهنجي ذات اندر سمائي ڪهاڻيءَ جي صورت ۾ پيش ڪيو. روايتي ڪهاڻيءَ ۾ شروعات، وچ، پڇاڙي ۽ ڪلائيميڪس جي ٺهيل جڙيل فارمولا کي رد ڪيو. هنن ڪهاڻيڪارن زندگيءَ جي تهدار پيچيدگين، انساني من جي بدلجندڙ ڪيفيتن، معاشري ۾ منافقت ۽ مفاد پرستيءَ کي نئين ڍنگ ۾ پيش ڪيو ۽ انسان جي رواجي توڙي غير رواجي هر پهلوءَ کي چٽيو.

جديد ڪهاڻي جڏهن سنڌ ۾ لکجڻ لڳي تہ هيري شيوڪانيءَ جي لفظن ۾ جيئن پارت ۾ تيو تيئن سنڌ ۾ پڻ هن کان اڳ جي ٻن پيڙهين اول جديد ڪهاڻيءَ جي اهڙن تجربن جو مذاق اڏايو يا ان تي سڪلي نقل، فيشن پرستي يا آمريڪن CIA جي ايجنٽ هجڻ جا الزام پڻ لڳايا. سنڌي پڙهندڙن جو وڏو تعداد روايتي ڪهاڻي پڙهڻ تي هريل هو. هنن جي ذهني سطح ايتري ڪانہ هئي جو اهي جديد ڪهاڻيءَ ۾ علامتن يا تجريديت کي سمجهي سگهن. جڏهن تہ سنڌ ۾ روايتي ڪهاڻيءَ جي سماجي حقيقت نگاريءَ وارو لاڙو شروع کان وٺي لکندڙن ۽ پڙهندڙن ۾ وڌيڪ مقبول رهيو آهي، ان ڪري جديد ڪهاڻيءَ جي سخت مخالفت ڪئي وئي

وڏي ڳالهہ تہ جديد ڪهاڻيڪارن ۽ عام پڙهندڙن جي وچ ۾ ابلاغ (Communication) جو مسئلو پڻ پيدا ٿي پيو.

80 جي ڏهاڪي دوران جيڪي ڪهاڻيڪار آيا، تن مان گهڻائيءَ روايتي ڪهاڻيءَ جي فارم کي قبول ڪيو. سنڌي ڪهاڻي واپس پنهنجي پلاٽ واري شروعات، وچ ۽ پڇاڙيءَ جي سڌي سنواٽي واقعاتي روپ طرف موٽي وئي. هن دور ۾ سياسي واقعن تي پڻ ڪهاڻيون لکيون ويون. 1983ع جي مارشل لا واري دور ۾ سنڌ ۾ MRD يعني Movement for Restoration of Democracy جي طرفان ملڪ ۾ مارشل لا ختم ڪرڻ ۽ جمهوريت بحال ڪرڻ لاءِ هڪ زوردار عوامي تحريڪ هلي. فوج انتهائي ظالماڻي طريقي سان ان تحريڪ کي دٻائڻ لاءِ ڪيترن سنڌين کي گوليون هڻي ماري ڇڏيو. 60 جي ڏهيءَ سان واسطو رکندڙ ڪهاڻيڪارن جهڙوڪ سراج "انون ماٺهو"، امر جليل "ڪانسٽيٽيوشن ايوينيو تي موت" ۽ رشيد ڀٽي "تاريخ جو آواز" MRD تحريڪ جي تناظر ۾ لکيون. ان دور جي نوجوان ڪهاڻيڪارن ڪليم لاشاري، "اٽويهہ سؤ تياسي"، بدر ابڙي "ٻوساٽ"، فقير محمد لاشاري "تنگيل وقت"، خليل قاضي "جمهوريت جو سج" ۽ ٻين پڻ ان موضوع تي مزاحمتي ڪهاڻيون لکيون.

سنڌ کي وري 1986ع ۾ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جي خوني جهيڙي جي باهہ ۾ ڌڪيو ويو. ان تي سنڌي ليکڪن جيڪي پاڻ کي شهرن ۾ ڌاريو محسوس ڪرڻ لڳا هئا، سخت رد عمل ظاهر ڪيو. نسلي ۽ زبان جي نفرتن سبب ڪجهہ ليکڪن جيتوڻيڪ جذباتي انداز ۾ لکيو پر گهڻن ليکڪن انساني قدرن جو پڻ خيال رکيو. ان حوالي سان لکيل ڪهاڻين ۾ شوڪت حسين شوري جون ٻہ ڪهاڻيون "خوف جو موت" ۽ "توڪل"، نورالهديٰ شاهہ جي ڪهاڻي "ڪيڏارو"، رحمت الله ماڃوٺيءَ جون ڪهاڻيون "ڪرفيو" ۽ "پاڙي ۾"، بدر ابڙي جي ڪهاڻي "لازمي خدمت"، عابد مظهر جي ڪهاڻي "محبت کان خالي شهر"، رسول بخش درس جي ڪهاڻي "گهايل سپنا"، جان خاصخيلي جي ڪهاڻي "سواليہ نشان"، حسن منصور جي ڪهاڻي "ڪنڊر" ۽ ٻيون ڪيتريون ڪهاڻيون شامل آهن.

ڳوٺن مان لڏي شهرن ۾ اچي رهڻ سبب سنڌي مرد توڙ عورتن جا رويا ڪيئن بدلجڻ لڳا، ان موضوع تي غلام نبي مغل جي ڪهاڻي "تينا محمد بخش ۽ سندس زال" هڪ اهڙي نوجوان جوڙي بابت آهي، جيڪو ڪراچيءَ ۾ اچڻ وقت بلڪل روايتي ڳوٺاڻي سوچ رکندڙ هو. محمد بخش کي سندس زال رات جو ٽنگن کي زور ڏينديءَ هئي ۽ گهر ۾ ماني بہ پچائيندي هئي، پر شهر جي ماحول ۾ اٿڻ ويهڻ سان هن جو رويو بدلجي ويجي ٿو. هوءَ نہ رڳو هاڻي محمد بخش کي زورن ڏيڻ کان انڪار ڪري ٿي، پر روز شام جو سير لاءِ نڪرڻ ۽ ٻاهر هوٽل تي ماني کائڻ سندس معمول بنجي ويجي ٿو.

ماهوار ”سوجهرو“ جي ايڊيٽر تاج بلوچ جي اندازي موجب ”ويهين صديءَ جي پوئين ڏهاڪي ۾ سنڌ ۾ ڪهاڻيڪارن جو ماضيءَ جي ڇئن ڏهاڪن جي ڀيٽ ۾ انگ گهٽ ٿو وڌيو آهي. ننڍا وڏا اٽڪل سؤ کن ڪهاڻيڪار آهن.“ پر منهنجي خيال ۾ هن وقت سنڌ ۾ ڪهاڻيڪارن جو تعداد سؤ کان گهٽ ٿو وڌيڪ آهي. وڌيڪ مقدار هئڻ جي باوجود سنڌي ڪهاڻيءَ جي معيار ۾ گهڻي بهتري نه آئي آهي ۽ اها اڳتي ڪانه وڌي آهي. تاج بلوچ جو ان بابت خيال آهي ته ”ويهين صديءَ جي پڇاڙڪي ڏهاڪي ۾ سنڌي ڪهاڻي معروضي حالتن جي انوسار صديءَ جي گذريل ڏهاڪن جي ڪهاڻين جيان اهو اوج نه ماڻي سگهي آهي ۽ نه ئي گذريل دور جي محدود موضوعن جي هوندي، هلندڙ دور جي ڪهاڻي، گهڻ موضوعاتي هوندي به اهو ڪارج پورو نه ڪري سگهي آهي، جيڪو ڪارج اثرائتي طريقي سان ماضيءَ جي ڪهاڻيءَ پورو ڪيو ۽ سنڌي سماج ۾ اٿل پٿل آندي.“

گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ سنڌ ۾ اسان کي عورت ليکڪائن جو پڻ هڪ چڱو انگ نظر اچي ٿو. فهميده حسين جي ڪهاڻين بابت جمال ابڙو لکي ٿو ته ”سندس اسلوب بيان سڌو سنئون ۽ حقيقت نگاريءَ تي ٻڌل آهي. هوءَ نڪو پُل تي ٻڌي، نڪو ڊائلاگ تي ماري، نڪي ليڪچر بازي تي ڪري، سڌو سنئون گوڙين حقيقتن کي ڳتر کان جهلي، بيان تي ڪري ۽ پڙهندڙ هڪ پيغام جي تهه تائين پهچي ٿو وڃي.“ فهميده حسين جي ڪهاڻين جو مجموعو ”هڪ حوا ۽ ڪيئي ڪهاڻيون“ جي نالي سان ڇپيل آهي.

خيرالنساءَ جعفريءَ کي بولڊ ڪهاڻيڪار سڏيو ويو. هن جي ڪهاڻي ”حويليءَ کان هاسٽل تائين“ چڱو واد وواد پيدا ڪيو. هن ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي سماج جي مدي خارج روايتن کي پڌرو ڪيو ويو آهي. هن جون ٻيون اهم ڪهاڻيون ”تخليق جو موت“ ۽ ”پيڙا جو پڙلاءُ“ آهن.

نورالهديٰ شاهه سنڌي عورت جي حوالي سان ڪوڙن اخلاقي قدرن ۽ ريتن رسمن کي تنقيد جو نشانو بڻايو آهي. جاگيرداري سماج ۾ مذهب، اخلاق ۽ روايتن جي نالي تي عورتن سان ٿيندڙ زيادتين ۽ ظلم هن جي ڪهاڻين جا موضوع آهن. ”ڪربلا“، ”پاروتو گوشت“، ”جلاوطن“، ”گورڪن“، ”منهنجو من پنڇيئڙو“ هن جون مشهور ڪهاڻيون آهن.

عورت ليکڪائن ۾ ٻيا اهم نالا رعنا شفيق، تنوير جوڻيجو جهان آرا سومرو، ثانيه ٽيپو، شبنم گل، ج.ع منگهاڻي شبانه سنڌي، فاطمه لغاري ناهيد مغل، نسرين سيد، صنوبر سيد، تهمينه مفتي آهن. انهن مان ڪن جي ڪهاڻين جا مجموعا پڻ شايع ٿي چڪا آهن.

گذريل ٻن ڏهاڪن دوران جيڪي ڪهاڻيڪار اڀري اڳيان آيا، تن ۾ ڪيهر شوڪت، رفيق سومرو طارق عالم، اخلاق انصاري، زيب سنڌي، رسول ميمڻ، ملڪ آگاڻي رزاق مهر، رحمت الله ماڃوٺي، وليرام ولڀ، محمود مغل، ڪليم لاشاري، سانول،

طارق قريشي، راز شر، انور ابڙو، جان خاصخيلي، منور سراج، عابد مظهر، منظور ڪوهيار، منظور جوکيو، شرجيل، بدر ابڙو، شمس سومرو، پرويز، ضراب حيدر، حسن منصور، محمد علي پٺاڻ، عنايت ميمڻ، جهانگير عباسي، عبيد راشدي، رضوان عباسي، رضوان گل، اعجاز سمون، ممتاز لوهار، احسان دانش، لياقت رضوي، اڪبر سومرو، سائين بخش رند، رسول بخش درس، مشتاق پرڳڙي، انور بلوچ، امير بخاري، پرويز ابڙو، مظهر ابڙو، ذوالفقار ڪانڌڙو، سليم چنو، رياضت برڙو، اختر رند، عزيز ڪنگراڻي، طارق عزيز شيخ، ابراهيم ڪرل، صديق منگيو، رزاق سهتو، امير ابڙو، امر لغاري، مراد قريشي، انور ڪاڪا، ممتاز بخاري، راجن مگريو ۽ ٻيا ڪوڙ نالا آهن. انهن سيني ڪهاڻيڪارن تي لکڻ هتي ممڪن ناهي، ان ڪري ڪجھ اهم ڪهاڻيڪارن جي چونڊ ڪهاڻين جو سرسري طور ذڪر ڪيو ويو آهي.

ڪيهر شوڪت جي ڪهاڻين ۾ سماجي ۽ معاشي مسئلن جي اپٽار ڪيل آهي. هن خارجي مسئلن سان گڏ داخلي ڪيفيتن ڪي پڻ پنهنجين ڪهاڻين ۾ آندو آهي. هن جا ڪردار خوف ۽ دهشت، بوريت، محرومين ۽ جنسي فرسٽريشن ۾ ورتل نظر اچن ٿا. "پل تي ويٺل هڪ نوجوان"، "ڏجهڻو"، "لئي تي لهي آيل چهرو"، "پت ڪينئون" هن جون سٺيون ڪهاڻيون ليکيون وڃن ٿيون.

طارق عالم جي ڪهاڻين جو موضوع گهڻو ڪري بيروزگاري ۽ عشق آهي. هن جو اسٽائل جديد ڪهاڻيءَ ڪي ويجهو آهي. طارق جي ڪهاڻين ۾ "سمنڊ ۽ خوشبو"، "سڄاڻپ جي ڳولا"، "فريم"، "رات، سانت ۽ سوچون"، "پيلو ڏند" ۽ "SOS" قابل ذڪر آهن.

سنڌيءَ جي نامور شاعر امداد حسيني ان دور ۾ سانول جي نالي سان ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. "بارود" اڪهاڻي آهي، جنهن ۾ لپ اسٽڪ، نيل پالش، ڊارڪ گلاسز ڪٽيل وار، جوتا، مڪ، لاٽتر ۽ دونهن ڪردار آهن. اهي پاڻ ۾ وڙهندا رهن ٿا ته اوچتو ماسڪ اندر ڏوڪي اچن ٿا ۽ هنن تي ڪليشنڪوف مان برسٽ ڪولي ٿا ڇڏين. هن ڪهاڻيءَ جو پس منظر سنڌ جون سياسي حالتون آهن. سانول جون ٻيون ڪهاڻيون "پاڇا" ۽ "خالي پنو" آهن.

سنڌي ادب ۾ موتي آيل روايتي فارم واري ڪهاڻيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪا سٺي ڪهاڻي به نظر اچي ويندي آهي. ائين به ڪونهي ته سنڌ ۾ جديد ڪهاڻي لکجڻ بند ٿي وئي. گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ ڪي تورا ڪهاڻيڪار اهڙا به آيا آهن، جن انساني من جي ڪيفيتن، ٽٽندڙ رشتن ۽ قدرن تي جديد ڪهاڻيون لکيون آهن.

مدد علي سنڌي پنهنجي ٿهي جي ڪهاڻيڪارن ۾ نمايان حيثيت رکي ٿو. هن جي خاص اسٽائل آهي جنهن ۾ اداسي جو رنگ پريل هوندو آهي. هن جا ڪردار اڪيلا، بي معنيٰ زندگي گذاريندڙ ۽ سدائين بيچين هوندا آهن. مدد علي فنا جي فلسفي کان متاثر آهي جنهن جي جهلڪ سندس ڪهاڻين ۾ نظر اچي ٿي. "اجنبي بنجي جيئڻ کان

پوءِ"، "دل اندر درياءَ"، "احساس ۽ جذبن جو موت" ۽ "اڌوهي جيئڻ ڏکڙا" هن جون قابل ذڪر ڪهاڻيون آهن.

اخلاق انصاريءَ جي ڪهاڻين ۾ تجريدي، علامتي ۽ New Sensibility جا انداز نظر اچن ٿا. هن جي ڪهاڻين جي مجموعي "مان ڪائنات آهيان" کي پڙهي لڳي ٿو ته سنڌ ۾ اچا ماڊرن ڪهاڻي بلڪل ختم نه ٿي آهي. اخلاق انصاريءَ زندگيءَ جي ننڍڙن ۽ پيچيده پهلوئن کي آرٽسٽڪ نموني ڪهاڻيءَ جي فريم ۾ آندو آهي. "مان ڪائنات آهيان"، "وچايل شهر جو پورٽريٽ"، "انڌي ڏينهن جو اعتراف"، "ڳاڙهو وڻ ۽ ٻي پاڙي"، "دائرائي دائرا اچا ڪارا" ماڊرن ڪهاڻيون آهن. "گم ٿيل شخص جو پورٽريٽ" ڪهاڻيءَ ۾ اخلاق انصاري زندگيءَ جي ڪوجهائين ۽ خوبصورتين کي تلاش ڪيو آهي. انساني رشتن ناتن ۾ لڪل منافقت ۽ مفادن کي وائکو ڪرڻ جوڪم جو ڪم آهي ۽ اهوئي ڪم اخلاق انصاري پنهنجين ڪهاڻين ۾ ڪيو آهي جن ۾ انساني رشتن جي ٻي معنويت کي بيان ڪيو ويو آهي.

"دائرائي دائرا اچا ڪارا" ڪهاڻيءَ ۾ نوجوان پنهنجي ماءُ جي مرڻ بعد ساڳي ئي گهر ۾ پيءُ ۽ پاڄائيءَ سان گڏ رهي ٿو پر کيس محسوس ٿئي ٿو ته پاڻ هڪ فالتو شئي آهي. هن جو ڪو آئيندو ڪونهي. بيمار ذهن سبب پيءُ جي مٿان پاڻ کي هڪ بار سمجهي ٿو. پيءُ سندس علاج ڪرائي رهيو آهي. پر هن کي لڳي ٿو ته پيءُ هاڻي ٿڪ ٿي پيو آهي. هن ڪهاڻيءَ جو ڪردار سنڌ جي اجوڪي سماج ۾ حساس ۽ پڙهيل ڳڙهيل نوجوان آهي، جيڪو منجهيل، ٿڪل، ڪمزور ۽ مايوس آهي.

اخلاق انصاري من جي گهرين غفائن ۾ لهي وڃڻ ۽ وڃائجي ويل سڃاڻپ کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن وٽ هڪ ئي وقت ڪيترا ئي سوال ۽ مسئلا آهن. "مان ڪائنات آهيان" جيڪا اڪهاڻيءَ جي فارم ۾ لکيل آهي، ان ۾ سوال ۽ مسئلا وڌيڪ گهرا ۽ چيچنڊڙ بنجي ويا آهن. هڪ غير يقيني ۽ گهري نااميديءَ واري صورتحال آهي. هڪ موتمار خوف آهي، جنهن ۾ ڪردار وڪوڙيل آهي ۽ مستقبل ۾ روشنيءَ جو ڪو ڪرڻو پري پري تائين نظر ڪونه ٿو اچي.

سنڌ جا حساس ۽ باشعور نوجوان جيڪي سماجي، معاشي ۽ سياسي حالتن مان پيدا ٿيل فرسٽريشن ۽ ڊپريشن سبب منجهيل، الجهيل، ڪٽيل، ٽٽل، بيسيل ۽ ورهايل آهن، اهي ئي اخلاق انصاريءَ جي ڪهاڻين جا ڪردار آهن.

رسول ميمڻ وٽ قديم عهد جي مٿ، نئين تناظر ۾ انوکي اٽت سان موجود آهي هن "جينوم" ڪهاڻيءَ ۾ سائنس جي ڪرشمه سازين تي لکيو آهي. "انسان بغاوت ۽ پٿر"، "اٽپوري ڪهاڻي"، "آدم جي دنيا"، "زندگي وچ جو چمڪو"، "اوڪارا"، "سڪرات"، "ڊاڪٽر رب نواز"، لوڪل ۽ عالمي سطح جي تناظر جون ڪهاڻيون آهن، جن ۾ مڪاني يا عالمي رياستن جي جبر، ڪائنات جي اوسر جي حقيقت،

مذهبي ڪٽرپڻي ۽ دهشتگرديءَ کي بيان ڪيو ويو آهي.

راز شر جون ڪهاڻيون 70 واري ڏهاڪي جي ماڊرن ڪهاڻيءَ جو تسلسل محسوس ٿين ٿيون، نہ رڳو هن جو اسلوب پر ڪهاڻين جي اڻت بہ جديد آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ ڪو ٺهيل ٺڪيل پلاٽ ڪونهي. ڪهاڻيءَ جي اڻت سان ڪردار ۽ واقعا پنهنجو پاڻ اڻجندا وڃن ٿا ۽ ڪهاڻي مجموعي طور احساساتي تاثر بڻجي پوي ٿي. ڪٿي ڪٿي سندس ڪهاڻين جي فضا Surrealistic هوندي آهي. راز جي ڪهاڻين ۾ "درياءَ کان ٻاهر"، "برف ۾ گم ٿيل پيپچرا" ۽ "گئلريءَ مان ڪريل وجود" قابل ذڪر آهن. نسيم پارس گاد ڪجهہ اڪهاڻيون لکيون آهن. هن جي ڪهاڻين ۾ علامتن ۽ تجريديت جي مصنوعي پڻي سبب ڪلاتمڪ خوبيون گهٽ آهن.

طارق قريشيءَ جون ڪهاڻيون "صدين جو سفر" ۽ "نئون جانور" ادب ۾ مستقبل بينيءَ جي تناظر ۾ لکيل آهن. هن جي ڪهاڻين ۾ سماجي مسئلا، قدرن جي ڀڃ ڊاهہ فرد ۽ معاشري جي وچ ۾ پيدا ٿيل وڇوٽيون ۽ حق تلفين جو اظهار ملي ٿو. هن جي ڪهاڻين جا ٽي مجموعا "صديءَ جو سفر"، "ٽين اک" ۽ "پنجين موسم کان پوءِ" شايع ٿي چڪا آهن.

هڪ ٻئي نوجوان ڪهاڻيڪار منور سراج جي ڪهاڻي "گرگلي" هڪ خانہ بدوش ڇوڪريءَ بابت آهي. هن جي اها ڪهاڻي عام پڙهندڙن ۾ گهڻي مقبول ٿي آهي. سندس ٻيون ڪهاڻيون آهن: "ويا جا ڏينهن"، "ڊپ" ۽ "سنڌوءَ کان سدا واهہ تائين".

ضراب حيدر جي ڪهاڻين ۾ ماڻهوءَ جي داخلي پيڙا ۽ بيچينيءَ کي سنئين سڌي انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هن جي ڪهاڻين مان "پيرن ۾ ڪريل آسمان"، "ڪارا ناسي ڪنگڻ" ۽ "ڪارو ڪئنواس" جا نالا ڪڻي سگهجن ٿا.

انور ابڙو 90 واري ڏهاڪي ۾ لکڻ شروع ڪيو. هن جي ڪهاڻين جا موضوع بک، بيروزگاري، خودڪشي ۽ قوم پرست سياست آهي. هن جي اڪثر ڪهاڻين ۾ مجموعي طور اهو تاثر اڀري ٿو تہ پوگنائن کان ڇوٽڪارو ممڪن ڪونهي. ذلتون ايتريون گهڻيون آهن جو فضيلتن تي ويساهہ اجايو آهي. انور جي اهم ڪهاڻين ۾ "مهراڻ"، "ڇاپو" ۽ "خودڪشيءَ جو رومانس" شامل آهن.

منظور ڪوهيار سماجي حقيقت نگاريءَ کان وٺي فينٽسي تائين ڪهاڻيون لکيون آهن. "راڻيءَ جو ڪوڪو"، "مالِ غنيمت" ۽ "بودلي جي ڏاچي" هن جون قابل ذڪر ڪهاڻيون آهن.

جان خاصخيليءَ جي ڪهاڻين ۾ سياسي شعور جي جهلڪ نظر اچي ٿي. هن سماجي ويڳاڻائپ ۽ فرد جي نفسياتي مسئلن کي پنهنجي ڪهاڻين جو موضوع بڻايو آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ "گم ٿيل ماڻهوءَ جو سفرنامو"، "سج گرهڻ کان پوءِ"، "يادن

جي البم مان" ۽ "منزل کان اڳ ۾" قابل ذڪر آهن.

مظهر ابڙي جي ڪهاڻين جو محور رومانس آهي. داخلي پيڙا جي حوالي سان سندس ڪهاڻي "خواب کوتا سڪا" مقبوليت ماڻي چڪي آهي. هن جون ٻيون ذڪر جي قابل ڪهاڻيون آهن: "ذهن ۾ قاتل خيالن جي ٽريفڪ"، "ڳجهارت جهڙو شخص"، "اس، چانڊوڪي ۽ خواب".

منظور جوکئي جي ڪهاڻين ۾ ڏاڍ، ستاءُ، محرومين، ڏکن ڏوجهرن ـ بک، غربت ۽ بيروزگاريءَ جو ماريل طبقو نظر اچي ٿو. عورتن سان مردن جو اهڙو ته خراب ورتاءُ ملي ٿو جو عورت خود هڪ ستايل طبقي طور سامهون اچي ٿي. منظور جي ڪهاڻين ۾ وائٽ ڪالر ڪردار به آهن، جن جا پنهنجا ڏک سک آهن. "زندگيءَ کان فرار ٿيل ماڻهو" جو وريام، "پڇتاءُ" جو شهزاد ۽ "گناهن جي تسلسل جي يوڳنا" جو سرمد زماني جي گردش جو شڪار ٿيڻ ڪان پوءِ پنهنجي پنهنجي حياتيءَ جو فيصلو ڪن ٿا. زندگي جيڪا خواب ڏيکاري ڪسي وڃندي آهي، انهن عذابن ڪي ٽئي ڪردار سامهون آڻين ٿا. منظور جوکئي جي ڪهاڻين جا به مجموعا "خيال، خوشبوءِ ستارا" ۽ "آئيندو" شايع ٿي چڪا آهن.

عزيز ڪنگراڻي ڪهاڻيون ۽ ٽي وي ناٽڪ لکندو رهيو آهي. هن جي ڪهاڻين جو مجموعو "روڳ" شايع ٿي چڪو آهي. اتر سنڌ ۾ هندو جنهن غير يقيني ۽ بي سلامتيءَ واري ماحول ۾ رهن ٿا. ان موضوع تي عزيز ڪنگراڻيءَ جي ڪهاڻي "آئون آدم آهيان" ۾ نرمل جي پيءُ کي ڌاڙيل اغوا ڪري وڃن ٿا. نرمل کان ڳري رقم گهري وئي، جيڪا هو ڏئي نه سگهيو. نتيجي ۾ پيءُ جي لاش سان گڏ هڪ چٺي اچي ملي ٿي ته تن ڏينهن اندر هي ملڪ ڇڏي وڃ، نه ته پٽهين جو لاش موٽيو آهي، تنهنجو لاش به نه موٽندو. نرمل پنهنجو الهه تلهه وڪڻي، انڊيا لڏي وڃڻ لاءِ ٽرين ۾ روانو ٿئي ٿو ته سندس ننڍپڻ جو دوست محمد علي هن کي روڪي وٺي ٿو: "تنهنجو ديس هيءُ آهي. تون اول سنڌي پوءِ آدم آهين. مان توکي وڃڻ ڪونه ڏيندس."

موجوده دور جي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ حقيقت پسندي ۽ روايتي فارم کي بيهر اهميت حاصل ٿي آهي. ڳوٺاڻي ماحول تي به ڪجهه چڱيون ڪهاڻيون لکيون ويون آهن. صديق منگيو پاڻ ڪچي جي پير ۾ رهڻ وارو آهي. هن جي ننڍپڻ جو گهڻو حصو نج ٻوليءَ واري ماحول ۾ گذريو. سندس چوڻ موجب "نج ڳوٺاڻي جيوت ۽ فطرت جي سونهن جا نجا پجا عڪس اکين ۾ سانديل اٿم. اهوئي سبب آهي جو منهنجين ڪهاڻين ۾ سنڌ جون ٻهراڙيون ساهه کڻنديون نظر اچن ٿيون." صديق منگيو جي ڪهاڻين ۾ لوڪ ڏاهپ ۽ ڳوٺاڻي نفسيات کي چٽيو ويو آهي. "خفتي"، "پيڙا"، "جمني"، "ٽٽل رشتو"، "وجود جا عذاب" ۽ "پکين جو وطن" هن جون اهم ڪهاڻيون آهن.

ابراهيم ڪرل پڻ ڳوٺاڻي ماحول تي ڪهاڻيون لکندو رهيو آهي، جن مان "درياءَ جي هن پار" ، "غيرت ڪي اڪيون ناهن"، "اکران دي وچ جو اڙيا" ۽ "چور جي گهر ۾ چور" جا نالا ڪڻي سگهجن ٿا.

60 ۽ 70 جي ڏهاڪن ۾ آيل ڪهاڻيڪارن مان گهڻا ڪهاڻيون لکڻ ڇڏي چڪا آهن. انهن مان ڪي ليکڪ ٽي وي ڊراما ۽ اخباري ڪالم لکي رهيا آهن. البت ڪجهه اهڙا به آهن، جيڪي گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ پڻ لکندا رهيا آهن. انهن ڪهاڻيڪارن ۾ قمر شهباز امر جليل، حميد سنڌي، علي بابا، ممتاز مهر ۽ قاضي خادم شامل آهن.

قمر شهباز ان عرصي ۾ اٽڪل چاليهه ڪهاڻيون لکيون آهن. جن ۾ "رشتو دائمي درد جو"، "گنجهيل چهرا"، "جبروت"، "هڪ ڇيڳري ڇوڪري"، "نرواڻ" ، "تياڳ"، "واڳهه نک"، "راڄيءَ جو روح" ۽ "ڪلهي تي ڍرڪي پيل ڪنڌ" قابل ذڪر آهن.

حميد سنڌي پڻ لڳاتار لکندو رهيو آهي. ڪجهه سال اڳ هن جي لکيل ڪهاڻي "مرين تہ آرهڙ ۾ مرجان" هجرت جي موضوع تي لکيل آهي، جنهن کي پڙهندڙن ۾ مقبوليت ملي آهي.

90 جي ڏهاڪي ۾ مشتاق احمد شوري جي ڪهاڻي "جيون جو خاليپڻو" گهڻي عرصي کان پوءِ شايع ٿي. مونولاگ ۾ لکيل هن ڪهاڻيءَ جو ڪردار خود رحميءَ جو شڪار آهي.

سنڌي ڪهاڻيءَ جي هڪ بدقسمتي اها آهي تہ ان جي صحيح ڪٽ ڪانہ پئي ٿئي. سنڌ ۾ شروع کان وٺي ڪهاڻيءَ جو ڪو نقاد پيدا نہ ٿيو آهي، نقادن جي کوٽ سبب ڪيترئيون سٺيون ڪهاڻيون Unnoticed هليون وڃن ٿيون. ٻيو مسئلو اهو آهي تہ ڪنهن هڪ سال ۾ ڇپيل ڪهاڻين جو جائزو بہ ڪڏهن ڪونہ ورتو ويو آهي، جنهن سان ڪنهن هڪ ڏهاڪي ۾ لکيل ڪهاڻين جي جائزي وٺڻ ۾ آساني ميسر ٿي سگهي.

⊙⊙



# سنڌي شاعريءَ ۾ مروج صنفون

ليمڻ ڪومل

**دنيا** جي ڪنهن بہ ڌرتي، مذهبي، ديني يا آسماني ڪتاب ۾ خدا يا ايشور جو اهڙو تصور نٿو ملي، جيڪو سنڌيءَ جي سرموڙ شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي هن بيت ۾ آهي:

"جنين ڏاند ،نہ ٻج، تنين تنهنجو آسرو
پوءِ اپارين سج، اول رسائين ان کي!

تحريري طور هٿ آيل سنڌي شاعريءَ جي روايت ماموئي فقيرن جي ستن بيتن کان وٺندي، سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعرن شاهہ عبداللطيف، سچل سرمست ۽ ساميءَ کان پوءِ سؤ ڪن سالن تائين گمناميءَ جي گفائن ۾ گم رهي يا تاريخ جي پنن ۾ پوئيل رهي. اٺويهين صديءَ تائين ايراني اثر واري فارسيءَ جي غزليہ شاعري خواهہ ٻين صنفن: مثنوي، مسدس، مخمس، مرثيو قصيدو رباعي وغيره جهڙين ڌارين ۽ اوپرين صنفن جي تسلط تائين، سنڌي شاعراڻي روايتن کان بنهہ ڪٽيل رهي، سواءِ ڪن سگهڙن جي ڇيل ۽ واتي وِٽين ياد ڪيل بيتن، ڏوهيڙن، وائين، ڪافين جي بي ترتيب، ٽُڪ بند تخليق جي، جن جو اسان وٽ رڪارڊ بہ ڪونهي.

سنڌيءَ جي جديد شاعريءَ جو صحيح وجود ويهين صديءَ جي ٻين ڪرشمن جيان هڪ ادبي ڪرشمو ۽ ڪارائتو ڪارنامو آهي.

اڄ تائين ڪوبہ شخص، شاعر يا نقاد – بلڪ استاد ارسطوءَ جهڙو ڏاهو بہ، شاعريءَ جو ڪو صحيح مفهوم (Definition) نہ ڏيئي سگهيو آهي. عام طور تي شاعري کي رڳو اندر جي اُڌمن جي آنڌ مانڌ ڪري سمجهيو ۽ سڏيو ويو آهي. پر شاعريءَ جي هر مفهوم جو وڏي ۾ وڏو نقص اهو هوندو آهي تہ يا تہ ان ۾ تمام گهٽيون ڳالهيون اچي وينديون آهن يا وري تمام گهٽ – جڏهن تہ حقيقت اها آهي تہ شاعريءَ

جو تصور عمل ۽ نظريو هر دور ۾ هڪ ٻئي کان نہ رڳو مختلف ٿي وڃي ٿو پر ڪٿي ڪٿي هڪ ٻئي جو ضد بڻجي وڃي ٿو. خود عشق جهڙي جاودان موضوع جا مفهوم هر دور ۾ هڪ ٻئي کان نہ رڳو مختلف آهن، پر انهن جي اپروچ پڻ الڳ الڳ آهي ۽ اها بدل سدل ئي شاعريءَ کي نون معيارن ۽ نون تاجي پيڻن ذريعي هر دورَ ۾ نئين زندگي ۽ قوت بخشين ٿا ۽ سوچ سان گڏ شاعريءَ جون صنفون پڻ بدلجن ٿيون. ڪي نيون ايجاد ٿين ٿيون ۽ ڪي مُدي خارج ٿي، رد ٿي وڃن ٿيون.

اسان جي ادبي حلقن ۾ عرصي کان اهو بحث جاري ساري آهي تہ سنڌي شاعريءَ جو اصلي مزاج ڪهڙو آهي؟ اڪثر عالم ان راءِ سان متفق آهن تہ سنڌي شاعريءَ جو حسب نسب ۽ سلسلو نہ يوناني شاعرن هومر جي اوڊيسي ۽ سيفوءَ جهڙين شاعرائن سان جڙيل آهي — نہ عربي شاعر امراءُ القيس جي مثنوين سان مليل آهي ۽ نہ ئي فردوسيءَ جي شاهنامي يا مولانا جلال الدين روميءَ جي گلستان ۽ بوستان ۾ شامل شاعريءَ سان لاڳاپيل آهي. جيتوڻيڪ اها عام روايت آهي تہ اسان جو شاهہ لطيف روميءَ جي مثنوين جو مسوَدو سدائين پاڻ سان گڏ رکندو هئو پر اسان کي شاهہ جي سڄي رسالي ۾ ڪٿي بہ مولانا روم جي شاعريءَ جو تاثر نٿو ملي.

روميءَ جي شاعريءَ ۾ ڪٿي ڪٿي حيرت انگيز حد تائين اهڙيون ڪافرانہ سٽون ملن ٿيون، جيڪي Blasphemy ۽ گستاخيءَ جي حدن کي ٿيون ڇُهن.

"مان قران مغز را برداشتم،
استخوان پيشِ سگان اندا ختيم"

(مون قرآن جو مغز هٿ ڪري ورتو باقي جيڪي هڏيون رهيون، ڪتن اڳيان اڇلائي ڇڏيم)

سنڌي شاعريءَ ۾ ورهاڱي بعد لڪجندڙ نئين ڪوتا کي ڇڏيو اسان جي شاعريءَ جي ڪنهن بہ روايتي يا غير روايتي صنف ۾ محض مذهبي رواداري ۽ ڀائيچاري جو پيغام پنهان آهي. ڪنهن بہ مقدس ڪتاب بابت گستاخيءَ جو تہ تصور بہ نٿو ڪري سگهجي.

سچل سرمست بہ پنهنجي ڪافي 'ڪُٺ ملان جي نوڙهہ' ۾ ذاتي طور تعصبي ۽ تنگدل مُلن مٿان ملامتون وڌيون آهن. پر پوءِ بہ اها حقيقت آهي تہ ويهين صديءَ جي، ورهاڱي کان اڳ خواهہ ورهاڱي کان پوءِ هند توڙي سنڌ ۾ تخليق ٿيل سنڌي شاعريءَ ۾ غزل سيني سنڌي صنفن مٿان حاوي رهيو آهي. جيئن تہ مون مٿان اها پابندي پيل آهي تہ هن مقالي ۾ مون کي غزل ۽ نئين ڪوتا جي صنفن کان پاسيرو ٿي، poetry in other forms (شاعريءَ جي ٻين صنفن) تي، لکڻو آهي، ان ڪري مان سنڌي غزل جي اپياس باوجود، ان سان هٿ چراند نٿو ڪريان.

غزل کان سواءِ عربي ۽ فارسيءَ مان ورتل سنڌي شاعريءَ جي ٻين صنفن جهڙوڪ رباعي، قطعہ، مثنوي، قصيدو ۽ مرثيو وغيره سنڌي شاعريءَ ۾ اها جوڳي جاءِ

حاصل نہ ڪري سگهيون. جيڪا انهن صنفن کي پنهنجين وچ اوپر وارين عربي ۽ ايراني ڪلچر وارين ٻولين ۾ حاصل هئي. سنڌ جي شاعريءَ بابت تفصيل سان لکڻ هن مقالي جي دائري کان ٻاهر آهي، جو ان بابت منهنجا سنڌ مان آيل همعصر تفصيلي طور پنهنجا تاثرات ۽ تجزيا پيش ڪندا. ذڪر ڪيل صنفن ۾ ٿيل اڪثر شاعري سواءِ مرثيي جي، هند-سنڌ جي ٻنهي شاعرن ڪئي آهي. ان ڪري هند واري حصي ۾ مان پنهنجو تجزيو مثالن سان اڳتي هلي پيش ڪري رهيو آهيان. باقي مرثيا (Elegies) رڳو سنڌ جي ڪن شاعرن مذهبي عقيدي هيٺ لکيا آهن. جن ۾ سيد ثابت علي شاهه جا ڪتابي صورت ۾ اچي مقبول ٿي چڪا آهن. جيتوڻيڪ سيد ثابت علي شاهه تي لکنوءَ جي مير انيس ۽ دبير جي مرثين جو گهڻو اثر آهي، پر ثابت علي شاهه پنهنجن مرثين کي اهڙو تہ مقامي رنگ ڏنو آهي، جو هن جا مرثيا پڙهي لڳندو چڻ ڪربلا جو واقعو ڪوفي ۾ نہ پر ميرپورخاص ۾ ٿي گذريو آهي. بهرحال ان صنف تي وڌيڪ ڪجهہ لکڻ جي گنجائش نہ آهي.

مشرقي شاعريءَ جي سڀ کان آڳاٽي مشق سُخن مثنوي آهي. ان صنف جو اوائلي ۽ آبرو زبان شاعر امراءُ القيس آهي. جيڪو اسلام جي آمد کان بہ اڳ جو عربيءَ جو اهم شاعر هئو جيڪو هڪ ٿي ويهڪ ۾ ٻن سون بندن جي في البديهہ (Extempore) مثنوي چئي ويندو هئو ۽ شهر جي چونڪ تي هشام ماڻهن جا حواس باختہ ٿي، هن جون مثنويون ٻڌندا هئا. تاريخ دانن جو چوڻ آهي تہ امراءُ القيس هڪ اهڙو جناتي شاعر هئو جنهن جي قبضي ۾ ڪو جن هئو جيڪو هن کان غيبي آواز ۾ مثنويءَ جون درياهہ جي روانيءَ جيان چوليون هڻندڙ مصراعون چوائيندو ويندو هو. مثنويءَ جي صنف اڳتي هلي فارسيءَ ۾ وڌيڪ مقبول ٿي. فردوسيءَ جو شاهنامو پڻ مثنويءَ ۾ آهي. مثنويءَ جو مروج بحر خفيف رَمل آهي، جيڪو گهڻو تڻو فعولن جي وزن تي ٻڌل آهي.

سنڌيءَ ۾ ٻہ يا ٽي اهڙا شاعر آهن. جن مثنويءَ جي صنف تي قلم آزمائيءَ جي جرائت يا جسارت ڪئي آهي. جو اها صنف خاص تسلسل طلبي ٿي. ليکراج عزيز 'مصر جي راڻي' ۾ اها دعويٰ ڪئي آهي تہ مثنوي شاعريءَ جي هڪ ڏکي شاخ آهي، جيڪا طبع جو زور ۽ پچي ٿي. اڳتي هلي عزيز صاحب اها پڻ فتوا صادر ڪئي آهي تہ جديد شاعرن ۾ مون کي سنڌ – هند ۾ ڪو بہ اهڙو شاعر نٿو سجهي، جنهن مڪمل مثنوي قلمبند ڪئي هجي. بهرحال، پنج مثنويون لکي ليکراج عزيز شاعريءَ جي هن صنف کي سنڌي شاعريءَ ۾ آبرودار اضافو آندو آهي. نموني طور ٻہ بند پيش ڪجن ٿا:

کليو در ۽ گهڙي فرعون آيو
طيونس سان کلي هن هٿ ملايو
چيائين تنهنجي خاطر خاص جاني
بچايم ريمفس جي زندگاني
سزا باقي رکيم ڪڪريءَ ڪُتڻ جي
اچي ساعت سندس جيسين ڇُٽڻ جي.

سنڌي شاعريءَ جي ٻين روايتي صنفن ۾ مسدس، مخمس، رباعي، قطع، بيت، وائي . نظم (پابند خواهہ آزاد نظم) گيت، ٻچن وغيره کان سواءِ ٻين ٻولين جهڙوڪ انگريزي، فرينچ ۽ جاپاني شاعريءَ تان ورتل صنفون سانيٽ، ترائيل، هائڪو وغيره ۽ سڀ کان الڳ ۽ اهم نئين ڪوتا پڻ سنڌي شاعريءَ ۾ شامل ٿي. ٽي سٽا، ٽيڙو ۽ چوڏسا وري چوَسٽا جهڙن سڪي بند نون نالن سان رائج ٿي چڪا آهن.انهن مان ڪي صنفون سنڌي شاعريءَ ۾ جذب ٿي، مچتا ماٺي چڪيون آهن ۽ ڪي اجا بہ اوپريون ۽ اڌاريون لڳي رهيون آهن. مقبوليت ۽ معيار جي سانچي ۽ سرائيءَ تي پرکي ۽ تڪ تور ڪري، اسان کي احساس ٿيندو تہ شاعريءَ جي ڪهڙي صنف سنڌي شاعريءَ جي مزاج ۽ محور سان پنهنجي مناسبت جوڙي ۽ برقرار رکي سگهي آهي ۽ ڪهڙي رڳو تجربي جي حد تائين محض مشق پچائڻ واري عمل تائين محدود رهجي ويئي آهي.

سنڌي شاعريءَ جي پنهنجي اصلوڪي مزاج ۾ رچيل بسيل صنفون بيت، ڪافي، وائي. ڏوهيڙا، سورٺو لولي، اوراٽو لاڏو سهرو جهمر، ڇيڄ، لوڪ گيت ۽ پڳتي رس واري شاعريءَ ۾ ڪوي پهلاج جهڙن عوامي شاعرن جا ٻچن شامل آهن. جن مان پويون ڪي صنفون خالص ادبي شاعريءَ جي دائري ۾ نٿيون اچن ۽ واتي ويٺي ٽُڪ بنديءَ واري سنگيت جي سُرن ۾ سموئجي، سُر تال ۾ ڳائڻ تائين محدود آهن. جيتوڻيڪ اها پڻ حقيقت آهي تہ سنڌ ۾ گهٽي ۾ گهٽو وکرو شڪارپور جي ڪوي پهلاج جي ٻچنن جي شايع ٿيل چوپڙين جو هوندو هئو، پر شاعريءَ جون انٿالاجيون مرتب ڪندڙن ڪڏهن بہ اهڙي عوامي شاعريءَ کي پنهنجي درسي خواهہ ادبي مجموعن ۾ ڪا جاءِ نہ ڏني. ان جي برعڪس شاهہ سچل، سامي، رومي، بيدل، بيڪس ۽ حمل فقير جهڙن ڪلاسيڪي شاعرن کان پوءِ عوام تائين اها پڳتي رس واري (Saint poetry) گهر گهر ۾ بيحد مقبوْل هئي ۽ آزاديءَ جي هلچل دوران قومي شاعريءَ جي شاعرن بيوس، دلگير ۽ دڪايل نيون صنفون جوڙي، سنڌي شاعريءَ جو هڪ نئون پهلو اجاگر ڪيو پر آزاديءَ کان پوءِ اها شاعري پنهنجي اهميت وڃائي ويئي.

ورهاڱي بعد سنڌيءَ جي نامور شاعر پريو وفا عوامي طرز واري روانيءَ سان ڀرپور لئريڪل (غنائي) شاعريءَ جي هڪ نئين صنف 'پنجڪڙا' جي سري سان سنڌي شاعريءَ کي ڏني آهي. پنجڪڙا صنف لئہ ۽ تال واري سنگيت مئہ صنف آهي، جنهن ۾ خيال جي رواني (Lyricism of Thought) ۽ عبارت جي رواني (Lyricism of Diction) چُست بحر وزن سان رل مل ٿي، هڪ نئون آهنگ پيدا ڪيو آهي. لوڪ شاعريءَ ۾ نظير اڪبر آباديءَ جا 'خمسا' پڻ پنجن سٽن واري لئريڪل لوڪ گيت جي فارم ۾ آهن، پر انهن ۾ قافيي جو ورجاءُ رڳو پوين ٻن سٽن ۾ آهي، جڏهن تہ پنجڪڙن جي هر ٻين سٽ هم قافيہ آهي:

’موت او منزل جا ويساهہ
رکي شڪ وڏي سگهي ڪو ڪونہ
لڳي لُڪ، سج بہ ڪري تک چونہ؟
واٽ تي آهہ جهجهي وڻراهہ
موت او منزل جا ويساهہ.‘

سنڌي لئريڪل شاعريءَ ۾ گيتڪار گووردن ڀارتي هڪ الڳ اهميت، رتبو ۽ مقام رکي ٿو. گووردن جي سنگيت ڀري شاعريءَ بابت راءِ زني ڪندي نارايڻ شيام چئي ٿو:

”ڪوتا لفظن جي رو پ ۾ سنگيت آهي ۽ سنگيت سُرن جي روپ ۾ ڪوتا. سنگيت جا سُر ۽ لئي، بحرن جي رڪنن ۾ گونجندا رهن ٿا تہ بحرن جون جدا جدا ترتيبون سنگيت جي سُر ۽ لئي ۾ پيو ن بکن – گيت اڌ کان وڌيڪ سنگيت آهي يا چئجي تہ سنگيت جي پورتي آهي، پر جيڪڏهن مٺن ٻولن کي سهڻن لفظن جو سهارو بہ آهي، تہ ٻڌندڙ جي جوابي جنبش ڪيڏي نہ گهري ٿي ٿئي. انسان جي زندگي ۽ سنگيت جو پاڻ ۾ اتوٽ سنبڌ آهي. مٺين مٺين لولين سان شروع ٿي، زندگي ماروءَ جي گنڀير گت ۾ وڃي ختم ٿئي ٿي.“

گووردن ڀارتيءَ جي سنگيت مئہ شاعري اهي تقاضائون پوريون ڪري، اهو احساس ڏياري ٿي تہ گيت ڳائڻ جي صنف آهي ۽ ان جو لاڳاپو سڌو دل سان آهي. اِن ڪري جتي هر گيتڪار شاعر نٿو ٿي سگهي، تئن هر شاعر بہ گيتڪار نٿو ٿي سگهي. نظم ۽ گيت جو هي رل مل نمونو:

”مون پڇتايو دل پڇتايو پيار نہ پر پڇتايو،
پريت سهاڳڻ ٿي سک پاتو، دل ٿي درد پرايو.
پيهار ڏنا پلڪن کي آنسون، اکڙين کي اوجاڳا،
رودن واريون راتيون ڪاريون، ڏک جا ڏينهن اياڳا،
لب تي آهون، سرد صدائون، دل ۾ سوز سمايو!
پريت سهاڳڻ ٿي سک پاتو – دل ٿي درد پرايو
مون پڇتايو دل پڇتايو ، پيار نہ پر پڇتايو.“

گيت جي شاعراڻي شاخ کي رواني بخشڻ ۾ هري دلگير جي دين پڻ مثالي آهي. دلگير سنڌيءَ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ تي گهري نظر رکڻ سان گڏوگڏ جديد شاعريءَ سان پڻ پنهنجو ناتو قائم ۽ برقرار رکيو آهي. مروج صنفن کان سواءِ رڳو شاعريءَ جي ٽن شاخن۔ نظم، بيت ۽ تنها جهڙي تجرباتي شاعريءَ ۾ دلگير ويهارو کن مختلف وزنن جا تجربا ڪيا آهن، جن ۾ هن تشبيهن ۽ علامتن سان نئين سوچ ۽ نون لاڙن جي نمائندگي ڪئي آهي. شاعريءَ ۾ سلاست غزل جهڙي جاندار صنف جي

دشمن آهي، پر سنڌ ۾ اياز ۽ امداد ۽ هند ۾ دلگير ۽ شيام جي نظمن ۽ بيتن ۾ ٻولي ۽ ڏڪشن جي سلاست (Lucidity Not Simplicity) رواني‌ءَ سان گڏو گڏ خيال جي گهرائي رل مل ٿي، سوچ جي سرحدن کي ڪٽي ڪٽي ڇهڻ ٿي لڳي. دلگير جو هيءُ بي قافيہ نظم، بحر خفيف جي وزن فاعلاتن – مفاعلن – فعلن ۾ پڻ خاص رواني پيدا ڪري سگهيو آهي.

’ڪالهہ جي بي ڪنار ساگر ۾
يادگيرين جو چار اڇلائي
تو ڪيان آنءُ ڪيتريون چيزون
ڪيترا تن ۾ قيمتي موتي
ڪيترا سنک، ڪوڙ، سانگوٽيا
ڍير ٿاهي انهن جو پاڻ اڳيان
شوق سان آءٌ تو ڏسان تن کي.‘

گوورڌن ڀارتي ۽ هري دلگير جي گيتن جي لئہ، تال ۽ سُر سنگيت جي سلسلي جي ٽين اهم ڪڙي موتي پرڪاش جي رواني‌ءَ واري شاعري‌ءَ جي گيت وارو حصو آهي. موتي پرڪاش جي گيتن ۾ ٻولي ۽ خيال جو سنگم هڪ اِنڊلٽ جهڙو منظر پيش ڪري، فطرت جا ڪيئي رنگ اپاري ٿو. موتي پرڪاش جو هي گيت هڪ مڪمل منظر ڪشي‌ءَ جو مثال آهي:

”درد دکندو رهيو – باهہ ٻرندي رهي....
واءُ هئو واچ هئي، چوهہ هئو ،چول هئي!
هيانءَ ۾ هيڪلي‌ءَ جي بہ ڇا هول هئي!
ڪاهي ڪُن ۾ پيئي، وير ورندي رهي،
درد دکندو رهيو – باهہ ٻرندي رهي!“

۽ ساڳئي ئي گيت ۾ منظر ناموتہ بدلجي ٿو وڃي، پر گيت جي سُر سنگيت جو سلسلو برقرار آهي:

”رات ڇا رات هئي؟ ڇا تہ ظلمات هئي!
تانگهہ تن کي هئي، تات ئي تات هئي
موهہ ۾ مُنڌ ميهر لئہ مرندي رهي
درد دکندو رهيو باهہ ٻرندي رهي.!“

سنڌي شاعري‌ءَ جي اڄڪلهہ هڪ غيرمعروف ۽ غيرمروج صنف رباعي آهي، جيڪا سنڌي شاعري‌ءَ ۾ عربي ۽ فارسي شاعري‌ءَ جي صنف قصيدي مان ڇاڻي، ڇئن سٽن ۾ سمائي ويئي آهي. ظاهر طور هيءَ صنف سولي ۽ سادي نظر اچي ٿي، پر ان جي

ڪمپوزيشن بحر هجز جهڙي، ڏکئي بحر جي چوويهن وزنن ۾ ٽيندي آهي، جنهن ۾ ٻارهن وزن بحر هجز اخرب ۽ ٻارهن وزن احزم ۾ آهن. رباعيءَ جي ٽيڪنيڪي پهلوءَ کي پاسيرو رکي، ان جي شاعراڻي تاثر کي پيش ڪجي ٿو.

سنڌيءَ ۾ گهٽي ۾ گهٽيون رباعيون بحر وزن جي استاد ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي خادم جون لکيل آهن ۽ هن جي رباعين جا ٻه مجموعا 'رنگين رباعيون' ۽ "رباعيات خادم" شايع ٿي چڪا آهن. خادم صاحب جي رباعين ۾ خيال جي گهرائي ۽ ٽيڪنڪ جي مهارت باوجود اها سلاست (Lucidity) ناهي، جيڪا نارائڻ شيام ۽ پوءِ جي ڪن شاعرن پنهنجين رباعين ۾ برقرار رکي آهي.

نارائڻ شيام جون رباعيون هند ۾ رچيل سنڌي شاعريءَ جو نئون ۽ ناياب نمونو آهن. شيام پنهنجي رباعين کي پنکڙيون ڪري ڪوٺيو آهي، ۽ ان ئي عنوان هيٺ هن جي رباعين جو مڪمل مجموعو آهي. شيام جون اڪثر رباعيون ويهن ماترائن واري وزن ۾ آهن ۽ انهن ۾ تصور ۽ تصوير جا رل مل رنگ پريل آهن:

"چانڊوڪيءَ جي شهر ۾ آيا آهيون
بيخود پوئين پهر ۾ آيا آهيون،
گيتن جي دريا جو پڳو بند سڪوت
لڙهندا لئه جي لهر ۾ آيا آهيون.

رباعيءَ جهڙي ڏکئي بحر ۾ پڻ نارائڻ شيام لئه جي هڪ اهڙي لهر پئدا ڪئي آهي، جيڪا هن جي ئي هڪ غزل جي سٽ:

آڏيءَ رات ڏنو مون جاڳي
حد ـ لاحد جي سرحد ساڳي

جيان سنگيت جي سُرن جي حد – لاحد جي سرحدن تائين رسائي پئدا ڪري سگهي آهي. شيام جي هڪ ٻي رباعي:

"تو واسطي سپنن جو مڙهيل هار ڪٽي
مان آيس گيتن ۾ پري پيار ڪٽي.
ونندي ئي اکيون منهنجون چپن ساڻ ڍڪيئه
موٽيس تي جيون جو سچو سار ڪٽي."

خادم ۽ شيام کان پوءِ واري پيڙهيءَ جي شاعرن پڻ رباعيءَ تي قلم آزمائي ڪئي آهي، پر انهن رباعيءَ کي قطع جو رنگ روپ ڏيئي، ٻنهي صنفن کي يڪسان ڪري ڇڏيو آهي.

ليکراج عزيز هري دلگير، سگن آهوجا، موتي پرڪاش ، ڪرشن راهي ۽ ٻين ڪن شاعرن رباعيءَ جي مواد (content) کي برقرار رکندي به ان جي عبارت کي

نئين پيرايي ۾ پيش ڪيو آهي. ڏيگهہ جي ڏپ کان مان هتي رڳو سدا حيات ڪرشن راهيءَ جون بہ رباعيون علامت طور پيش ڪري رهيو آهيان.

"ڪيڏي نہ هجي عمر نہ پوري ٿي پوي
انسان جي هر آس اڌوري ٿي رهي
خواهش تہ جيئڻ لاءِ ضروري آ، پر
خواهش تہ نہ آ عمر، جا پوري ٿي وڃي.

راهيءَ جي، هيءَ رباعي مروج بحر هجز نہ پر بحر خفيف ۾ آهي ۽ پوئينءَ سٽ ۾ قافيي جي آزادي پڻ ورتي ويئي، ائين جيئن اڄ ڪلهہ غزل ۾ قافيي ۽ رديف جي آزاديءَ جو قائل اسان جو شاعر ارجن حاسد آهي بلڪ هن پنهنجن بيشتر غزلن ۾ قافيي کي بہ رديف ڪري ڪاميابيءَ سان ڪتب آندو آهي.

راهيءَ جي هن ٻينءَ رباعيءَ ۾ بهرحال، ٽيڪنڪ جي پوري پابندي آهي:

"مت پنهنجي هلي ڪو تہ چوَن سَودائي
مت ٻئي جي وٺڻ کي نہ سڏن دانائي
انسان ترقي جو ڪٿي آهيڏي
مت ڪنهن جي تہ آ، ڪنهن کي تہ آ ڪم آئي!

ذڪر ڪيل ٻنهي رباعين ۾ ٽيڪنڪ کان پاسو ڪرڻ جي باوجود خيال جي چٽائيءَ سان زندگيءَ جا فلسفا منظوم ڪيا ويا آهن ۽ پڙهندڙن تي آفاقيت جو گهرو تاثر ڇڏين ٿا.

سنڌي شاعريءَ ۾ جتي ٻيون روايتي صنفون پنهنجين ٽيڪنيڪي حد بندين ڪري گمنام (Fade) ٿي رهيون آهن، اتي آزاد نظم ۽ اڳتي هلي نئين ڪوتا جي روپ ۾ ان جو نئون پهلو اجاگر ٿيندو رهيو آهي. ڪن نقادن جو رايو آهي تہ ادب ۾ آزاد نظم ترقي پسند تحريڪ جي پئداوار آهي، پر حقيقت ان جي برعڪس آهي. انگريزي ادب ۾ آزاد نظم جي شروعات ملٽن ڪئي هئي ۽ هن جي شاهڪار نظم Paradise Regained جا اڪثر حصا آزاد نظم ۾ تحرير ٿيل آهن. hell is Way is the paved with best of intentions: (دوزخ ڏانهن ويندڙ رستو نيڪ نيتيءَ سان تعمير ٿئي ٿو) آزاد نظم جو هڪ جاذب مثال آهي.

سنڌيءَ ۾ برابر آزاد نظم جو آغاز ترقي پسند تحريڪ سان ٿيو، پر ان تحريڪ جي پڇاڙيءَ بعد پڻ آزاد نظم جو سفر جاري ساري رهيو آهي.

ورهاڱي بعد ان دورَ جا پنج پختا ۽ معتبر آواز – سگن آهوجا، ارجن شاد، ايشور آنچل، موتي پرڪاش ۽ ڪرشن راهي آزاد نظم جا آبرودار ۽ نمائنده شاعر ڪري تسليم ڪيا ويا آهن، انهن مان چار اڄ اسان وٽ نہ رهيا آهن ۽ موتي پرڪاش ان واٽ جي لاٽ کي روشن رکيو ويٺو آهي. شل ڏٽي هن کي خضر واري عمر عطا ڪري!

ان پيرايي ۾ ڪرشن راهيءَ جو نظم "آرام حرام آ":

"جيئن ڪنهن بار ڳهندڙ گڏھ تي ٻيو وجهي بوجو
ٻُئيءَ تي ڪو ڇُتو جاچي
وهائي زور سان چهبڪ
ڪچي ڪا گار ڏيئي سوار آکي:۔ 'هل حرامي هل'
ڏني آ راڄنيتيءَ زندگيءَ کي گار اڄ اهڙي
حرام آرام آهي ۽ ڪريو محنت – ڪريو محنت
اها هڪ گار آ تو کي ۽ ساڳي گار آ مون کي
انهن سڀني کي آهي گار جن جي زندگيءَ ۾ ننڊ ۽ آرام اڳ
۾ ئي حرام آهن!

نارايڻ شيام بنيادي طور غزل جي شاعر هوندي بہ ڪي اهڙا شاهڪار نظم ۽ آزاد نظم لکيا آهن، جيڪي ڪنهن بہ دور ۾ پابند ڪري نٿا سگهجن.

"ڪهڙي آئيني ۾ منهنجي اصلي صورت گم ٿي ويئي" – ۽
"ٻر مان ٻجي نڪتس اتان".

جهڙا آزاد نظم سوچ جي سطح تي بہ سنڌي شاعريءَ جي سونهن ۽ سوڀيا آهن.
شيام جو هي آزاد نظم 'رولاڪ' ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ليکڪن جي گڏجاڻين کان پوءِ متاثر ٿي لکيل آهي:

"گهايل شام
ڊٺل سراءِ ۾ ڪي رولاڪ ڪٺا ٿيا
ڳالهيون ڪئين نڪرنديون هاڻي
ٻرندي رهندي رات!
لفظن جون معنائون بدليون
ڳالهائڻ جا لهجا بدليا
ليڪن اڪ ۾ پيار اهو ئي
بدل سدل جي پيڙا سهندي
بدليا ڪين اهي رولاڪ.

سانيٽ جيتوڻيڪ انگريزي شاعريءَ جو سڀ کان لئريڪل فارم آهي، پر اهو سنڌي شاعريءَ ۾ ڦبي ۽ ٺهڪي نہ سگهيو آهي. صحيح معنيٰ ۾ سانيٽ جو فارم نارايڻ شيام 'روپ مايا' ۾ چوڏسي جي سري سان ڪتب آندو آهي، جنهن کي سنڌيءَ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو.

سٺ واري ڏهاڪي ۾ فرانسيسي شاعريءَ جي نئين صنف Triolet ترائيل جي سري سان سنڌيءَ ۾ هري دلگير استعمال ڪئي. هن صنف جي شاخ کي اڳتي هلي

نارايڻ شيام ۽ هريڪانت سائو سبز ڪيو. هريڪانت جي ترائيلن جو مڪمل مجموعو "پرهه کان پهرين" شايع ٿيل آهي. اٺن سٽن جي هن صنف ۾ هڪ سٽ جو ٽيون پيرا ۽ ٻيءَ سٽ جو ٻه پيرا ورجاءُ ٿئي ٿو. خيال، جذبي ۽ ڊڪشن ۾ نارايڻ شيام جا ٻاويهه ترائيل بيحد جاندار آهن.

"سائين جيئري جندڙيءَ جي سُوَر جون سوَ صورتون
زندگيءَ ۾ چين جي ڪا ڪن ملي ، ممڪن نه آ
اون ايندڙ جي وئي جا پور، ڳڻتيون حال جون
سائين جيئري جندڙيءَ جي سُوَر جون سوَ صورتون
يا چريو ڪوئي ڪلي، يا جنهن کي ڏين توفيق تون
ورنه دنيا ۾ رهي ڪوئي ڪلي، ممڪن نه آ
سائين جيئري جندڙيءَ جي سُوَر جون سوَ صورتون
زندگيءَ چين جي ڪا ڪن ملي، ممڪن نه آ.

موجوده دورَ ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ 'هائڪو' جي صنف بيحد مقبول ٿيڻ لڳي آهي. سنڌ جي نامور شاعر امداد حسينيءَ ان صنف کي 'ٽيڙو' نالو ڏنو آهي ۽ هتي هند ۾ اها 'ٽِه سٽا' صنف طور ڄاتي وڃي ٿي.

هائڪو چوڏهين صديءَ جي جاپاني شاعريءَ جي صنف آهي، جنهن جا خلقيندڙ جاپانيَ شاعر باشو ۽ هن جو شاگرد نڪاڪو آهن. باشو جي هڪ هائڪو جو انگريزي ترجمو:

Gardener Writes"
plucking of Flowers is Prohibited
But wind can not read"

هائڪو فارم محض منظرڪشيءَ جو پرتو (Reflection) آهي. باشوءَ لاءِ چيو وڃي ٿو ته هو سج ايرڻ ويل خچر تي چڙهي، پهاڙن طرف نڪري ويندو هئو ۽ فطرت جي هر منظر کي هائيڪوءَ ۾ چٽيندو ويندو هئو. باشوءَ جو هڪ هائڪو:

ڪوماٽل ٽاريءَ تي
ڪانءُ لهي آيو آهي
سرءُ ۾ سانجهيءَ جو.

چئي نٿو سگهجي ته سنڌيءَ ۾ سڀ کان پهرين هائڪو ڪنهن لکيو آهي، پر مون پهريون پيرو شيام جا هائڪو پڙهيا، جن کي هن 'تصويرون' جو نالو ڏنو هو. شيام جي چوڻ موجب "تصويرون مون جاپاني ڪوتا هائڪو کان متاثر ٿي لکيون آهن. ان قسم جي شاعريءَ جو چترڪاريءَ سان اٽوٽ سنبنڌ ٿيندو آهي. هائڪو ۾ ٻه عناصر ٿين ٿا: هڪ دائمي يا ابدي ۽ ٻيو عارضي-پر ٻيئي جزا بجليءَ جي poles (ڇيڙن)

وانگر هئڻ گهرجن، جن جي ملڻ سان چمڪاٽ پئدا ٿئي. پر سنڌيءَ جو نئون فارم چترڪاريءَ جي ٽيڪنڪ تي ٻڌل آهي.“

”پربت ۾ آڪاس
دور دور پهچي نظر
اوچو هڪ احساس.“

”وڄن نہ سنک نہ گهنڊ
هن بستيءَ جي خلق جي
چئہ ڪئن ڪلندي ننڊ.“

نارايڻ شيام جي مجموعي ’ذات ۽ حيات‘ جي ٻئين جُلد ۾ هن جا اڍائي سو هائيڪو شامل آهن. شيام کان پوءِ دلگير، راهي، موتي پرڪاش، پرڀو وفا، واسديو نرمل، ارجن حاسد، واسديو موهي، ستيش روهڙا، لکمي کلاڻي ۽ ٻين ڪن شاعرن جا هائيڪو رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. پر انهن مان هر شاعر وٽ هائيڪو جا موضوع مختلف رهيا آهن. لکمي کلاڻيءَ ’تصويرون‘ عنوان سان جيڪي هائيڪو لکيا آهن، انهن ۾ سياسي رنگ بہ اچي ويو آهي:

وڏو آ تنهنجو مانُ
گرگٽ جيان مٽي رنگ
ٿيءَ نہ سياستدان

ڪتو وينو ٻڌي
هز ماسٽرس وائس جو
فونو پيو وڄي.

لکمي کلاڻي پنهنجن هائڪن ۾ اڪثر ماترائن جي آزادي ورتي آهي. ٻارنهن – تيرهن – ٻارنهن وارين رٿيل ماترائن بدران لکميءَ ڪٿي ڪٿي سترهن ماترائون، يعني ڇهہ ’گُرو‘ ۽ پنج ’لگهو‘ ماترائون پڻ رکيون آهن.

”رهيا اوڏ جا اوڏ
پاتاران ميڙيائون نہ موتي
متاڇري تان ڪوڏ.“

هيءَ سٽ ۾ تہ ست گرو ۽ چار لگهو ماترائون آهن
بهرحال، هن مقالي جي مراد ڇند ماترائن جو تجزيو ۽ ڇيد ڪرڻ ناهي.

واسديو موهيءَ وري غزل جو نئون روپ ’ هائڪو غزل‘ ايجاد ڪيو آهي.

چٽي نٽو سگهجي تہ آزاد غزل جيان اهو تجربو اڳتي هلي ڪيترو ڪامياب ٿيندو؟

وچ ڪڪرن جي ٻوڙ
ڏيک ويک لاءِ روپ لاءِ
چنڊ جي هڻ پتوڙ
(هڻ پتوڙ— هڻ پٽ جي معنيٰ ۾)
مٽي وڄون گجگوڙ
پُوڻءِ ڏماڪن سان وڄي
دل ۾ ٽين وڳوڙ
۽ هائيڪو غزل جو آخري بند:
ڏهن رڳو نہ مڪان
قومن جي اتهاس کي
کهڙا کهڙا موڙ

شاعريءَ جي هڪ ٻي، 'هڪ سٽي' صنف 'تنها' پڻ سنڌي شاعريءَ ۾ شامل ڪئي وئي آهي، جيڪا اصل ۾ اندر پوٺواٽيءَ جي ايجاد آهي، پر اڳتي هلي شيام دلگير، ستيش روهڙا ۽ ڪن ٻين ان تي طبع آزمائي ڪئي آهي. ستيش روهڙا جو 'تنها' عنوان سان مڪمل مجموعو شايع ٿيو آهي. 'تنها' فارم جو مقصد هڪ سٽ ۾ مور جي ڪنپ جيان هڪ خيال يا Flash (چمڪاٽ) پئدا ڪرڻ آهي، پر ستيش روهڙا تہ ان ۾ محاورا پڻ استعمال ڪيا آهن. بهرحال، ان صنف بابت تفصيلوار تبصري جي گنجائش آهي، جئن ان کي هڪ lazy فارم ڪري نہ ورتو وڃي.

هينئر مان سنڌيءَ جي اصلوڪي مزاج وارين صنفن بيت، وائي، دوها، سورٺا وغيره بابت مختصر طور جائزو پيش ڪريان ٿو. انهن صنفن کان سواءِ سنڌي لوڪ شاعريءَ ۾ لولي، اوراٽا، لاڏا، جهمر ۽ ڇيڄ وغيره جهڙيون سريليون صنفون پڻ آهن. پر اهي تحريري شاعريءَ کان وڌيڪ سنگيت جي سُرن سان واسطو رکندڙ آهن.

موهن جي دڙي مان ڳولهي لڌل ننڍڙا اکرين نچڻيون جن مدرائن ۾ بيٺل آهن، انهن مان ظاهر آهي تہ سندن پير ۽ هٿ سنگيت جي سُر تال ۽ لئہ تي ئي کڄيل آهن.

سنگيت جي لئہ ۽ ڌن هوندي، آواز جو آڪار بہ هوندو. آڪار هوندو تہ سُر ۽ ساز جو انوکو سنگم هوندو ۽ سُر ۽ ساز جي ان سنگم جي پس منظر ۾ يقينن گيت هوندو ۽ گيت هوندو تہ شاعري هوندي. اها شاعري کهڙي بہ روپ ۽ رنگ ۾ هجي، پر اها خالص سنڌي شاعري ئي هوندي

شاهہ لطيف جو هڪ لازوال بيت آهي:

"جي تو بيت پانئيا، سي آيتون آهين"

صحيح معنيٰ ۾ سنڌي شاعريءَ جي هن شاخ جي الهامي هئڻ جي علامت آهي. ۽ هي بيت:

"ڪجي ڪاچوتي نانگا نڪتا نينهن جي
جهڙا آيا جڳ ۾، تهڙا ويا موٽي
تنين جي چوٽي، پورب ٽيندي پڌريءَ"

انهن الهامي ڪردارن جو ذڪر آهي.

سنڌ جي ثقافتي ۽ سماجي زندگيءَ ۾ سنڌي سگهڙن جا بيت عوامي شاعريءَ جو فطرتي حصو بڻجي چڪا هئا. شيخ اياز ۽ ابراهيم جويي کي ٿر جي سفر دوران هڪ سُگهڙ هڪ بيت ٻڌايو جيڪو ٻڌي ونجي ويا هئا.

"هڏيءَ متي هوڙ، ڪيڏانهن ڪُڙهه ڪتن جي
هڏي ساري هوڙ، چوپيندڙ چلي ويا."

ٽري لوڪ گيت جي هن بيت جي ٻن سٽن ۾ دنيا جي بي ثباتيءَ جو مڪمل فلسفو موجود آهي. ديس ديس جي علائقائي لوڪ گيتن ۾ اهڙا ڪيئي هيرا ۽ لعل لپيا ويندا آهن. هڪ رومانوي پشتو لوڪ گيت آهي، جنهن ۾ هڪ دوشيزه پنهنجي ماءُ کي چوي ٿي:

"امان – منهنجيون چگون نہ وَڍِ،
وڏيل وڻ تي باز نہ ويهندا آهن."

عشق جي جذبن جي چٽائيءَ دوشيزه کان وحشي باز جو اشارو ڏياريو آهي. طوطي، ڳيري يا ڪنهن ٻئي نرم نازڪ پکي پرندي جو نہ.

جديد دور جي شاعريءَ ۾ شيخ اياز پهريون شاعر آهي، جنهن بيت جهڙي، صنف کي تصوف کان ٻاهر آڻي، جماليت سان روشناس ڪرايو آهي ۽ سنڌي بيتَ جڻ اياز جي شاعريءَ جي سڃاڻپ بڻجي ويا آهن.

هند ۾ ڪيترن شاعرن بيتن، دوهن ۽ سورٺن تي ڪاميابيءَ سان قلم هلايو آهي، پر انهن صنفن ۾ پڻ نارايڻ شيام جي دين يگاني ۽ الڳ آهي.

"جاڳ جاڳ مومل مٺي، جاڳ سهاڳڻ جاڳ،
موٽي وڃي نہ مينڌرو پٺي نہ ڏئيئي پاڳ"

شيام جي نظريي موجب ادب جا ڪلاسيڪي شاهڪار گهري ۽ گنڀير انساني انڀو جي پئداوار آهن ۽ اسان جي اندر ۾ اهي پڙلاوَ ٽين ٿا، جن جو اسان کي گمان بہ نہ هئو. سنڌيءَ جي اهڙي ڪلاسيڪي شاعري اسان کي لطيف سائينءَ وٽان ورثي ۾ ملي آهي. ۽ بقول اياز "اهو وقت پري ناهي، جڏهن آرٽ، مذهب جي جاءِ وٺندو." سنڌي بيت کي پڻ اهڙي انفراديت آهي.

"شيام ڪتين ڪر موڙيا، تيڙو اُيا تيئي،
رات ڪاڪ جون ڳالهڙيون، ياد ڏيکاري ويئي،
ڏسندي ڏسندي ڪئي، شمعون ٻري اجهاڻيون."

ڪرشن راهيءَ جا بيت، 'سنڌ ۽ سنڌي' ۽ 'ماڻهو منهنجي ملڪ جا' سنڌي شاعريءَ ۾ ڪلاسيڪي درجو رکن ٿا.

وائي جيڪا ڪافيءَ جو ٻيو روپ آهي، سنڌي شاعريءَ جي اصلي ۽ سُر سنگيت ۾ سموئڻ واري صنف آهي. پٽ شاهه تي فقير وائيءَ ڪي هڪ مخصوص سُر ۾ آلاپيندا آهن، جن جا ٻول ٻاهر نہ نڪرندا آهن.

سنڌيءَ ۾ گهٽي ۾ گهٽيون وايون شيخ اياز لکيون آهن. پر هند ۾ لئريڪل واريون نارايڻ شيام، هري دلگير، ڪرشن راهي، موتي پرڪاش، گووردڻ ڀارتي ۽ ڍولڻ راهيءَ جون آهن. شيام جي ٽيهارو کن شايع ٿيل واين ۾ سک درسي رخ ۽ رويو آهي:

'رات پنيان پرڀات – اي دل ماندي ٿين متان!
ان تارن جي ڇانوَ ۾ – گذري ويندي رات.
اي دل ماندي ٿين متان!
ڪلندي ننڊ ڪليءَ جيان – سانت بہ هوندي لات
سور ڇڏيندا ماڳ تي – ڏکڙا ٿيندا ڏات.
ڪري موت جي هنج مان – هر هر هات حيات.
اي دل ماندي ٿين متان!

ڪرشن راهيءَ جي واين ۾ اڪثر لوڪ ڪٿائن جا ڪردار آهن، جن کي هن نئين پيرايي ۾ پيش ڪيو آهي:

"ڪوئي آهي – ڪوئي آهي – سڏ اونائي.
راءِ ڏياچ ڪهي آيو آ – پنڌ پڇائي – ڪوئي آهي؟
آهي ڪوئي ٻيجل ڳائي ۽ سر لاهي.
موتي آيو آهي پنهون پيو در ڪڙڪائي – آهي ڪوئي؟
ڪوٽ عمر جو ڪاٽي ماروئي موٽي آهي – آهي ڪوئي؟
دلبر لاءِ ديوار پنيان، دلبر واجهائي – آهي ڪوئي؟

موزون ۽ رواني واريءَ طبيعت ڪري موتي پرڪاش وائيءَ کي هڪ نؤن ردم ۽ لئہ تال ڏنو آهي. انديشن ۽ خدشن ۽ Fait accompli جي قبوليت جي باوجود موتي پرڪاش جي واين ۾ ٻوليءَ جو رسُ چسُ پڻ نظر ايندو جيڪو پڻ وائيءَ ۾ خيال جيان اهم آهي.

"موَت تي ڪانهي ميار
تون بہ ويندين – مان بہ ويندس!
هر جنم ۾ مون ٻڌي آ

ڪوڪ ساڳي، سا پُڪار – تون بہ ويندين، مان بہ ويندس.
گهيرجي ويا، واچ جُهڙ ۾
جهر جهنگل ۽ ڪوهسار – تون بہ ويندين، مان بہ ويندس.
پالڪيءَ ۾ ڪير هئو جنهن کي
کڻي ويا تي ڪهار – تون بہ ويندين، مان بہ ويندس.
اي پرين تا ڪن اشارا
هو پراهان پنڌ پار – تون بہ ويندين، مان بہ ويندس.
تون نہ هوندين – مان نہ هوندس
ڪين هوندا انتظار – تون بہ ويندين، مان بہ ويندس.
ڏاڏو ڏاڏو ڏار هوندو
کي ڪٽا سڏبا هزار – تون بہ ويندين، مان بہ ويندس.

سنڌي غزل ۽ نئين ڪوتا تي مفصل لکڻ لاءِ تمام گهڻو مواد موجود ۽ ميسر آهي. خاص ڪري مون کي ايم ڪمل ۽ ارجن حاسد جي تجرباتي غزلن ۽ واسديو موهيءَ جي آزاد غزل ۽ هائڪو غزل جي مناسبت بابت ۽ اهميت بابت تجزيو پيش ڪرڻو هئو پر سنڌي شاعريءَ جون اهي بيئي صنفون هن پيپر جي دائري ۾ داخل نہ آهن ۽ منهنجا هند – سنڌ جا دوست انهن صنفن تي معلوماتي مواد پيش ڪندا!

پيپر جي پچاڙيءَ ۾ مون کي اهم سوال اهو اڀارڻو آهي تہ ڇا موهن جي دڙي کان ماموئي فقيرن تائين، اسان وٽ ڪا شاعري نہ رچي ويئي؟ ۽ جي رچي ويئي تہ اها ڪيڏانهن عدم پئدا ٿي ويئي. انهن جي سٽ سٽ ڪهڙن ڪتابن ۾ قيد ٿي ويئي؟ ۽ اهي ڪتاب ڪيڏانهن ويا؟ جيڪڏهن ڪي حملہ آور انهن ڪتابن جا اُٽ پرائي ويا تہ ڇا انهن سيني ڪتابن کي نيل نديءَ ۾ وهايو ويو. جي ائين ٿيو هوندو تہ يقينن نيل نديءَ جو سچو وهڪرو ئي بند ٿي ويو هوندو؟ پر اسان وٽ اهڙي ظالماڻي عمل جو ڪو تاريخي دستاويز موجود نہ آهن.

سنڌي ادب جي ان آباد بيابان ۾ اسان صدين جو سفر اوندهہ ۾ هٿوراڙيون هڻندي طئہ ڪيو آهي. صدين کان پوءِ وچي ڪي سٽ بيت ماموئي فقيرن جا هٿ لڳا آهن ۽ اتان ئي پنهنجي شاعريءَ جو سفر شروع ڪيو آهي. وچ وارو سچو عرصو خال ئي خال آهي. خالن اندر خال آهن. ڇا سنڌ جي صدين جي رچيل سچي شاعري جنت مان هڪاليل حوا هئي؟ يا شاعريءَ جو ڪو چٽو مفهوم اسان وٽ نہ هئو؟!

⊙⊙

# تصويري جهلڪيون




نامور نقاد آنند کيماڻي اسحاق موهن همٿاڻي ۽ بيا ويٺل آهن




سيمينار جي هڪ اجلاس ۾ نامور اردو نقاد گوپي چند
نارنگ، ستيش روهڙا ۽ اسحاق




موتي پرڪاش، اسحاق، ڪلا پرڪاش، هري همٿاڻي ۽
ارجن حاسد




اسحاق، ريتا ۽ اياز ماڻيءَ جي وقفي دوران




سيمينار جي وقفي دوران موتي
پرڪاش، اسحاق ۽ ڪلا پرڪاش
خوشگوار موڊ ۾




سيمينار جو آرگنائيزر واسديو موهي
ڳالهائيندي




هيري شيوڪاڻيءَ جيءَ ڪهاڻي ڪتاب جو مهورت




نامور شاعر موتي پرڪاش "سارنگا" جو مهورت ڪندي



اياز گل، ارجن حاسد ۽ اسحاق سميجو سيمينار جي هڪ
سيشن ۾ اسٽيج تي ويٺل



هيرو شيوڪاڻي اسحاق ۽ ريتا شهاڻي
تقريرون ٻڌنديون

امداد حسيني

## ڇهرو، ندي ۽ موسم

هر ڇهري جي پنيان هڪڙو ٻيو بہ ڇهرو هوندو آهي
هڪڙو ڇهرو سيني آڏو کِل کِل پيو کلندو آهي
ان جي پنيان جيڪو ڇهرو هوندو آهي
پنهنجي پر ۾ رَتُ پيو سو رُوئندو آهي
هر ڇهري جي پنيان هڪڙو ٻيو بہ ڇهرو هوندو آهي.

هر موسم جي پنيان هڪڙي ٻي بہ موسم هوندي آهي
هڪڙي موسم هٿ ـ ترِيءَ تي ڏيئا ٻاري ايندي آهي
اُن جي پنيان جيڪا موسم هوندي آهي
سا ڪوول وانگي گيت برهہ جا ڇوندي آهي
هر موسم جي پنيان هڪڙي ٻي بہ موسم هوندي آهي.

هرنديءَ جي پنيان هڪڙي ٻي بہ ندي هوندي آهي
هڪڙي ندي سيني آڏو ڇل ڇل وهندي ويندي آهي
اُن جي پنيان جيڪا ندي هوندي آهي
سا صدين جي منهن تان ڪارنهن ڌوندي آهي
هرنديءَ جي پنيان هڪڙي ٻي بہ ندي هوندي آهي.

## هڪ نظم

دنيا ڪي تون ڏوڙ چوين ٿو
جندڙيءَ ڪي تون ڪوڙ چوين ٿو
هر رشتي ڪي ڪچ چوين ٿو
تون ٿو سمجهين، سچ چوين ٿو
پنهنجي پرمز رکڻ ڪارڻ
هونئن تہ ڳالهيون ڳجُ چوين ٿو!
تنهنجين هڙني ڳالهين جي
هڪڙي وٿر وراٿي آهي
سا بہ سُٽي ڇڏ
دنيا ڏوڙ هجي تہ هجي
ڌرتي ڏوڙ نہ آهي
جندڙي ڪوڙ هجي تہ هجي
سنڌڙي ڪوڙ نہ آهي!

ارجن حاسد

# غزلَ

منهنجي رمزن کي ڇو ٿا هيسايو
مون ئي آوارگيءَ کي هرکايو.

پنکڙيون ننڊ مان سجاڳ ٿيون،
ٽهڪڙن ٿي فضا کي ڇرڪايو.

جن جي ڇهري تي سونهن جي روڪڙَ
تن اِشارن کان ڇو ٿي گهبرايو.

دلبريءَ کي وڪوڙ ٻانهن ۾،
تو تي الزام ڪو اجهو آيو.

منهن گهنجائن اُهي، نه واڪا ڪن،
جن کي جن کي ضميرَ شرمايو.

آبشارن تي، جهنگ ۾، جَهرَ ۾،
چالَ هرڻيءَ جي نُور ڦهلايو.

بي وفائيءَ جي، طنز جي، مهڻي،
مسڪرايو الائي ورجايو.

مان ته حاسدَ، نياز مند آهيان،
حڪم ڪوئي، هجي ته فرمايو.

❖ ❖

Address:
68, Neel Kanth Society No.1,
P.O. Bhat_382428, Distt: Gandhinagar, Ahmedabad, India.
Mob: 0091_9428047150
Res: 0091_79_23969449

حليم باغي

# نما شام ويلي

سيئي تن جون تارون، نما شام ويلي،
تنهنجون ڪن سنيارون، نما شام ويلي.
وڳر ڪيو پکيئڙا واهيرن ورن ٿا،
جڏهن جاري جاري ۾ ڏيئڙا ٻرن ٿا،
جڏهن اُڀ جي پيڙيءَ ۾ تارا ترن ٿا،
ٻُڌي پاٽي پارون، نما شام ويلي.

جڏهن سج جي منهن تي شفق لائي لالي،
جڏهن تشنہ لب جو اُٿي جام خيالي،
نگاهہ ڏي ميارون، نما شام ويلي،

جڏهن ڪو مسافر وٽن چانوَ ڳولي،
تنهنجي در تي داناءُ اچي روح رولي،
پري پنهنجي پاڪر جهلين ان کي جهولي
وهن لڙڪ لارون نما شام ويلي.

پڇاٽيءَ تي پهچن ڪروڙين ڪهاڻيون،
دلاسا ڏئي دليون ڳنڍين ناڻيون ناڻيون،
ڪڙيون توهہ کان ۽ جڳن کان پراڻيون،
سهيڙين تون سارون نما شام ويلي.

موتيو چنبيلي ڪري موهہ مرڪن،
۽ سورج ڏي سورج مُکيءَ ڳات يرڪن،
گلابن جون پتيون ڪري لاڏ لِرڪنِ،
پِڇَنِ جيئن بهارون نما شام ويلي.

پرين تنهنجي پوڄا پکي ڇا پتڙ ڇا،
سوين توکي سجدا سنجها ڇا، سحر ڇا،
نِمَن تنهنجي نالي هجر ڇا، شجر ڇا،
هي ڪندا قطارون، نما شام ويلي.

سفيدن جي سائي ۾ هو ڄامشورو
اهو فارميسيءَ سندو دؤر دؤرو
ڪو نرگس نِگهہ جو حياءَ وارو هورو
ڦٽي دل تي ڦارون، نما شام ويلي.

او باغي هي دلبر سندي دل نوازي،
اڪيون هن جون هر شيءِ جي ڪن ٿيون غمازي،
هي هيڏانهن حقيقي هو هوڏانهن مجازي،
نماڻيون نهارون، نما شام ويلي.

❖ ❖

حسن مجتبي

## ڌرتي ماءُ کي ٻُڪ لڳي هئي

نہ ان ڏينهن ڪا عدالت لڳي
نہ ستارا ٽُٽا
"نہ تہ اسان کو نعرو هنيو
نہ کو اسان جلوس ڪڍيو"

پر پوءِ پي
هن ڌرتيءَ جي رنگين ڪاغذ تي چو
لکيو ويو
"هنن هزارين ٻارڙن، عورتن ۽ مردن کي
ريءَ گناهہ بي سبب موت جي سزا ڏني
وڃي ٿي."

"ابھي تو گود کي گرمي بھي کم نهين
هوگي" چوڻ وارو سيد ناصر جهان هن
ٻڪريءَ جي ٻِچ کان بہ گھٽ پائينده دنيا
۾ پنڊيءَ مان ڪڏهوڪو وڃي چڪو
اڄا تہ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڳڙهي
حبيب الله جي ٻارڙن
"لب پہ آتي هي دعا بن کي تمنا
ميري......"، ختم ڪيو ٿي هوندو تہ
ڌرتيءَ تي يونچال اچي ٿو.

ڪاش هي ڪشميري نسل جو بابا دينو
ٽوپيءَ وارو ٻيهر ڪنهن اهڙي علامہ
اقبال کي جنم ڏيئي سگهي، جو بس فقط
هڪڙو ئي "شڪوه" لکي سگهي.
نو جواب شڪوه مين!
"رهني کو گهر نهين هي سارا جهان
همارا" جنهن بہ چيو خوب چيو.

خدا سچو رسول سچو پر اسان کي
ديچارڻ واري جي تہ..........
هي نيري نديءَ ۾ چنڊ جي عڪس
جهڙي اُجري من وارن ماڻهن کي مولوي
چوي ٿو: "توهان تي هي سڀ خدا جو
عذاب آهي."
هي جو پاڻ عذاب بڻيل آهي ساري
خدائيءَ ڪاڻ.

هاڻ تہ ڪتابِ عشق جا سمورا اڳلا
پويان ورق بند ٿي چڪا
امرتا پريتم جو مري ويئي.

سارتر! تون بہ ڪڏهوڪو سمهي پئين.
هو ڏس تنهنجو پئرس سڙي رهيو آهي
هو "سيمن دي بوا" سوري، "سيمن ڊي
بوا" جو پنجابي ايڊيشن هئي
پر تون امروز کونہ هئين
ڏسو ڳالهہ مولوي تان نڪتي هئي،
سارتر ۾ ڪتي ڪتي وڃي پهتي
او سارتر! او مولوي! دنيا ٻري رهي آهي
هي کو "اور" تہ ناهي
هي مان ئي "گور" پيو هان.

هو چترالي چرس جهڙو چوڪرو ٻـ
بالاڪوٽ جي ڀٽريلي مٽيءَ هيٺان
دٻجي چڪو جنهن کي ياد ڪري
منهنجي دل ڪنهن تارڪ وطن بستي
وانگر جلي اُٿندي هئي

سياسي قيدي چوندا ها "اسان جا
حوصلا هماليہ کان بہ بلند آهن"
پر جڏهن هماليہ حوصلو هاري چڏي ٿو
چو منهنجن ٻارن کي ايئن ماري ڇڏي ٿو
ڌرتي ماءُ ٻارن کي ڳهي ڇڏيو!

"ڇا ڌرتي ماءُ کي بک لڳي هئي؟" ٻُڌڻ
وارن ٻارن ڇيو.
ڌرتي ٻُکي، ٻار بکايل، اسان سڀ بکايل
هئاسين،
پيٽ اسان جا ڪاٽيا ويا ها
ايف سورنهن جو وٽا ها.

هاڻ هو اسان سان هيليڪاپٽر
هيليڪاپٽر کيڏن ٿا
هو هيليڪاپٽر کائن ٿا، هو هيليڪاپٽر
پيئن ٿا، هو هيليڪاپٽر ڀِهرين ٿا
هو هيليڪاپٽر سان سمهن ٿا ۽
هيليڪاپٽر جٽين ٿا
اسان هنن لاءِ تڪيندي تڪيندي مري
ويندا سين
سيارا ۽ برفون اسان تي پنهنجا تنبو
کوڙينديون
اسان کي ويتر ايئن اُجاڙينديون.

هو ڪيڏو سهڻو ڳالهائن ٿا ۽ ڏسو تہ
مرڪندا کلندا رهن ٿا.

جڻ ڪنهن پڪنڪ تي آيل يا "جشنِ
مرگِ انبوهہ" جي مارچ پاسٽ جي
سلامي وٺندا هجن
هي سَر جي، هي صاحب، هي تنهنجا
منهنجا فاتح.
اسان هنن کان صرف هڪڙو دفعو هڪ
منٽ، هڪ عمر، هڪڙو ڀاڪر، هڪڙو
ڳوڙهو، هڪڙي گارِ هڪڙي فاتحہ
هڪڙو هٽ مٽي تي ڏيڻ وٺڻ جو چئون
ٿا، جيڪي اسان هن پار ڇڏي آيا
هئاسين يا اسان کي ڇڏي ويا ها
پر هو اسان تي آنسو گيس جا گولا اُڇلن
ٿا
هو اسان کي چورن ۽ ڏورن وانگر لٺ ۽
گوليءَ سان هڪلين ٿا
پار وڃڻ کان روڪين ٿا
هاڻ چون ٿا: "هت بارودي سرنگون
وڇايل آهن"
"ڪنهن وڇايون هيون هي بارودي
سرنگون؟" شش............!

هي ايل او سي، ڇا ديوار برلن کان زياده
ظالم ۽ ڪچي آ.
بس او نيري ڇٽيءَ وارا! تنهنجي هستي
سچي آ!

❖❖

ادل سومرو

(نثري نظم)

## اسان جو ڳوٺ

اسان جي ڳوٺ جي ٻنين مان
ڪڏهن به ڏٻ نہ ڦٽندو هو۔
ٻارڙا ٽيلها ڳلهن تي رکي
اسڪول ويندا هئا،
۽ هيڊ ماستر صاحب بہ
پنهنجي پراڻي سائيڪل تي
گهنٽي وڄائيندو
بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي ايندو هو.
ٻارڙا سبق ياد ڪندا هئا
تہ اُنهن جو آواز
سڄي ڳوٺ ۾ گونجڻ لڳندو هو.
هاري ٻنين ۾ گيت جهونگاريندا هئا
ڪنهن خوبصورت خواب وانگر
لڳندو هو ڳوٺ اسان جو۔
هاڻي هڪ انجاتل خوف جو زهر
سڄي ڳوٺ ۾ ڦهلجي ويو آهي
ٻار ۽ عورتون
ٻنيون ۽ ڍور ڍڳا
سيئي ڊنل آهن.
پکي بہ گهرن جي اڱڻن ۾ نٿا لهن،
گهٽين ۾ ٻارن جو شور نٿو ٿئي.
جوڳين بہ ڳوٺ ۾ اچڻ ڇڏي ڏنو آهي.
اسڪول کي تالو لڳي ويو آهي
۽ هيڊ ماستر صاحب
ڏکهي موڪل تي هليو ويو آهي.

✸

## قبائلي روايتن جي جهَنگ ۾

چوڪري! توُن واپس هلي وڃُ
ملامت ۽ رسوائيءَ جو ڏٻُ
دل مان ڪڍِي
عاشقيءَ جي واٽ تي
پيرين اُگهاڙي هلڻو پوندو آهي
تُنهنجا تہ هٿ ئي ڏڪي رهيا آهن
محبوب جي گهڙولي
ڪيئن کڻنديئن؟
۽ هڪڙي ڏينهن
تُنهنجي ڏولي ڪچي ويندي
۽ جيڪڏهن باهہ کان
تو پنهنجي چولي
بچائڻ بہ چاهي
تہ اخباري خبرون
تُنهنجي جند ڪانہ ڇڏينديون.
قبائلي روايتن جي جهنگ ۾
عاشقيءَ جي موسم ڪانہ ايندي آهي.
قبيلي جي سردار جو فيصلو
پٿر تي لکيو ويندو آهي.
سنگسار ٿيڻ کان پهريان
توکان تُنهنجي
آخري خواهش بہ ڪونہ پُڇي ويندي،
ڍڳي جي آڏو
قانون جي ڄاري جي
ڪهڙي حيثيت آهي
۽ امانَ تہ توکي
دارالامانَ ۾ بہ ڪونہ ملندي
چوڪري! تون واپس هلي وَڃُ۔

✸

## *مريم جو ڏڪ

هُوءَ جڏهن نئين نئين آئي هئي تہ
رياست جي سپاهين
اُنهيءَ جو استقبال ڪيو هو
۽ مير صاحبان بہ خوش هئا.
آزمائش طور جڏهن پهريون ڀيرو
اُن مان گولو ڇوڙيو ويو تہ
اُهو الهيار خان جي باغ ۾ ڪريو هو
۽ هڪ نئين چوٽي ايجاد ٿي هئي:
"ڪاڏي مُنهن مريم جو
ڪاڏي الهيار."
تاريخي حوالي سان اِن چوٽيءَ ۾
سدائين زندهہ رهڻ واري مريم جي
هينئر ڪا بہ اهميت ناهي رهي
جن ماڻهن اُن جي آجيان ڪئي هئي
اُنهن مان ڪوبہ هينئر جيئرو ناهي.
هاڻي هوءَ ڏکي ۽ اُداس رهي ٿي
شهر جي وئگن اسٽينڊ وٽ
اُن کي بيهاريو ويو آهي.
سڄو ڏينهن ماڻهو ان جي پيرن ۾
گند ڪچرو ۽ ٿُڪون اُڇلائين ٿا
مريم جو ڏڪ سمجهڻ وارو
هن شهر ۾ هاڻِ ڪوبہ ناهي رهيو.

✸

* مريم توب – خيرپور جي ٽالپر حڪمرانن جي مشهور توب.

## مورن جا ڪنڀ

رسول ميمڻ
جڏهن سکر کان ننگر پارڪر پهتو
تہ شام جي چُنري ڦهلجي چُڪي هئي.
ڪارونجهر هن جي آجيان ڪئي،
۽ سائين شيخ اياز جي تعزيت ڪئي.
رات جو هُن خواب ۾
"اوشا جي آشا" ۾ ڀٽڪندڙ
*"چڇريل زندگين جا قافلا" ڏٺا.
هن روپلي ڪولهيءَ کي
سوريءَ تي لڙڪيل ڏٺو
۽ پوءِ
مسڪين جهان خان کوسي جي
مَسُ ڪُپڙيءَ مان قلم ٻوڙي
هُن "اَمن جي نالي"**
هڪ گيت لکيو.
جنهن کي موهن ڀڳت ڳائڻ لڳو.
جنهن ڏينهن هُن اسپتال ۾
هڪ زخمي مور جي ٽنگ تي
پٽي ٻڌي هئي
اُن رات هُن هڪ وائي لکي هُئي.
هُو اڪثر شام جو
ڪارونجهر پٺيان لهندڙ سج کي
ڏسندو آهي
۽ ڪنهن کي ياد ڪندو آهي.
پنهنجي ڊائريءَ ۾
مور جا ڪنڀ
۽ ٽري لفظ گڏ ڪندو آهي.

✸

*رسول ميمڻ جي سکر کان ننگرپارڪر اسپتال بدلي ٿيڻ تي لکيل.
**رسول ميمڻ جي ڪتابن جا نالا

## هارَ ووٽ نہ ڏيندا آهن

ٿَرُ، درد جو استعارو آهي
اُن جي ڏک تي
جيڪڏهن ڪڪر نٽا روئن
تہ ڌرتيءَ مان ٻڪَ ڦُٽي ٿي-
جڏهن اکيون ئي ٿَرُ ٿي وڃن
تہ پوءِ خوابن جا پيرَ سڙڻ لڳن ٿا.
۽ اسين سادا ماڻهو سڄي حياتي
خوابن جي پنيان ڊوڙندا رهون ٿا.
هُو صحافي ۽ فوٽوگرافر ساڻُ ڪري
وڏين وڏين گاڏين ۾ اچن ٿا
۽ امدادي ڪئمپن ۾
گيهہ جو ڊبو ۽ ڏهہ ڪلو اٽي جي ٻوري ڏئي
اسانجين ٻُڍڙين مائرن سان
فوٽو ڪيرائين ٿا.
هُو اسان جي ٻينو ٽيڻ جو
انتظار ڪندا آهن
تہ جيئن ڪجهہ امداد ڏئي سگهن.
اسان جا ٻار اسڪول نٽا وڃن
هُو ڦالين ڻاهڻ جي مرڪزن ۾
بيمار ٿي مري ويندا آهن.
اُنهن جي تعليم ۽ صحت لاءِ
هُنن وٽ ڪوبہ پروگرام ناهي
ڇو تہ ٻارَ ووٽ نہ ڏيندا آهن.

✸

## نئون دؤر آهي ڪامريڊ!

اسين ڪٿي ٿا چئون
تہ اُها اسان جي ڀُل هئي،
وابستگيءَ جون ڳالهيون
آدرش ۽ اُصول
سڀ بڪواس هئا.
اسين ڪٿي ٿا چئون-
پر اِها بہ حقيقت آهي تہ
پيٽ خالي هجي تہ،
مانيءَ جي اهميت
شعر کان وڌي ويندي آهي.
فاقہ ڪشيءَ ۾ انقلابي نعرا
اسان جي ٻُک وڌائي ڇڏيندا هئا.
کيسا خالي هوندا هئا
تہ ڪافي هائوس بہ اوپرو لڳندو هو.
اسان جي ايجنڊا تہ
اَڄُ بہ ساڳي آهي،
ساڳيون ئي تقريرون
امن، انسانيت، غربت، جهالت،
انساني حق، ڀائيچارو
عورتن جي تحريڪ جون ڳالهيون.
وينيو (Venue) فقط تبديل ٿيو آهي
وينيو (Venue) ۽ مينيو (Menue)
بهتر هجي تہ
تقريرون بہ سُٺيون لڳنديون آهن.
نئون دؤر آهي ڪامريڊ!
نئين انداز سان جيئو
”اين جي او“-

✸

ممي سدارنگاڻي

## ٻه ڪوتائون

هي ڪوتائون دنيا جي سيني ڏيئرن جي نالي آهن — انهن ڏيئرن لاءِ، جن ڪڏهن هيءَ دنيا نہ ڏٺي! انهن ڏيئرن لاءِ، جيڪي هن دنيا ۾ هوندي بہ ائين آهن، جيئن ڪا جهرڪي، ڪا ڪپڙي جي گڏي يا ڪا ميز ڪرسي! انهن ڏيئرن لاءِ، جيڪي ڏاڍي ڏکيائيءَ سان ساهہ پيون کڻن؛ ۽ انهن ڏيئرن لاءِ بہ، جيڪي نرگهت تي آيل پنجي کي ڏکو ڏيئي، کليءَ هوا ۾ ساهہ کڻڻ جي ڪوشش پيون ڪن.

## شل ڪوسو واءُ نہ لڳئي پٽڙي!

ممي، ڇا مان اڄا بہ تنهنجي ڏيءَ آهيان؟
ممي ڇا تون اڄ بہ مون کي پيار ڪرين ٿي؟

تو تہ هميشہ مون کي پنهنجي ٻاڪر ۾
پريو هو
هر تڪليف کان، هر مصيبت کان مون
کي بچايو هو
هر هر پنهنجي ساڙهيءَ جي پلئہ ۾ مون
کي لڪائي چيئہ تي -
"شل ڪو ڪوسو واءُ نہ لڳئي پٽڙي،
۽ اڄ."
جڏهن مان ٿاڪ منجهند جو رستي تي
بيٺي آهيان
اگهاڙي پيرين ۽ اُگهاڙي مٿي
تہ بہ تو کي مون تي قياس نٿو اچي!
منهنجي سامهون تنهنجي پُٽي آهي

پر مان جاڻان ٿي تہ
تنهنجي نظرن ۾ مون لاءِ ڳوڙها آهن

ممي! توئي تہ مون کي چيو هو
تہ پنهنجي 'آتم' جي بي عزتي نہ
سهجانءِ
تنهنجي لفظن ئي تہ مون کي ٻل ڏنو هو
۽ مان لتاڙي آيس هر ليڪي کي،
اهو وشواس رکي تہ سڄي دنيا
هيڏانهن کان هوڏانهن ٿي وڃي
پر تون هميشہ منهنجي ماءُ رهندينءَ.
تون ايتري ڪمزور ڪيئن ٿي وئينءَ؟

ڇا تون پنهنجي ان پٽ کان ٿي ڏڪين
جيڪو هيل تائين پنهنجي پيرن تي
بيهي ڪونہ سگهيو آهي
يا ان پتيءَ / گهوٽ کان
جنهن ڪڏهن تو کي ماڻ ڪونہ ڏنو
۽ تون ان ئي آس ۾ جيئندي آئينءَ تہ
ڪڏهن تہ ڏينهن بدلجندا
شايد نانيءَ جي چيل ڳالهہ توکان وسري
ناهي تہ
ڏيءَ، بس چپ رهہ، سهندي رهہ
پڇاڙي تہ تنهنجي سرهي ٿيندي ئي.

ممي!
مان تو وانگر انتظار نٿي ڪري سگهان
ان موسم جو
جيڪا مون پنهنجي جاگرافيءَ جي
ڪتاب ۾ ڪڏهن ڪونہ پڙهي.
پر، ها،
مون ۾ ايتري همٿ آهي
جو مان پنهنجي لاءِ پوکيل ڪنڊن کي
گلابن ۾ بدلي سگهان.
نہ رڳو ايترو

مان تنهنجي غم جي ڳوڙهن کي به
خوشيءَ جي ڳوڙهن ۾ بدلي سگهان ٿي.

تون مون تي ڀروسو رک
صرف تنهنجي ۽ منهنجي وچ ڪڙي ٿيل
اها ڳوڙهن جي ديوار ڪيرائي ڇڏ.

✸

## منهنجي سڀ کان پياري دوست

منهنجي ڌيءَ
منهنجي سڀ کان پياري دوست!
اڄ مون سان نٿي رهي، ته ڇا ٿيو
تڏهن به مان ڪيس محسوس ڪري ٿي سگهان

ننڍڙي هئي، ڪيس به چوٽيون ڪري
ڏينديس هئس
۽ هوءَ هر هر ضد ڪري وار کولي
ڇڏيندي هئي.
۽ ٽٿوتو ڪٿي بيهي رهندي هئي
ته منهنجي چوٽي ٺاهيندي
سندس ٺاهيل آڏي ٽيڏي چوٽيءَ تي
خوش ٿيندي هئس.

منهنجي چهري تي اُداسي ڏسي
ڦٽڪي پوري ٿيندي هئي
ڇا ٿيو ڇا ٿيو پيئي پڇندي هئي
مون کي خوش ڪرڻ لاءِ هڙيئي
رانديڪا آڻي سامهون رکندي هئي
منهنجا سڀ درد، سور ڇڻ دور ٿي ويندا هئا
پنهنجي معصوم مرڪ جو هڪ حصو
ڏيئي ڇڏيندي هئي مون کي.
وڏي ٿي ته منهنجي ماءُ بڻجي پئي ڇڻ
مان وقت تي دوا ورتان ٿي يا نه
گوڏن کي سيڪ ڪيو اٿم يا نه
سندس نيم بڻجي پيو.
منهنجو من نيڪ نه هجي
ته روئيءَ جي ٿالهي ڪٺي اچي ويهندي
هئي پر ۾.
ڳتيون ڪري کارائيندي هئي
۽ مون کي اهي پراڻا ڏينهن ياد ايندا هئا
جڏهن مان سندس پٺيان ماني ياجيءَ
جي ڳتي کڻي پئي
ڀڪندي هئس ته گلڙي کائي وٺ
نه ته پيٽ ۾ ڪوئا ڀڪ ڀوڙراند ڪندءِ
درد دنيا جو هجي
يا گهر وارن جو،
گهر خرچ لاءِ ڏکيائي هجي
يا اميءَ جا تڪا ويڻ
منهنجي ڪڪي مون سان انگ سنگ
گڏ هوندي هئي.
سندس اهو چوڻ ته
'چنتا چو ٿي ڪرين، مان آهيان نه،'
منهنجي لاءِ هر درد جي دوا هو سچ!

پنهنجي دل جي ٽڪر کي
پاڻ کان پري موڪلڻو ٿي پيو مون کي
شل ساهري گهر سڀ سک ماڻين!
ڪڏهن ڪو دک نه ملئي!
۽ جي مليئي
ته ڀگوان تو کي به اهڙي ئي نياڻي ڏئي
جهڙي مون کي ڏنائين.

سچ ٿي ٻڌايان ڌيءَ
مان تو کان سواءِ بلڪل اڪيلي ٿي
پيئي آهيان
ڇو جو
تون ئي ته آهين، منهنجي سڀ کان
پياري دوست!

Email: vsadarangani@hotmail.com

❖❖

## غزل

ذهن کي ايڏو ولوڙين ڇو ٿو؟
مِرگهہ جان رُڃ ۾ ڊوڙين ڇو ٿو؟

ڀروسي منهنجي کي ٽوڙين ڇو ٿو؟
ناخدا! سير ۾ ٻوڙين ڇو ٿو؟

ڏسي طُوفان کي ڇاٽي واٽي؟
ناوَ جا نوڙ تون ڇوڙين ڇو ٿو؟

عشق آڙاهہ تپو ڏِين ڇو ٿو؟
باهہ ۾ دل کي وَڪوڙين ڇو ٿو؟

ڪامنا تنهنجي ڪُنواري هرڪا،
واڳ ويراڳ ڏي موڙين ڇو ٿو؟

بانورا! بند ۾ ڦاسي پوندو
ترشنا جو قِلعو جوڙين ڇو ٿو؟

ڇانوَ ڦل قوُل، اَجهو ڏيندو آ
پاڙ کان وڻ کي اُکوڙين ڇو ٿو؟

ساهہ گهٽجي ٿو ٻُڌڻ واري جو
ڳالهہ جو ڳاٽ مروڙين ڇو ٿو؟

چار ۾ چوڳو پکيڙي راهي
تون پَرِندن کي وڇوڙين ڇو ٿو؟

✸

## غزل

ڇو ڇرڪان ٿو آئيني کان؟
روز پُڇان ٿو آئيني کان!

جڏهن نهاريان آئيني ڏي
لَڄي ٿيان ٿو آئيني کان!

ڇڏي ڏنو ـ مون آئيني کي
مان نہ ڇُٽان ٿو آئيني کان!

پاڻ آڳيان ٿي پوان نہ پڌرو
تڏهن لِڪان ٿو آئيني کان!

سَڳ سوُڏي چوري نہ پڪڙجي
دور ڀڄان ٿو آئيني کان!

هوُنئن تہ ڏڪن ٿا مونکان ماڻهو
آنءُ ڏڪان ٿو آئيني کان!

جِهرڪيءَ وانگر وِڙهي عڪس سان
ويڙُ وٺان ٿو آئيني کان!

مُنهن تي ڪنهن کي ڪِئن سچ چئجي
رَمز سِکان ٿو آئيني کان!

پاڇي جان پيڇو نہ ڇڏي ٿو
رُسي وڃان ٿو آئيني کان!

پنهنجي ماضيءَ جا ڌُندلايل
عڪس گهُران ٿو آئيني کان!

✸

# شهر وڏي ويو

(نظم)

شهر وڏي ويو
ڦهر وڏي ويو
هاڻ هوا ۾
زهر وڏي ويو
ڪيڏي ٽريفڪ
ڪيڏي تيزي
ڪيڏو ڏونهون
ڪيڏي جلدي!
ڪيڏا ماڻهو
ڪيڏي شورش
ڪيڏا واهڻ
ڪيڏي تابش!
سيئي اُٻهرا
اڳيان وڌڻ لءِ
اڳ نڪرڻ لءِ
ماڳ رسڻ لءِ
ڪو ٽاهڙجيو
ڪو چيپاٽيو
پرواهه ناهي
اڳتي نڪرو!
اڳيان نهاريون

پويان خطرو
پٺيان سنياليون
اڳتان خطرو!
ڊوڙڻ خطرو
بيهڻ خطرو
خطرن وچ ۾
جيئڻ خطرو!
ڪاش هجي ها
هر ماڻهوءَ کي
هڪ اک اڳيان
هڪ اک پويان
هڪ دل بدران
ٻه ٽي هجن ها
هڪ رُڪجي ها
ٻي ڪم ڏئي ها!
جسم جا عُضوا
اِئين هجن ها!

ٺُنڊڻ تي يڪدم
بيو فِٽ ٿئي ها
سوچڻ ۾ ئي
بس نڪري وئي
گهر پهچڻ ۾
دير لڳي وئي!

علي دوست عاجز

## وائي

توسان ڳالهايان،
دل تہ گهٽوئي ٿي چوي!

پيهر تنهنجون پانهڙيون
هار ڪري پايان،
دل تہ گهٽوئي ٿي چوي!

رات اها ڇا، زندگي
ساري موٽايان،
دل تہ گهٽوئي ٿي چوي!

تنهنجا واسَ سُواسَ پيو
ساهن سان ڇايان،
دل تہ گهٽوئي ٿي چوي!

سِر سِر ڪاري ڪوٽ جي
اُڪرڙي اُچلايان،
دل تہ گهٽوئي ٿي چوي!

✸

## غزل

ڳالهائين يا نہ بہ ڳالهاءِ،
آئين، هانءُ ٺري پيو هاءِ!

ٻيا بہ ڏيان ٿو ٽيان بہ ڏبا،
ڦريان، ڦريان ٻيارَ تہ پاءِ!

پنهنجي ٻُت تان لاٿل ڪپڙو
منهنجي محبت ڪي پاراءِ!

لمحي ۾ ڇا حال ٿيو
ٿورو ٻُلتي ڪنڌُ وراءِ!

هائِيءَ پئين تون هوڏَ ڪري،
*هي ٿو ڇا ڪيو ڪيسُو ٻاءِ!

هَو تہ پريل هو هينئڙو هيءُ،
ڪيڏي هوندي هئي دلجاءِ!

❖❖

---

*ڪيسُو ٻاءِ، ٿر جو هڪ ڪردار جنهن هوڏَ ڪري پنهنجي سدا ملوڪ وَنيءَ کان مُنهن موڙَ ڪئي.

## غزل

جيڪو پڪڙيو ويو هو راهه وٽان،
لاش موٽيو آ قتل گاهه وٽان.

ڪيئن ٻيڙي ٻڏي آ منجهر جي،
راز ملندو سچو ملاح وٽان.

توکان آيس تہ ڪجهہ ايئين آيس،
جئن ڪو موٽيو هُجي الله وٽان:

تي سگهي تو پري هُجي وچٿو
ايئن مسافر ڪي ڏِس نہ چاهہ وٽان.

حيثيت ڪا ڦُڙي جي ڪونهي، پر:
پُڇٿو پوندو واهو درياهه وٽان.

ڪوئي گذري ويو آهي ڀر مان،
ايئن لڳو چڻ لنگهيو آ ساهہ وٽان.

پيار آهي هتي، "ڪارو ڪاري"،
آس! بچجان ابا! گناهه وٽان.

✸

ايئن ۽ اهڙا پير نہ ڪٽندي ڪڙ دنيا!
پيرن ۾ پيا چير نہ ڪٽندي ڪر دنيا!

مُرڪي سيني مان هينئن دليون ٽارنہ ڪر،
هر ڪنهن لئہ انڌير نہ ڪٽندي ڪر دنيا!

ڪوئي تہ تنهنجو ٿيندو جيڪو ٿيٽو آهي،
سيني سان هي ۽ ويرنہ ڪٽندي ڪر دنيا!

ڪٿهين ڪنهن جي هٿ تان گُل بہ ڪٽندي ڪر،
نوٽن جائي ڏير نہ ڪٽندي ڪر دنيا!

سوچ تہ تنهنجا گهنگهرو چاچا گهرندا هِن
هردم ساڳي هير نہ ڪٽندي ڪر دنيا!

ڪي ڪي نظرون بدنظر تي نظرن ٿيون
هر ڪنهن آڏو پير نہ ڪٽندي ڪر دنيا!

پيشانيءَ تي رؤنق لمحن لئہ آهي،
ايڏا من ۾ مير نہ ڪٽندي ڪر دنيا!

✸

هي تہ هڪڙي چمار هڪڙو مان،
پيٽ، دنيا ۽ پيار هڪڙو مان.

تون ليين يي تہ نيٺ آخر ڪيئن،
درد، غم بي شمار هڪڙو مان.

گهر ۾ هڪ سِر، انبوهہ ماڻهن جو
هارپو روزگار هڪڙو مان.

آءُ تو وٽ اچي بہ ڪيئن سگهان،
هي مسئلن جو ڇار هڪڙو مان.

ڪيئن آهيان پُڇيئي سڪين سان گڏ،
ڏاڍو آهي قرار ـ هڪڙو مان.

هر ڪا موسم حصو ونيو تي وڃي،
سال ڏي يي نهار هڪڙو مان.

ڪنهن سان نبران ڪنهن کي نبيريان مان
آس معما هزار هڪڙو مان.

✸

بس اسان جو جيئڻ ئي مشڪل هو
چو تہ پٽر تيڻ ئي، مشڪل هو.

بُت تان زندگيءَ کي لاٿوسين،
چو تہ، ان کي سبڻ ئي مشڪل هو.

چند سان نيڻ تاڪي خوش آهيون،
اُن ڪري جو سمهڻ ئي مشڪل هو.

حُسن، پُنتي چڏي ئي آيا هُون،
بُک ۾ ڪجهہ وٽڻ ئي مشڪل هو.

توکي سارڻ بہ ڇڏيوسين جانان!
روز خود کي ڦٽڻ ئي مشڪل هو.

ڪنهن نہ ڪنهن طرح متي اوڍي سين،
چو تہ ننگو رهڻ ئي مشڪل هو.

✸

درد جا پوءِ پڪا نہ ٿيندا سين،
پاڻ جيسين جُدا نہ ٿيندا سين.

پنهنجي هڪڙي سُڃاڻ ڪيئن ٿيندي
پاڻ جيسين ڳنا نہ ٿيندا سين.

ڇا بہ ٿي پئي وڏي ڪيو ڳترا،
تو چواڻي: حصا نہ ٿيندا سين.

ڪيئن تخليقڪار چئبا سُون،
پاڻ سان ئي سچا نہ ٿيندا سين!

پوءِ نِتهڻ تکي نہ ٿي ويندي،
جيڪڏهن اڄُ اجها نہ ٿيندا سين.

پنهنجي ڀاڳي جي سوڙ ننڍڙي آ،
اُن ڪري ماءُ! ڊگها نہ ٿيندا سين.

سر بچاياسين جي توکان پوءِ،
سنڌ! تنهنجا ٻچا نہ ٿيندا سين.

✸

شخص جيڪو هو من ۾ رهجي ويو.
شعر ٻڌجي سٽن ۾ رهجي ويو.

جسم آيس ڪٽي ڪمائڻ لئہ،
روح منهنجو وطن ۾ رهجي ويو.

دل مان نڪتو پڳو نہ دل تائين،
پيار ڦٽڪي، ڇپن ۾ رهجي ويو.

ريل گاڏي هلي وئي ڦاٽڪ تان،
ڳُل منهنجي هٿن ۾ رهجي ويو.

ساپيا، الوداع بہ ڪو نہ ڪئي،
آس سپنوا ڪين ۾ رهجي ويو.

❖ ❖

Address:
Post Office Johi, District
Dadu, Sindh.

اسحاق سميجو

## دل هتان ويران ٿيو دل جو وطن

آءُ ڪنهن جي سار ۾ آهيان مگن
مسڪرائي ٿو ستارن سان گگن

ياد ناهي ڪير هو گمنام هو
ڇا خبر، شايد هجي بدنام هو
ها مگر هرگز نه هو ڪو عام هو

ڪير هو واڻن سان جنهن جو واس هو
ڪير هو جو ذات ۾ اتهاس هو
ڪير هو جو عشق جئن ابناس هو

هو ته ڏاريو ديس ڏارئي ويو هليو
جيءُ هرهڪ لاٽ سان گڏجي جليو
ڪنهن نه سمجهايو نڪوئي ڪنهن پليو

هاڻ غم جي رات ڀاري دل مٿان
هر گهڙيءَ ڪا تات طاري دل مٿان
وئي مڙهي آ مات ساري دل مٿان

خواب هئا ۽ خواهشن جا سٽ هئا
روشنين جا ۽ رنگن جا رٽ هئا
پر اسان ساريو ته خالي هٽ هئا

دل هتان ويران ٿيو دل جو وطن
مسڪرائي ٿو ستارن سان گگن.

٭

## غزل

هڪڙو ٽانڊاڻو آيو ڪوليءَ ۾
ٿي ڇيئين ڀر، ٻرڻ جي ٻوليءَ ۾

ٿي اڏي ڪائنات رنگن سان
تنهنجي نيڻن جا رنگ هوليءَ ۾

دل ڪان ٻاهر رکينس، سر ڪٽنديءَ
عشق بارود آهي گوليءَ ۾

پوءِ جائز هو يا هو ناجائز
چنڊ جو ٻار ڏنڊي ڏوليءَ ۾

نيڻ ننگي بدن جي نئن آڏو
ضبط ڪمزور، ڇوهه چوليءَ ۾

هڪڙو رب ئي انهيءَ ڪان ٻاهر هو
سارو عالم هو هن جي جهوليءَ ۾

٭٭

بلقيس چانڊيو

## غزل

دل جو آواز دٻايو تہ ڏسان،
سونهن ۾ سچ لڪايو تہ ڏسان.

رات کي ڏينهن جهڙو رنگ ڏيندڙ
سچ هٿ ساڻ لڪايو تہ ڏسان.

وري مسيح جهڙي ماڻهوءَ سان،
پنهنجي صليب سجايو تہ ڏسان.

دل جي هر آس کي مفلس وانگر،
پنهنجي سيني ۾ سمايو تہ ڏسان.

❖❖

عزيز گوپانگ

## غزل

مشهور تُنهنجي مسيحائي ٿي وئي،
گهاءَ پنهنجي جي پذيرائي ٿي وئي.

قاتل جو فائدا موت جا ٻُڌايا،
مقتول جي همت افزائي ٿي وئي!

مان حيران پريشان ڏسندو رَهيس،
پل ۾ دل ڪيئن پَرائي ٿي وئي!

مُون شعرن جي اصلاح حُسن کان ورتي
مُنهنجي ادب ۾ ايئن رهنمائي ٿي وئي!

تنهنجي ياد جي سُورج آ ڪني ڪئي،
منهنجي اندر جي دنيا روشنائي ٿي وئي!

مان عشق ۾ لطيف جو بيت هوس بڻيو
هُو حُسن ۾ خيام جي رُباعي ٿي وئي!

تو تہ لمحن ۾ هو "عزيز" هِڪ غزل لکيو
منهنجي صدين لئہ پر رُسوائي ٿي وئي.

❖❖

## وايون

ويڙ تي پئي وهي،
مون نه ڪنهن سان ڪئي.

سيڙ لئه نيڙ هي،
راهه ۾ پيا رهي،
مون نه ڪنهن سان ڪئي.

عشق جي قيد لئه،
ڪونه تاڙو تهي،
مون نه ڪنهن سان ڪئي.

سونهن تنهنجي پرين،
روح ۾ پئي رهي،
مون نه ڪنهن سان ڪئي.

عشق جي آڳ ئي،
ساهه ڳيڙا سهي،

ويڙ تي پئي وهي،
مون نه ڪنهن سان ڪئي.

✸

عشق جون اڙ چيون،
روز ڳالهيون نيون،

روح منهنجي رهيون.

وو! ويجي پئي وهي،
ڪين ڪنهن سان ڪيون

روح منهنجي رهيون.

هوت جن جا ويا،
نيڙ تن جا نيون،

روح منهنجي رهيون.

وِرهه جن تي وٺو
سي ويڄڙ ڪي ويون،

روح منهنجي رهيون.

دين دنيا لنگهي،
پيش تنهنجي پيون،

روح منهنجي رهيون.

❖❖

ابرار ابڙو

# غزل

ڀُريون ناهن اکيون پنهنجون، ڀُريو ناهي بدن پنهنجو
ڄُڳن کان تو پيو جهاڳي، ڪيل توسان وچن پنهنجو.

مِٽيءَ جو موهه آ تو ۾، مِٽيءَ جي مهڪ آ تو ۾،
سدا تنهنجي اکين اندر ڏسان تو مان وطن پنهنجو.

پُراڻي صبح کان ساري، پُراڻي شام کي ساري،
اچا تو لئه تڪيندو آ، عجب گهر جو صحن پنهنجو!

گُلابن ۾ اچي پوپٽ الئه ڪنهن کي تلاشي تو
۽ پوپٽ ۾ تلاشي تو الئه ڪنهن کي هي مَنُ پنهنجو!

نه پوڙهو پيار تيو آهي، نه پوڙها پنڌ ٿيا آهن،
پرينءَ جو ساٿ پنهنجو ۽ پرينءَ جو هر چمن پنهنجو.

✸

سُري تو ساز حق باهُو اُٿيو آواز حق باهُو!
اکين ۾ عشق وحدت جو رهي چو راز حق باهُو!

اکيون ۽ پير اڄ تائين رهيا بي چين جنهن جي لئه
اُهو آيو اسان تائين، ڪري پرواز حق باهُو!

ڪٿي سين ابتدا اُن تان، ڪٿي سين انتها اُن تي،
نِسورو نينهن اُن جي تي، ڪيو سين ناز حق باهُو!

ڄُڳن جي جُهد سان جَرجي، وئي پل جي پذيرائي،
صديون جهاڳي اسان جي دل، لڌو همراز حق باهُو!

اسان نِوڙي رکيون نظرون، هُنن اُڀري کنيون اکڙيون،
اسان کي آڙيو کيڏو، اِهو انداز حق باهُو!

✸

اڪيون وٽي جو وَيون آسمان جا رستا،
ڏٺاسين پوءِ پرينءَ جي نِشان جا رستا.

پُنيان بہ ڪونہ هُيو ڪو اڳيان بہ خالي ڏڳ،
اُداس پيہ رُلي ويا جهان جا رستا!

پَري نہ ٿياسين پرينءَ کان ۽ پاڻ کان ڪڏهين،
پَري هليا بہ وَيا جي زمان جا رستا.

اسان تہ باهہ جا شعلا ڪنياسين نيڻن ۾،
جُنون ساڻ جَڙياسين جهان جا رستا.

ڪِٿي نہ واءُ وِڪيري سگهيو اسان جي دل،
اسان جي عشق ڪنيا لامڪان جا رستا.

✸

وِڪريل جُنون، دل لڳيون ڪاڏي ڪٿي ويچن!
صدين جي جاڳ ڪي اکيون ڪاڏي ڪٿي ويچن!

ڇو تو وجود ڳوٺ جون رولاڪيون رُلي؟
منهنجو ٿڪل بدن ڳليون ڪاڏي ڪٿي ويچن!

صحرا جي ريت جي مٿان چنڊ- رات ڪانہ ٿي،
رڻ جو ڏکو سفر ڪتيون ڪاڏي ڪٿي ويچن!

اوسيئڙي کي سات جو پاڇو نٿو ملي،
منهنجي نهار کي دريون ڪاڏي ڪٿي ويچن!

تنها اکين ۾ خواب جا گُل ٿي نٿا ٽِڙن،
سائيا جي آرزو اکيون ڪاڏي ڪٿي ويچن!

سياري جي رات، سانت ۽ سوچن جي شور ۾،
بي چين پيار کي بتيون ڪاڏي ڪٿي ويچن!

❖❖

# دوها

هڪ فوٽوءَ جي سحرَ ۾ ونگجي ويو آهيان،
ڪمري جي ديوار تي ٽنگجي ويو آهيان.

دل جي صحرا ڪي ساڙي ٿو سُورج جهڙو نينهُن،
ساهن ۾ ڪا باهه ٻري ٿي، ٻڏجي اڄ ٿو مينهُن.

ڏيهه سڄي ۾ آزاديءَ جا ڪڏهن وڃندا گهنڊَ؟
ديوارن تي لفظ ٻرن ٿا، شهرُ ته آهي ننڊَ!

پرِ ۾ ٿون، مان پوءِ به اڪيلو پوءِ به اُداس اڪيون،
جيون جي هِن پل ڪي پيارا! ڪهڙو ناءُ ڏيون!

پرهه ڦُٽيءَ جو نيڻ پُڇن ٿا: "ڪاڏي ويو هُو چنڊ-
جنهن جي چانڊوڪيءَ چيريو هو ساري رات سمنڊُ!"

هر ڪو ڪنڌ ته هڪ جهڙو پر، آهه جُدا آوازُ
ڪوئي "شاهه يٽائي" آهي، ڪوئي "شيخ اياز".

مون ڪي تون ٿي پياري آهين، تو ڪي پيارو ڪيرُ؟
هُن حياءَ منجهان ورنديءَ ۾ اُڇليو مون ڏي ٻيرُ.

آڌيءَ چنڊَ اُتاري مون ڪان، پُڇيو هڪ سوالُ،
اُتِ ۽ ڌرتيءَ جو ٻرجي ويو چانڊوڪيءَ سان خالُ؟

سپني منجهه ڏسڻ ٿو چاهيان، آءُ پريءَ جو رُوپ،
ٿي وَڃُ چنڊَ الوپُ، اسان ڪان ٿي وڃ چنڊَ الوپُ!

تو ڪي ڏسندي جاڳي پئي ٿو مَنَ ۾ ڪوئي پُورُ
چنڊَ هليو وڃ دُور، اسان ڪان چنڊَ هليو وڃ دُور!

پنهنجي من ۾ ڪين سنڀالي محبت هُن منهنجي،
دردُ نه دل سانڍي سگهندي آ ننڍڙي ٻالڪ جي.

شاهُ ڀٽائي، شاعري، آڏو شيخ اياز
تنبوري تي سنڌ جو سُڏڪي پيو آوازُ.

آءُ ٻڌان ٿو ڏور وڃي ٿو ڪنهن چارڻ جو چنگ،
پنهنجي سُرَ سان منهنجي من کي چنگ وجهي ٿو ونگ.

جو ساعت جو سَڏُ نه سمجهي، پل پل جو پڙلاءُ،
ڪيئن اُهو جيون کي ڏيندو جوت پريو جرڪاءُ!

مُون ۾ آ پاتالُ سمايل، مُون ۾ آ پولارُ
مُون ۾ ڌرتي، مُون ۾ انبرُ، مُون ۾ پارُ اپارُ.

هِي ٽُنهنجي جلون جا جُگنو اُڏرن ٿا چوڌار،
هِي ٽُنهنجي مُرڪن جا پوپٽ، خوشبو رنگ، خُمار.

مُون ۾ ڪو احساسُ جڏهن پي ٿو تخليق ٿئي،
اُن ۾ تنهنجو پيارُ وجي ٿو ڪيئي رنگ ڀري.

تنهنجي نيڻ-نهارَ ڪڏهن پي سپنو ٿي نه سگهي،
۽ منهنجي من جي خاموشي نغمو ٿي نه سگهي.

رنگ سيئي چولي تي چمڪيا، چولو مُرڪي پيو
پرت پريندڙ جي هٿڙن تي ڪوئي رنگ نه هو!

مان ڪو ساڌو ناهيان سائين! مون ۾ ڪوڙ گناهه
پر تنهنجي ئي ٻاجهه سان آهي، روشن مُنهنجي راهه!

چاندوڪيءَ جيئن چاهه پرينءَ جو جهِرڻن جهڙا نيڻَ،
سُورج جهڙي سُونهن پرينءَ جي، ڪِرڻن جهڙا نيڻَ.

•

## جاني اسحاق ملاح

### غزل

ڪير آ جو تو مون کي ڳولي،
پنهنجي سوچ کي پيو ڇاڇولي.

ڊپ آ هُن ڏي ڪيئن نهاريان،
راز اندر جا ويندو کولي.

وهنجڻ ويئي شاور هيٺان،
ميت جا گيت پئي تي ٻولي.

جاني منهنجون، ميت جون ڳالهيون،
هِت هُت پهچايون ساڙولي.

✸

### گيت

رنگن گلڙن خوشبوئن جو
گلدستو ڪو سهڻو
تنهنجي نانءَ کي ارپيان.

امبر جا سڀ تارا ميڙي،
باک ڦُٽيءَ جو ساءُ سهيڙي،
چانڊوڪيءَ جا عڪس چورائي،
هار ٺاهي من مهڻو
تنهنجي نانءَ کي ارپيان.

پورب پار ڪان ڪڪريون آڻي،
دوست ٽِڪايان تنهنجي تاڻي،
ٺڏڙي هير اُتر جي سان گڏ،
رم جهم بادل وسڻو
تنهنجي نانءَ کي ارپيان.

گل گلابن جا جت مهڪن،
سرنهن جا گل جت پيلا ٻهڪن،
خوشبو جاتي جهُمريون پائي،
پوکي ڪير ست سو ڪِلڻو.
تنهنجي نانءَ کي ارپيان.

مُرڪين موتئي جي ڦولن ۾،
جهُولين سانوڻ جي جهُولن ۾،
تنهنجن دردن عيوض جاني،
جيون ڏيئي لهڻو.
تنهنجي نانءَ کي ارپيان.

❖❖

Address:
Jani Tailors, Johi, District
Dadu, Sindh.

شاهہ محمد پيرزادو

## ٽي شعر

سونهن جي پاسي ٿيڻ چاهيان ٿو مان،
پيا ڇڏي تو ڏي اچڻ چاهيان ٿو مان.

تو اچان ناهي فنا تي غور ڪيو
۽ فنا تو ۾ ٿيڻ چاهيان ٿو مان.

تنهنجي اُڻ ٽُڻ جو تہ آ احساس پر،
پاڻ کي ظاهر ڪرڻ چاهيان ٿو مان.

✱

## منهنجي ڪهڙي هستي آ

ڪائنات ۾ تون آ، حُسن جي تجلي ٿي،
هر وجود جي آڏو روشني پکيڙين ٿي،
ڏينهن جو تون سج آهين،
رات جو بہ چنڊ سان گڏ بيشمار تارا آن
ڪيتري اياڻي آن،
تون نہ ٿي اهو ڄاڻين
تنهنجي هڪڙي مِنٽ ۾
پل هجي اها ڪِن پل
هوندي ڪيڏي مستي آ،
منهنجي ڪهڙي هستي آ.

هيءَ اُداس بستي آ،
جيڪا منهنجي دل آهي،
پر انهيءَ جي سرشاري،
ساري تو وهيٽي آ،
منهنجا هٿ ٻڌَل آهن
ڪيئن توکي ترسائيان
تون ٻين وهيٽي آن
ڪيئن دل کي مان دائم فرحتن ۾ ڪيڏايان،
منهنجي ڪهڙي هستي آ.

آدميءَ ۾ پَستي آ
در گذر ڇڏي هٿ مان
رهگذر وڏي اهڙي
جنهن ۾ ساڙ ڪيني جي
گپ چِڪ پکڙيل آ
پاڻ ڪيئن ڇڏائي هو
هاڻ ائين سوچي ٿو ـ
پيار جا حَسين جهرڻا
پوئتي ٿي رهجي ويا،
جن ۾ ڏوپجي ماڻهو
مرتبو هئو ماڻيندو
هاڻي ڪهڙي هستي آ،
آدميءَ ۾ پستي آ.

تنهنجو رُوپ الستي آ
ساٿ تنهنجو لمحي جو بہ
منهنجي لئہ حياتي آ
ڏيان تنهنجو مون ڏي ٿئي،
پوءِ مون کي ڇا گهرجي
تون اگر ٻُڌڻ چاهين
پنهنجو حال اوريان مان،
جيئن نار جون لوڏيون،
ان ۾ پاڻ جوڙيان مان،
وَهندي وَهندي گسجان هان
ڪيئن هونئن ڪتيان ها جي
تنهنجي ساهہ جي ڏنوٽي جي نہ مون ڏي سرڪي ها ـ
۽ تنهنجو بدن بخمل نہ ٽڏ کان بچائي ها ـ
منهنجي ڪهڙي هستي آ.

❖❖

شبير هاليپوٽو

## غزل

جيئن تو بن ڪجهه به نه مان، تيئن تون پڻ مون بن يا....؟
احساس اهي ساڳيا، تو وٽ به رهيا هن يا....؟

بس تون ئي تون آهين، هر وقت تصور ۾،
سارون ۽ سپنا تا توکي به ستائن يا....؟

هر رات ستارن کان هيئڻ ۽ پڇندي ئي گذري،
”پيا نيڻ به تا مون جان ايڏانهن نهارن يا....؟“

مان سمجهان تو سر تين توکان به پڇيو هوندو،
”تنهنجي به ڪئي آجيان، بوسن ۽ ياڪِن يا“....؟

اکڙيون ۽ دل پل پل، تولاءِ پڇن روئن،
تو وٽ به اهي ساڳيا، تيون راڳ الاپن يا....؟

✸

بي قراري قرار ۾ آهي،
هيءَ دل تنهنجي پيار ۾ آهي.

ڪنهن ڪهاڻي، قصي، نه شعرن ۾،
لطف جو ذڪرِ يار ۾ آهي.


هُو جو عاشق آ ڏينهن تاري جو
رات پر انتظار ۾ آهي.

پاڻ ڪي پاڻ تو پيئي وئو
هاڻي ساقي خمار ۾ آهي.

هڪڙي دل ڪيئن سو سگهي پالي،
درد جو وار وار ۾ آهي.

عمر تي پن پن چڙهي پيئي،
ڪيئن چئجي بهار ۾ آهي.

❖❖



# زندگي ڪجھ بہ نہ...!

اخلاق انصاري

اصل الميو اهو آهي تہ ماڻهو هر وقت رڳو پاڻ کي ٻفائن ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رهي ٿو... ۽ ساري زندگي رڳو پڇتاءُ آهي.

ٻاهر سخت گرمي آهي. مان روشندان مان هيٺ ڏسان ٿو ڪمري ۾ اوندھ آهي. اوندھ تڏ جو احساس ڏياري ٿي. مسلسل اوندھ ۾ ڏسان ٿو شيون چٽيون ٿينديون ٿيون وڃن. شيون نہ لڪل هونديون آهن، نہ ئي چٽيون، هُو محتاج هونديون آهن.... روشني ئي انهن کي معنيٰ ڏيندي آهي.

۽....

هاڻ سڀ ڪجھ چٽو آهي.... ٿلهن پاون واري وڏي کٽ تي، وڏي ٿالھ ۾ وڏو هنداڻو ڪٽيو پيو آهي- ڳاڙهو سائو ۽ ڪارو رنگ سڪون جو احساس ڏياري ٿو. ٻاهر سخت گرمي آهي، لڳ ساڙيندڙ جهولو پيو هلي. مان هيٺ ڪمري جي فرش ڏي وڃڻ ٿو چاهيان.... شيشي جي هڪ ٻڱهي راڊ، جيڪا روشندان کان ڪمري جي تري تائين آهي، هَٽ وجهي هيٺ گسڪان ٿو لڳي ٿو مان ڪوئي جهڙو ماڻهو آهيان يا ماڻهوءَ جهڙو ڪوئو آهيان. انهيءَ سوچ ۾ نظر انگن تي پوي ٿي. 75 ڊگري سينٽي گريڊ لکيل آهي. مان تہ هڪ وڏي ٿرما ميٽر تي لڙڪيل آهيان. سخت گرمي آهي، لڳ سڙن ٿا. اهڙين سخت گرمين ۾ شام جو اسان ڪچي پڌر جي اڱڻ ۾، ڇڻڪار ڪندا هئاسين. چوڏاري کٽن تي ويهندا هئاسين. اهڙين سخت گرمين ۾ انهن ڏينهن ۾ اسان وٽ وڏي اهميت ريڊيو جي هُئي. اونداهي راتين جو تارن جي جِهرمر ۾ ريڊيو سڄي ڪائنات اسان جي اڱڻ ۾ ڪٺي ايندو هو. منجهند جو هنداڻو ڪائڻ جي ڪري پيٽ ڀرجي وڃڻ سبب وڏيڪ گهري ننڊ ايندي هئي.... ڏينهن تتي جو ٻاهر کوھ جي ٿڙ تي پاڻي پيئڻ آيل ڏينين کي پڪڙيندو هئس.

راڌ تان هيٺ گسڪي 35 ڊگريءَ تي بيهان ٿو تہ منهنجي وات جو ذائقو ڪٿو ٿي وڃي ٿو. اهڙي موسم ۾ ڪيس ڪوهہ مان بالٽي ڪڍندي ڏٺو هن جي چيلهہ جي هيٺئين حصي ۽ پريل چنگهن منهنجي اندر ۾ باهہ ٻاري ڇڏي. اُن ڏينهن احساس ٿيو هو تہ موسمون لمحن ۾ بہ بدلبيون آهن. هن جي جسم جي ڪٿي خوشبو هاڻ بہ محسوس ڪيان ٿو ۽ اڄ ڏينهن تائين انبڙين جي موسم ۾ پاڻ کي Define ڪري نہ سگهندو آهيان. هاڻ تہ.... جڏهن تہ ڪمري ۾ اوندهہ آهي، بيڊ تي ستو پيو آهيان.... مانيٽر تي لهرون رڌم سان هلن ٿيون.

دروازو سڄو شيشي جو آهي، جنهن کي اٺن پانيل ۾ ورهايو ويو آهي. هر پانيل هڪ فريم آهي، هر فريم ۾ الڳ منظر آهي، يا هڪ منظر اٺن حصن ۾ ورهائجي وڃي ٿو هر منظر الڳ معنيٰ رکي ٿو.... جي سامهون ماٿهو بيهندو تہ ورهائجي ويندو هڪ اک هڪ پانيل ۾ تہ ٻي ٻئي پانيل ۾. ۽ سامهون ڏسان ٿو تہ ڇهين پانيل ۾ نظر ايندڙ ڪمري جو سڄو در ڪليل آهي. نرس ڪراڙي مريض کي نبيو لائيز ڪرائي ٿي. مريض وڏا وڏا ساهہ ڪڍي ٿو ۽ نرس پنهنجي آڱوٺي تان ٻئي هٿ جي آڱوٺي سان نيل پالش ڪرڙي ٿي. سندس چهري تي شام جهڙي ٽڪل اُداسائي آهي. خوبصورت وڏين اکين ۽ چاڪليٽي رنگ واري ان نرس مون کي پهرئين ڏينهن اسپتال ۾ اٽينڊ ڪيو هو ان مهل مون کي سيني ۾ سخت سُور هيو بلڪ منهنجو سڄو بدن جڻ تہ چيچڙي ۾ وڌو ويو هو.... نہ سُور گهٽيو پئي ۽ نہ وڌيو پئي. مون ساڳي حالت مان نڪرڻ پئي چاهيو.... يا سُور وڌي يا وري گهٽ ٿئي....!

هُوءَ مرڪي نرڙ تي هٿ رکي، زبان هيٺان گوري رکي، بيٺي هئي. ان وقت هن جي وڏين اکين ۽ واڳٽائي چپن ۾ منهنجي دلچسپي پيدا نہ ٿي، هن وارڊ بواءِ کي پئي چيو. "توهان مردن جو پيٽ ڪڏهن بہ نہ ڀربو...." وارڊ بواءِ جي چهري تي التجا هئي. جڏهن بہ مان ڪڏهن ڪنهن نرس کي ڏسندو آهيان تہ هرويرو اهو خيال بنا سبب جي منهنجي ذهن ۾ پيدا ٿيندو آهي تہ هِن سوال جو اصل مسئلو شادي آهي.

۽....

هاڻ ستين پانيل ۾ نظر ايندڙ اهو پوسٽر وري ڏيان ڇڪائي ٿو. هن کي نہ چاهيندي بہ ڏسندو آهيان، نہ چاهيندي بہ پڙهندو آهيان.

- ماني وقت تي کائجي، ماني کان اڳ پاڻي پيئڻ بهتر آهي.
- تازيون ڀاڄيون ۽ ميوا استعمال ڪجن، جُوس کان پرهيز ڪريو.
- ذيابيطس جا مريض گلوڪوز ڪنڊ ۽ گُڙ کان پرهيز ڪن.
- هلڪي ورزش ڏينهن جو ڪهڙي بہ وقت تي ڪجي.

هي چارٽ منهنجي لاءِ جڻ تہ سزا آهي. مون تي بار ٿي پيو آهي. مٿي ۾ سُور ٿو وجهي، اکيون بند ٿو ڪري ڇڏيان.

هي وارڊ ٻن اڌ گولن ۾ ورهايل آهي. سامهون اڌ گول ۾ ڇهه ڪمرا هيٺان، ڇهه مٿان ۽ ٻئي اڌ گول ۾ ڇهه ڪمرا مٿان ۽ ڇهه هيٺان. وچ تي ٿلهو ٿهيل آهي، جنهن تي وارڊ بواءِ ۽ نرسون هر وقت ويٺل. سامهون هلندڙ اسڪرين تي هر مريض جو ڪارڊيوگرام. مان هاڻ اُٿي ويهاڻو ڪٽي پيراندي کان رکي، پير سيرانديءَ ڏانهن ڪري سمهان ٿو. منظر بدلجي وڃي ٿو. دري آهي، دريءَ مان نظر ايندڙ وڻ جون لڏندڙ ٽاريون ۽ آسمان. هڪ دفعو هيٺ ڏٺو هئم ته ڇت تي ٽنگن ۽ ٻانهن تان لٿل پلاسٽر. ڪجهه ٽُٽل ڀڳل پلنگ ۽ ٽيبلون پيل هئا. ان کان پريان روڊ آهي، روڊ جي پريان اسڪول. ان اسڪول ۾ منهنجا سڀ ٻار ۽ پينر پڙهيا. انهيءَ اسڪول جو محنتي استاد سائين انور هاڻ ستين نمبر ڪمري ۾ آهي. ڪالهه پلٽي هٽي، ٻانهون سڌيون ڪري گوڏن تي رکي ائين ويٺو هو ڄڻ سائيڪل جي هينڊل کي پڪڙيو هجيئين.... سڄي زندگي سائيڪل هلايائين. هاڻ نظر نه پوندي اٿس. ڏوهٽو ڪيس سائيڪل تي ڪٽي، انهن سيني آفيسرن وٽ وٺي ويو هو جيڪي سندس شاگرد رهيا هئا.... پر ڏوهٽو اڄ به بيروزگار اٿس.

ٿڪجي پيو آهيان. سڌو ٿي ويهان ٿو. در مان ڏسان ٿو سامهون منهنجو پُٽ بيٺو آهي. وارڊ بواءِ سان ڳالهائي ٿو. مان هن جي چهري کي هڪ پانيل ۾ فِڪس ڪري ٿو ڇڏيان. ڄڻ جوانيءَ ۾ منهنجو فوٽو هجي. هي هاڻي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو آهي. در کولي اندر داخل ٿيو. ٽيبل تي چانهه جو ٿرماس رکندي مون کي چتائي ٿو ڏسي. روشنيءَ مان اچڻ ڪري هُو اجان اندازو ٿو لڳائي ته مان جاڳان ٿو.... سلام ٿو ڪري.

چانهه پيئندئو؟

ها....

هُو مگ ۾ چانهه اوتي ٿو. هن جي چهري کي ڏسان ٿو ڏاڍو ٿڪل آهي. مان ڪڏهن به نه چاهيو آهي ته منهنجو پُٽ ٿڪل يا نَروس لڳي. ڪورٽ ۾ داخل ڪرايل ڪيس به هن جي ڪري وِٽ ڊراءِ ڪرڻ چاهيو.

ان ڏينهن وڪيل به نه آيو هو. جيستائين سڏ ٿئي، سوچيم پئي ته جج کي چوندس، "سَر! اڄ وڪيل نه آيو آهي، پر مان ڪيس تان.... نه نه اهو جملو صحيح نه آهي....

"سَر! وڪيل جي طبيعت صحيح نه آهي، پر مان.... نه نه. ائين به نه. .... سَر! ڪورٽ ۾ ڄڻ ته مان تماشو ٿو لڳان.... فلاڻو پٽ فلاڻي جو.... حاضر ٿئي. مان چاهيان ٿو ته....

۽ پوءِ حاضري نه رهي، اٽيڪ ٿيڻ جو ڪارڻ ڪو ڪيس نه آهي. پر ان تي پريشان آهيان، مون ته سڄي زندگي نَيم تي گذاري آهي.

اسپتال داخل ٿيڻ کان اڳ واري رات مان پنهنجي پٽ کي خط لکيو هو.... لائوڊ اسپيڪر تي آذانون هلن ٿيون. .... الصلواة خير مِن النَوم.... سان جاڳ ٿي. پاڙي واري

گهر مان ٻهاري پائڻ جو آواز اچي ٿو... ان مائيءَ جو مڙس مري ويو آهي، جنهن جو پٽ علي تنهنجو دوست آهي. جي ڪنهن دور ۾ شاندار زندگي گذاريندا هئا. ان جي ماءُ ان احساس سان پرهہ ڦٽيءَ جو ٻهاري پائيندي آهي تہ جيئن بدقسمتي گهر مان ٻهاري ڪڍي. توکي خبر آهي تہ جنهن پاڙي ۾ اسان رهون ٿا، ان ۾ توکي ڪٿي بہ کيڏڻ لاءِ پارڪ نہ مليو نہ ئي ڪٿي ڪورٽ آهي.

پنهنجي گهر ۾ هڪ ٻڍني لينڊ ٿاهيسين. ٽيبل ٽينس ۽ اڱڻ ۾ بيڊمنٽن جو ڪورٽ بہ ٺاهيوسين. شطرنج ۽ ڪيرم بہ هلندو هو. ان پاڙي ۾ نہ توکي ڪو سڃاڻي ۽ نہ مون کي ڪو سڃاڻي. اسان ائين ئي اوپرا اوپرا رهندا آيا آهيون. ٻاهران ڪو دوست ايندو آهي تہ سنهيون گهٽيون اُڪري، تون انهن کي گهر تائين وٺي ايندو آهين. اڪثر منهنجي دوستن کي لفظ هوندا آهن تہ "مان ان پاڙي ۾ رهندو آهيان، جتي گانڌي رهندو هو." تو پڇيو هو "گانڌي ڪٿي رهندو هئو؟"

هريجن جي پاڙي ۾....

تو ٻڌا ٿهڪ ڏنا هئا. سچ تہ اهو سڀ ڪجهہ مذاق هئي. هريجن جهڙو هردو تہ هت ڪنهن ۾ بہ ڪونہ آهي، اسان تہ ڏوهارين جي پاڙي ۾ رهون ٿا، جتان تنهنجون هڪ ٻئي پٺيان ٽي سائيڪلون چوريون ٿيون. هر هر چوري ٿيل سائيڪل پٺيان روئندو هئين ۽ مان کلندو هئس. مون کي لڳندو آهي، زندگيءَ کي سمجهڻ لاءِ اهي پهريان سچ هئا. جڏهن تہ گڏجي ڪائناتي ارتقا، سماج جي ارتقا، هڪ گهڙي کان هزارين گهڙين تائين جو سفر ۽ مذهبي ويچارن جو وڙهڻ... تنهنجي ماءُ ڏاڍي معصوم آهي، جيڪا توکي دعائون ڏيندي ٿي رهي، ان هاڻ ننڊ مان اُٿاريو اُٿ!

هُون....!؟

ٻڌ....!

جي....!؟

مان خواب ڏٺو آهي.

هُون....

تہ منهنجا ڏند هڪ هڪ ٿيندي پچندا ٿا وڃن.

سمهي پئُہ.... ڪجهہ بہ نہ آهي.

هُوءَ ان خواب جي تعبير پڇڻ ٿي چاهي، تنهنجي يونيورسٽي وڃڻ کان پوءِ توکي شدت سان ياد ڪري ٿي. سچ تہ اهو آهي تہ ورهيہ ٿيا آهن مون بہ خواب نہ ڏٺا آهن.

پر،

ان سان گڏ اڄ بہ اتفاق سان توکي خواب ۾ ڏٺم. توکي ٽريٽر نَسل جو ڪتو آهي، سهڻي زنجير ۾ ٻڌل، گهر ۾ داخل ٿيو آهين. چوين ٿو "هن کي اينٽي ريبيز انجيڪشن ڪرائڻي آهي." اوچتو هڪ ايپران پاتل ڊاڪٽرياڻي ان کي انجيڪشن هڻي ٿي، هُو

پونڪي نٿو پر معصوم ٻار وانگر رڙيون ٿو ڪري... سچ تہ تنهنجي ڪٿي پالڻ واري خواهش بہ پوري ڪري نہ سگهيم. هاڻ جاڳان ٿو، سوچان ٿو. ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرايان تہ مان ڪيس جي نالي ۾ ڪورٽ جي پابندين جو قيد قبول نٿو ڪري سگهان، ڪيس تان هٿ ٿو کڻان.

ٿڌباڪڙو آهيان. در اڌ چادر سان ڍڪيل آهي. جو تہ ٻاهرين ٽيوب لائيٽ جي روشني مون کي تنگ نہ ڪري. هُو چادر ڏئي، لائيٽ آف ڪري وڃي ڪٿي ويٺو هوندو ۽ هيٺين پانيل مان رڳو مون کي پير ئي نظر ايندا آهن. تڪڙا... ڍرا... ڪجهہ تيز... صفا تيز... ۽ انهن جي بناوت ۽ هلڻ مان اندازو ٿي وڃي ۽ سندن ڪم جي ڪيفيت جي خبر پئجي وڃي... ڪير آهي؟ ... ڇا ڪندو آهي؟ اهو بُوٽ مان، سينڊل مان، جاگر، چپل، گهمڻ جي انداز مان، شخصيت کي سڃاڻي ٿو وٺان. در کلڻ جو چيڪاٽ ٽيوب لائيٽ آن ڪيائين، هُوءَ هئي!!! ... اها ئي ساڳي، ورهيہ اڳ، جنهن کي روز مان ڳاڙهن گلن جي ٽاري پيٽ ڪندو هئس ۽ هاڻ هُوءَ ڳاڙهن گلن جو گلدستو کنيو بيٺي هئي. اُٿڻ جي ڪيم. هن گلدستي کي ويهاڻي جي پاسي کان رکندي، هٿ سان منهنجي وارن کي نرڙ تان هٽائيندي چيو "ڪيئن آهين؟"

ٺيڪ آهيان...

ڏاڍي دير ڪيئي...؟

ڇا ۾؟؟

هٿ اچڻ ۾...

ڇو؟؟

جيڪي ماڻهو ٻارڻ کي Define ڪري نہ سگهندا آهن، اهي...!!

مون هن جي چهري ڏانهن ڏٺو اکين ۾ ڳوڙها هئس. ڏک منهنجي نڙيءَ ۾ ڳوڙهو ناهڻ لڳو. ڏانهنس ڏٺم. گهنج هن جي ڳچيءَ تي لهي آيا. ميندي لڳل وار اڌ ڪارا، اڌ ڳاڙها، اکين تي عينڪ چڙهيل، پر مان تہ هن کي ائين ڏسڻ پئي چاهيو جهڙي يونيورسٽيءَ ۾ هئي. ڪيس پيار ڪندو هئس، وڙهڻ، پرچڻ، پڙهڻ... هڪ دفعي فائنل پيپر ۾ ڪراچي پئي ويم. چيو هئومانس، "ڪراچيءَ ٿو وڃان..."

ٺيڪ آهي.

تنهنجي لاءِ ڇا وٺي اچان؟

ڪجهہ بہ نہ...

ڇو؟!

بس.

ڪجهہ تہ؟

نہ نہ...

ڪجھہ تہ چئہ!
پوءِ سمنڊ آڻجانءِ....!
ڪيئن آڻيندس؟!
پوءِ پڇين ڇو ٿو؟
مان ڪجھہ نہ ڪڇي سگهيو هئس. اڏ رهجي ويو هئس. هاڻ هن جي اکين ۾ سمنڊ هو. هُوءَ سمنڊ کڻي منهنجي ڪمري ۾ آئي. سڏڪندي رهي، ڏسندي رهي. سڏڪندي چيائين، "مان بہ هن وارڊ ۾ بہ دفعا اچي چڪي آهيان."
ها!؟
ها.... ها.... نہ پُڇ.... ڪجھہ بہ نہ بچيو آ.... زندگي ڪجھہ بہ نہ آهي.... رڳو پڇتاءُ آهي.... آخري اٽيڪ ايترو زوردار هو جو.... جو منهنجي هٿن ۾ پيرن جا ننهن ڪارا ٿي ڇڻي پيا هئا.

⊙⊙

مون ڪي اهو اعتراف آهي تہ مان ڪهاڻيءَ سان وڏيڪ پيار ڪريان ٿو.
ماڻهو جيڪڏهن زندگيءَ ۾ تڪڙو ئي ڪهاڻيون گهڙڻ ۾ ٻڌائڻ لڳي تہ ان ڳالھہ جا امڪان وڌي ويندا آهن تہ ان ڪي ٻڌو وڃي. شرط اهو آهي تہ هو ان ڪي مختصر رکي. مان مختصر ڪهاڻي لکڻ جي مسرتن سان پيار ڪريان ٿو...لکندڙ پنهنجيءَ ذات جي اڏامر گهوڙي (Pegasus) تي سوار هوندو آهي. پلي تہ اهو اهڙو بي عقل گهوڙو هجي، جنهن ڪڏهن بہ ڊوڙ ۾ حصو نہ ورتو هجي. هڪ خاص جاءِ تي پهچي، سفر شروع ٿي وڃي ٿو...هڪ سني ڪهاڻي، شعور جي حيرت ۾ تاثر پيدا ڪرڻ سان گڏو گڏ زندگيءَ جي پيچيدگين ڪي ڪجھہ صفحن تي کولي ڇڏيندي آهي.. اها ڪا گهٽ حاصلات ڪنهي. سخت تڪليفن جي باوجود اڪيلائيءَ ۾ ڪهاڻيون تخليق ڪرڻ، انساني تنهائيءَ ڪي برداشت ڪرڻ جو ڪو خراب طريقو ڪونهي،
(برنالڊ مالامڊ-هڪ جديد آمريڪي افسانہ نگار. هو 26 اپريل 1914ع تي بروڪلن ۾ جائوءِ 18 مارچ 1986ع تي نيويارڪ ۾ گذاري ويو.)



# ٽوري اوور رومينٽڪ ڪهاڻي

ڊاڪٽر قاضي خادم

”زندگي ڪجهہ بہ نہ“ هڪ سُٺي ڪهاڻي آهي، فڪر توڙي اظهار جي لحاظ کان دلچسپ. ڪهاڻيءَ ۾ ان طرح ٿي عڪس ۽ اولڙا هئڻ گهرجن. ٽوري اوور رومينٽڪ ٿي وئي آهي، پر ان ۾ بہ هڪ دلچسپي آهي. زندگي خود هڪ ڇرڪائيندڙ مرڪائيندڙ ۽ روئاريندڙ موضوع آهي، جنهن کي نہ ڪو سمجهي سگهيو آهي، نہ سمجهائي سگهيو آهي. مُٺ ۾ پوريل سمنڊ جي واريءَ جيان ايئن تہ بنا آواز جي گسڪندي ٿي وڃي، جو مُٺ خالي ٿيڻ جو احساس ئي نٿو ٿئي، بلڪہ ڪڏهن ڪڏهن تہ مُٺ خالي ٿيندي ڏسڻ جو موقعو بہ نٿو ملي. ٻئي طرف محبت ماڻهوءَ سان نہ پر ان لمحي سان ٿيندي آهي، جڏهن ڪو ماڻهو وڻي ويندو آهي. تڏهن بہ زندگي هڪ اهڙو آئينہ خانو آهي، جنهن ۾ هر طرف هڪ جدا عڪس آهي. توهين ڪهڙي عڪس ۾ ٿهڪي ٿا اڇو اهو آهي اصلي عڪس.

هن ڪهاڻيءَ ۾ فڪر ۽ احساس جا ڪئين رنگ آهن، جيڪي ڪيترن ئي مختلف فردن کي هڪ ئي وقت پنهنجو پاڻ سان لاڳو ٿيندي نظر ايندا. اهو ئي آئينوپڻو ڪهاڻيءَ جو اصل مقصد بہ آهي تہ ان جي دلچسپي ۽ ڪارج جو راز پڻ.

هن ڪهاڻيءَ جي ٻي خوبي اها آهي جو اها اتي ختم ڪئي وئي آهي، جتي ان کي ختم ٿيڻ گهربو هو. نہ تہ ان جي هرو ڀرو جي طوالت ان مان پڙهڻ جو لطف بہ ڪيرائي ڇڏي ها ۽ پڙهڻ واري کي بہ جيڪي سوچ جا موقعا ان مان مليا آهن، سي بہ نہ ملن ها.

هن وقت لکجندڙ ڪهاڻين ۾ هيءَ ڪهاڻي مشاهدي، فڪر ۽ اظهار جي لحاظ کان هڪ خوبصورت ڪهاڻي آهي.

⊙⊙



# اُساٽ

ضياءُ شاهه

**منهنجي** اسڪول واري زماني ۾ تعليم پرائي پنهنجو ۽ پنهنجي ابي امڙ جو نانءُ روشن ڪرڻ وارو خيال سُندر سپني وانگي هوندو هو. ڪاپي ڪلچر جي شروعات ته اُن زماني کان ئي ٿي چڪي هئي، پر ڪاپي ڪرڻ دل گردي جو ڪم هو. جيڪڏهن ڪو شاگرد پڪڙجي پوندو هو ته انهيءَ لاءِ ٽن ورهين جو ريسٽيڪيشن اصلي تيار پيو هوندو هو. تنهن ڪري نوانوي سيڪڙو شاگرد محنت تي ياڙيندا هئا. تعليم حاصل ڪري يونيورسٽين تائين پهچڻ جو هرهڪ شاگرد ڪي هڪ قسم جو رومانس هو. تنهن زماني ۾ پنهنجي هڪ استاد کان ٻُڌو هئم "جيڪو شاگرد يونيورسٽيءَ ۾ نه پڙهيو ته ڄڻ سندس محنت ئي اجائي وئي." مون کان اهي لفظ ڪڏهن به نه وسريا. سنڌي ماستر ٿي ويم، ته به اهي لفظ ڪنڊن وانگي چڀندا رهيا. نيٺ ڏکهي موڪل وٺي يونيورسٽيءَ جي ماسٽرس وارن ڪلاسن ۾ داخلا ورتم. هيءَ ڊائري تنهن زماني جي آهي، جنهن جا ڪجهه صفحا هتي پيش ڪريان پيو.

<u>دل جي چوري</u>

پنهنجي ڊپارٽمينيٽ جي سيمينار واري لائبرريءَ ۾ ويٺو آهيان. سيڪنڊ فلور جي بالڪنيءَ کانءُ اُترڙي جي لُري پيئي اچي، پر مون دروازو ڪليل رکيو آهي. دروازي جا طاق بند ڪندي ايئن محسوس ٿيندو اٿم ڄڻ پرتويءَ کان ڇڄي ڪنهن خلائي شٽل ۾ بند ٿي ويو هجان. اوچتو به ڇوڪريون دروازو کولي هليون ٿيون اچن ۽ بنا ڪنهن هٻڪ ۽ رک رکاءَ جي ميز جي پاسي کان رکيل ڪرسين تي ويهي مون ڏانهن تڪڻ لڳن ٿيون. منهنجي ليکي شايد اهي شام وارن ڪلاسن ۾ پڙهنديون هجن ۽ سيمينار واري لائبرريءَ مان ڪتاب وٺڻ لاءِ ڪهي آيون هجن، سو مون کي سندن اچڻ

رواجي ۽ روزاني معمول وانگي ٿو لڳي. انهن منجهان هڪ سانوري آهي ۽ سندس مُک تي اُداسيءَ جا پاڇا پيا محسوس ٿين ۽ ٻيءَ جي چهري جي رنگت ڪجهه گلابي آهي، پر غور سان ڏسڻ کان پوءِ لڳي ٿو ته شايد هن ميڪ اپ ڪري پنهنجي اڻ لکي سانوري رنگت کي لڪايو هجي، پر ايئن پڪ سان نٿو چئي سگهجي.

لائبريريءَ جو انچارج ڪلارڪ الائي ڇو اُتي هليو ويو آهي. سندس ايئن هليو وڃڻ کان پوءِ مون کي ڇوڪرين جو موجود هئڻ هاڻي ڪجهه غير رواجي پيو لڳي. مون سان مخاطب ٿيڻ جي شروعات سانوري ڇوڪريءَ ڪئي، پر مون کي لڳو ڄڻ ڳالهائڻ جي اصل لوڙ ٻي ڇوڪريءَ کي هئي. هوءَ پهرئين ملاقات ۾ مون کي سُهڻي نه لڳي هئي، پر پوءِ هن منهنجو جمالياتي نقطه نظر بدلائي ڇڏيو. اها تبديلي گهڻو پوءِ آئي، پر پهرين ملاقات روزاني زندگيءَ جي معمولي واقعي وانگي هئي. هونئن سنڌ جي ننڍي شهر کان آيل مون جهڙي سادڙي ماڻهوءَ لاءِ ڇوڪرين پاران بي تڪلف ۽ بي حجاب ملڻ ۽ ڳالهائڻ وڏي ڳالهه هوندي آهي، پر يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندي اها ڳالهه هاڻي ننڍڙي پئي لڳي. پهريون اثر شايد ٻي ڇوڪريءَ جي نيڻ ڪٽورن ڇڏيو هو. سندس مُک تي سونهن جي اڻ ڇاتل ملڪ جا اهي ڄڻ ڦريرا هئا، جن مون کي انهيءَ سُندر ديس جو سير ڪرڻ لاءِ ڄڻ سڏيو پئي.

انهن ڇوڪرين الائي ڪنهن کان ٻڌو هو ته مان شاعر ۽ ڪهاڻيڪار آهيان. اهو راز انهن وٽ ئي رهجي ويو ۽ مون اوک ڊوک جي ضرورت به نه ڄاتي. ڇو ته يونيورسٽيءَ جي ماحول ۾ اهڙي حوالي سان ملڻ رواجي ۽ سياڻپڪ واقعو هو. انهن ڇوڪرين نه ته مون کان منهنجي ڇپيل ڪتاب بابت پڇيو ۽ نه ئي ڪو نظم يا غزل ٻڌائڻ جي فرمائش ڪيائون. ايئن پنهنجا شعر ٻڌائڻ هونئن به مون کي ڪنهن اڻڄاتل شهر ۾ ڀٽڪي وڃڻ وانگي لڳندو هو. بس گلابي رنگت واري ڇوڪري ڄڻ ته پنهنجي ڄاڻ جو ڏاڪو ويهارڻ آئي هئي. ڪيميسٽريءَ جي ڊپارٽمينٽ جي شاگردياڻيءَ واتان دنيا جي جاگرافي، تواريخ ۽ ادب بابت پروسي سان ڳالهائڻ البت اچرج جوڳي ڳالهه هئي، پر هن جڏهن بالزاڪ، اليگزينڊر ديوما ۽ چارلس ڊڪنس جي ناولن جو ذڪر ڇيڙيو، تڏهن ته مان مرڳو دنگ رهجي ويس. مون کيس ٻڌايو ته انگريز ناول نويس چارلس ڊڪنس منڍ ۾ هڪ اخبار ۾ لکندو هو ۽ سندس قسطوار ناولن جي نتيجي ۾ ان اخبار جي سرڪيوليشن چاليهه هزار ڪاپين تائين وڌي وئي هئي. هوءَ اها ڳالهه ٻڌي مرڪندي رهي، جنهن جو مطلبُ هو ته کيس ان ڳالهه جو پتو هو.

هوءَ سهيليءَ سان گڏ اُتي وئي ته پانيم ڄڻ مون کي ڪنهن بيتاريءَ ۾ ڇڏي وئي هجي! اهڙي چپ چپات مون اڳ ڪڏهن به محسوس نه ڪئي هئي، حالانڪ تهه سياري ۾ اهڙي خاموشي رواجي ڳالهه هئي. ڪاريڊور ۾ شاگردن جي اچ وڃ گهٽي گهٽجي وئي هئي ۽ شاگردن يونيورسٽي ڪينٽين يا فيڪلٽيءَ جي ڪيفي ٽيريا ۾ پناهه ورتي هئي.

## پيار جا پيچ

مان آخري ڪلاس اٽينڊ ڪري سيڪنڊ فلور تان هيٺ لهي آيو آهيان. لوڪ ادب پاڙهيندڙ اڄ بہ مون سان ساڳيو حشر ڪيو آهي. ڪلاس روم ۾ ليڪچر پورو ڪري مون کي پنهنجي آفيس ۾ وٺي ويو ۽ بحث ڇيڙي ويهي رهيو. منهنجو خيال هو تہ ڪو اهڙو زمانو بہ ايندو جو سسئيءَ جو ڪردار ديومالائي جاتو ويندو ڇو تہ لگزريءَ واري زندگي گهاريندڙ ۽ ٿوري فاصلي لاءِ بہ موٽر گاڏي ڪتب آڻيندڙ ماڻهوءَ لاءِ سسئيءَ جو پٻ جبل جا لڪ لتاڙي هاڙهي جبل جي ڦوڙ نديءَ تائين پهچڻ ۽ اُتان موٽي ماباڙ نئن ڏانهن وڃڻ ڏند ڪٿا ٿي ويندو پر سائينءَ جو چوڻ هو تہ سسئيءَ پنهونءَ وارو قصو نيم تواريخي حيثيت ۾ رهندو.

مان سائينءَ کان موڪلائي اصل ۾ چانهہ پيئڻ جي خيال سان هيٺ ڪيفي ٽيريا ڏانهن آيو آهيان. يونيورسٽيءَ جون بہ پوائنٽون وڃي چڪيون آهن ۽ هاڻي ٽين پوائنٽ بہ شاگردن سان ستجي ويئي آهي، جن ۾ گهٽائي شهر ڏانهن ويندڙ ڇوڪرين جي آهي. پوائنٽ مان بہ ڇوڪريون لهي ٽيون اچن. مون کي اهو ڏسي سرهائي محسوس ٿي آهي تہ ڇوڪريون اهي ئي آهن، جيڪي مون سان ملڻ لاءِ ڪهي آيون هيون. مون کي پنهنجي سرهائيءَ جو ڪارڻ سمجهہ ۾ نٿو اچي. اها ڪيفيت پُراسرار ٿي لڳي.

گلابي رنگت واري ڇوڪريءَ جو مُک ٻهڪيل ٻهڪيل پيو لڳي. اڄ هوءَ ڪجهہ وڌيڪ بولڊ پيئي لڳي. پوائنٽ مان لهڻ شرط سندس مُک تي سرهائيءَ جا تاثرات اچي ويا هئا ۽ اجا تائين مُرڪي پيئي. مون ڏانهن وڌندي ڪجهہ بي صبر پيئي لڳي ۽ مون کي منهنجي ادبي نالي سان مخاطب ٿي چوي پيئي:

”ڇگو ٿيو جو سنيءَ جي اوهان تي نظر پيئي.“

”اهو سني ڪير صاحب آهي؟“

مان پوائنٽ جي درين ڏانهن نهاري پڇانس ٿو.

”مان هن کي سني سڏيندي آهيان، نالو سنيا اٿس.“

”۽ اوهان جو نالو؟“

”هيءَ مس ايشيا آهي.“

جيسين گلابي رنگت واري ڇوڪري جواب ڏئي، سانوري سنيا چئي ڏنو.

”ڇا!؟“

مون کي سچ پچ اچرج ٿيو.

”منهنجو نانءُ عائشہ آهي ۽ هيءَ نياڳي مون کي مس ايشيا سڏيندي آهي، پر اسان جي انهن عجيب نالن کان يونيورسٽيءَ جو ڪوبہ بني بشر واقف ڪونهي.“ هوءَ چوي ٿي.

عائشہ ۽ سنيا جي جاءِ تي منهنجا سنگتي هجن ها تہ هوند چرچي طور ڪين چوان ها، ”ڇا مان بني بشر ناهيان؟ ڪو جن پوت آهيان؟“ پر اڄ الائي ڇا ٿي ويو اٿم. مذاق

ڪرڻ واري حس موڪلائي وئي آهي. ايئن پيو لڳي جڻ زنجيرن ۾ جڪڙجي ويو هجان ۽ چپن تي غيبي مهر لڳي ويئي هجي. پاڻ سنيالي ويٺر کي سڏ ڪيو اٿم ۽ ڪيس ڪرسيون کڻي اچڻ لاءِ چوان ٿو ڇو تہ ڪيفي ٽيريا تي قومپرست ڪامريڊن وارن جو قبضو آهي.

"پوائنٽ اندر چوڪرين ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ لڳندڙ نعري جو ذڪر پئي ڪيو ايشيا سرخ هي."

سانوري سنيا. جيڪا پهرئين ملاقات ۾ مون کي اُداس اُداس لڳي هئي، سا اڄ سرهي آهي، مون کي اهو پسي خوشي ٿي آهي، پر هوءَ منهنجي ڪيفيت کان بي نياز ڳالهہ جاري رکي ٿي:

"اهو نعرو ٻڌي عائشہ هو پرو شرمائڻ لڳي." موت ۾ عائشہ ڪيس گهوري ڏٺو آهي، پر سنيا مون کان ڪجهہ پڇڻ لاءِ ڪرسي سوري ويجهي پئي ٿئي.

"اوهان جو ڇا خيال آهي، ايشيا سرخ هي يا سبز هي؟"

"منهنجو خيال آهي، ايشيا ٽيڪنيڪلر هي."

جواب ٻڌي ٻئي کلي کلي ڪيريون ٿي ويون آهن. مون کي الائي ڇو عائشہ کلندي ڏاڍي وڻي ٿي. دل پيئي چوي ايئن ئي کلندي رهي! مان آپي ۾ نٿو رهان ۽ پنهنجي ڪيفيت لڪائڻ لاءِ چوان پيو:

"اسان جي يونورسٽيءَ جو حال بہ ڪلٽهاب ٿي ويو آهي. مختلف شاگرد تنظيمن هڪ ٻئي جي ڪارڪنن کي خراب ڪرڻ شروع ڪيو آهي. ڪي ڊينبڙا، ڪي شنگورا ۽ ڪي وري ڏنگا ٻار."

عائشہ کي بہ مون واري ڳالهہ نہ وڻي آهي ۽ سندس ڪِل الوپ ٿي ويئي آهي، جنهن ڪري افسوس ٿيو اٿم.

<u>ننڍڙو ماسڪو</u>

هاسٽل جي سيڪنڊ فلور تي ٻئي ڪمري ۾ اولاهين پاسي ڪٽ تي اهليل آهيان. ڪمري جي رڄ تي وڇايل ڪٽ اڪبر ۽ احمد جي آهي. ٻئي ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جا سرگرم ڪارڪن آهن. اوجاڳا ڪري فلسفي، تواريخ ۽ سياست وارن موضوعن تي ڪتاب پڙهڻ ٻنهي جو مشغلو آهي. اهي بالشويڪ انقلاب ۽ ٽئين دنيا ۾ جاري قومي تحريڪن بابت بحث ڪندا آهن، تہ مان پڻ شامل ٿي ويندو آهيان. اجڪلهہ انهن جي بحث جو موضوع منهنجي ذات پڻ بڻي آهي، بلڪ انهن چواڻي اجڪلهہ جو اهو وڏو ڪرائيسز آهي. ٻئي انهيءَ ڳالهہ تي اڄرج ۾ آهن تہ مون پيار کي ايترو انگهايو ڇو آهي!؟ پيار جو لفظ مون ڪتب آندو آهي، پر اهي منهنجي پيار کي عشق سڏين ٿا. انهن ڏهاڪو ڏهاڙن کان منهنجو مٿو ڪاڏو آهي تہ مان پنهنجي آئيڊيل ۾ تبديلي آڻيان، جنهن کي اهي ترميم سڏين ٿا. پر مان ڪين لڳاتار چوندو

رهيو آهيان تہ منهنجو پيار ڪا ٿيسز ناهي، جنهن جي موٽ ۾ اينٽيٿيسز اچي ۽ پوءِ سينٿيسز سامهون اچي.

انهن مون کي مڃائڻ لاءِ پنهنجن ڳوٺن سچن عشقن جا قصا ٻڌايا آهن ۽ سندن چوڻ آهي تہ اهي عشق ڇهن ڪان ٻارنهن مهينن تائين ئي هلي سگهيا هئا. ڪامريڊ چون ٿا، "نظريي سان عشق ڪر ۽ پاڻ کي پورهيت طبقي جي آئيندي لاءِ وقف ڪر."

اهي منهنجي پيار بابت ڳالهائيندي عبدالحسين خان "سانگي" ۽ شيخ اياز جي پريم جا مثال ڏيڻ بدران جوليس سيزر ۽ ايڊولف هٽلر کي ٿا مثال بڻائين ۽ هٽلر جي پريميڪا ايوان برائون جا ڪرتوت ٿا بيان ڪن، ڇو تہ سندن خيال موجب منهنجو عشق اهڙن مثالن تي ٺهڪي ٿو اچي.

هن وقت رات جا ڏهہ وڳا آهن. جيڪو وقت سندن روز مره جي بحث مباحثي جو آهي، پر اهي منهنجي پيار کي ڪنهن منطقي نتيجي تي پهچائڻ ۾ رڌل آهن ۽ ڪيڏانهن ويل آهن. اهي يا تہ عائشہ جي ماڻٽن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ سرگردان هوندا، يا وري سندس ڪلاس فيلو شاگردن سان لهہ وچڙ ۾هوندا.

اهي اڳ مون کي صوفي لاڪوفي سڏيندا هئا، پر هاڻي رڳو ڪوفي سڏين ٿا، ڇو تہ ڪجهہ ڏهاڙا اڳ مون کي سي پي پي جي هڪ اهم شخصيت سان ملايو هئائون ۽ کين اميد هئي تہ مان ان اڳواڻ جي ڳالهين کان متاثر ٿي، ڊي ايس ايف ۾ شامل ٿيندس يا ساٿي ٻارڙا سنگت جي سرپرستيءَ واري ذميواري قبول ڪندس، پر سندن آس جي اُبتڙ مون ان مانائتي اڳواڻ سان بحث ڪري ۽ سي پي پي جي حڪمت عملين تي نڪتہ چيني ڪري، سندن اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. شايد اهو خيال اٿن تہ مون بيعت نہ ڪري، ڪوفين وارو ڪم ڪيو آهي، ڇو تہ پنهنجي اڳواڻ کي مون بابت خوشفهميءَ ۾ رکيو هئائون.

انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪو بہ شڪ ڪونهي تہ منهنجي پيار جي ڪاميابيءَ لاءِ سندن جاکوڙ مون لاءِ اُڪير جي بنياد تي آهي، پر اهي لاشعوري طور عائشہ جي پيءُ کي شڪست ڏئي، سچا بالشويڪ ثابت ٿيڻ گهرن ٿا، ڇو تہ عائشہ جو پيءُ پنهنجي تر جو وچولو زميندار آهي، پر سندس سوچ جاگيردارانہ آهي.

مان پاڻ اچرج ۾ آهيان تہ عائشہ منهنجي سوچن جو محور ڇو ٿي ويئي آهي!؟ مو ن کي پيار جو تجربو ڪاليج جي زماني ۾ بہ ٿيو هو. پر پوءِ منهنجو اهو پريم ساونڻيءَ جي ڪڪرن وانگي ڇانٽ وسائي الوپ ٿي ويو هو. اها تہ ڄڻ ڪا ٻاراڻي راند هئي، پر هي پيار پاڻ سان منو منو درد کڻي آيو آهي. وڇوڙي کان اڳ اهڙو درد مون لاءِ ڄڻ تہ معمول آهي. اها ٻاراڻي پرولي ناهي، جيڪا جهٽ پٽ ۾ سلي وٺان!

ٽيون ڏينهن مون امڙ سان فون تي ڳالهايو هو. ان لاءِ ڪيس منهنجي ماساتن جي گهر ڏانهن ويڄو پيو هو. هوءَ ڏاڍي خوددار آهي ۽ ڪنهن جو ٽورو ڪڻڻ ناهي گهُرندي، پر

مون ماساتن جي گهر فون ڪري ڪيس گهرائي ورتو هو. مون جيجيءَ کي عائشہ بابت ٻڌايو تہ خوشيءَ وچان سندس لهجو ئي بدلجي ويو. سندس خيال هو تہ عائشہ جي ماءُ سان ملڻ ۾ ڪوبہ حرج ڪونهي، پر مون کي ڊپ ورائي ويو آهي تہ متان ڪيس گهربل ماڻ نہ ملي. اهڙيءَ صورت ۾ مون کي صدمو رسندو. انڪار وارو جواب الائي ڇو ڏوڏي ڇڏيندڙ نٿو لڳيم. حقيقت اها آهي تہ عائشہ سان منهنجو پريم اقرار ۽ انڪار جي سرحد ٽپي ويو آهي. ايئن ٿو ڀانيان ڄڻ ٻنهي صورتن ۾ عائشہ منهنجي ئي رهندي.

مان ٻئي ٽئين ڏينهن پنهنجي فيڪلٽي ڇڏي، سائنس جي ڊپارٽمينٽس ڏانهن ويندو آهيان. اُتي هڪ عجيب ماڻهوءَ سان دوستي ٿي ويئي اٿم. پشاور شهر جو اهو ڪرڙوڊ پٺاڻ اصل ۾ آرميءَ جو ميجر آهي. سندس چوڻ آهي تہ هو اسٽڊي ليو وارو فائدو وٺي، جاگرافيءَ ۾ ايم ايس سي ڪرڻ آيو آهي. هو ڏاڍو کلڻو ۽ رلڻو ملڻو ماڻهو آهي. ڪيس منهنجي صورت ۾ اڪيلو سنگتي ملي ويو آهي. اهو اصل ۾ سندس خيال آهي پر منهنجي ان سنگت ۾ غرض شامل آهي. مون کي ان بهاني عائشہ کي ڏسڻ ۽ ڪيس ڏور کان ئي هٿ لوڏي ڪيڪر ڪرڻ نيم ٿي ويو آهي.

الائي ڇو ڪيس ڏسي ايئن ڀائيندو آهيان، ڄڻ اسان جي ڪا صدين کان ڏيٺ ويٺ هجي!

**پولٽ بيورو حوالي**

منهنجي روم پارٽنر اڪبر کي مون تي سخت ڪاوڙ آهي. ڪيس منهنجي هڪ ميجر سان دوستيءَ تي منيان لڳي آهي. جيتوڻيڪ هو چاڻي پيو تہ مان فوجي ڇاڙتو ٿيڻ بدران پاڻ کي ريل گاڏيءَ هيٺان ڏئي مرڻ وڌيڪ پسند ڪندس، پر پوءِ بہ ڪيس وسوسا وڪوڙي ويا آهن.

مون ڪيس پاڻ ئي ميجر سان هيلو هاءِ تي وڃڻ جي ڳالهہ ٻڌائي هئي. سندس اهڙي ردعمل جو اونو هجي ها تہ هوند ٻڌتر ۾ اچي وڃان ها. منهنجو خيال هو تہ سوشل سائنس کان آگاهہ ماڻهو سماجي ناتن تي اتاولو نہ ٿيندو پر هن تہ مون کي جنسي ڇنڊ پٽي. احمد کي اهڙو اطلاع ڏيندي پڻ مون تي ڇوهہ ڇنڊيا هئائين، پر منهنجي اڻ تڻ جي بنهہ اُبتڙ احمد کلي ڏنو هو. سندس خيال موجب يونيورسٽيءَ جي تعليم دوران ايئن ٿيڻ سياويڪ آهي. هو اصل ۾ اڪبر وانگي تصوراتي دنيا ۾ رهندڙ سماجوادي ڪونهي، بلڪ عملي ماڻهو آهي ۽ ڪجهہ ڪري ڏيکارڻ گهرندو آهي. سندس ايڪٽو هئڻ جو وڏو ثبوت هاسٽل ۾ سائيڪلو اسٽائيل مشين ڪٽائي اچڻ آهي، جيڪا هاسٽل جي ٽرڊ فلور تي رهندڙ ڪارڪنن جي ڪمري ۾ اج بہ رکيل آهي. اهڙو جوکم جو ڪم ڪرڻ احمد کي ئي سونهين ٿو. ڪمال جي ڳالهہ اها آهي جو هاسٽل ۾ سائيڪلو اسٽائيل مشين جي موجود هئڻ کان جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن وارا بہ اڻ ڄاڻ آهن.

جاگرافيءَ ۾ دلچسپي آهي. مان زندگيءَ جي سيني معاملن ۾ انسانيت کي اوليت ڏيندو آهيان ۽ انهيءَ لحاظ کان مان اڪبر کان وڌيڪ بين الاقواميت پرست آهيان. اها ٻي ڳالهه آهي تہ مان قوميتن جي حقن جو پڻ قائل آهيان، پر اڄڪلهه مون کان سياست وسري ويئي آهي. مون اڪبر ۽ احمد جي بحث مباحثي ۾ شامل ٿيڻ وارو نيم پڻ ڇڏي ڏنو آهي.

اڄڪلهه منهنجي سوچن ۽ خيالن ۾ عائشہ بابت سوچڻ ۽ سندس تصور ۾ محو رهڻ جو پڻ پاڳو آهي، بلڪ عائشہ وڏي پاڳي جي مالڪياڻي بڻجي چڪي آهي. اهڙي قسم جي ڪيفيت صبح جو جاڳڻ شرط شروع ٿئي ٿي ۽ رات جو ننڊ ڪرڻ تائين قائم رهي ٿي.

اڄ مون پاڻ کان پڇيو آهي تہ "ڇا تون عائشہ کان سواءِ جيئرو رهي سگهين ٿو؟" ۽ موٽ ۾ مون کي "نہ" جي صورت ۾ قطعي جواب مليو آهي.

**ٻي سائبيريا**

واڻيو ۽ سيارو پنهنجو حساب نہ ڇڏيندا آهن. پهريان ست پارا ڇڻ تہ هڏ جو مِک ڪوري ويا. اصلي رنگ ئي ڪاراڻجي ويو اتم ۽ هاڻي وري پويان ست پارا شروع ٿيا آهن. وري سون تي سهاڳو اهو جو بجليءَ جي اک ٻوٽ شروع ٿي ويئي آهي. رات تائي بجلي هلي ٿي وڃي تہ هاسٽل ڪنهن ڀوت بنگلي جي ڏک تي ڏئي! اسان واري هاسٽل تي جساف وارن جو قبضو هجي ها تہ هوند مالڪي بہ ٿئي ها ۽ مسئلا حل ٿي وڃن ها. پر اسان سان تہ مرڳو ماٽيجي ماءُ وارو سلوڪ پيو ٿئي! ٽرانسفارمر بہ گهٽ طاقت وارو ڏنو اٿائون ۽ واٽر سپلاءِ جي گهٽ پريشر يا سپلاءِ ۾ بي قائدگيءَ جو مسئلو الڳہ ٽرانسفارمر جي لنڪن جا بش بيڪار ٿي ويا آهن، جنهن ڪري ڪانہ ڪا لنڪ ڪٽجيو وڃي.

ٿرڊ فلور تي رهندڙ شاگردن جي گهڻائي سنڌي شاگرد تحريڪ سان سلهاڙيل آهي، جيڪي هونئن تہ وڏا ڳالهير آهن. پر پرووسٽ سان ڳالهائڻ يا وي سي کي بريف ڪرڻ کان اصلي ونءُ تا وڃن. اهي بہ ويچارا ڇا ڪن؟ هتي قومپرست ڪامريڊن جو راڄ آهي، يونيورسٽيءَ جي انتظاميہ بہ رڳو انهن جي ٻولي سمجهي ٿي.

گذريل رات بجلي هلي ويئي هئي ۽ منهنجا ٻئي پارٽنر بہ الائي ڪيڏانهن ويل هئا. هاڻي تہ مون کي پنهنجي تنظيمي سرگرمين بابت ٻڌائڻ کان بہ ڇرڪن ٿا.

"ڪينٽين تي ڪچهري پئي ڪئي سون." اڪبر کي ڪوڙ ڳالهائڻ بہ نٿو اچي. مون ڪيس ڪيترائي ڀيرا چيو آهي، "ڪوڙ ڳالهائڻ واري ايڪٽوٽي احمد جي حوالي ڪرين تہ چڱو ٿيندو." هو ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ هوشيار آهي، جڏهن تہ انهيءَ فن ۾ ڊپلوما ڪئي اٿس. هن مون کي عائشہ جي وڏي پاءُ سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ بابت ٻڌايو پئي، تڏهن بہ سندس اکين ۾ اکيون ملايون هيم، ڇو تہ انسان جي اک ڪوڙ ناهي ڳالهائيندي

اڪبر هاڻي مون سان ڳالهائڻ به پسند نٿو ڪري، جيڪڏهن ضرورت پٽاندر ڳالهائي به ٿو ته بنهه مختصر ۽ کهرو. ان کان سواءِ ناول يا ڪهاڻيءَ جي حوالي سان احمد سان ويچار ونديندي پيار محبت جو ذڪر به طنز واري انداز ۾ ڪندو آهي ۽ پيار ڪندڙ ڪردارن کي جاهل، ٻجهي ڪچي گار سان ٿو نوازي. مان ڄاڻان ٿو ته اها گار اڻ سڌيءَ طرح منهنجي ياڳي جي هوندي آهي. دل گهرندي آهي ته سندس اهو قرض وياج ۽ نري وياج سميت موٽايان، پر احمد جي سر کي ڏسي، زهر جو ڍڪ پي ويندو آهيان.

دل تي چوي ڪامريڊن کي چڙي پي هاسٽل ڏانهن پلاڻي وڃان. قومپرست مون کي ورٿو سڏين ٿا. اهي گهڻ ۾ گهڻ سنڌي اديبن ۽ شاعرن کي مانائتو ڄاڻندا آهن.

**اوکي گهڙي**

اڄ مون کي الائي ڇا ٿي ويو؟ بس ويٺي ويٺي عائشه سان پيار جو اظهار ڪرڻ وارو خيال اچي ويو. مون پنهنجي سنگتي ميجر کي هن بابت اڃا ناهي ٻڌايو. وٽس گهڙي کن ويهي، اُٿي ڪڙو ٿيم. جنهن ڳالهه تي ڪيس پڻ اچرج ٿيو هوندو پر مون کي وڏيڪ ترسڻ لاءِ نه چيائين. عائشه ۽ سنيا ليبارٽريءَ ۾ ويٺيون هيون ۽ ليبارٽيءَ واري وشال هال ۾ ڪلورين گئس جي بوءِ پکڙيل هئي. انهن مون کي ايئن اوچتو ايندو ڏسي، نه ته رسمي جملا چئي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ۽ نه ئي وري اچرج جو پر سنيا جي اُٿي هليو وڃڻ مان ظاهر پئي ٿيو ته ڪيس منهنجو اچڻ رواجي نه لڳو هو.

”پيار ڪبو ناهي، بلڪ ٿي ويندو آهي.“

مان رڳو ايترو چئي سگهيس. اهو جملو مون اڳ ڪونه سوچيو هو. عائشه کي اهو جملو چرڪائيندڙ نه لڳو هو ڇو ته مون کي زندگيءَ جي ڏکن ڏاڪڙن اهڙو ادراڪ ضرور عطا ڪيو آهي، جو ماڻهوءَ جي اچرج، سرهائيءَ يا ڪوڙ کي سندس مُک جي تاثرات مان ئي ڄاڻي سگهان ٿو. البت ڪيس ڪا سرهائي ڪونه ٿي هئي.

”مان اوهانکي مانائتو پائيندي آهيان. ڇو ته سڄاڻ ۽ سينيئر شاگرد آهيو.“ هن ايترو چئي، ٻهريائين پٽيوالي کي چانهه آڻڻ لاءِ چيو ۽ پوءِ پريڪٽيڪل جرنل ۾ ڪجهه نوٽ ڪرڻ ۾ مشغول ٿي وئي. ان سمي ايئن پئي محسوس ڪيم ڄڻ ڏرتي پيرن هيٺان نڪري وئي هجي. هوءَ ڪاوڙ ڪري ها ته به ان کان بهتر هو. سندس سرد ورتاءَ منهنجي سهپ کان چڙهي ويو هو تنهن ڪري اُٿڻ جي ڪوشش ڪيم، پر عائشه موقعي ۽ مهل کي ڄاڻي منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو جنهن ڪانپوءِ مون پاڻ سنڀالي ورتو.

ان مهل مون کي سنيا جي اُٿي وڃڻ ۽ ڄاڻي ٻُجهي نه ورڻ واري سهائتا ويتر رحم جوڳو بڻائي ڇڏيو هو. پٽيوالي جي جلدي موٽي اچڻ ۽ چانهه جا به ڪپ ميز تي رکي هليو وڃڻ کي ايترو محسوس نه ڪيم، جيترو سنيا جي نه ورڻ کي. جيڪڏهن مون کي ٽيليپيٿيءَ جو علم هجي ها ته هوند سندس من تائين پيغام رسايان ها ته ”هلي اچ، ايتري دير ڪرڻ جو سبب هاڻي ناهي رهيو.“

مون کي ياد ناهي تہ عائشہ کان ڪهڙن لفظن سان موڪلايو هئم. ايترو ياد ڪرڻ جي مون وٽ سگهہ ئي نہ رهي هئي!

**ڪڪ جو سهارو**

ڪافي ڏهاڙا ڊائري منهنجي اوسيئڙي ۾ رهي. مان هونئن ئي ڊائري لکڻ ۾ ناغا ڪندو رهيو آهيان، پر هن ڀيري نہ لکڻ جو سبب ٻڻ هو. اصل ۾ عائشہ جي رُکي موٽ ڪان پوءِ مان جهري پيو هئس. ڪاش اهو صدمو سهي زندگي اڳوڻي نيم موجب گذارڻ شروع ڪيان ها، پر ايئن ڪري نہ سگهيو آهيان. بلڪ ان جي بنهہ اُبتڙ عائشہ سان منهنجو پيار هيڪاندو وڌي ويو آهي.

پنهنجي پارٽنر سنگتين کي حال احوال ڏيان ها تہ هوند ڏاڍا سرها ٿين ها. اڪبر تہ مرڳو منائي ورهائي ها ۽ پوءِ مون کي ڳراٽڙي پائي چوي ها، ”ڪامريڊ! چڱو ٿيو جو تون انهيءَ جاگيردارانہ خام خياليءَ مان نڪري آئين. انسان جو بنيادي مسئلو ماني آهي.“ اجهو اڪبر بابت سوچيندي چڙ وٺي ويئي اٿم. سوچيان پيو جيڪڏهن اڪبر کي سربستو احوال ڏيڻ جي موٽ ۾ سندس اهي لفظ ٻُڌڻا پئجي وڃن تہ هوند ڪيس ٺونشو وهائي ڪيان! مون کي تہ سندس سياسي لباڙ خام خيالي ٿي لڳي. جنهن ملڪ اندر قوميتن جا حق ڦُريا ويا هجن ۽ ننڍين صوبن ۾ رهندڙ ماڻهن کي ٻئي درجي جو شهري ڄاتو وڃي، اتي قومي جمهوري انقلاب ڪيئن ايندو؟ اهڙي ملڪ ۾ تہ نالي ماتر جمهوريت بہ گهڻو وقت ٽڪاءُ نہ ڪري سگهندي. جاگيردارانہ قدر بہ تڏهن ختم ٿيندا، جڏهن صنعتي سماج قائم ٿيندو. ٻيو تہ پيار ڪو جاگيردارانہ قدر يا جذبو ناهي، اهو تہ نپ انساني جذبو آهي.

مون کي ڪامريڊن نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي ۽ انهن جي جاءِ تواريخ واري شعبي جي پروفيسر پري آهي، جيڪو تواريخ تي لکيل مضمون ۽ مقالا ڪٺا ڪري، سال ۾ هڪ اڌ ڪتاب ڇپائيندو آهي ۽ ترتيب يا تاليف واري ڪم تي پيو فخر ڪندو آهي. پر اڄڪلهہ سندس ساٿ بہ مون لاءِ جڻ تہ سهارو آهي، نہ تہ هوند ويڳاڻپ جي ور چڙهي وڃان ها. ڳالهير بہ وڏو آهي! هميشہ اڌو گابري چاڻ کي متيءَ وانگي پيو ڳوهيندو آهي ۽ ڪنيار جيان پنوڙا ناهي چڪ تي چاڙهيندو آهي. ظاهر آهي، ڪنيار اناڙي هوندو تہ گهڙا بہ ٻي ڊولا جڙندا! هو مون کي ترتيب ڏنل مضمونن ۽ مقالن جا ڪتاب سوکڙيءَ طور ڏئي خوش ٿيندوآهي، سو مان بہ ڪانئس ڪتاب وٺي الماڙيءَ ۾ رکندو پيو وڃان. پوءِ بہ مون وارن لباڙي سنگتين کان چڱو آهي، گهٽ ۾ گهٽ تعميري ڪم تہ ڪري ٿو. ڪامريڊ تہ رڳو ذهني عياشيءَ ۾ پورا آهن.

**نراسائيءَ جي پڇاڻي**

اسان جي هاسٽل سان بہ اڪيائيءَ وارو سلوڪ اڄا جاري آهي. بجليءَ جي ٽرانسفارمر وٽان هڪ لنڪ گرائونڊ فلور کي ڏني اٿائون ۽ هڪ ٻئي ۽ ٽئين فلور کي.

هڪ لنڪ فيوز ٿي وڃڻ جي صورت ۾ شاگرد ٻي لنڪ تي ڪنڊيون وجهي، ان جو به پيڙو پوڙي ڇا ڇڏين ۽ ترت اها به فيوز ٿيو وڃي. پوءِ سڄي رات اونداهيءَ ۾ ئا گذاريون. حرام جو ڪو اچي لنڪون صحيح ڪري ڏئي. گذريل رات به ايئن ئي ٿيو جنهن ڪري ڊائري لکڻ جو موڊ هئڻ جي باوجود لکي نه سگهيس. اجهو هاڻي صبح جو سوير اُٿي، قلم کنيو اٿم.

اصل ۾ ڪالهه سانجهه سمي منهنجي عائشه سان ملاقات ٿي هئي. ٽيليفون بوٿ تي وڃڻ ٿيو ته اتي هوءَ به موجود هئي. اُتي مون کي الائي ڇا ٿي ويو! ڪانئس پڇيم: "محبت بهتر آهي يا نفرت؟" منهنجي سوال تي کلي ڏنائين.

"نفرت کي بهتر ڪير چوندو البت بدتر چئي سگهجي ٿو." ايترو چئي فون جي رسيور ۾ هٿ وڌائين. جڏهن ته هن اجا گهربل نمبر ڊائل به نه ڪيو هو.

"جيڪڏهن محبت بهتر وٿُ آهي ته پوءِ ڪاوڙ ڪرڻ جو ڪهڙو تُڪ؟" مون ايترو چئي پاڻ سنڀاليو ۽ پنهنجي ترش لهجي کي بدلائڻ جا جتن ڪيم. ڪجهه گهڙيون سانت رهي ۽ پوءِ ڪيس مخاطب ٿي چيم: "مون ته اوهان سان محبت جو اظهار ڪيو هو موت ۾ مهربانيءَ جو لفظ چئي، پنهنجي حق کي محفوظ رکڻ جي ڳالهه ڪريو ها."

منهنجي بي باڪي يا سچائي پسي، هوءَ مرڪڻ لڳي ۽ سندس مُک تي شفق جهڙو رنگ اچي ويو.

"مون کي اصل ۾ پنهنجي بابا سائينءَ کي فون ڪرڻي آهي." هن دوستاڻي لهجي ۾ چيو. سندس لفظن ۾ پنهنجائپ پئي بکي، جنهن ڪري مون وچايل پروسو وري ماڻي ورتو. اتفاق سان اُن وقت منهنجي هٿ ۾ ايرچ سيگل جو ناول "لَوَ اسٽوري" هو. مون کي اندازو ٿي ويو هو ته هوءَ بيسٽ سيلر ادب وڏيڪ پسند ڪندي آهي، سو اهو ناول ڪيس ڏئي ڇڏيم. هن به ڪتاب بي حجاب ٿي ورتو.

هاسٽل تي موٽي آيس ته مون کي انهيءَ ڳالهه تي کل اچي ويئي، ڇو ته اهو ناول پنهنجي لاءِ ڳنهي آيو هئس ۽ دڪان ۾ اها آخري ڪاپي بچي هئي.

پنهنجو پڇاڻو

فيبروريءَ جون سرد هوائون شروع ٿي ويون آهن. ساڻ ئي پن ڇڻ جي رُت وري آهي. املتاس جا وڻ گل ايئن پيا ڇاڻين ڄڻ احتجاج ڪندا هجن. لڳي پيو ٻن ڇئن ڏهاڙن ۾ گلن کان وانجهجي ويندا.

منهنجو پيار وارو بخار ڪجهه ڍرو ٿيو آهي يا حقيقت پسند ٿيو آهيان، چئي نٿو سگهان. عائشه سان ٿيل پهرئين ملاقات کان پوءِ پهريون ڀيرو پنهنجي ڪيفيت، سوچن ۽ خيالن تي ويچار ڪيو اٿم. اها حقيقت پڌري پٽ آهي ته عائشه ۽ منهنجي وچ ۾ طبقاتي ويڇو آهي. هن جو تعلق خوشحال ڪٽنب سان آهي ۽ ساڻ ساڻ

زميندار پيءُ جي اڪيلي ڌيءُ آهي. جڏهن تہ مان ورڪنگ ڪلاس جي ڏتڙيل ماڻهن منجهان هڪ آهيان. ان ڪان سواءِ عائشہ ۽ منهنجي ڄمار ۾ بہ فرق آهي. هن اهڙي حقيقت ڏانهن اشارو بہ ڪيو آهي، پر ڇا ڪريان، پيار تي وڃڻ لڪئي جي ليڪ وانگي آهي! تنهن هوندي بہ اڄ مون پاڻ کان پڇاڻو ڪيو آهي. موٽ ۾ اها حقيقت بہ سامهون آئي آهي تہ مان عائشہ ۽ سندس ڪٽنب لاءِ مسئلا ٿو پيدا ڪريان. سندس پيءُ جي عزت ۽ شان جو احساس پڻ ٿئي ٿو. مان جيڪڏهن اهڙا خيال ڪامريڊ سنگتين اڳيان پڌرا ڪيان تہ هوند سرهائيءَ وچان جهمريون هڻن! مون واري يار احمد کي تہ هيڪاندي خوشي پلئہ پوندي تہ سندس دوست تان پيار جو بخار لهي ويو آهي. مون کي اڪبر تي جيڪا ڪاوڙ هئي، تنهن ۾ پڻ ڍرائي آئي آهي. احمد ۽ اڪبر جي ڦسڪن مان اندازو لڳايو اٿم تہ شايد سي پي پي اندر ڪا لابنگ پئي هلي ۽ ٻئي پارٽنر پريشان آهن. لڳي پيو انهن جي وچ ۾ پڻ سياسي حڪمت عملين ۾ اڳواڻن جي ورتاءَ بابت ڪي ويڇا پيدا ٿيا آهن. احمد جنهن ڏهاڙي اڪبر کي يوٽوپيائي سوچ جو مالڪ سڏيو هو تنهن ڏهاڙي کان سندن ڦسڪا وڌي ويا آهن ۽ رات جو دير تائين خيالن جي ڏي وٺ ڪندا رهن ٿا.

بهرحال منهنجيءَ دل ۾ انهن لاءِ اُڪير ۽ پاٻوهہ ڏيري ڏيري موٽن پيا. اڄ مون پنهنجي ورتاءَ ۽ اُٿي ويٺيءَ جو جائزو ورتو آهي. احساس ٿيو اٿم تہ مان پنهنجين سوچن ۽ خيالن ۾ انتهاپسند ٿي ويو هئس. پر ان تبديليءَ جو هڪ ڪارڻ اڪبر جو سخت رويو پڻ هو. هن مون کي الائجي ڪيترين گارين ڏنيون آهن. پر پوءِ بہ منهنجي من ۾ سندس لاءِ مان اڃا باقي آهي. ڪالهہ احمد مون لاءِ شولوخوف جي ڪهاڻين جو ڳٽڪو ڳنهي آيو هو. ڪيس ڪيترائي ڀيرا چيو اٿم تہ مون کي شولوخوف نٿو وڻي، سندس ڪردارن جو ورتاءَ ۽ مڪالما ريڊي ميڊ لڳندا اٿم. پر پوءِ بہ سندس خلوص ساراهڻ جوڳو آهي.

دل جي ڇهنڊڙي

اڄڪلهہ منهنجي دل اُداس آهي. نراسائيءَ جي ٻاٽ اونداهيءَ منجهان نڪرڻ ڪانپوءِ انوکي اُداسي وڪوڙي ويئي اٿم. هڪ طرف عائشہ کان ڄمار ۾ پنج ڇهہ ورهيہ وڏو هئڻ ڪُکي پيو ۽ ٻئي پاسي پنهنجي غريبيءَ جو احساس ڪنڊي وانگي پيو چڀي، پر ساڻ ساڻ اُداسيءَ گاڏڙ اطمينان پڻ پلئہ پيو اٿم تہ گهٽ ۾ گهٽ منهنجو جيون پيار- ڪهاڻيءَ ڪان وانجهيل ناهي. انهيءَ احساس جيئڻ جو اُتساهہ ڏنو آهي. سوچيان پيو، جيڪڏهن عائشہ ۽ منهنجو سنگم نہ بہ ٿئي. تڏهن بہ مان سندس يادن جي سهاري جي سگهان ٿو. ايئن سوچيندي وري لڙڪ وهي ٿا اچن. تنهن هوندي بہ منهنجي پوڳ چرچي ڪرڻ واري صلاحيت موٽي آئي آهي، جيڪا ڳالهہ احمد ۽ اڪبر کي پڻ محسوس ٿي آهي ۽ انهن مون کي نظرانداز ڪرڻ واري ورتاءَ ۾ تبديلي آندي آهي.

نراسائي ۽ اُداسيءَ جي فرق بابت ڪين ٻڌائڻ جو مطلب آهي، سندن چرچن جو پاڻ کي نشانو بڻائڻ. اهي تہ بس رات ڏينهن داس ڪيپيٽال ۽ ڪميونسٽ مينيفيسٽو جي اکرن ۾ اڙيل آهن. ڪين اهڙين ڪيفيتن جي ڪهڙي ڪل!؟

عائشہ مون کي جاڳندي ۾ تہ هر گهڙي ياد هوندي آهي، پر هاڻي تہ منهنجن خوابن جو ڪردار بہ بڻجي وئي آهي. جاڳندي ۾ سندس نانءَ جو ورد ڪريان ٿو پر ننڊ ۾ وڦلندي بہ سندس نالو ڪڻندو آهيان. جيڪا ڳالهہ مون کي احمد ٻڌائي آهي.

”ڪامريڊ! پاڻ سنڀال. تون تہ هاڻي مرڳو هٿن منجهان پيو نڪرين!“ هن ايترو چئي مون کي اشاري ڪنائي ۾ ڪنهن نيوراالاجسٽ يا نفسيات جي ماهر سان مشورو ڪرڻ جي پڻ صلاح ڏني. اها ڳالهہ اڪبر ڪري ها تہ شايد مٺيان لڳيم ها. پر احمد سان منهنجي ڪل چرچي جي هوئڻ بہ واٽ آهي. سو سندس اهڙي ڳالهہ پِتي تي ٿي نہ پئي. مان ڀانيان هن منهنجي چرچي گهڻي واري صلاحيت جي موٽي اچڻ واري ڳالهہ پروڙي ورتي آهي، پر ڪيس اها چاڻ ڪانهي تہ مان اڄڪلهہ بي وسيءَ جي احساس ۾ ورتل آهيان. عائشہ کان ڇمار ۾ وڏو هئڻ ۽ غريب هئڻ وارو احساس رات ڏينهن ستائي ٿو پر پنهنجي پيار- ڪهاڻيءَ تي فخر بہ اٿم. جنهن نعمت کان احمد ۽ اڪبر وانجهيل آهن.

اڄ احمد پنهنجي هڪ ڊاڪٽر سنگتيءَ کي وٺي آيو هو جيڪو اسان جي ڪمري ۾ اڌ منو ڪلاڪ ويٺو هو.

”ڊاڪٽر! ڪر خبر. پيار محبت بابت ميڊيڪل سائنس ڇا ٿي چوي؟“

”ميڊيڪل سائنس موجب اها انساني ذهن جي غير معمولي ڪيفيت آهي.“

ڊاڪٽر صاحب احمد جي سوال جي موٽ ۾ ٺهہ پهہ چيو. مان ڀانيان، ڊاڪٽر کي بيو بہ ڪجهہ چوڻو هو پر نہ چئي سگهيو. لڳي پيو سڄي حرامپائي احمد جي هئي.

<u>اونو</u>

اڄ عائشہ ۽ سنيا سينٽرل لائبريريءَ ۾ آيون هيون. سنيا اڄ وري اُداس اُداس پئي لڳي. هن چيو پئي تہ هاڻي اهي سينٽرل لائبريريءَ ۾ ايندريون رهنديون. سندس اهڙي ڳالهہ ڪرڻ مان مون کي شڪ ٿيو تہ شايد ڪيس عائشہ سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو آهي ۽ شايد ڪيس مون سان همدردي آهي.*سندس تعلق پڻ خوشحال ڪٽنب سان آهي، پوءِ بہ الائجي ڇو اپاڻڪي لڳندي آهي!؟ مون ڪيس ٻڌايو تہ اسان جي ڊپارٽمينٽ پاران ون ڊي ٽرپ جو پروگرام ٿيو آهي.

”پوءِ تہ اسان پڻ هلنديون سين.“ سنيا خشڪ چپن تي اُداس مرڪ آڻي چيو.

”هلنديون سين جو مطلب اهو ٿو نڪري تہ مس ايشيا بہ هلندي“ منهنجي چرچي طور چيل جملي تي ٻنهي ڄڻين کلي ڏنو. ڪين پڪ ڏني اٿم تہ ٽرپ تي هلندڙ شاگردن ۾ سندن نالا ضرور شامل ڪرائيندس. جيئوٽيڪ ڪنهن ٻئي ڊپارٽمينٽ جي

شاگردن کي وٺي هلڻ شيڊيول ۾ ناهي، پر مون کي پنهنجي استادن ۾ اُميد آهي تہ اهي منهنجو عرض قبول ڪندا. منهنجو پارٽنر احمد جيتوڻيڪ آءِ آر جو شاگرد آهي، پر ڪيس پڻ وٺي پيا هلن. خير هو تہ شاگرد اڳواڻ آهي، جيڪڏهن ڪيس نہ وٺي هلن ها تہ هوند استادن لاءِ مسئلو ڪڙو ٿئي ها. قومپرست ڪامريڊن جون حجتون فيڪلٽيءَ جي ڊين کان وٺي وائيس چانسلر تائين پوريون ڪيون وڃن ٿيون. پوءِ پلا سُرخن ڪهڙو ڏوهہ ڪيو؟

احمد جو هلڻ البت مون لاءِ مٺي جو سُور آهي. اڻ تڻ اٿم تہ ڪٿي هو عائشہ کي ڪا اهڙي ڳالهہ نہ چوي، جنهن جو تعلق منهنجي پيار سان هجي! هوءَ حساس ڇوڪري آهي ۽ احمد جي گهٽي بولڊ ڳالهائڻ جي نتيجي ۾ ڪٿي هوءَ ناراض نہ ٿي وڃي!

احمد ۽ اڪبر سان منهنجي دوستي مس مس بحال ٿي آهي. احمد جي عائشہ سان ڪنهن بي حجابيءَ جي نتيجي ۾ اسان ۾ نئون ويڇو پيدا ٿي سگهي ٿو.

## دوستي

احمد ۽ مان اڄڪلهہ ون ڊي ٽرپ تي وڃڻ لاءِ مقرر تاريخ جي اوسيئڙي ۾ آهيون. احمد بين ڪامريڊن کان مختلف مزاج رکندڙ شاگرد آهي. هو هر ڪم طئي ڪيل رٿا موجب ڪرڻ ۽ خرچ پکي جي مامري ۾ ماهوار بجيٽ جي پابندي ڪرڻ کي پسند ناهي ڪندو. هو سڄو ڏهاڙو گهمي ڦري رات ٿاٽي اچي اپياس ڪندو آهي. بيا شاگرد رات جو ننڊ ڪندا آهن ۽ هو اڪيلو پيو جاڳندو آهي.

هٽ چوٽ هئڻ واري عادت وري ڪيس مهمان نواز بڻائي ڇڏيو آهي ۽ سندس انهيءَ خوبيءَ جا ڪيترائي شاگرد شاهد آهن، جيڪي سندس ساراهہ جا ڍُڪ پرين ٿا، پر حقيقت اها آهي تہ هو مهمان نوازيءَ واري روايت کي مڃيندڙ ئي ناهي، ان جي بنهہ اُبتڙ هو اهڙي روايت کي جاگيردارانہ قدر سمجهي ٿو.

احمد جي شخصيت بابت ايترو لکڻ جو اصل سبب هيءُ آهي تہ اڄ مان سندس نئين مهمان نوازيءَ جو ذڪر ڪرڻ گهران ٿو. ٿيو ايئن جو اڄ صبح ٿاٽي مون واري سنگتيءَ ميجر کي ڪتيءَ ڪنيو هو. هو جيئن تہ پشاور پئي ويو تنهن ڪري مون کان موڪلائڻ لاءِ اسان واري.هاسٽل ڏانهن ڪهي آيو. چڱو ٿيو جو اسان جي ڪمري ۾ اڪبر موجود نہ هو نہ تہ هوند ڪيس بي رخيءَ جو اڇرج جوڳو ورتاءُ ڏسڻو پئجي وڃي ها.

بهرحال سندس پاڳ زور هئا، جو اڪيلي احمد سان مڪا ميلو ٿيس. هن پوءِ مون سان ڪچهري ڪندي ڪيس خوب واڪاڻيو پر مون لاءِ سرهائيءَ جو سبب احمد کي سندس سوالن جا مليل سهڻا جواب آهن، جيڪي ميجر سادگيءَ ۽ سچائيءَ وچان ڏنا آهن.

احمد: اوهان پلا اسان واري يار ۾ ڪهڙي چڱائي ڏٺي آهي؟

ميجر: هو هڪ دلچسپ ماڻهو آهي.

احمد: اوهان وٽ دوستيءَ بابت ڪهڙو تصور آهي؟

ميجر: دوست کي رڳو ڏبو آهي ۽ وٺڻ جي لالچ ناهي رکبي.

احمد: ڇا اوهان کي سندس لڳاپن بابت ڄاڻ آهي؟

ميجر: مون کي تہ منجهس چڱايون نظر آيون آهن. وتس ايتريون تہ چڱايون ڏنيون اٿم جو سندس لڳاپن ڏانهن ڏسڻ جي وٿي ئي ناهي ملي.

ميجر مون کي احمد سان ٿيل روح رهاڻ جو سربستو احوال ڏنو آهي.

**اُداس صبح**

شاگردن کي استڊي ٽرپ تي وٺي وڃڻ لاءِ يونيورسٽيءَ جي پوائنٽ فيڪلٽيءَ جي مين گيٽ وٽ اچي بيٺي آهي. املتاس جي وڻن گل ڇاڻڻ وارو احتجاج روڪي ڇڏيو آهي. گدامڙيءَ جي وڻن سندن احتجاج ۾ ساٿن خوب ساٿ ڏنو آهي ۽ لان ٽوٽي پيچرن تي سڪل پنن قبضو ڪيو آهي. بهڻ ۽ نم جي وڻن بہ وسان ناهي گهٽايو. سندن ٽاريون پڻ پنن کان خالي ٿي سچائيءَ جو ثبوت پيون پيش ڪن. مون کي پن ڇڻ جي ڏهاڙن ۾ ٽرپ تي وڃڻ عجيب ۽ انوکو پيو لڳي.

فيڪلٽيءَ ٻاهران استڊي ٽرپ تي ويندڙ شاگرد ۽ شاگرديائيون رنگ برنگي وڳن هوندي بہ اُداس اُداس پيا لڳن. ٿي سگهي ٿو اصل اُداسي منهنجي من ۾ هجي، جنهن کري سمورو وايومنڊل اُداس لڳندو هجي! ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون مون لاءِ بنهہ اوپرا آهن، ڇو تہ سيپئي شام وارن ڪلاسن جا آهن. عائشہ اڪيلي آئي آهي، سندس سهيلي سنيا الائجي ڇو ناهي آئي!؟ پوءِ بہ عائشہ اسان جي ڊپارٽمينٽ جي ڇوڪرين منجهان ٻن ٽئن سان دوستي جوڙي ورتي آهي. لڳي پيو ڪيس دوست ناهي وٺڻ جو وڏو ڏانءُ آهي! پر هوءَ مون کان پري پري آهي. مون وارو پارٽنر اڃا ناهي پهتو پر ايندو ضرور، ڇو تہ هو اهڙا موقعا هٿان ناهي وڃائيندو. مان ڪيفي ٽيريا ٻاهران ڪرسيءَ تي ويهي ڊائري پيو لکان. اڄوڪو ڏينهن مون لاءِ زندگيءَ جي اهم ڏهاڙن منجهان هڪ آهي. اڇهو احمد پڻ پهچي ويو آهي، پر هو سڌو مون ڏانهن اچڻ بدران ڇوڪرين جي ان ٽوليءَ ڏانهن وڌي ويو آهي، جنهن ۾ عائشہ آسماني رنگ جي وڳي ۾ اچي رئي سان نمايان پئي لڳي. احمد هونئن بہ پاڻ کي ايڪسپوز ڪرڻ جو شوقين آهي. هو پڪ سان ڇوڪرين کي مخاطب ٿي پنهنجو تعارف ڪرائيندو ۽ پوءِ اسان جي ڊپارٽمينٽ جي انهن استادن جي ڳالا ڪندو جيڪي اڄوڪي اهم ٽرپ ۾ شريڪ نہ ٿي سگهيا آهن. پوءِ اڪثر ڇوڪريون هن سان سهمت ٿينديون، ڇو تہ شريڪ نہ ٿيندڙ استادن جي گهڻائيءَ جو تعلق صبح وارن ڪلاسن سان آهي.

**آزمائش**

هن وقت مان شاهہ عنايت شهيد جي مقبري ٻاهران دڪيءَ تي ويٺو آهيان. شام وارن ڪلاسن ۾ پاڙهيندڙ ميڊم سڏ پنڌ تي بيٺي ليڪچر پيئي ڏئي. شاهہ عنايت شهيد جي فڪر بابت سندس ليڪچر نصابي قسم جو آهي. جيڪڏهن شاگردن کي

ڳالهائڻ لاءِ چيو ويچي ها تہ هوند آءٌ آر جو شاگرد احمد ان کان بهتر ليڪچر ڏئي سگهي ها ۽ پوءِ مان بہ ڪجهہ ڳالهائڻ گهران ها.

مان پنهنجي ڊائري پيو لکان، پر سامهون بيٺل بہ استاد مون کي محنتي شاگرد ڄاڻي، سرهائي ۽ ميچتا جي اظهار طور ساڄي هٿ جي ڏسڻي آگر جي اشاري سان مون کي ٻہ ڀيرا شاباس ڏئي چڪا آهن. سندن خيال موجب مان نصابي تياريءَ ۾ مشغول آهيان، جيڪڏهن کين حقيقت معلوم ٿئي تہ شايد مون کي عام رواجي شاگرد ڄاڻي بيزاري ظاهر ڪن. کين ڪهڙي ڪل تہ مان بنهہ ٻُري چڪو آهيان! ايئن سماج اندر رهندڙ ماڻهو هڪڙي جي اندر واري آنڌ مانڌ کان بي نياز هوندا آهن.

مان دل ئي دل ۾ پنهنجي ڊپارٽمينٽ جي استادن جي مهرباني ٿو مڃان، جن اسان شاگردن کي شاهہ عبدالڪريم ۽ شاهہ عنايت شهيد بابت ڄاڻ ڏيڻ لاءِ بلڙي ۽ جهوڪ آندو. اسان جو قافلو جهوڪ ۾ ٽيپهريءَ ڌاري پهتو پر هتي گادي نشين ۽ طالبن سان ملي صوفي مت جي ڄاڻ پرائيندي سانجهي اچي ٿي آهي. جيڪو شهر ڪنهن زماني ۾ ميرانپور نالي سان سڃاتو ويندو هو سو آڳاٽي آباديءَ وارو شهر اسان کي دڙي جي شڪل ۾ مليو آهي. اسان شاهہ عنايت جي شهادت وارو هنڌ پڻ ڏٺو جنهن کي چوديواري ڏئي ظاهر ڪيو ويو آهي. اتي ڪتبو پڻ موجود آهي، جنهن تي شهادت جي تاريخ چٽي لکيل آهي. مون اتي پهچي واءُ جا سڏڪا ٻُڌا آهن. اها ڳالهہ استادن کي ٻُڌائيندس تہ کلي ڏيندا ۽ مون کي چريو سمجهندا.

ٽنڊي محمد خان کان بلڙي ويندي ۽ بلڙيءَ کان جهوڪ ايندي، منهنجي دل پورا پورا ٿي چڪي آهي، پر پوءِ بہ مشاهدي وارين سرگرمين ۾ خوب حصو ورتو اٿم. دل تي پٿر رکي اهڙي عمل ۾ مشغول رهڻ وڏو جبر آهي، جيڪو پاڻ قبول ڪيو اٿم.

عائشہ سفر دوران مون سان هڪ لفظ بہ ناهي ڳالهايو ۽ ڇوڪرين سان گڏجي رڳو انجواءِ ڪندي رهي آهي. منهنجي من ۾ سندس لاءِ پيار اٿاهہ سمنڊ وانگي چوليون پيو هڻي، پر هوءَ بنهہ بي خبر آهي، يا وري ڄاڻي ٻجهي بي پرواهہ آهي! خير، مان سندس سرد ورتاءُ سهڻ لاءِ ذهني طور تيار ٿي آيو آهيان، جنهن ڪري سندس انداز نيارو ڪونہ پيو لڳيم. البت احمد جو ورتاءُ دل ڏکائيندڙ آهي. هو صبح کان وٺي هن گهڙيءَ تائين پاڻ کي ايڪسپوز ڪرڻ جا گُر ڪتب آڻيندو رهيو آهي. مون کي سندس اڏيرج تي منيان تہ ڏاڍي تي لڳي، پر ڪيس ڪجهہ چئي ناهيان سگهيو! مان ڄاڻان ٿو تہ هو ڇوڪرين کي بي وقوف بڻائڻ جو ماهر آهي، پر عائشہ تي بہ اهڙا هنر آزمائڻ کان ناهي مڙيو ۽ هوءَ وري سندس انهن حرڪتن کي رواجي ۽ فطري پائيندي رهي آهي.

**غم جي رات**

اسٽڊي ٽرپ تان واپس اچي، احمد ۽ مان ڪينٽين وٽ لهي پياسون. جڏهن تہ پوائنٽ جي ڊرائيور اسان کي پنهنجي هاسٽل وٽ ڊراپ ڪرڻ پٺي گهريو هو تہ ڪيس

اسان جي استادن پاران اهڙي هدايت مليل هئي. اصل ۾ مان سخت ڪاوڙيل هئس ۽ اهڙي ڪيفيت هوندي هاسٽل ڏانهن وڃڻ مناسب نہ سمجهيم. اتي اڪبر اسان جي اوسيئڙي ۾ هوندو. هو منهنجي ڪيفيت پروڙي الائجي ڪهڙو ورتاءُ اختيار ڪري ها! هو اڳ ئي مون بابت شڪايتون سانديو ويٺو آهي، ويتر مون واري سنگتي ميجر جي کهي اچڻ جو ٻڌي ڪاوڙيو هوندو. ھاڻي تہ ڪيس منهنجي معمولي اُتي ويٺي بہ شڪ ۾ وجهي ٿي ڇڏي. چند ڏهاڙا اڳ مون وٽ جساف جا اڳواڻ آيا هئا، جن ڪي ڪنهن ڪتاب جي ٻتر پيپرز جي پيسٽنگ ڪرائڻ بابت مون سان صلاح ڪرڻي هئي، پر اڪبر جي ٻي رُخي ڏسي، اسان جي ڪمري ٻاهران ئي مون سان هيلو هاءِ ڪري موٽي ويا. سندن اوچتو اچي موٽي وڃڻ جي ڪارڻ ۽ اچڻ جي مقصد بابت پنهنجي ڊپارٽمينٽ جي سيمينار واري لائبريريءَ جي انچارج ڪان ڄاڻ ملي اٿم. جيڪو پاڻ بہ قومي ڪارڪن آهي. ان واقعي ڪانپوءِ مون کي اڪبر جي ورتاءَ تي ڪاوڙ لڳي هئي. بهرحال مون هاسٽل ڏانهن وڃڻ ڪان ڪينٽين وٽ لهڻ کي بهتر ڄاتو ۽ هاڻي اتان اُتي پٽريلي بينچ تي اچي ويٺو آهيان. سڙڪ جي موڙ وٽ هيءَ بينچ مون لاءِ وڏي غنيمت آهي. موڊ خراب هوندو اٿم تہ هن بينچ تي اچي ويهندو آهيان. جتي بجليءَ جي ٿنڀي مٿان ٿي ٽيوب لائيٽس لڳل آهن، چو تہ اُداسي يا ڪاوڙ واري ڪيفيت ۾ اونداهيءَ ۾ ويهڻ جي همت نہ ساري سگهندو آهيان.

فيبروريءَ جي پڇاڙ جو واءُ وٽندو اٿم، پر اج اها سرد هوا بنهہ اوپري پئي لڳي، ڄڻ يورپ جي ڪنهن سرد شهر جي قبرستان ٻاهران ويٺو هجان! گلن ۽ پنن ڪان خالي وڻن جون تاريون ۽ ٽڙ پنهنجي ديس جون نہ ٿا ڀاسڻ ۾ اچن. اجاڙ وڻ ڪيڏا تہ پوائتا آهن!

احمد مون ڪان ڪينٽين مان موڪلائي شهر هليو ويو آهي. ٿي سگهي ٿو رات واري ريل گاڏيءَ ۾ پنهنجي ڳوٺ هليو وڃي. هو ذهين شاگرد آهي ۽ حالتن جي موڙ کي جانچي ايئن ئي پڄي ويندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو هو ڪڏهن بہ گرفتار ناهي ٿيو جڏهن تہ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندڙ باقي ڪامريڊ ٿوري ٿڪي جيل ياترا ڪري آيا آهن.

اڄ مون ڀريون ڀيرو احمد تي چوهہ چنڊيا آهن. هر هڪ ماڻهوءَ جي اندر هڪ وحشي انسان ويٺل هوندو آهي، پر اسان ڀهراڙيءَ جي ماڻهن جي وجود ۾ ويٺل اهو وحشي انسان ڪجهہ وڌيڪ سگهارو هوندو آهي. منهنجي اندر وارو اهو انسان ورهين پڇاڻا ڪر موڙي اُٿيو هو جنهن ڪري مون احمد کي شوٽ ڪرڻ جو چتاءُ پڻ ڏنو.

مان ٽيچرز ٽريننگ ڪاليج ۾ ٽريننگ وارن ڏهاڙن ۾ ٽپ ڀهراڙيءَ وارو ڪلچر ۽ روايتون کڻي آيو هئس. اُتي هاسٽل ۾ رهندي منهنجو ڪن ٽريني ٽيچرز سان تڪرار ٿي پيو هو جنهن ڪري رات جو وهاڻي هيٺان پستول رکي سمهندو هئس. پر هتي يونيورسٽيءَ ۾ اچي رڳو شاعراڻو مزاج رکيو اٿم. جنهن ڪري ئي اڪبر جا نخرا سهڻا پيا اٿم. پر اڄ احمد کي منهنجو وحشي روپ خوب نظر آيو آهي!

اڄوڪي رات ڪيڏي نہ خوفناڪ آهي! منهنجي زندگيءَ ۾ اِڳ اهڙي رات ناهي آئي. ڪاوڙ تہ اڳ بہ آئي اٿم، پر غم ڳاڙهو ڪاوڙ سان اڄ پالو پيو اٿم. ڪاوڙ سان جڏهن غم ملي ٿو وڃي، تڏهن انسان جي نس نس ۾ باهہ جا اُلا ڀوڙڻ لڳن ٿا! جيئن اڄ منهنجين رڳن ۾ ٻرندڙ جبل وارو لاوو پيو ڀوڙي! چڱو ٿيو جو مان پوائنٽ مان لهي ڪينٽين ۾ ويهي رهيس ۽ اهو بہ چڱو ٿيو جو احمد موڪلائي هليو ويو جيڪو مون کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ لڳو هو پر پوءِ خبر پيس تہ ڳالهہ ايتري رواجي ناهي.

اصل قصو

هن وقت مان تواريخ جي شعبي واري پروفيسر وٽ ويٺو آهيان ۽ باڪ ڦُٽي آهي. رات سڄي جاڳي گذاري اٿم. پروفيسر صاحب رات دير تائين مون سان ڪچهري ڪئي هئي. ڪيس آڌيءَ تائين جاڳايو هئم، پوءِ بہ آدر ڀاءُ ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي هئائين. پٽريلي بينچ تي ويٺو رهان ها تہ هوند بيمار ٿي پوان ها. هتي هليو اچڻ وارو فيصلو مجبوري هو. پروفيسر صاحب دير سان سمهڻ جي باوجود اوطاق ۾ سوير هليو آيو آهي ۽ مون کي چانهہ پيارڻ ڪانپوءِ شايد ناشتي جي بندوبست لاءِ ويل آهي. سندس بيڊ روم شايد اوطاق لڳ آهي. يونيورسٽي ڪالونيءَ ۾ اسان واري ڊپارٽمينٽ جي سيمينار لائبريريءَ جي انچارج جو ڪوارٽر پڻ آهي، پر وٽس اوطاق ڪانهي، تنهن ڪري ڪيس تڪليف ڏيڻ مناسب نہ هو.

رات مون ڊائري اڌوري ڇڏي هئي. اصل قصي جو مذڪور بيان ڪرڻ جي سگهہ نہ ساري هئم يا وري احمد سان انصاف نہ ڪري سگهڻ وارو خدشو هو؟ ڇٽي نٿو سگهان. بهرحال اڌوري ڊائريءَ کي مڪمل ڪرڻ ضروري پيو سمجهان:

ڳالهہ هن ريت آهي تہ احمد اسٽڊي ٽرپ دوران عائشہ کي فلرٽ ڪرڻ ۾ سئو سيڪڙو ڪامياب ٿيو آهي. واپس ورياسين تہ پوائنٽ جي سيٽ تي ويٺي عائشہ ڪيس پيار ڀرين نظرن سان پئي ڏٺو. جيڪڏهن مون کي احمد جي مزاج ۽ خيالن بابت ڄاڻ نہ هجي ها تہ هوند انهيءَ ڳالهہ کي لڪيو سمجهي، دل جي گهراين سان قبول ڪريان ها. پر مان پليءَ پٽ ڄاڻان پيو تہ احمد وڏو ڪيڏاڙي آهي، هو عائشہ کي ايئن وساري ڇڏيندو جيئن گذريل ڏينهن واري لباس کي وساري ڇڏبو آهي. اهي ڪامريڊ دل جا پڪا آهن. ڪين اهڙن لطيف جذبن جو ڪهڙو قدر! هو شايد عائشہ جي وڏي ڀاءُ سان پڻ ملندو رهيو آهي، جو تہ موڪلائڻ وقت هن ڪيس سندس ڀاءُ لاءِ سلام ڇيا هئا.

هاڻي تہ مون کي پنهنجي سادگيءَ تي کل ٿي اچي. احمد تہ ڪُوڙ جا مرڳو رڪارڊ قائم ڪيا آهن. مون کي تہ سندس بالشويڪي هئڻ واري دعوي بہ ڪوڙي ٿي لڳي. سندس پيٽ ۾ وري بہ اڪبر نظرياتي ڪارڪن پيو لڳي. پر هو پڻ سندس ڪوڙ کي ٽيڪو ڏيندو رهيو آهي. ارادو ڪيو اٿم تہ پروفيسر صاحب کان موڪلائي، پهرئين وين ۾ ڳوٺ هليو ويندس ۽ موٽي ڪڏهن بہ نہ ايندس. سيڪنڊ ٽرم جو امتحان ڏيڻ

جي بہ ضرورت ناهي. هونئن بہ مان ورڪنگ ڪلاس جو ماڻهو آهيان. يونيورسٽيءَ ۾ تہ ايم پرائڻ عياشي پئي لڳيم. ماسٽرس جي ڊگري خانگي طور بہ حاصل ڪري سگهجي ٿي. ويندي ويندي سيمينار لائبريريءَ جي انچارج لاءِ چٺي ڇڏي ويندس، جنهن ۾ ڪيس پنهنجي ڪتابن جي ڪليڪشن جي مالڪي ڏيندس، پوءِ اها ڳالهہ مٿس ڇڏيل هوندي تہ هو اهي ڪتاب جساف جي اڳواڻن کي ڏئي يا سينٽرل لائبريريءَ ۾ جمع ڪرائي.

**پڻ مهينن پڄاڻان**

ماضيءَ کي آواز ڏيڻ پاڻ کي وڏيڪ جهورڻ ٿيندو تنهن ڪري مان يونيورسٽيءَ ۾ وهاميل وقت کي سارڻ نٿو گهران. ڏيڍ مهينو اڳ اڪبر خط اُماڻيو هو جنهن مان لڳو پئي تہ احمد پنهنجي سنگتيءَ کي ڪجهہ بہ ناهي ٻڌايو.

اڪبر منهنجي چٺيءَ جو ذڪر پڻ ڪيو هو جنهن موجب هن منهنجا ڪتاب سيمينار لائبريريءَ جي انچارج کي ڏئي ڇڏيا آهن. خط ۾ انهن تصويرن جي ڳالهہ پڻ لکي هئائين، جيڪي مون فوٽوگرافيءَ جي ذوق ۾ ڇڪيون هيون. اهي تہ لوڪ ورثا طرفان ڪرايل مقابلي ۾ شامل ڪرڻ لاءِ هيون. اڇرج جهڙي ڳالهہ آهي تہ ٽاٽي بولا خان وٽي وڏي ذوق وچان ڇڪيل ۽ انلارج ڪرايل تصويرون وسري ويون هئم!
اڪبر منهنجي ڇڏيل شرٽن جو ذڪر ڪرڻ ضروري نہ ڄاتو هو. مون ڊائري لکڻ وارو نيم بہ وساري ڇڏيو هو. ورهين کان جاري نيم وري ياد آيو اٿم. جنهن ڳالهہ جو ڪو خاص ڪارڻ تہ ڪونهي. بس اڄ سنيا پاران انگريزيءَ ۾ لکيل مختصر خط پڙهي، ڊائري لکڻ جو خيال آيو آهي، جيڪو اڄ ئي مليو اٿم.

**خط جو ترجمو**

شاعر صاحب!

اوهان جو يونيورسٽي ڇڏڻ وارو فيصلو صحيح ۽ بروقت هو. اوهان جي عائشہ سان اٿاهہ پيار کي مون شدت سان محسوس ڪيو هو. ٽرپ تان واپسيءَ کان پوءِ هن سان اشاري ڪنائي ۾ اهڙي ڳالهہ ڪئي هيم، پر هوءَ سهمت نہ ٿي. بس شڪ ڏيکاريائين، سو بہ بي نياز ٿي. منهنجو ٽرپ تي هلڻ جو ڪوبہ ارادو نہ هو. عائشہ کي ترغيب ڏئي پاڻ ڪونہ آئي هيم. جنهن ڳالهہ تي رُني بہ هئي، پر چند ڏهاڙن کان پوءِ کير کنڊ ٿي وياسون. اها ڳالهہ لکڻ بخش ڪجو تہ مون کي اوهان ڏاڍا پيارا لڳندا هيوَ! اوهان کي ڪئيز ڪامپيٽيشن واري تقريب ۾ ڏٺو هيم. پهرين ملاقات بہ منهنجي ئي چرپائپ هئي.

فقط سنيا.

⊙⊙



# نادَ وارو

امر لغاري

مامن پاران قربان ڪيل لاڙي ڍڳي جي منڍي پنھنجي ڪلھي تان لاھي ايئن اڇلايائين، ڄڻ تہ پٽس سميت سڄي خاندان جو بار اچي ھن اڪيلي نينگر تي ڪريو ھجي. ”ھي وٺ، ابا“ راڻي رت ھاڻا ھٿ ڇنڊبيندي، پيءُ کي چيو ”ھاڻ ٿاھين توڙي اڇلائي ڇڏين، پنھنجي موڪلاڻي آ.“

منڍي جڏھن ڏرتيءَ تي ڪري تہ رت جا ڇنڊا وڏيل نڙگھٽ مان اُڏامي، آس پاس پڌر تي ڦھلجي ويا. سامھون ڪِلي سان ٻڌل ڳابي ڇرڪ ڀري منڍيءَ ڏانھن ڏنوءِ ڊپ وچان ڦونگارون ڏيڻ لڳي.

”اڙي ٺُڪ ٿئي، ڇورا. ٻي ڪا جاءِ ڪونہ لڌءِ، جو اچي جانور اڳيان اڇلايئي؟“ پٽس بہ ھاڻ ڳر ڪنيو. جي راڻو منڍيءَ کي بي درديءَ سان ھيٺ نہ اڇلي ھا تہ شايد احمد ايئن ئي ڪٽ تي ڍريو پيو ھجي ھا.

”ڇڳائي ڇٽي، ابا.“ راڻي پاڻيءَ واري نل ڏانھن رخ رکندي، رستي تان ئي سامھون ٿيندي چيو ”اُلٽو ڪنڌ ۾ رسو. ڪراڙو ٿي ويو آھين، پر پراڻي پَر نٿو ڇڏين!“

”اڙي، اِھا ڇڏيان ھا تہ ماڻھين پاڙو ٻھاري ڪاراوَئي ھا ڇا! اھو نادُ ئي اٿئي، جنھن جو ڪٽيو پيو ڪائين.“

”ڇڏ ابا، ھاڻ ڇا تو آڻين!“ راڻي رت ھاڻا ھٿ نلڪي جي ٽينگار ھيٺان جھليندي، پري ڪان ئي وراڻيندي چيو ”ھاڻ تہ تو واري اھا توتاري گھوڙيءَ جا ڇٽا بہ نہ ٿي آڻي... ۽ اِھي تو واريون مڇون، ڏھ سيري ڏڙي بہ نہ ٽيون ڪٽي سگھن. اِھي بہ ڇانگائي ڇڏ تہ ڇڱي ڳالھ ٿئي!“

”ڇورا تنھنجي تہ ......!!“ پٽس پادر ۾ ھٿ وڌو تہ راڻو نلڪو ڇڏي، بيگم مُلياڻيءَ واري باغ ڏانھن لڪڙ تار ٿي ويو.

سڄي ميلي مُڇڪي ۾ ٿهڪ گونجي ويندا هُئا. ايئن احمد هڪ وڏو رؤنشو گڏ ڪنيو پيو هلندو هو. هڪ ڳوٺ مان ٻئي ڳوٺ ۾، ٻئي مان ٽئين ۽ ٽئين مان چوٿين ۾. ٻارن جو ورهاڱو ايئن سدائين پيو پئيان هلندو هوس.

پنڊو پنهنجي ڪم جو به شاهه ڪاريگر هو. ڏاندن جا پير ايڏي ته مهارت سان چليندو هو جو مالڪ ڏسي پيو رشڪ ڪائيندو هو. امالڪ جي ڪو ونگارو ڏور ڏٺي وٺس سوال ڪٿي اچي نڪرندو به هو ته گپ، ڪلر ۽ ڪُڙٻن واري زمين جو عذر ڏيئي، معافي وٺبي هئي ته "يار، دل ۾ نه ڪجانءِ. ڏڳي جا پير اجهو هاڻ ئي چلرايا اٿم. اجا ڪچا اٿس." اِها پنهنجي ليکي هڪ ڪِري هوندي هئي. اهو ٻڍي ٻج جي هرن وارو به ڏور جو مان رکي، واپس موٽي ويندو هو.

احمد جو پير چلڻ جو طريقو به نرالو هو. ڏاند کي دسرائي، ٻُڇڪارن ۽ هٿ جي ڇهاءَ وسيلي ڀتاري سان پنهنجي پيار جو اظهار ڪندو هو. هُن جو هٿ پهريان ڏڳي جي پيشاني، ٻوٿ، وڏين ڪارين اکين، ڪنن ۽ سڱن کي ڇهندو ان جي ڪلهن تان ٿيندو وڃي ڪونهٽ تائين پهچندو هو. پنڊو وهٽ جي پيٽ تي هٿ ايئن گهمائيندو هو جو ڏسي هرڪو پيو پنڊي جي رِيس ڪندو هو.

"پيار پنڊو ڪري ڇاٽي، ابا." وڏڙا هُن جي ساراهه جا اکر ڪنيو وينا هوندا هئا. "وهٽ ڏسي پيا ڪنن جا چِٽ ڪندس ۽ اکيون ڇنڀيندس!"

هڪ ڀيري مجيري ڪالوءَ جو هاري ڏيوو ڀيل پنهنجو ٻگو ڏاند وٺس ڪاهي آيو، جو ڪُر ڇيرجي پوڻ ڪري منڊو ٿي پيو هو. پنڊي ڪُتن سان ڪارايس. چئيس: "توکي شرم ڪونه آيو جو ان حال ۾ هَرن ۾ جوٽيئيس!" ڏنئي ڪونه ٿي ته ڀتاري جا ڪُر وڌيا پيا آهن، تورو ٽاپو آيس ته ڇيرجي پوندا. روزيءَ سان زوري نه ڪبي آهي!"

ڏڳن جا وڏا ڪُر ڏسي پنڊو اصل باهه ٿي ويندو هو. پوءِ ويهي ڇنڀيندو هونَ: "ابا، جناوَر ها هي تڏهن. جڏهن جهنگ ۾ چرندا ها. هاڻ ته ٿهان جي گهر جا ڀاتي آهن. گهر ڀاتين سان اهڙو سلوڪ ڪبو آهي ڇا؟"

سيئيءَ جا ڪنڌ هيٺ جهڪي ويندا هئا. پوءِ هي ويهي چليندو هو ڏڳن جا پير، ۽ بدلي ۾ ڏيندا هيس اَن جي ڀاتي. اُهو به گهڻو ڪري فصل تي. پر ايئن به نه هو ته هُو ٻاهر نڪري ۽ سندس گهوڙيءَ جو توبرو ڳسڪلو نه هجي! توبري جي هڪ پاسي ۾ گهوڙيءَ لئه چڻا ته ٻئي ۾ڪُر چلارو آن، جو هڪ طرف ٻچن جي روزي هيس، ته ٻئي طرف وڪٽي روزمره جون ضروري شيون وٺندو هو. ايئن ئي زندگيءَ جو گاڏو پيو گهلبو هوس.

اڄ جڏهن نئين ناد لاءِ راڻو پيراٽي وارن ٻاران عقيقي لاءِ ذبح ڪيل لاڙي ڏاند جي منڊي ڪٽي آيو ته احمد. پٽ تي انڪري به ناراض ٿيو جو هُن ڪڏهن به سندس ڪم ۾ هٿ نه ونڊايو هو. نه ته هو ناد ٺاهڻ سکيو هو ۽ نه ئي پير چلڻ. احمد کي پنهنجو ورثو

"خوش آ."

احمد چانهہ جو چئي، هيڏانهن هوڏانهن لوڙا هڻڻ لڳو. هن کي لڳو تہ اسٽان ۾ ڪا تبديلي آئي آهي، جا هُن جي اکين ۾ سجايل پراڻي نقشي کان بنهہ مختلف آهي. اڳي جتي ٽانگا قطار ڪري بيهندا هُئا، اُتي هاڻ ڪپڙي جون ريڙهيون لڳائڻ وارا اچي ويٺا هُئا. روڊ جي هُن پر جتي هُن گهوڙي ٻڌي هُئي، بہ ٽانگي وارا ويٺا هئا. ڄڻڪي ڪرستانن جي ڳوٺ لاءِ سواريءَ جي انتظار ۾ هئا. هِن پر، جتي ريڙهين وارا ويٺا هئا، اتي شهر جي سواريءَ لاءِ ٽانگا بيهندا هُئا. احمد کي لڳو ڄڻ تہ اسٽان مٽجي ويو هجي!

"يار دلبر، مون وارا سنگتي نظر نہ پيا اچن؟"

"الا!" دلبر وراڻيو"مانون تہ اتي پريان ويٺو هو باقي ٻين تہ ٽانگا ئي ڪپائي ڇڏيا آهن."

"ڪپائي ڇڏيا آهن! ڇو؟" پنڊي کي حيرت وٺي ويئي.

"سواري لڳين ڪونہ پئي، سو رڪشا وٺي ڇڏيئون!"

"رڪشا؟" احمد دل ئي دل ۾ سوچيو"رڪشا ـ ها ـ ها هي تي ڦيٿي سواري، چنچي." هن کي چنگچي چوڻ نہ پئي آيو. احمد کي خبر هُئي تہ رڪشا شهر ۾ هلن پيا، پر اِها ڄاڻ نہ هيس تہ رڪشا ٽانگن جي جاءِ والاريندا.

هو گهري سوچ ۾ پئجي ويو. چانهہ سندس سامهون پَيل رهي.

ڪٿان کان مانون بہ رلندو ڦرندو آيو. احمد کي ڏٺائين تہ ڇِي پيو.

"آ...... پنڊا، ڪهڙا حال آهن؟" هُن وڏي احمد کي ياڪر پاتو ۽ چابڪ هن جي هٿن مان ڪري پيو.

"حال تہ ڀلا آهن، پر هي پاڻ وارا سنگتي ڪيڏانهن ويا؟"

"سنگتي رڪشا پيا هلائين. توکي ناهن مليا؟"

پنڊو ٿورو ٿورو پريشان ٿيڻ لڳو.

"نہ نہ، مون سان تہ ناهن مليا. مان تہ اجهو هيننئر آيو آهيان."

"چانهہ پي، ٿڌي ٿي ويندءِ" مانو هن جي سامهون چانهہ جو ڪوپ ڏئو تہ چيائينس،"ايندا آهن هتي. خوش خير عافيت ڪري موٽي ويندا آهن."

"يار آئون بہ ٽانگو وڪڻي رڪشا ٿو وٺان." مانون ٿورو رڪي، جڏهن اِهو چيو تہ احمد کي اهڙو تہ گُهٽو آيو جو چانهہ نڪ مان ٽوٽاريون ڪري وهڻ لڳس.

"ڇا ٿيو احمد؟" مانون پريشان ٿي ويو. پوءِ جڏهن ڇتائي سندس منهن ۾ ڏٺائين تہ هن جي اکين ۾ پاڻي هو ۽ وات مان گِگ پئي وهيس. پنڊي جي اڌ چانهہ گهٽو ايندي ئي هارجي وئي هئي.

"ڪجهہ بہ ناهي، يار. تو ڳالهہ ئي اهڙي ڪئي."

اهو بہ سنو ٿيو جو احمد چانهن ٿڌي ڪري پئي پيتي، نہ تہ اڄ سندس نڪ جو خير نہ هو. نڪ ۽ واڇن وٽان چانهن جا نشان مٽائڻ لاءِ هو اتان اٿيو ۽ وڃي پاڻيءَ جو ڇنڊو منهن تي هنيائين. پوءِ موٽي آيو تہ مانو کان پڇيائين، "تون ٽانگو ڇو ٿو وڪڻين؟"

ماني چيس، "اڏ ڳوٺ وارن ٽانگا ڪپائي چنگچيون وٺي ڇڏيون آهن. هلڻ ۾ به تيز آهن ته چڪر به جام ٿا لڳن. ڪمائين به مون کان گهڻو ٿا. سواري به هاڻي ٽانگي تي نٿي ويهي."

احمد کي لڳو هن جو هڪ هڪ لفظ ٻرڇي بڻجي، هن جي اندر ۾ لهي رهيو هو.

"ته هاڻ سواري ٽانگن تي نٿي ويهي؟" احمد کي الائي ڇا ٿيو جو اتاولو ٿي پڇيائين.

"جتي چار چڪر ڳوٺ جا هڻندو هوس، اُتي هاڻ هڪڙو ٿو لڳي. ٻُڪ ته ڪونهي مرڻو يارا!"

ماني جي چانهه آئي، هو به چانهه پيئڻ لڳو. احمد خاموشيءَ ۾ الائي ڇا ڇا سوچيندو رهيو. پوءِ لوٽو هٽي، پنهنجي گهوڙيءَ ڏانهن ڏٺائين. نه هورا هيس نه ڪورا، نه لوٽا ٿي هنيائين، نه هٽڪارا! اڄ هـُـن جي گهوڙي به خاموش هئي. احمد جيان هوءَ به ڪجهه سوچي رهي هئي. ڪٿي احمد هن کي وڪڻي ته نه ڇڏيندو؟ گهوڙي ڇا سوچيندي، گگدام ويچاري! هن کي ڪهڙي خبر ته احمد هن لاءِ ڇڻا ڪيڏيءَ نه مشڪل سان گڏ ڪندو هو!

ويٺي ويٺي احمد گهڻو ڪجهه پروڙي ورتو.

هـُـن جي يارن رڪشا پئي هلايا. ڪن ٽانگا ڪپائڻ لاءِ پئي سوچيو ۽ جيڪي به ٿي بيٺا هئا، تـِـن احمد کي ڪيڪاريو به ڪين. صورتحال اهڙي ٿي وئي، جو احمد اُٿان اٿيو. ماني کان موڪلائي، دلبر کي ياڪر پائي، اکين ۾ ڳوڙها لڪائي اچي گهوڙيءَ تي چڙهيو. گهوڙيءَ جو لغام ڇڪي ڪيائينس واءُ مينهن! ڳوٺ وڃڻ کان اڳ هو ڪرستانن جي ڳوٺ لٿو جتي سندس استقبال لاءِ رڪشا اڳ ۾ ئي بيٺا هئا. هن ڪنهن ڏانهن به ڪونه ڏٺو. گهوڙيءَ کي هڪ پٽر سان ٻڌي، ڇڪيائين حجم ڏي، حجم نؤلو ماٺهو ڏسي، حيران ٿي ويو. ويتر جو مڇن تي نظر پيس ته عجيب تجسس مان ڏانهس ڏسڻ لڳو. احمد مڇون پٽڪي جي وَر مان ڪڍي، پنهنجي سيني تي لٽڪائي ڇڏيون. پوءِ جڏهن آرسيءَ ۾ ڏٺائين ته پاڻ کي به نه ٿي وڻيو.

هري هري ڪري وار ٺهرائڻ واري ڪرسيءَ تي چڙهي ويٺو. پنيان حجم کي ادب ۾ الف جيئن ڪڙو ٿي بيٺل ڏٺائين ته مڇن جي هڪ پاسي کي هٿ ۾ جهلي، ڪيس وڍڻ جو اشارو ڪيائين. حجم پريشان ٿي ويو.

"سائين خير ته آهي؟" هن پڇيس.

"مڙئي خير آهي." احمد چيس، "جلدي ڪر، مون کي اڳتي وڃڻو آهي."

حجم ڪئينچي کڻي، جڏهن سندس مڇن تي رکي ته اوچتو هن جي نظر احمد جي ڪڇ ۾ لٽڪيل ناد تي پيئي.

"هي ڇا کنيو اٿئي، سائين!"

"زناورن جون نشانيون آهن، يار. وڏڙن کان مليون آهن."

هن وڏڙا ايئن چيو چڻ تہ هـُـن جا سڀ جانور مري ويا هجن.

احمد مڇون چنبائي، آرسيءَ ۾ ڏٺو. پاڻ کي ڏسي هـُـن کي ايترو ئي شرم آيو جيترو ڪنهن کي ڦھريون ڀيرو مڇون ڪوڙائڻ تي. نائيءَ کي پئسا ڏيئي، ڇڪيائين گھر ڏانهن. جيئن ئي گھر پهتو تہ گھوڙيءَ کي ڪـُـليو ڇڏي، گھر جا ٿانوَ ٿلوڙڻ لڳو. مومل جيئن ئي پٽس جي ڇانگيل مڇن ڏي ڏٺو تہ هوءَ ڊوڙ پائي پنهنجي وڏيءَ ڀيڻ صابل کي سڏي آئي، جنهن وڃي سندن ماسيءَ جي گھر مايُن سان گڏ سيپ سبيو.

ٿوريءَ دير ۾ مومل، صابل ۽ جوڻس سندس سامهون بيٺيون هيون. ٻارڙيون تہ پيءُ منهن ڏانهن ڏسي پئي کليون، پر ماچيس ڦوليي، جيڪو مڇ هن ٻاريو هو تنهن کان جوڻس ڊڄي وئي هئي.

”مـُـٺا، ڇا ٿو ڪرين؟“

”ڪجھ ڪونہ ٿو ڪريان. تون پريشان نہ ٿي.“


هو ڪائيون پڇندو ٻاهہ ۾ وجھندو پئي ويو. ڪنهن مهل ناد ڪڍي اڇلايائين ٻاهہ ۾. جـوڻس لُوهَہ ڪري ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن ٻانهن کان جهليُ ورتس.

”سڙڻ ڏينس!“ احمد جي اکين ۾ اُلا هئا،”هاڻ جڏهن ڪمائي نہ ٿي تہ گھر ۾ رکڻ مان ڪهڙو فائدو؟ ڪهڙو فائدو اُن شيءَ مان جو ڪمائتي نہ هجي. هڏ حرام، بيڪار مـُـردن جيئن ! ۽ تو وارو هو ڇورو...“ احمد جي اکين مان پاڻي ٿمڻ لڳوءِ هڏ حرام۔ چوانس پيو تہ ڪجھ سِـڪ. ڪو ڪم ڪر. خبر ٿئي تہ ڇا پيو چوي..؟ چئي پيو تہ بابو جيئرو آ، ڇو ڪمايان...! سڏينس، هاڻ، سڏينس. چئينس تہ اچي اکين سان ڏسي. پٽس کي موت اچي چڪو آهي.“

ناد سڙي رک ٿي چڪو. هو هـُـڪ تان هلي اچي کٽ تي ڪريو. پٽڪو لاهي ڪيائين سيرانديءَ هيٺيان ۽ ڍري پيو. جوڻس ۽ وڏي ڌيءُ پريشانيءَ منجهان روئڻ لڳيون. ننڍڙي مومل بہ پريشان ٿي ويئي تہ آخر گھر ڀاتين کي ٿيو ڇاهي، جو سڀ پيا روئن؟ هوءَ هلڪڙا هلڪڙا قدم کڻدي پٽس وٽ پهتي. پنهنجو معصوم ننڍڙو هٿ کڻي هـُـن جي وڏيل مـُـڇن تي رکيائين. جيڪي هـُـن کي عجيب ۽ پُـراسرار پئي لڳيون. احمد جيئن مومل جي آڱرين جي ڇهاءَ کي محسوس ڪيو تہ هڪدم اُٿي کڻي سيني سان لاتائينس. مومل جي منهن ۾ تڪيندي بس ايترو چيائين،”امان، تون هلي ڪيڏ الله يلي ڪندو. بابي کي ڪجھ بہ ناهي ٿيو. بس هـُـن پاڻ کي تبديل ڪرڻ ۾ ڪجھ دير ڪري ڇڏي آهي. هي انهيءَ ڪوتاهيءَ جا لـُـڙڪ آهن. امان، اُن دير جا، ٻيو ڪجھ بہ ناهي. مالڪ يلي ڪندو!“

ايئن چئي هو وري کٽ تي ڍري پيو.

⊙⊙



# بيڊ نمبر اٺين جو خاليپڻو

منور سراج

"ڪيڏانھن ٿو وڃين؟" منھنجي زال چيو.
دروازي وٽ بيھي رهيس. هڪڙو پير ٻاهر، هڪڙو اندر.
"ٻاهر ٿورو ڪم آهي، اچان ٿو." چيم.
"صدا کي به ٻاهران چڪر ڏياريو اچ. ماني ٿي ناهيان. تنگ ٿي ڪري" منھنجي زال چيو. بيھي رهيس. توڙي جو بيھڻ نه ٿي چاهيم.

بيزاريءَ تي قابو پائڻ جي ڪوشش ڪيم، پر نه پائي سگھيس. چھري تي ناگواريءَ جو تاثر اُڀري آيو.

"صدا، هلي آ" رُکي لهجي ۾ چيم. منھنجي زال منھنجي رُکي لهجي تي ڌيان نه ڏنو.
منھنجي ساڄي هٿ جي چيچ صدا جي ننڍڙي هٿ ۾ قابو ٿي وئي.

صدا مون سان گڏ هوندي ته ماءُ کي تنگ نه ڪندي. ماءُ کي تنگ نه ڪندي ته ڪانئس ڀاڄيءَ ۾ گھٽو لوڻ نه پوندو. ٻي صورت ۾ لوڻ گھٽو پئجي ويندو. لوڻ گھٽو پئجي ويندو ته مان ماني نه کائيندس. ماني نه کائيندس ته سڄو ڏينھن ٻنھي زال مڙس جو موڊ خراب رهندو.

صدا خوش هئي. مان خوش نه هئس. ٻار گھر مان ٻاهر نڪرندا آهن ته خوش ٿيندا آهن.

مون کي اهو نه چوڻ گھربو هو ته "مون کي ٻاهر ٿورو ڪم آهي." مون کي چوڻ گھربو هو ته "ٻاهر ڪم آهي." ٻاهر کھڙو به ڪم ٿي سگھي ٿو. ٻاهريون ڪم ڪيترو به وقت وٺي سگھي ٿو. ان صورت ۾ منھنجي زال مون کي صدا ٻاڻ سان گڏ وٺي وڃڻ لاءِ نه چئي سگھي ها. صدا گھر ۾ ئي هجي ها. گھر ۾ هجي ها ته ڪيس تنگ

ڪندي رهي ها. نتيجي طور ڪائنس ياڄيءَ ۾ لوڻ گهٽو پئجي ويجي ها ۽ مان ماني نہ کائي سگهان ها.

"مون کي ٻاهر کهڙو ڪم آهي؟" گهٽيءَ ۾ هلندي، مون سوچيو پر ڪم ياد نہ اچي سگهيو.

دروازي وٽ چيل جملو دهرايم. "ٻاهر تورو ڪم آهي، اچان ٿو." جملو دهرائڻ سان دروازي تي بيهڻ وارو لمحو دهرائجي ويو. ڪم ياد اچي ويو.

مون کي سول اسپتال وڃڻو هو.

سول اسپتال ۾ منهنجو دوست داخل آهي.

گهٽيءَ ۾ چولن وارو ڇوڪرو بيٺو هو.

"بابا چولا وٺي ڏي" صدا منهنجي چيچ کي ڇڪ ڏني. چولن واري ڇوڪري کي اچي شلوار تي نيري قميص پاتل هئي.

"پوءِ وٺنداسين." مون اڳتي هلندي چيو.

ٻاهر هلڻ جي خوشيءَ ۾ صدا کي چولا نہ ملڻ تي گهٽي ڪاوڙ نہ لڳي. واپس موٽڻ تائين چولن وارو گهٽيءَ ۾ هوندو؟ ان سوال تي نہ مون سوچيو نہ صدا!

چولن واري مون ڏي ڪاوڙ مان نهاريو. شايد دل ۾ چيو هوندائين "ڪنجوس، پئسي جو پٽ، ٻار کي چولا بہ نٿو وٺي ڏئي" ڪاوڙيل اکيون سول اسپتال جي دروازي تائين منهنجو پيڇو ڪنديون رهيون.

"صدا کي نہ وٺي اچڻ گهربو هئم." مون سوچيو "مون کي دوست سان ڳالهائڻ نہ ڏيندي پر مان گهٽي لوڻ واري ياڄي نٿو کائي سگهان. منهنجو بلڊ پريشر وڌيل رهڻ لڳو آهي."

"بابا پوليس." صدا منهنجي چيچ کي ڇڪيو. Casuality جي آڏو موبائيل وٽ سپاهي بيٺا هئا.

"پوءِ مان ڇا ڪيان پوليس کي." مون ڪاوڙ ۾ چيو.

"بابا جوس وٺي ڏي" صدا يڪدم چيو. مون کي جوس ۽ پوليس ۾ ڪا هڪجهڙائي محسوس ٿي. مُرڪي پيس. جوس وارو ڇوڪرو پرسان اچي بيٺو.

"ٻہ جوس ڏي." مون چيو.

"پر ٻيو ڇو؟ ٻيو ڪنهن لاءِ؟ پنهنجي لاءِ؟ نہ پاڻ لاءِ تہ نہ ها سچي دوست لاءِ."

هڪ جوس ۾ تيلي وجهي صدا کي ڏنم. سرڪ پريندي، ڪجهہ جوس سندس فراڪ جي گل تي هارجي پيو. فراڪ جو نيرو گل وڌيڪ نيرو ٿي ويو. نفسيات جي وارڊ کان اڳ گائني وارڊ هو.

هڪ عورت پيٽ ڏي منهن ڪيو اوچنگارون پئي ڏنيون. ڪيس آئٽ ڏيڻ واري مرد بہ هر هر پنهنجا ڳوڙها پئي اُگهيا.

"ڇا ٿيو آهي؟" پرسان گذرندڙ ماسيءَ کان پڇيم.

"جواڻ جماڻ ڏيءَ ويم ۾ مري وئي اٿن. ٻهراڙيءَ جا ڇريا ماڻهو. مايون اڏ مئيون ڪيو پوءِ اچن اسپتال، ڇوڪريءَ کي پهريون ٻار..."

مون صدا کي هنج ۾ کڻي ورتو. سندس ڳل تي هڪ چُمي ڏنم. ڳل تي آلاڻ رهجي وئي. ڏپ جي آلاڻ.

"هڪڙو جوس کڻي وڃڻ مناسب تہ نہ آهي." مون سوچيو "جوس بدران فروٽ وٺي وڃڻ گهربو هو. دوست وٽ ٻيا بہ تہ ماڻهو هوندا. انهن جي سامهون جوس جو هڪڙو..." جوس جو ڊبو پاسي واري ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيم. ڪيسو آلو ٿي ويو.

پڦيءَ جي گهر مان ڪڪڙ جا آنا چورائي، ڪيسي ۾ وجهي گهر ڏي ڊوڙندو هئس تہ رستي ۾ آنا ڀڄي پوندا هئا. ڪيسو آلو ٿي ويندو هو.

ڪيسي ۾ ڏپ ٿي ويندي هئي.

گائني وارڊ ۾ بوءِ هئي. ڪيسي ۾ ڀڳي پيل آنن جهڙي بوءِ.

لفٽ جو دروازو بند هو. بند دروازي تي اسٽيڪر لڳل هو "Sorry out of order"

چاڙهيءَ جا ڏاڪا چڙهي، نفسيات واري وارڊ ۾ پهتس.

نفسيات جي وارڊ ۾ فينائل جي بوءِ هئي.

چؤطرف گهري اُداسيءَ سان پريل چپ چانيل هئي.

صدا کي هيٺ لاٿم. منهنجي چيچ وري سندس هٿ ۾ قابو ٿي وئي. رسيپشن تي ويٺل سفيد يونيفارم وري سانوري نرس اسان ڏي نہ نهاريو.

"سسٽر! بيڊ نمبر انون ڪٿي آهي؟"

"سامهون" سسٽر آڱرين ۾ اٽڪيل بال بين سان اشارو ڪيو.

بيڊ تي ليٽيل منهنجي دوست جو مُنهن ٻئي طرف هو. منهن اورتي هجيس ها تہ مون کي ضرور ڏسي ها. ڏسي ها تہ ضرور سڏي ها. سڏي ها تہ مان نرس کي سسٽر چوڻ جي پريشانيءَ کان بچي وڃان ها. سول اسپتال جي نرسن کي نہ چاهيندي بہ سسٽر چوڻو پوندو آهي.

"محمد خان ڪهڙو حال آهي؟" دوست جون اکيون ڀوتيل ڏسي چيم. مون کي پنهنجو آواز اوپرو محسوس ٿيو. اکيون کوليائين. سڃاتائين. اُٿي ويٺو. مُرڪيو. مان بہ مُرڪيس. صدا نہ مُرڪي. چيچ مان هٿ ڪڍي، بئنچ تي ويهي رهي. فراڪ جي ڳل تي جوس جي آلاڻ اڃا موجود هئي.

"حال ٺيڪ آهي. اڳ کان گهڻو ٺيڪ آهي پر ايترو بہ ٺيڪ ناهي جو چوان تہ بلڪل ٺيڪ آهي." هن صدا ڏي ڏسندي چيو. مان بہ بئنچ تي ويهي رهيس. منهنجي سامهون دوست جو بيڊ هو. بيڊ جي پريان اسپتال جي پٽ هئي. پٽ تي ڪاري مارڪر سان ڪچن اکرن ۾ لکيل هو: "هڪ بہ ٽي اي بي سي ڪارو پاچولو ڪوئلو اچو پاچولو."

دوست سان گڏ ڪير بہ نہ هو. مان خوش ٿيس. ڪيسي مان جوس ڪڍي، دوست کي ڏنم. جوس وٺي ويهاڻي هيٺان رکي ڇڏيائين.

"بابا" صدا منهنجي قميص کي ڇڪيو.

"ڇا؟"

"بابا ٽورو هيٽ ٽي."
مان ٽورو هيٽ ٽيس تہ منهنجي ڪن ۾ سرٻاٽ ڪيائين:
"بابا، جوس ڪيئن پيئندو؟ جوس جي ٿيلي تہ ڏينس."
ڪيسي مان اسٽرا ڪڍي سندس وهاڻي هيٺان رکيم.
"طبيعت ڪيئن آهي." دوست کان پڇيم.
جواب نہ ڏنائين. پل اڌ پل مون ڏي ڏسندو رهيو. پوءِ مون کان پڇيائين "يار! رات جو اوچتو بجلي هلي ويندي آهي تہ ڪيئن لڳندو آهي؟" ان سوال لاءِ مان ذهني طور تيار نہ هئس. ان کان اڳ جو آئون ڪجھ چوان، پاڻ ئي چيائين "بجلي هلي ويندي آهي تہ ڪاري اونداهي ٿي ويندي آهي. سڀ ڪجھ اونده ۾ ڍڪجي ويندو آهي. منهنجي اندر جي بجلي فيل ٿي وئي آهي. مان اونده ۾ ٻڏي ويو آهيان."
ڏينهن هوندي بہ وارڊ جي ٽيوب لائيٽ روشن هئي.
"ڊاڪٽر صاحب سان بہ اهڙيون ڳالهيون ڪندو آهي." منهنجي دوست جو بخار چيڪ ڪندي، سخت چهري ۽ ڊگهي قد واري نرس چيو.
"مان اونده کان ڊڄان ٿو. گهر ۾ اونده آهي. گهٽيءَ ۾ اونده آهي. اسپتال ۾ لوڊشيڊنگ نہ آهي. هتي خوش آهيان. ڪجھ ڪمزور ٿي ويو آهيان، پر گهڻو ڪمزور ناهيان." منهنجي دوست نرس ڏي توجھ ڏيڻ بنان چيو.
سانوريءَ نرس جي چپن تي مُرڪ ڊوڙي آئي.
وارڊ ۾ اٺ بسترا هئا. ست خالي هئا. ستن بسترن تي اڇين بسترين جو خاليپڻو ڇانيل هو. اٺون بسترو خالي نہ هوندي بہ خالي هو. نفسيات جي وارڊ ۾ خاليپڻو پريل هو.
"سسٽر منهنجو بلڊ پريشر؟"
منهنجي دوست سنهڙي ٻانهن تان ڪپڙو مٿي ڪندي چيو.
نرس جو سخت چهرو وڌيڪ سخت ٿي ويو.
"ڏينهن ۾ ويھ ڀيرا بلڊ پريشر چيڪ ڪرائيندو آهي." نرس ڪاوڙ ۾ پٽڪيو هيٺيون چپ لڙڪي پيس.
"منهنجو بلڊ پريشر نارمل نہ آهي، دل جو ڌڙڪو بہ نارمل نہ آهي، مون کي ائين لڳي ٿو." منهنجي دوست چيو.
"بابا گهر هلون؟" منهنجي قميص کي ڇڪ آئي.
"هلون ٿا بابا.... گهڙي کن ترس." ڪاوڙ ۾ چيم. مون اڃا ڪجھ دير دوست وٽ ويهڻ ٿي چاهيو. هو منهنجو جگري يار هو. اسڪول واري دور ۾ جاسوسي ڊائجسٽ شوق سان پڙهندا هئاسين ۽ هڪ ٻئي کي نالو وٺي سڏڻ بدران زيرو زيرو فائيو ۽ زيرو زيرو ٿين سڏيندا هئاسين. ياد نہ آهي تہ اسان مان زيرو زيرو فائيو ڪير ۽ زيرو زيرو ٿين ڪير هو.
"بلڊ پريشر نارمل آهي." نرس چيو.

منهنجو دوست مطمئن نظر نہ آيو. مون فائل کڻي ڏٺو. ڊاڪٽر جا اکر سمجهہ ۾ نہ آيا. سواءِ هڪ لفظ جي Dis order. لفظ جي دروازي تي لڳل اسٽيڪر "Sorry out of order" ياد آيم.

مون کي لڳو ڄڻ لفظن ۾ هڪ جهڙائي آهي. لفظن جي هڪ جهڙائي. معنيٰ جي هڪ جهڙائي.

"هتي مون سان رڳو ڊاڪٽر جو رويو سٺو آهي. ٻئي ڪنهن جو بہ نہ. ٻيا سڀ ڪاوڙ جا تيز آهن. سوئيپر تہ جاسوس آهي، ڪتو..."

منهنجي دوست ڏڪاري آواز ۾ چيو.

"تنهنجو بلڊ پريشر ٺيڪ آهي، ون ٽوئنٽي باءِ ايٽي."

سسٽر فرش تي ڪاري سينڊل جي ٺڪ ٺڪ ڪندي، ٻاهر نڪري وئي.

"توکي ائين نٿو لڳي تہ" منهنجي دوست پڇيو "تنهنجي گهٽيءَ ۾ بہ اونداهي آهي... تنهنجي گهر ۾ بہ اونداهي آهي. تنهنجي اندر ۾ بہ ڪاري اونداهي آهي."

"بابا گهر...." صدا چيو. منهنجي دوست جو سوال صدا جي آواز ۾ ڊڪجي ويو. مون سوچيو صدا هينئر "بابا گهر هلئون" چوڻ بدران رڳو "بابا گهر" چو چيو؟

مون کي ڏک محسوس ٿيو.

"توکي اسپتال مان موڪل ڪڏهن ملندي" دوست کان پڇيم.

اهو سوال شايد صدا جي گهر هلڻ واري سوال سان لاڳاپيل هو.

"يار! مون کي موڪل نہ کپي. مان هتي خوش آهيان. هتي روشني آهي. گهر ۾ روشني نہ آهي. اونداهي آهي. اونداهي ماڻهوءَ کي ماري ٿي وجهي." هن ٻرندڙ ٽيوب لائيٽ ۾ ڏسندي چيو.

"پريشان نہ ٿي، لوڊ شيڊنگ نيٺ تہ ختم ٿيندي"

مون چيو.

منهنجي دوست کان ٽهڪ نڪري ويو.

ڪجهہ دير کلندو رهيو. کلندي کلندي اکيون پرجي آيس. "يار لوڊ شيڊنگ ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندي اندر ۾ اونداهيءَ جو واسو آهي. روشنيءَ جو ڪوبہ ڪرڙو نہ آهي. آئون اونداهيءَ کان ڊڄان ٿو." روئڻهارڪي آواز ۾ چيائين.

"اونداهي ضرور ختم ٿيندي" مون وري کيس آٿت ڏيڻ لاءِ چيو. چپن تي ڦڪي مرڪ وکري ويس. ڳالهايائين نہ

کلڻ لڳو. "ها ها ها..."

صدا ڊڄي وئي. منهنجو هٿ سنڌس هٿ ۾ ڦاسي ويو.

"يار مان هتي اسپتال ۾ مرڻ نٿو چاهيان. مان نٿو چاهيان تہ مرڻ کان پوءِ هيءَ جاسوسن جهڙو سوئيپر منهنجي مٿان اسپتال جي هيءَ اڇي چادر وجهي، جيڪا هينئر منهنجي هيٺان وڇايل آهي."

منهنجي دوست مُرڪندي چيو. ٻئي پل ڳنڀيرتا ويڙهي ويس. ڪجهه سوچ ۾ گم ٿي ويو.

"بابا گهر هلون." صدا ميز تان لهي بيٺي. مان ويٺو رهيس. صدا منهنجو هٿ ڇڏي ڏنو. منهنجي دل پرجي آئي.

"هتي توسان گڏ ڪير آهي؟" پٽ ڏي ڏسندي چيم.

"ڪير بہ ڪونهي." هٿ جي لڪيرن ڏي ڏسندي چيائين.

"تنهنجو ننڍو ڀاءُ."

چپن تي ڦڪي مُرڪ ڦهلجي ويس. جواب نہ ڏنائين.

"وڏو ڀاءُ؟"

چپن تي ڦهليل ڦڪي مُرڪ گم ٿي ويس.

"چڱو مان هلان ٿو." مون چيو.

"پُٽ" پنيرو ٿيس تہ چيائين.

"چا؟" پوئتي مڙي چيم.

"يار مان اسپتال ۾ گهر جي وچ تي رستي ۾ ڪٿي مرڻ ٿو چاهيان. منهنجي کيسي ۾ شناختي ڪارڊ بہ ڪونهي." کيسي ۾ هٿ وجهي خالي هٿ مون کي ڏيکاريندي چيائين.

مون سندس اکين ۾ نهاريو. سندس اکين ۾ خالي‌پڻو پريل هو. صدا موتي اچي منهنجي چيچ کي پنهنجي ننڍڙي هٿ ۾ قابو ڪيو. رسيپشن جي پرسان گذرندي سخت چهري واري نرس صدا ڏي مُرڪي نهاريو. نرس جو چهرو نرم ٿي ويو.

"سسٽر، بيڊ نمبر ائين جو مريض؟" فون تي ڪنهن سان ڳالهائڻ ۾ مصروف نرس کان پڇيم. نرس فون بند ڪرڻ بنا آڱرين ۾ اٽڪيل بال پين سان بيڊ نمبر ائين ڏي اشارو ڪيو ۽ گفتگو ۾ محو ٿي وئي. ڪيس منهنجو ڳالهائڻ خراب لڳو.

"سسٽر بيڊ نمبر اٺ تہ آهي، پر مريض ڪٿي آهي؟"

مون وري ڳالهايو. نرس فون جي رسيور تي هٿ رکي، بيزاريءَ مان چيو "مريض ڪالهہ هليو ويو."

"ڊاڪٽر موڪل ڏنس؟" مون پڇيو.

"نہ بنا اطلاع جي هليو ويو." سسٽر ورائيو ۽ ڳالهائڻ ۾ مصروف ٿي وئي.

نفسيات جي وارڊ ۾ فينائل جي بوءِ هئي.

⊙⊙


Addrees:
Munwar Siraj
Sui Gas office society, Nawabshah.
0302_3976560



# لکڻ منهنجي لاءِ زندگي آهي

ريٽا شهاڻي

**هڪڙو** ڀار ٽرين ۾ سفر ڪري رهيو هو. هو گهريءَ ننڊ ۾ ستل هو.
ٽي ٽيءَ هن کي ڏونڌاڙي اٿاريو "ٽڪيٽ پليز!"



ڀارَ پنهنجي کيسي ۾ هٿ وڌو "نٿي لڀجي ٽڪيٽ مون کان." هن گهبرايل ۽ روئڻهارڪي سُر ۾ چيو.
"ڪٿي ويٺو اٿئي،" ٽي ٽيءَ پڇيو.
"خبر ناهي"!
"ڪٿان پيو اچين؟"
"خبر ناهي!"
"توکي ٽرين ۾ وڌو ڪنهن؟"
"خبر ناهي"!
"خبر ناهي، خبر ناهي! ڪجهه به خبر ناهي! آخر ڇا خبر آهي توکي؟"
ڀار روئڻ لڳو.
اهڙو آ اسان جي جيون جو سفر! ڪٿان آيا آهيون، ڪٿي وڃي رهيا آهيون؟ خبر ناهي، اسين هتي ڇو آهيون؟ اسان کي سنسار ۾ ڇو آندو ويو آهي؟
ڪنهن کي پلا ڪهڙي خبر؟
هاڻي مون کان پڇيو ويو آهي، مان ڇو لکندي آهيان؟
مان جواب ڏينديس، "مون کي خبر ناهي."
حقيقت اها آهي ته مان لکندي ڪا نه آهيان، مون کان لکجي ويندو آهي.

پلا ڪڏهن ڪنهن پيار بہ سوچي سمجهي ڪيو آهي؟ پيار تہ ٿي ويندو آهي. لکڻ منهنجي لاءِ اهڙو آهي. جهڙو پيار ڪرڻ. منهنجو قلم منهنجيءَ موڪل کان سواءِ لکندو ويندو آهي. اصل مڃيندو ئي ڪونهي منهنجي ڳالهہ!

مون کي پلا ڪهڙي خبر تہ منهنجو قلم ڏينهن رات ڇو هلي رهيو آهي؟ اصل ساهي ئي نٿو پٽي. ٻڌي ئي نٿو! هڪ ڳالهہ پوري ڪريان تہ ٻي شروع ٿي وڃي! مان ڇا ڪريان؟ منهنجو تہ وس ئي نٿو هلي. صرف هڪ ڳالهہ جي ياد اٿم. اها هيءَ تہ هڪ وار قلم بيٺو تہ مان بہ بيهجي ويندس. ختم! کيل ختم ٿي ويندو!!

بس رڳو ايتري خبر اٿم.

مون ئي تہ 1982ع ۾ پنهنجي پهرئين ڪتاب "پنک وڃائن شنک" ۾ لکيو هو.

قلم کان سئو بار

تيز من رفتار

ڪري مون لاچار

تہ وهايان مٿس ڏار!

من جي رفتار قلم کان سئو بار تيز ناهي. قلم ويچارو پڇي نٿو سگهي ۽ ٿيڏن ڦڏن اکرن ۾ تڪڙو تڪڙو لکندو ٿو وڃي. مس جي ڏار وهائيندو پيو وڃي.

ڪيڏا گئلن سياهيءَ جا کپايا هوندم. ان جو اندازو ڪو نہ اٿم.

سنت ڪبير جي واڻي ياد اچيم ٿي:

سات سمندر مس ڪرون. ڪاگو سب بن رايا.

ليڪن ڪي ڳرون. ڪرنڪ ڪي. هرِي گُن لکا نہ جايا. (ڪرنڪ: هڏيون)

ست سمنڊ مس جا ٿي وڃن. سڀ بن جهنگل ڪاغذ بڻجي پون. منهنجي ڪوپڙيءَ جي هڏين مان قلم بڻجي وڃي. تڏهن بہ مان هرگز (خدا جي ثنا) لکي نہ سگهندس.

اهي سٽون ڪنهن بہ ڪويءَ جي من جي ڪيفيت بيان ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن.

ها. مان ان رچناتمڪتا (تخليقيت) جي گرفت ۾ آهيان. اها رچناتمڪتا ڪنهن بہ رچناڪار کي سک سمهڻ ڪا نہ ڏيندي آهي.

روسي انقلابي ڪوي مايا ڪو وسڪي پنهنجي مترر بورس پيسٽرنڪ کي چيو هو تہ "مان محسوس ڪريان ٿو تہ پاڻ کان ننڍڙو ٿي ويو آهيان. منهنجي اندر ڪجهہ آهي. جيڪو ٽوڙي ڦوڙي ٻاهر نڪرڻ چاهي ٿو."

انهن سٽن چوڻ جي چند ڏهاڙن بعد هن آپگهات ڪري ڇڏيو هو.

اسٽالن "پرودا" اخبار ۾ مايا ڪو وسڪيءَ لاءِ لکيو هو"هن کي وسارڻ يا سندس رچنائن کي نظرانداز ڪرڻ هڪ گناهہ ٿيندو."

مون لکڻ دير سان شروع ڪيو هو. سالن جا سال تجربا. سور. پيڙائون. سک ڏک منهنجي لاشعوري من ۾ دٻيل هئا. پرچن مٿان پرچ! مون کي ڪو علم ئي ڪو نہ هو ۽

هڪ ڏينهن جڏهن ان جڏبن سان دبيل ۽ پريل جوالا مکي پهاڙ ۾چير پيو تہ لاوي وانگر ذخيرو ٻاهر نڪري آيو. هيترن سالن جا تجربا چٽا ٿي چٽا، من درپن ۾ پنهنجا عڪس پسائي رهيا هئا.

۽ لکڻ شروع ڪرڻ کان پوءِ بہ 1980ع کان 2007ع تائين جيڪي نوان تجربا مليا، چاڪاڻ تہ جيون جي ڏارا تہ مسلسل وهندڙ آهي. اهي ماضيءَ جي واقعن سان ملي جلي هڪ ٿي ويا. ماضي ۽ حال ۽ انهن ۾ سوچ، اپياس جو مصالحن جو چونڪ(ڦوڙني) لڳائي، جيڪي طعام تيار ڪندي آهيان، انهن مٿان ڳلين جا روپا ورق وڇائيندي آهيان ۽ مڪمل تخليق منهنجي سامهون هوندي آهي.

اهو ضروري ناهي تہ رچناتمڪتا صرف انهن گهڙين تائين محدود هجي، جڏهن رچناڪار تنها آهي. ٻاهرين مصروفيتن ۽ ذهني پريشانين باوجود ڪجهہ نرماڻ ٿيندو رهندو آهي. جن کي عڪس جهٽڻ جي قوت آهي، انهن جون اکيون ۽ ذهن ڪئميرا جي لينس مثل هوندا آهن، جو ازخود هلندي هلندي، ڳالهيون ڪندي ڪندي عڪس جهٽيندا ٿا وتن ۽ وقت اچڻ تي فرصت ۾ اهي سموريون ڳالهيون ورقن تي چٽجي ٿيون وڃن.

سنہ 1984ع ۾ مان پنهنجي ڌيءُ ۽ نانيءَ سان يورپ گهمڻ وئي هئس.

سوئيزرليند ۾ بہ ڏينهن يُونگفرا جي برفيلي چوٽين تان گهمي آياسين. اٽليءَ جي ويزا نہ هئڻ جي حالت ۾ لليتا ۽ انيل منهنجيءَ اجازت سان روم گهمڻ ويا. مان اڪيلي زيورڪ ۾ رهي پيس. مون پنهنجي سفرنامي "ڪٿوريءَ ڪاڻ" ۾ لکيو آهي: "جڏهن مان بين سان هوندي آهيان تہ سوچڻ جي شڪتي ۽ رچناتمڪتا قوت جواب ڏيئي بيهنديون آهن، پر هتي ايڪانت ۾ جيئن ئي اکيون پوريم، تہ هڪ ٽارچ جي لائيٽ رات جو انڌيري ۾ برف تي چانيل پهاڙن تان ترندي ۽ وسامندي نظر اچڻ لڳي ۽ مان ڪنهن سسپينس پريءَ واردات جا پهہ پچائيندي، خيالن ۾ غلطان ٿي ويس ۽ مان پاڻ کان پاڻ ئي سوال پڇڻ لڳس.

مون پاڻ کان سوال پڇيو "هي بتيون ڇو ٻري رهيون آهن؟"

جواب آيو تہ "ڪو ڪنهن جو سگنل ڏئي رهيو آهي."

سوال "ڇو؟" جواب "هو ڪنهن کي بچائڻ ٿو چاهي."

سوال "ڇو؟" جواب "ڪير بيمار آهي، اصل زندگي ۽ موت جو سوال آهي."

سوال "ڇو؟" جواب "هڪ ننڍڙي ڇوڪري پنهنجي پيءُ جو انتظار ڪري رهي آهي."

سوال "ڇو؟ ڪهڙي بيماري اٿس؟"

جواب "سائيڪالاجيڪل ڪيس آهي، جيڪڏهن موٽر نہ ايندي تہ پاڳل ٿي پوندي."

اهڙو سوالن ۽ جوابن جو طريقو اپنائي، جنهن ۾ گهٽو ڪري "ڇو" جو سوال آهي، هڪ ڪهاڻي "روشن اشارو" جو خاڪو تيار ٿي ويو جيڪا بعد ۾ منهنجي ڪتاب "پرهه جا پياڪ" جو هڪ باب بڻجي وئي.


مون سان اڪثر ائين ٿيندو آهي ته منهنجون جهونيون ساهيڙيون يا منهنجا ويجها مٽ مائٽ جيڪي مون کي پوريءَ طرح نه سڃاڻن(جيئن اڪثر ٿيندو آهي) چوندا آهن ته سٺو ٿيو آهي، جو توکي اها هابي (Hobby) ملي وئي آهي، ڪو ٽائيم پاس ڪرڻ جو ذريعو مليو آهي، جنهن ۾ تون پاڻ کي مشغول رکيو ويٺين آهين. نه ته اڪيلي ڇا ڪرين ها! هو سمجهندا آهن ته هو مون کي ڪامپليمينٽ ڏئي رهيا آهن، مگر منهنجي دل ٿيندي آهي ته پر ۾ رکيل ڪا چيز ڪو ڪتاب يا ڪو پيپر ويٽ هنن ڏانهن اڇلايان، يا ڪي لفظ چوان... پر پوءِ پاڻ کي سمجهائيندي آهيان، قابو رکندي آهيان ۽ چوندي آهيان ته "ڪنٽرول، ڪنٽرول..." ۽ مشڪڻ لڳندي آهيان.

هو نٿا ڄاڻن ته لکڻ منهنجي لاءِ هابي ناهي، نه وقت پاس ڪرڻ جو ذريعو. هو نٿا ڄاڻن ته لکڻ منهنجي لاءِ ڇا آهي، هو نٿا ڄاڻن ته لکڻ منهنجي لاءِ زندگي آهي. ها، پرڪيئن سمجهايان هنن کي ته مان ڇو ٿي لکان.

هو نٿا ڄاڻن........ پر ڇا، مان ڄاڻان ٿي، ته مان ڇو ٿي لکان؟

⊙⊙

صائب! دو چيز مي شڪند حسنِ شعر را
تحسينِ نا شناس و سڪوتِ سخن شناس!
صائب! ٻه شيون شعر جي حسن کي ڇيجي پوري ٿيون رکن. هڪڙي: نا شناس جي واهه واهه ٻي: سخن شناس جي خاموشي.



# محمود – استاد اشفاق احمد ۽ مان

طارق عالم

هڪ ٻڌمت جي چوٽي آهي، 'برو نہ ڏسو!' 'برو نہ ڳالهايو!' 'برو نہ ٻڌو!' مون اهڙا ڊائڪوريشن پيس ڪن پڙهيل ڳڙهيل يا اڄ جي ٻوليءَ ۾ سول سوسائٽي جي گهراڻن جي سهڻن ڊرائينگ رومن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن ڪارنر ٽيبل تي رکيل ڏٺا آهن.

ان ڊائڪوريشن پيسن ۾ ٽي باندر قطار ۾ ويٺل نظر ايندا آهن. جنهن ۾ هڪ جي اکين تي، ٻيئي جي وات تي ۽ ٽئين جي ڪنن تي ٻيئي هٿ ڪتل آهن.

" جارج بش جي هن دور ۾ اسان مسلمان اديب، دانشور ۽ اسان جو عوام جنهن جديد گئس چئمبر ۾ مجموعن جي صورت ۾ مري رهيا آهيون، ان ۾ محمود مغل جا ڪالم بيشڪ تہ "خواب نگر" جهڙا ئي دلفريب آهن.

محمود، اسان جو اهو محبوب ليکڪ آهي، جيڪو ڪراچيءَ ۾ ٽيل ٻارهين مئي واري جليان والا باغ جهڙي انيڪ برائين کي ڏسڻ تہ پنهنجي جاءِ پر ان تي ڪجهہ برو ڳالهائڻ کان بہ پاڻ کي پاسيرو رکي، چوڌري پرويز الاهي ۽ ڊاڪٽر ارباب رحيم جي گوهر افشانين کي ٻڌڻ بجاءِ ٻنهي هٿن سان ڪن ڍڪي رکڻ کي اهميت ڏيندڙ ليکڪ آهي.

چو تہ هو برو نہ ڏسندڙ برو نہ ڳالهائيندڙ ۽ برو نہ ٻڌندڙ اديب آهي.

"هو پنهنجو قلم ڪيسي ۾ رکڻ بجاءِ هميشہ خواب نگر جي برف پوش پهاڙن ۾ موجود ڪنهن گليشيئر ۾ لڪائي رکندو آهي، ۽ فقط ڪالم لکڻ وقت گليشيئر تان قلم کي ڪڍي ونندو آهي.

محمود، ڳالهائڻ کان وڌي لکڻ کان وڌي ڪنگهڻ تائين نهايت مهذب ليکڪ آهي. هن غير مهذب معاشري ۾ جتي وانا ۽ وزيرستان ۾ پنهنجائي هٿ پنهنجن ئي سينن تي جديد هٿيارن سان نشان چٽي رهيا آهن.

جتي دنيا جي ذهن ترين ۽ اڄ جي عظيم ترين شهادت ماڻيندڙ ماءُ بينظير ڀٽو راولپنڊي جي لياقت باغ ۾ ٽارگٽ ڪلنگ جي نظر ٿي ويجي ٿي.

جتي ڪراچيءَ جهڙي ميٽروپوليٽشن شهر ۾ هر شريف ماڻهو غير محفوظ آهي. ۽ 'گل جي' جهڙو دنيا جو نامور ۽ معصوم مصور پنهنجيءَ پياري گهر واريءَ سميت خود ڪنهن دردناڪ اسڪلپچر جهڙو موت مري ويجي ٿو ۽ بلوچستان جي چيف سيڪريٽري ۽ سنڌ جي چاتل سچاتل ۽ ادبي دنيا ۾ عزت جي نگاهہ سان ڏٺي ويندڙ قلي بخش رند جو معصوم پٽ سمنڊ ڪناري پراسرار موت مري ويجي ٿو ۽ سنڌ جو سمنڊ پنهنجي ئي اولاد جي سفاڪاڻي قتل تي ٽڏا ساهہ پريندو رهي ٿو. ان غير مهذب معاشي ۾ محمود مغل جا، صاحبانِ عقل هنر جي لاءِ لکيل نصيحت ڀريا ڪالم محمود جي قلم جي همت ۽ حوصلي جا مرهون منت آهن.

مان جڏهن جڏهن بہ محمود جا ڪالم پڙهندو آهيان، تہ اهي ڪالم مون کي هن اڄ ڏي تيڏي معاشري ۾ ٽائٽينڪ جي ان آخري سين جهڙا لڳندا آهن. جنهن ۾ جهاز ٻڏڻ کان اڳ ڪئپٽن، جهاز جي عرشي تي ماڻهن جي دل وندرائيندڙ ميوزيشن کي مايوس ٿيڻ بجاءِ ميوزڪ وڄائڻ جو حڪم ڏيندو آهي ۽ ميوزيشن، زندگيءَ لاءِ واجهائي هيڏي هوڏي ڊوڙندڙ مسافرن وچ ۾ ساز وڄائڻ لڳندا آهن ۽ اوسين وڄائيندا رهندا آهن جيسين جهاز ٻڏي نٿو وڃي.

سلام آهي، محمود جي ان همت کي جو هيڏي نفسانفسي جو عالم ۾ بہ تدبر سان هو پنهنجو فرض نڀائي رهيو آهي. بيشڪ محمود جا ڪالم هن ٽائٽينڪ جهڙي ٻڏندڙ سماج ۾ اهي وڄايل وائلن آهن، جن کي هو پنهنجو ادبي ۽ معاشرتي فرض سمجهي نهايت خوش اسلوبي سان نڀائي رهيو آهي.

مرتضيٰ سيال، خواب نگر جي ڪتاب جي صفحي 'ٿ' ـ (هي ڪتاب سواءِ ٽائيٽل ۽ بئڪ جي، لي آئوٽ جي لحاظ کان باقي سمورو ڪنهن تعويذ جهڙو نظر اچي ٿو.)

سو مرتضيٰ سيال جي مضمون جي صفحن تي نمبر لکيل هئڻ بجاءِ 'الف ب'. لکيل آهي ۽ اهڙي طرح صفحي (ٿ) تي مرتضيٰ لکيو آهي: "منهنجي نظر ۾ محمود جي سيني کان منفرد حيثيت اها آهي تہ هو سنو ماڻهو آهي. هو ٻيئي جي مسئلي تي بہ ايترو ئي پريشان ٿي ويندو آهي، جيترو پنهنجي مسئلي تي. مون کي ڪٿي بہ مفاد پرست نظر نہ آيو آهي."

مان بہ مرتضيٰ سيال جي خيالن سان، سائين ظفر حسن چواڻي ڪي قدر 'سهمت' آهيان. مان بہ چوان ٿو تہ هو سنو ماڻهو آهي ۽ مان بہ محمود کي ٻين جي مسئلن تي ايترو ئي پريشان ٿيندي ڏٺو آهي، جيترو پنهنجي مسئلي تي، پر ڇا محمود پنهنجي مسئلي تي بہ فقط پريشان ٿيندو آهي يا ان جي حل لاءِ بہ پاڻ پتوڙيندو آهي!؟

باقي جيسين مفاد پرستيءَ جو ذڪر آهي تہ هيءَ دنيا تہ بيٺل ئي هڪ ٻئي جي مفادن جي اوساري تي آهي. سو مان ڪيئن چوان تہ محمود مفاد پرست ناهي.

منهنجو ادب ۾ روحاني استاد، اشفاق احمد آهي. استاد اشفاق به آخر انسان ئي هو انهيءَ ڪري ته هن پنهنجي هڪ آتم ڪٿائي ناول ۾ لکيو آهي ته هو اسپتال ۾ في سبيل الله رت جي ٿيلهي ڏيڻ کان پوءِ ان ٻانهن جو ڪف مٿي ڪري اڇي بانو قدسيه جي سامهون بيهي ٿو ته جيئن هوءَ سندس ٻانهن تي لڳل بينڊج کي ڏسي پڇي ته: "هي ڇا ٿيو آهي اشفاق؟" ۽ هو ٻڌائي سگهي ته اڄ مان رت جي ٿيلهي الله جي واٽ ۾ ڏئي آيو آهيان.

سو منهنجا ڀاءُ مرتضيٰ سيال، انسان ڏاڍو ويچارو آهي، قابل رحم آهي، هو جيڪو به ڪري ٿو الله جي خوشنودي حاصل ڪرڻ جي ناتي تي پنهنجي سورهيائي ڏيکارڻ لاءِ ئي ڪندو رهي ٿو. ڪي آگر ڪٿائي شهيد سڏائيندا آهن، ته لکن ڪروڙن مان ڪجهه سرڙيئي سوڀارا ٿيندا آهن.

استاد اشفاق احمد جو ناٽڪن ۾ ادبي استاد شيڪسپيئر هو ۽ روحاني استاد 'بابا لوڪ' ۾ هڪ عدد 'پيرجي' به رهيو. اشفاق، موچين، ريڊارن، پورهيتن کان فوڪ وزڊم حاصل ڪيو ۽ پنهنجن مسئلن جا حل 'پير بابا' کان حاصل ڪيائين.

" مون کي يقين آهي ته محمود جو ادبي استاد امرجليل آهي. روحاني استاد 'امان جيجي' محمود جي امڙ آهي ۽ جيئن ته محمود هڪ انتهائي مهذب خاندان سان تعلق رکندڙ فرد آهي. ان ڪري، سندس 'پير بابا' سواءِ الله جي ذات جي ٻيو ڪوبه نه هوندو.

استاد اشفاق احمد، تصوف جهڙي عميق کي ادب ۾ سولائيءَ سان پرتي ڇڏيو. سندس ڇواٽي هنَ 'ايڪ محبت سؤ افساني' جي نرسري جهڙن ناٽڪن کان وٺي 'منچلي ڪا سودا' جهڙي يونيورسٽي ليول جي ناٽڪن ۾ تصوف کي حيرت انگيز ڪاميابيءَ سان نڀايو ۽ آخر ۾ پاڻ PTV تي زاويه جي عنوان تي جيڪي ليڪچر ڏنائين سي ادبي دنيا جا شاهڪار ليکيا ويندا.

اشفاق کي الله تائين پهچڻ لاءِ ڦيريون وٺايو ٿيڻو پيو هو ۽ مان محمود کان معافي سان اجازت وٺي چوڻ جي جسارت ڪريان ٿو ته محمود وٽائي ٿيڻ کان اڳ الله تائين پهچڻ جي جستجو رکي ٿو. جيڪو بهرحال مون کي ناممڪن ٿو لڳي.

محمود ۽ مان ننڍپڻ جا دوست آهيون، مان جڏهن ڇوڏهن سالن جو ۽ محمود اڃا ڏهن سالن جو هو تڏهن به مان سندس گهر وڃي هن جي ته ڦيٽي سائيڪل جي پوئين گديءَ تي ويهي رهندو هوس ۽ محمود هينڊل پڪڙي پيڊل هلائيندي مون کي ڪوارٽر A/16 جي ڪاريڊور ۾ گهمائيندو هو. اهڙيءَ طرح محمود ڪالهه به مون کي ليڊ ڪندو هو اڄ به مون کي ليڊ ڪري رهيو آهي. هو ادب جو اهو شهسوار آهي، جنهن وٽ پنهنجو ڊڪشن آهي، پنهنجا موضوع آهن.

هو نه فقط ادبي دنيا ۾ مون کان هر گهڙي به وکون اڳتي رهيو آهي، پر دنياداري جي سموري صحتمند روايتن ۾ مون کان سوڀارو رهندو آيو آهي. مان استاد اشفاق احمد وانگر تصوف جي ٻوليءَ ۾ ملامتي ڪردار آهيان، پر محمود منهنجي ابتڙ ۽ اُتم آهي.

مون محمود کان زندگيءَ ۾ ڪڏهن به ڪجهه نه ورتو آهي، سواءِ ننڍپڻ ۾ سندس ته ڦيٽي سائيڪل جي ڦيرن جي، ۽ سياڻي به محمود کان ڪجهه وٺڻ نه چاهيندس، پر منهنجي هڪ خواهش آهي ته آخر جڏهن مظهر الحق صديقي صاحب يونيورسٽي جي وائيس چانسلريءَ تان رٽائرڊ ٿيندو ته نيٺ ان ڪرسيءَ تي مان محمود کي ويٺل ڏسڻ چاهيندس. مان تڏهن به هن کان ڪجهه نه چاهيندس. ڇو ته ان وقت مان هيءَ دنيا ڇڏي چڪو هوندس ۽ هونءَ به دوستن کي آزمائش ۾ وجهڻ کان بهتر آهي ته ماڻهو دنيا ڇڏي هليو وڃي.

آخر ۾ منهنجي محمود کي هڪ نماڻي گذارش آهي ته، جڏهن به هو ڪنهن مسند تي پهچي، ته جنرل ضياءَ جي دؤر ۾ ڊان اخبار ۾ ڇپيل ان تصوير وانگر پنهنجو رويو بلڪل نه رکي، جنهن ۾ جنرل ٽڪا خان جو پرسنل سيڪريٽري، ايئر پورٽ تي ٽڪا خان جي ڪلي ويل کهي ٻڌي رهيو هو.

مان اُميد رکان ٿو ته وڏي ماڻهو ٿيڻ کان پوءِ، محمود پنهنجي بوٽ جي کهي جيڪڏهن ڪنهن ايئرپورٽ تي کلي وڃيس ته ڪنهن پرسنل سيڪريٽري کان ٻڌائڻ بجاءِ پاڻ ٻڌي ڇڏيندو.

(محمود مغل جي ڪالم ڪتاب ”خواب نگر“ جي مهورت تي لکيل تقرير)


BENAZIR ONLINE




بينظير آئيگي،
روزگار لائيگي

www.benazironline.net

بينظير آن لائن ارننگ ريسورس سينٽر پاران بيروزگارن، شاگردن، شاگردياڻين، رٽائرڊ ملازمن، گهرو عورتن ۽ ٻين سيني لاءِ گهر ويٺي روزگار جو شاندار موقعو. انٽرنيٽ تان لکين رپيا مُفت ڪمايو اوهانجي مددگار هاڻ ئي ويب سائيٽ وزٽ ڪريو ۽ SMS ڪري دوستن کي ٻڌايو.

www.benazironline.net

هالينڊ جي ٽريول ڊائري



# Organized Confusion

نياز نديم



**خبر** نہ اٿم تہ ڪڏهن کان اهو شوق پاليل آهي، پر جڏهن کان هوش سنڀاليو اٿم، مون کي هميشہ سفر جي تات پئي رهي آهي، البتہ زندگيءَ جي ٻين خواهشن وانگر اها خواهش بہ ڪڏهن وقت سر پوري نہ ٿي آهي ۽ هر خوشيءَ جيان سفر جون اڪثر خوشيون بہ دير سان ئي نصيب ٿيون آهن. ان جي باوجود مان انهن ماڻهن مان ناهيان جيڪي شڪايتن جا انبار کڻي پيا گهمندا آهن. مون کي ڪنهن بہ خوشيءَ کان ڪڏهن دير سان ملڻ جي شڪايت نہ رهي آهي، چاهي اها ڪيترو بہ دير سان ڇو نہ ملي هجي. بين الاقوامي سفر جي خواهش بہ گذريل سال تائين منهنجي اهڙين ئي اڌورين خوشين ۾ شامل هئي. مون کي منهنجي ”سرڪار“ (جتي مان نوڪري ڪندو آهيان) کان اها نويد تہ 2006ع جي وچ ڌاري ئي ملي چڪي هئي تہ مان هڪ سرڪاري دوري تي ٽيولپس جي ملڪ هالينڊ وڃي رهيو آهيان. پر ان سفر کي ساپيان ٿيندي بہ هڪ سال گذري ويو. جڏهن جون جي مهيني ۾ اها خبر اڳواٽ ئي هالينڊ جي گاديءَ واري شهر ايمسٽرڊيم ۾ پڙهندڙ راولپنڊيءَ جي دوست صولت کي ٻڌايم تہ سندس فوري جواب اهو هو تہ ”هي هالينڊ ئي نہ پر يورپ گهمڻ لاءِ سال جو بهترين وقت آهي. جڏهن اسان جهڙن گرميءَ جي ستايلن لاءِ نہ اهو وقت گهڻو ٿڌو يعني ناقابلِ برداشت آهي ۽ نہ ئي گهڻو گرم.“ صولت چواڻيءَ تہ هي آئيڊيل وقت هوندو. سندس اِي

ميل جي آخر ۾ ايمسٽرڊيم لاءِ لکيل هو "Welcome to the Sin City"، يعني گناهن جي شهر ڏانهن ڀليڪار.

4 جون جي ڪچڙي صبح جو جڏهن اجا سج جا ڪرڻا بہ ظاهر نہ ٿيا هئا، تڏهن صبح جو ڇهين وڳي شيفول جي ايئرپورٽ تي لينڊ ڪرڻ ڪان پوءِ اسان جي پهرين منزل گناهن جو شهر ايمسٽرڊيم نہ پر هيگ هو جيڪو سرڪاري طور هالينڊ يا نيڌرلينڊ جي گاديءَ جو هنڌ آهي ۽ ڊچ زبان ۾ ان شهر جو نالو "ڊين هاگ" وڌيڪ مشهور آهي. اسان جا ميزبان ليو اسپانس (Leo Spance) ۽ انگرڊ هيبٽ (Ingrid Habet) پنهنجي ننڊ ڦٽائي، اسان کان اڳ ئي ايئرپورٽ تي پهچي چڪا هئا، پر اها ڳالهہ اڳ ۾ ئي طئي ٿيل هئي تہ اهو سڄو ڏينهن آرام بجاءِ ڪم جو هوندو. ڇاڪاڻ تہ اسان جي ميزبانن کي اهو خيال هو تہ جيئن تہ هي صرف هڪ هفتي جو ٽوئر آهي، ان ڪري وڌ کان وڌ اهو مقصد حاصل ڪجي، جنهن لاءِ اسان آيا آهيون. اسان جي دوري جو مقصد هالينڊ جي سياسي نظام ۽ خاص طور تي سياسي جماعتن جي ڪم ڪار ۽ انتظام ڪاريءَ بابت معلومات حاصل ڪرڻ هو. ان جو انتظام منهنجي اداري يعني نيشنل ڊيموڪريٽڪ انسٽيٽيوٽ (اين ڊي آءِ) ڪيو هو. جڏهن تہ مالي مدد هالينڊ جي سرڪار اسلام آباد ۾ پنهنجي سفارتخاني وسيلي ڪئي هئي. مون کي ۽ منهنجي ساٿيءَ کي گروپ جي سرواٽي ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو هو. جڏهن تہ وفد جا اصل پانڌيڙا پاڪستان جي مختلف سياسي جماعتن جا اٽڪل 14 نمائندا هئا، جيڪي پارٽين جي نوجوانن ۽ عورتن وارن شعبن مان چونڊيا ويا هئا.

هيگ جي بادشاهي محل جي ڀريان هڪ نج روايتي انداز جي يورپي گهٽيءَ ۾ واقع اسان جي رهائش واري "پارڪ هوٽل" ۾ پهچڻ کان هڪ ڪلاڪ پوءِ اسان کي پنهنجي مصروفيتن جو باقاعده آغاز ڪرڻو هو. اٽڪل 18 ڪلاڪن جي سفر (جيڪو وقت جي تفاوت سان اٽڪل 24 ڪلاڪ ٿيو وڃي) کان پوءِ اسان جو پهريون دلچسپ تجربو سڄي گروپ کي هوٽل جي لابيءَ ۾ گڏ ڪرڻ هو، ڇاڪاڻ تہ اسان جي ميزبانن "يورپي وقت" مطابق مصروفيتون طئي ڪيون هيون، پر اسان جو سمورو گروپ "پاڪستان جي معياري وقت" (يعني هر ڪم ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڪلاڪ دير) جو عادي هو. اڌ ڪلاڪ جي جستجوءَ کان پوءِ اسان وڏيءَ مشڪل سان گروپ جي سمورن ميمبرن کي ڪٺي ڪيو. ايئن مون کي هن گروپ جو نالو "Organized Confusion" رکڻ ۾ گهڻي دير بلڪل نہ لڳي. هونئن تہ هي اسان جي هوٽل واري گهٽيءَ ۾ هڪ دڪان جو نالو هو پر مون اهو نالو پنهنجي گروپ کي ان ڪري ڏنو جو اسان مان هرڪو ڪنهن نہ ڪنهن Confusion جو شڪار هو. ڪنهن جي ڪئميرا ڪمري ۾ رهجي وئي هئي تہ ڪنهن جو موبائل گم ٿي چڪو هو. ڪنهن خاتون هيگ پهچندي ئي پاڪستاني لباس وساري مڪمل يورپي خاتون نظر اچڻ جي

پرپرو ڪوشش ٿي ڪئي تہ ڪنهن وري اتي بہ "نقاب ڪشائي" ڪان نابري واري
چڙي ڪو همراهہ سڄو يورپ گهميل هجڻ جي دعويٰ ڪندي ڪنهن بہ ضابطي ڪان
پاڻ کي آجو سمجهڻ لڳو تہ ڪو وري فوراً "ڪلچرل شاڪ" جو شڪار ٿيو. مٿان وري
اسان جي ڪوشش تہ هي گروپ باقاعده منظم رهي، تہ جيئن دوري جو مقصد حاصل
ٿي سگهي. ان پس منظر ۾ گروپ کي Organized Confusion وارو نالو ڏيڻ نہ
صرف سمورن پاڪستاني ميمبرن کي وڻيو پر اسان جي ميزبان دوستن بہ ان کي خوب
انجواءِ ڪيو ۽ باقي ڏينهن گروپ کي ان ئي نالي سان سڏيندا رهيا. '


هيگ ۾ هڪ طرف اسان نان اسٽاپ ملاقاتون شروع ڪيون تہ ٻئي طرف ذاتي
طور مون ۽ سيني ميمبرن جمعي جي ڏينهن جو شدت سان انتظار ڪرڻ شروع ڪيو.
ڇاڪاڻ تہ ان ڏينهن اسان کي پنجن ڏينهن جي "سرڪاري" مصروفيتن ڪان پوءِ هيگ
ڇڏي، "گناهن جي شهر" ايمسٽرڊيم وڃڻو هو. جتي واندڪائيءَ جو (صرف) هڪ
ڏينهن اسان جو انتظار ڪري رهيو هو. منهنجي ذهن ۾ عشق کي ڪم سمجهڻ ۽ ڪم
کي عشق سمجهي ڪرڻ وارو نظريو هو. تنهن ڪري جيئن مون سرڪاري مصروفيتن
کي ڪم سان عشق سمجهي پئي ڪيو. تيئن ايمسٽرڊيم کي گهٽي ڪان گهٽو گهمڻ
واري عشق کي بہ هڪ انتهائي اهم ڪم پئي سمجهيم.

ان عشق ۽ ڪم واري جنون ۾ هڪ طرف اسان جو سڄو سڄو ڏينهن هڪ سياسي
پارٽيءَ ڪان ٻيءَ سياسي پارٽيءَ جي آفيس تائين ميٽرو بس، ٽرام، ٽيڪسين ۽ ڪڏهن
ڪڏهن پنڌ ڪندي ٿي گذريو تہ وري شامون ۽ راتيون هيگ کي ويجهي ڪان ڏسڻ ۾ پئي



لنگهيون. مٿان وري سون تي سهاڳو اهو ٿيو جو اتي اڌ رات گذري وڃي، پر سج اجا بيٺو هجي. مون هيگ ۾ آوارگي ڪندي، رات جو 12 وڳي به سج لهندي ڏٺو. رات جو دير سان سمهڻ ۽ وري صبح جو سوير اُٿڻ سبب مون ننڊ جي قرباني ته ڏني پئي، پر انهن وقتن ۾ مون کي هيگ شهر کي ويجهي کان ڏسڻ جو زبردست موقعو مليو هو. خاص طور تي وزيراعظم هائوس ۽ پارليامينٽ جي پويان گذرندڙ هڪ وسيع ڪئنال ۽ ڪئنال جي ڪناري وارو واڪنگ ٽريڪ هر روز سج اُبرڻ کان اڳ ئي ڏسڻ نصيب ٿيندو هو. صاف سٿري فضا ۾ ڪئنال جي ڪناري تي هنڌ هنڌ هالينڊ جي قومي هيروز ۽ اڳوڻن حڪمرانن جا مجسما ڄڻ مون سان ڳالهيون ڪندا هئا. وزيراعظم هائوس ۽ پارليامينٽ هائوس جيتوڻيڪ تاريخي عمارتون هجڻ سان گڏ هن وقت به ملڪ جون اهم ترين عمارتون آهن، پر اهي عام ماڻهن لاءِ نوگو ايرياز نه آهن. اتي ڪو به ماڻهو ڪڏهن به وڃي سگهي ٿو. منهنجي صبح جي واڪ دوران انهن ٻنهي عمارتن جي پوئين حصي جا پاڻيءَ ۾ لهرائيندڙ عڪس تمام خوبصورت پاسندا هئا.

هيگ ۾ گذاريل هونئن ته سڀ شامون زندگيءَ جي يادگار شامن مان آهن، پر مون کان اها شام نه ٿي وسري سگهي، جڏهن اسان سيني گروپ ميمبرن پنهنجي ميزبان ليو اسپانس تي سندس گهر وڃڻ جي "دعوت" مڙهي. ليو ويچارو اسان کي اهو ٻڌائي ڦاسي ويو ته سندس فليٽ هيگ جي خوبصورت ترين بيچ تي آهي. اسان جو سمورو گروپ خاص طور تي گروپ ۾ شامل خواتين جيڪي ڪافي ڏينهن کان ڦڪا ۽ اڌ ڪچا اڌ پڪا کاڌا کائي نه صرف بيزار ٿي پيون هيون، پر شديد احتجاج به رڪارڊ ڪرائي چڪيون هيون، تن جو ضد هو ته اهي نه صرف ليو جي گهر House Warming پارٽي ڪنديون، پر اتي پنهنجيءَ پسند جا پاڪستاني کاڌا به پچائي کائينديون. ليو ويچارو جيڪو خاص يورپي مزاج وارو "ڇڙو" رهندڙ مرد آهي، اهو خيال ٻڌي پريشان ٿي ويو. ڇاڪاڻ ته سندس گهر ۾ ته 15 ڄڻن جي ماني پچائڻ واري هڪ ديگڙي به ناهي. خير مهمان نوازيءَ بابت اسان جي تبليغ ٻڌي، آخر ليو گهر ۾ دعوت ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو پر هڪ خاتون جي سندس گهر کي پاڪستاني بورچيخانو بڻائڻ واري خيال کان لنوائي ويو. تنهن هوندي به ليو اسان مردن لاءِ وافر مقدار ۾ پيئڻ جو بندوبست ڪري ڇڏيو ۽ پاڪستاني خواتين صرف پيئاڪن کي ڏسي، اڻ پيتي جي نشي ۾ مبتلا ٿي رهيون. هڪ خاتون ته "اڻ پيتي" جي نشي ۾ ايتري ٽُن هئي، جو انتاڪشريءَ واري طرز جو گانن جو مقابلو ڪندي، هڪ ڇوڪري سان گڏ ڊانس ڪرڻ لاءِ به تيار ٿي وئي. اسان سڀ پيئڻ ۽ انتاڪشريءَ مان واندا ٿي، سمنڊ ڪناري نڪري پياسين. رات جو ڏهين وڳي سمنڊ تي ٽپهريءَ جهڙو منظر هو ۽ اسان ميٺائي تهه واري صاف پاڻيءَ ۾ ڪافي دير تائين سج جو لهرائيندڙ پاڇو ڏسندا رهياسين، سج لهڻ وقت جڏهن اُتان جي وقت مطابق اڌ رات ٿي چڪي هئي، تڏهن ليو




اسان کي هڪ انوکي چائنيز ريسٽورنٽ تي وٺي ويو. هن ريسٽورنٽ جي خاص ڳالهه اها هئي ته پنهنجيءَ پسند جو کوبه حلال يا حرام گوشت، مڇي ۽ سبزي چونڊيو. پليٽ ۾ وجهي بورچي وٽ کڻي وڃو ۽ پنهنجي مرضيءَ سان ان کي پچرايو. مزي جي ڳالهه اها ته ان ريسٽورنٽ ۾ مانيءَ جو اگهه 50 يورو مقرر ٿيل هو پر کاڌي جي مقدار جي ڪابه پابندي نه هئي. ان پيڪيج سان گڏ هڪ ڏنڊ به رکيل هو ته جنهن جي پليٽ ۾ کاڌو بچيل هوندو اهو 300 يورو ڀريندو. جيتوڻيڪ اسان مان ڪنهن به 300 يورو ڀرڻ جي ڊپ کان ڪابه رسڪ نه ڪنئي، پر پنهنجي مرضيءَ سان پچرائڻ واري آزاديءَ جو ڀرپور فائدو ورتو ۽ گروپ جي خواتين جي پاڻ پچائڻ واري خواهش به ڪنهن حد تائين پوري ٿي.

اسان هالينڊ جي پاڪستاني سفارتخاني ۾ هڪ مانجهاندي جو بندوبست به ڪيو هو ۽ اسان جي پياري ملڪ جي سفارتخاني جي انتظاميه "يورپي" آدابن جو احترام ڪندي، اسان کان مانجهاندي جي مانيءَ جو بل ڀرايو. ان مانجهاندي جي سٺي ڳالهه صرف پاڪستاني کاڌو هو جنهن جي سڪ ۾ اسان جي گروپ جا ميمبر بکون ڪاٽي رهيا هئا.

يورپ ۾ جنهن ڏينهن سج نڪتل هجي، ان کي انتهائي خوبصورت ڏينهن سمجهيو ويندو آهي. اهڙي ئي هڪ خوبصورت ڏينهن ۾ اسان جڏهن سياسي جماعتن جي هڪ هيڊ ڪوارٽر کان ٻئي هيڊ ڪوارٽر ڏانهن سفر ۾ هئاسين، تڏهن اسان جي ميزبان دنيا جي ٻن مشهور ترين ۽ معتبر ادارن Peace Palace ۽ انصاف جي عالمي عدالت جو پري کان ديدار ڪرايو. اسان انهن ٻنهي عالمي شهرت وارين عمارتن کي اندران ڏسڻ ۽ انهن جي ڪم ڪار کي سمجهڻ جي خواهش ڏيکاري، پر وقت گهٽ هجڻ ۽ انهن عمارتن جو اسان جي دوري سان ڪو سڌو تعلق نہ هجڻ سبب اهو ممڪن نہ ٿي سگهيو. اسان جن پارٽين جي مرڪزي آفيسن جا دورا ڪيا، انهن ۾ هاڻوڪي حڪمران جماعت ڪرسچين ڊيموڪريٽڪ پارٽي، پيپلز پارٽي فار ڊيموڪريسي اينڊ فريڊم ۽ ليبر پارٽيون شامل هيون. اڄڪلهہ تيزيءَ سان اُڀرندڙ پارٽي سوشلسٽ پارٽيءَ وارن سان ڪوشش باوجود ملاقات نہ ٿي سگهي. انهن پارٽين جي مرڪزي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن خاص طور تي يوٿ ونگز ۽ وومين ونگز سان تفصيلي ملاقاتون ٿيون. هالينڊ جي سياسي پارٽين ۽ سياسي نظام بابت انهن ملاقاتن جي روشنيءَ ۾ ڪجهہ خاص ڳالهيون سکڻ ۽ سمجهڻ جو موقعو مليو.

❖ هالينڊ گهڻين پارٽين واري جمهوري ملڪ (Multiparty Democracy) طور سڄيءَ دنيا ۾ مشهور آهي. آبادي گهٽ ۽ پارٽيون گهڻيون هجڻ سبب ڪنهن بہ پارٽيءَ کي ڪڏهن ڪا واضح اڪثريت ورلي ئي ملندي آهي، تنهن ڪري هتي اڪثر ڪري هڪ پارٽيءَ جي نہ پر اتحادي حڪومتون ٺهنديون آهن. اسان جي ملڪ جي اُبتڙ هتي اليڪشن کان اڳ واريون هڪ ٻئي جون دشمن جماعتون حڪمران اتحاد ۾ گڏ ملنديون. ڪڏهن ڪڏهن اهي حڪومتون اختلافن جو شڪار ٿي ٽُٽيو وڃن ۽ نئين اليڪشن ٿئي، پر ڪڏهن بہ جمهوريت پٽڙيءَ تان نہ لهي. اسان سيني پارٽين کان اهو سوال ڪيو تہ اها ڪهڙي جمهوريت آهي، جو اوهان گڏ نہ هلي سگهو ۽ نئين اليڪشن ٿئي؟ هنن جو جواب اهو هو تہ "اسان ان کي پنهنجي جمهوريت جي خوبصورتي سمجهون ٿا، ڇو تہ اسان وٽ اختلافن جو حل مارشل لا نہ پر وڌيڪ جمهوريت آهي." دراصل هنن کي خبر هئي تہ هي پاڪستاني وفد آهي!

ملٽي پارٽي ڊيموڪريسيءَ واري خاصيت تي سمورين پارٽين کي نہ صرف فخر آهي، پر سندن وچ ۾ رابطو ۽ تعاون حيران ڪندڙ آهي. انهن پارٽين سرڪار جي مدد سان هڪ Netherlands Institute of Multiparty Democracy (NIMD) قائم ڪيو آهي، جنهن وسيلي سڄيءَ دنيا ۾ سياسي جماعتن کي پارٽين وچ ۾ تعاون وڌائڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. اسان اهو بہ ڏٺو تہ هڪ پارٽيءَ جي يوٿ ونگ جا ڪامريڊ نظرياتي طور پنهنجيءَ سخت مخالف پارٽيءَ جي مرڪزي آفيس ۾ بہ اسان کي بريفنگ ڏيڻ آيا.

سموريون پارٽيون انتهائي منظم آهن ۽ هر پارٽيءَ وٽ هڪ مڪمل آفيس جو ڏيک ڏيندڙ هيڊ ڪوارٽر آهي، جتي سڄو سال بنا وقفي جي پارٽيءَ لاءِ ڪم ٿيندو رهي ٿو. هر پارٽيءَ وٽ مختلف شعبا خاص طور تي ٿنڪ ٽينڪ، تحقيق، رابطي ۽ مهم جا شعبا آهن، جتيٰ ڪئين ملازم سڄو سڄو سال ڪم ڪندا رهن ٿا. پارٽين جي اندر مڪمل جمهوريت ۽ فيصلن ۾ ووٽرن توڙي ميمبرن جي راءِ شامل هوندي آهي. هر ماڻهوءَ جو ڪم، ذميوارين ۽ فرض ورهايل آهن ۽ هر ماڻهو سياسي پارٽيءَ جي ڪم کي مڪمل ايمانداريءَ سان ادا ڪري ٿو.

هتان جي سياسي پارٽين کي حڪومت طرفان سندن ووٽن جي حساب سان ڪافي رقم امداد طور ملي ٿي، جيڪا بين الاقوامي معيار مطابق سڄو سال پارٽيءَ جا خرچ پرڻ لاءِ ڪافي آهي. ان کان سواءِ پارٽيون پنهنجن وسيلن مان به فنڊ گڏ ڪن ٿيون. ان ڪري هر ميمبر ۽ هر ووٽ هر پارٽيءَ لاءِ انتهائي اهم آهي ۽ سياسي ڪارڪن جي قيمت گهڻي آهي.

چونڊن دوران سڀ جماعتون مهم هلائڻ جا نوان نوان طريقا ايجاد ڪن ٿيون ۽ مهم هميشه اشوز جي بنياد تي هلي ٿي. گذريل اليڪشن ۾ هاٿوڪي وزيراعظم کي ”هيري پوٽر“ جو هم شڪل هجڻ سبب تمام گهڻي شهرت ملي.

جيتوڻيڪ نوجوانن ۽ عورتن کي هر پارٽيءَ ۾ اهم ڪردار مليل آهي، پر پوءِ به عورتن جي سياسي شرڪت لاءِ ڪيترائي چئلينج موجود آهن، جيڪي ڪجهه هنڌن تي ته اسان جي ملڪ کان مختلف ناهن.

هر پارٽيءَ وٽ پنهنجي پنهنجي ”برانڊ“ جون شيون آهن، جيڪي نه صرف سندن ميمبرن پر عام ماڻهن ۾ به مشهور آهن. اسان کي اتان جي پيپلز پارٽي (سوشل ڊيموڪريٽڪ) جو اهو انداز وڻيو جو اهي هر ماڻهوءَ کي گلاب جي گل جو ٻج جيڪو وڻن نندين ڀُڙين ۾ پارٽيءَ جي نالي سان موجود آهي، اهو تحفي ۾ ڏين ٿا. مون پنهنجي پراڻي مشغلي طور هر پارٽيءِ وٽان سندن پارٽيءَ جون سووينيئر بال پوائنٽون گهڻي تعداد ۾ گڏ ڪيون.


بهرحال 8 جون جمعي جي شام جو آخر اهو وقت اچي ويو جنهن جو اسان سيني کي بيچينيءَ سان انتظار هو ايمسٽرڊيم ۾ آزاديءَ جو هڪ ڏينهن! اسان ڊين هاگ ۾ سڄو هفتو سياسي پارٽين، سياسي نظام، سياسي تعاون، عورتن ۽ نوجوانن جي ڪردار بابت گهڻو ڪجهه سکيو ۽ گڏوگڏ مون ۽ ڪجهه ٻين دوستن سموريون شامون يورپ جي مشهور هينيڪن بيئر جي خمار ۾ گذاريون. اسان جي سموري گروپ کي ايمسٽرڊيم جو انتظار ان ڪري هو جو هڪ ته اسان سيني کي بنا ڪنهن مصروفيت جي به راتيون ۽ ڇنڇر جو ڏينهن واندڪائيءَ جو ملي رهيو هو. ٻيو ته ايمسٽرڊيم جي هن ڪئنالن، ميوزيمن ۽ دنيا جي سيني کان وڏي بازارِ حُسن واري شهر بابت اسان

گهٽو ڪجهه ٻڌو هو. اسان کي گهٽو ڪجهه گهمٽو هو. هي دنيا جو واحد شهر آهي، جتي ڪنهن به قسم جي نشي ۾ ٻرگس تي ڪا پابندي ناهي. مون پنهنجي پاڪستاني دوست صولت نذير کي اڳواٽ اطلاع ڪيو هو ۽ هو راولپنڊيءَ ۾ اسلام آباد جي رولاڪ ڏينهن ۾ راتين جو ساٿي هجڻ ناتي ٻن ڪلاڪن جو هوائي سفر ڪري، فرانس مان ايمسٽرڊيم پهتو هو. جڏهن ته ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ڪيس وري واپس وڃٽو هو. هونئن ته هو ايمسٽرڊيم ۾ پڙهي رهيو هو پر ان وقت هو ڪنهن اهم ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ فرانس ويل هو ۽ سندس ايئن اچڻ اسان جي دوستيءَ جو ناز اجا به وڌائي ڇڏيو.

شهر جي مرڪزي هنڌ ڊيم اسڪوائر جي پويان ڪٻي پاسي جي مصروف ترين اسپوئي اسٽريٽ جي سٽي سينٽر هوٽل جي لابيءَ ۾ صولت اڳواٽ منهنجو انتظار ڪري رهيو هو. "وقت گهٽ مقابلو سخت" واري مجبوريءَ جي پيشِ نظر سامان هوٽل جي ڪمري ۾ اُڇلايوسين ۽ رولاڪيءَ تي نڪري پياسين. صولت منهنجي لاءِ فرينچ وائين جون ٽي بوتلون به تحفي طور کڻي آيو هو جن مان ٻن کي اسان رستن تي رلندي ئي حلال ڪري ڇڏيو. هونئن ته سڄو ملڪ هالينڊ سمنڊ کان زوريءَ کسيل (Reclaimed) زمين تي مشتمل آهي، پر ايمسٽرڊيم جي خاص ڳالهه اها آهي ته هن شهر ۾ 16 ڪئنال آهن، جيڪي سڄي شهر جي هر پاڙي مان گذرن ٿا ۽ انهن ۾ سمنڊ جو اهو پاڻي وهندو رهي ٿو جنهن کي جيڪڏهن انهن ڪئنالن ۾ نه وهايو وڃي ته اهو شهر به ٻوڙي سگهي ٿو. چون ٿا ته هي ملڪ هونئن به هڪ وڏيءَ ٻوڏ جي خطري ۾ آهي ۽ حيران ڪندڙ منصوبابنديءَ تحت سڄي ملڪ کي نه صرف انشوئر ڪرايو ويو آهي، پر هن ملڪ جي آباديءَ برابر هڪ هنڌ تي هڪ وڏو جزيرو به خريد ڪيو ويو آهي، جتي ڪنهن به وقت سڄي ملڪ جي آباديءَ کي شفٽ ڪري سگهجي ٿو.

فرينچ وائين جا خمار اسان جي ذهنن تي اجا طاري نه ٿيا هئا ۽ هلڪي هلڪي برسات تيز ٿيندي پئي وئي. صولت ۾ مان هڪ طرف اسلام آباد کي ياد پئي ڪيو جنهن جي ياد ۾ صولت هوم سڪ محسوس ٿي رهيو هو ته ٻئي طرف هو يورپ جي رنگينيءَ جا قصا به ٻڌائي رهيو هو. هڪ ڪئنال جي پُل پار ڪنديءَ ٻي تائين پهچندي ۽ ٻيءَ پُل کان نڪري ٽئين رستي تي چڙهندي، هن مون کي شهر جي ريلوي اسٽيشن، جتان سڄي يورپ جي سواري ملي ٿي، ڏيکاري، جيڪا يورپ جي پراڻين عمارتن مان هڪ مشهور عمارت آهي. هن مون کي ڪئنالن اندر قائم ڪئين وڏا وڏا ريسٽورنٽ به پري کان ڏيکاريا، جن جي اسان ڪافي فوٽوگرافي به ڪئي. اسان جي آخري منزل هن شهر ۾ قائم دنيا جي وڏي ۾ وڏي ريڊ لائيٽ ڊسٽرڪٽ هئي، جتي اسان مختلف گهٽين ۾ قائم هر نسل، هر رنگ، هر عمر، هر جنس ۽ هر نموني وارين عورتن جون بازارون ڏٺيون ۽ جسمن جي هن ڪاروبار کي ويجهي کان محسوس ڪيو. هونئن

تہ اسان بي خوف گهمي رهيا هئاسين، پر اسان جي گروپ جا ئي ڪجهه دوست جڏهن انهن ٽِي گهٽين ۾ گهمندي مليا تہ اسان پهرين هڪٻئي کان اکيون چورائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پوءِ سامهون ايندي ئي هڪٻئي کي اهي وضاحتون ڏنيون تہ "اسان بس گهمڻ ۽ ڏسڻ آيا آهيون." انهن مان هڪ دوست صبح جو سچي ڪندي ٻڌايو تہ هو رات جو ٽي سئو يورو (تقريباً پاڪستاني 25 هزار) کپائي موٽيو هو ۽ هاڻ وٽس صرف وڃي 10، 15 يورو بچيا هئا. اسان اڌ رات جو هوٽل واپس پهتاسين ۽ منهنجي ذهن ۾ سڄي رات هن شهر جون سڀ رنگينيون رقص ڪنديون رهيون. خاص ڪري ريڊ لائيٽ ڊسٽرڪٽ ڏسي، صولت جي اها ڳالهہ درست لڳي تہ هي گناهن جو شهر آهي.



ايندڙ ڏينهن اسان وٽ واحد ڏينهن هو ۽ ايجنڊا تي گهمڻ لاءِ ڪيتريون جڳهيون! گروپ جي اڪثريت جو خيال هو تہ اسان کي هڪ ٻيڙيءَ ۾ ويهي، سڄي شهر جو ٽوئر ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ ان ٽوئر سان اٽڪل 16 ڪئنالن مان گذرندي نہ صرف سڄو شهر ڏسي وٺنداسين، پر "ڪئنال ٽوئر" نہ ڪرڻ واري عمر ڀر جي پڇتاءَ کان بہ بچي پونداسين. منهنجي ذهن ۾ وري شهر جا اٽڪل 46 ميوزيم ۽ آرٽ گئلريون ڦري رهيون هيون، پر پهرئين آپشن کي بہ ڇڏي نہ ٿي سگهيس. سو سڀني جي فيصلي کي مان ڏيندي، اسان هڪ ٻيڙيءَ ۾ چڙهياسين. سفر شروع مس ٿيو تہ هلڪي هلڪي اُس سان گڏ هلڪي بارش بہ شروع ٿي وئي. ٻيڙيءَ جا شيشن وارا ڍڪڻ مٿان کان بند ٿيا ۽ هڪ ٽيپ هلڻ شروع ٿي. ڊچ ۽ انگريزي زبانن ۾ هر ڪئنال جو نالو ان جي اهميت، ان جي ڪاهي ۽ ساڄي پاسي جي عمارتن ۽ علائقن، پُلين مطلب تہ هر پهلوءَ جي تعارفي ۽ تاريخي وضاحت ڪئي پئي وئي، جنهن ٽوئرازم جو عاليشان نمونو پيش پئي ڪيو. اٽڪل ڏيڍ ڪلاڪ جي هن ٽوئر ۾ اسان کي هن شهر جي تاريخ ۽ اهميت بابت ڪافي معلومات ملي. واپسيءَ ۾ اسان مان ڪجهه دوستن ڊيم اسڪوائر تي موجود مادام تساؤ ميوزيم جو سير ڪيو. هونئن تہ لنڊن جو مادام تساؤ ميوزيم مشهور آهي، پر هن ميوزيم ۾ پڻ مونا ليزا جي مجسمي کان نيلسن منڊيلا تائين دنيا جي عظيم شخصيتن جا ميڻ جا مجسما ڏسڻ واقعي هڪ حيرت انگيز تجربو هو. هر مجسمو ڇڻ جيئرو جاڳندو انسان ۽ ايئن پئي لڳو تہ ڄاڻ اهي


شخصيتون اسان سان ڳالهائڻ شروع ڪنديون. مون ٻه ڪئين شخصيتن جي مجسمن سان گڏ تصويرون ڪيرايون، جيڪي ميوزيم گهمڻ لاءِ ايندڙ هر ماڻهو ڪيرائيندو نظر ٿي آيو.

ميوزيم مان ٻاهر نڪتاسين ته تيستائين منجهند ٿي چڪي هئي ۽ ڊيم اسڪوائر تي ماڻهن جا هجوم هئا. هي هڪ خاص يورپي شهر جو مرڪز هو جتي هڪ طرف سوشلسٽ پارٽيءَ طرفان فلسطينين جي حق ۾ اسرائيل خلاف مظاهرو ٿي رهيو هو ته ان جي پويان هڪ مداري ڪرتب ڏيکاري رهيو هو. احتجاجي مظاهري ۾ هڪ ڪنسرٽ جيان ڪامريڊ ڳائڻا انقلابي گيت ڳائي رهيا هئا ۽ پارٽيءَ جا ليڊر خطاب ۾ اسرائيل سان گڏ پنهنجي حڪومت جي به مذمت ڪري رهيا هئا، جيڪا فلسطينين جي ڪليل حمايت نه پئي ڪري. ان کان سواءِ فقيرن جو به هڪ وڏو تعداد پنڻ ۾ مصروف هو. ڪجهه فقير وري ڳائي وڄائي پني رهيا هئا. ڊيم اسڪوائر ان ڏينهن هڪ پوري مصروف دنيا پئي لڳو. مون ڪجهه دير نعرا هڻندڙ ۽ بينر هٿ ۾ جهليل ڪامريڊن سان ڪچهري ڪئي ۽ پنهنجي ايندڙ ماڳ ڏانهن روانو ٿيس.

منهنجي ايندڙ ايجنڊا ۾ اڃا ڪجهه ميوزيم ڏسڻ به شامل هو پر سڀ کان پهرين ترجيح ٻي جنگ عظيم جي ان يهودي ڇوڪريءَ جو ميوزيم ڏسڻ جي خواهش هئي، جنهن نازين جي ظلم کان بچڻ لاءِ پنهنجي خاندان سان گڏ ايمسٽرڊيم جي هڪ گمنام جڳهه ۾ ٻن سالن تائين پناهه ورتي ۽ انهن ٻن سالن جون ڊائريون اڄ به سڄيءَ دنيا ۾ ”ايني فرينڪ جي ڊائرين“ طور مشهور آهن.

جيتوڻيڪ يورپ ۾ هر ماڻهو نقشن جي مدد سان مختلف هنڌ ڳولڻ جو عادي هوندو آهي، پر اسان ماڻهو جيڪي پنهنجي ملڪ ۾ ڪڏهن نقشو استعمال نه ڪريون، اهي نقشو هٿ ۾ هوندي به پريشان پيا ڦرندا آهيون. مان به ڪافي دير پنڌ ڪندي ۽ پڇائون ڪندي، آخر هڪ ڪئنال جي ڪناري واقع ايني فرينڪ جي گهر وٽ پهتس، جيڪو هن وقت ايمسٽرڊيم جي مشهور ۽ مصروف ترين ميوزيمن مان هڪ آهي. ٽڪيٽ وٺڻ وارن جي هڪ ڊگهي قطار ۾ اسان جو وارو ڪافي دير سان آيو. ڪئين منزله عمارت جي هڪ هڪ ڪنڊ ۽ ڪمري کي اينيءَ جي ڊائريءَ مان انهن جملن سان سجايو ويو آهي، جيڪي هن انهن جڳهين بابت لکيا آهن. اهي جملا پڙهي ۽ اهو گهر ڏسي، مان 70 سال پوئتي هليو ويس ۽ انهن ڪيفيتن مان گذرڻ لڳس، جيڪي ڊائري لکڻ وقت اينيءَ تي گذريون هونديون. اسان گهر جي آخري منزل تي ميوزيم اندر قائم ڪيل هڪ ننڍڙي ريسٽورنٽ ۾ مانجهاندو ڪيو. مون کي حيرت لڳي ته هن ميوزيم ۾ هر قسم جي سهولت موجود هئي. اندر داخل ٿيڻ وقت وڏيون ڪمپيوٽر اسڪرين نظر آيون، جن ۾ سڄي گهر جي نقشي ۽ ڪنڊ پاسي کي ويجهي کان ڏسي پيو سگهجي. هڪ دلچسپ ڳالهه مون اها نوٽ ڪئي ته هڪ اسڪول جا

ڪيترائي ڀار بہ هي ميوزيم ڏسڻ آيا هئا. انهن مان هرهڪ جي هٿ ۾ ميوزيم جي مختلف هنڌن، ڪنڊن پاسن جي هڪ طويل چيڪ لسٽ هئي ۽ ٻارن کي چيو ويو هو تہ هر هڪ هنڌ ڏسي، پنهنجيءَ لسٽ ۾ نشان لڳائيندو وڃي تہ جيئن پڪ ٿئي تہ نہ صرف اها جڳهہ هن ڏٺي، پر ان کي چڱيءَ طرح سمجهيو بہ. اينِي فرينڪ جي ميوزيم کان پوءِ مون سان گڏ گهمندڙ گروپ جي ٻن ميمبرن چيو تہ انهن ۾ وڌيڪ گهمڻ جي همت ناهي. جيتوڻيڪ منهنجي پيرن ۾ بہ سور هو پر مون وقت وڃائڻ بدران سفر جاري رکيو ۽ ٽرام ۾ چڙهي عظيم مصورن ريمبرانڊ ۽ وان گاگ جي ميوزيمس ڏانهن روانو ٿيس، پر ان وقت منهنجا تاڪ لڳي ويا، جڏهن اها خبر پئي تہ هاڻ سوا پنج ٿيا آهن ۽ هتي سڀ ميوزيمس 5 وڳي بند ٿيو وڃن. تنهن هوندي بہ مون هنن ٻنهي عظيم



مصورن جي ميوزيمس ٻاهران جيڪي هڪ ٻئي جي ويجهو هئا، تن کي ڏٺو ۽ ٽرام ۾ واپسيءَ جو سفر شروع ڪيو. پنهنجيءَ هوٽل جي ويجهو پهچي، مون کي نقشا استعمال ڪرڻ تي شرمندگي ٿي، ڇاڪاڻ تہ ڊچ مزاحمتي ميوزيم ۽ ڊچ تاريخي ميوزيمس اسان جي هوٽل جي ويجهو ئي هئا، پر مون کي خبر نہ هئي ۽ ايئن گهڻو ڪجهہ گهمڻ کان رهجي ويو.

ايندڙ ڏينهن اسان کي هيءُ خوبصورت شهر ڇڏي، واپس روانو ٿيڻو هو ۽ هڪ رات دبئيءَ ۾ رُڪڻو هو. دبئيءَ مان جڏهن اسان اسلام آباد لاءِ ايئرپورٽ تي پهتاسين تہ هن سفر جو آخري لطيفو پيش آيو. اها ڇوڪري جيڪا سڄو هفتو هڪ هڪ لمحي جي تصوير ڪڍندي رهي ۽ سڄو هفتو تصويرون ڪڍرائڻ جو شوق هن جي لاءِ مذاق جو باعث بڻجندو رهيو ان جي ڪئميرا دبئي ايئرپورٽ تي گم ٿي وئي ۽ وٽس سڄي سفر جي هڪ بہ تصوير نہ بچي. ان وقت مون کي خيال آيو تہ مون جيڪو هن گروپ جو نالو Organized Confusion رکيو هو اهو ايترو غلط بہ نہ هوا!

Niaznadeem2001@yahoo.com

⊙⊙



# بادشاھ جي تلاش

امتياز ابڙو

ڳالھ ڪندا آهن...آلائي ڪير ڳالھ ڪندا آهن تہ هڪڙي مُلڪ ۾ هڪڙو بادشاھ رهندو هو... سڄي مُلڪ ۾ رڳو هڪڙوئي بادشاھ رهندو هو، ٻين الائي ڇا پئي ڪيوا. هونءَ بہ هڪڙي ملڪ ۾ هڪڙوئي بادشاھ ٺهي ٿو گهڻا بادشاھ هوندا تہ راڻين تان وڙهي مرندا... اسان کي تہ گهڻا بادشاھ رڳو تاش ۾ سٺا لڳندا آهن....سال ٻہ هزار پنج عيسويءَ جي تيرهين مهيني جي پنجين آچر تي، اسان سوچيو پئي تہ ڪنهن بادشاھ کان انٽرويو ڪريون. رستي تي هڪ همراھ کي روڪيوسين ۽ پڇيوسين ، "توهان ڪير آهيو؟" چيائين ،" آئون سٺو گهوڙن وارو سوداگر آهيان!" عرض ڪيوسين ، "توهان ڇا ڪندا آهيو؟" چيائين، "آئون هارس ٽريڊنگ ڪندو آهيان !" پڇيوسين ، "اي سوداگرن جا سوداگر، توهان مُلڪن جا مُلڪ ڏِٺا ڪاڏا آهن، ٻڌايو تہ اسان وارو بادشاھ ڪٿي ٿو رهي ؟"

سوداگر ڦهرئين مون طرف ڏٺو پوءِ پاڻ طرف ڏٺو ۽ پوءِ ڪنهن بہ طرف ڪونہ ڏٺو... چيائين ، "هتان کان ڪجھ ڪوھ پري پهچي، وري ڪجھ ڪوھ هلي ...وري بہ ڪجھ ڪوھ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ هڪ ويران جاءِ ۾ پهچندين... غور ڪري ڏسندين تہ اها ويران جاءِ ٻي ڪا نہ پر هڪ پرائمري اسڪول هوندو جتي نہ ماستر هوندو، نہ شاگرد هوندا، پر ڪٽڪ جون ٻوريون رکيون هونديون... ان جي ڪاٻي پاسي ڦري وري ٻيهر ڪاٻي پاسي ڦري وڃجانءِ، پر گهٽو بہ ڪاٻي پاسي نہ ڦرجانءِ، نہ تہ ڪاٻيءَ ڏر جو سمجهيو ويندين... سامهون ڏسندين تہ اتي هڪ بادشاھ کَٽ اونڌي ڪريو ستو پيو هوندو، ان کي جاڳائجان...پر اهو ڪونہ جاڳندءِ، ڇوتہ اهو بادشاھ آهي. تون ان جي ڪَنَ وٽ وڃي سَت دفعا ٻليءَ جو آواز ڪجان، جيڪڏهن ان آواز تي بہ بادشاھ نہ

جاڳي، تہ ٿورو پئونڪجان...پئونڪڻ تي اڪثر بادشاهہ اتي پوندا آهن... جيڪڏهن ان ڪان پوءِ بہ نہ اُٿي تہ پڪ سمجهجانءِ تہ اهو ڪنهن نگران حڪومت جو بادشاهہ آهي، ۽ ننڊ جون گوريون کائي ستو آهي..!" سوداگر کي چيم، "اي سوداگر، تون چاٽين ٿو تہ اهو بادشاهہ با تدبير آهي... چا، اها منهنجي گستاخي نہ ٿيندي جو آئون هن کي خوابن جي دنيا مان جاڳايان !" سوداگر چيو"اي پريا مڙس.. انهيءَ کي نہ جاڳائڻ سان وري سٽر رشوت خورن کي کُلي عام رشوت ڏيڻ جيترو گناهہ ملندئي...وڃ ... وڃي ان کي جاڳاءِ !" ائين چئي، سٺو گهوڙن وارو سوداگر موڪلائي هليو ويو ۽ آئون بادشاهہ جي تلاش ۾ پيهر نڪري پيس!

هلندو وڃان، هلندو وڃان ....۽ پئي هليس، رَڪشا بہ ڪانہ ڪرايم، جو ڪيسي ۾ ٽڪو ئي ڪو نہ هيم. رستي ۾ هڪڙو ڪاٺير مليو، ٻيو ڪاٺير مليو، ٽيون ڪاٺير مليو...پر آئون هلندو ويس، ٿورو ٽڪجي پيس تہ پونستان جي گوري کائي، وري هلڻ لڳس...پر ويران جاءِ نہ ملي، وري هڪڙو همراهہ مليو. ان کان پڇيم تہ، "ڪير آهين؟" چيائين،"آئون بہ ڪاٺير آهيان !" نيٺ مون کي ان کان ئي پڇڻو پيو تہ ، "اهو بادشاهہ ڪٿي آهي، جيڪو ڪَٽ اونڌي ڪري سمهندو آهي...؟" ڪاٺير چيو، "مون کي خبر ناهي،آئون تہ ڪاٺير آهيان...!" خار ۾ چيومانس،"توکي خبر ناهي تہ پوءِ هتي جهنگ ۾ چا پيو ڪرين. آڪاٽين ۾ تہ ڪاٺير رستو ٻڌائيندا آهن..." اهو ٻڌي چيائين، "توهان هتان اوڀر طرف هليا وڃو..پوءِ اتر طرف مڙي، جيئن ئي اولهہ طرف مڙندائو تہ توهان جي بلڪل پنيان اوڀر هوندو ۽ اتي هڪ ويران جاءِ نهيل هوندي.. اها جاءِ بادشاهہ ويران ئي ان ڪري ڪرائي هئي تہ جيئن اُتي اچي ڪَٽ اُونڌي ڪري سُمهي. چوتہ بادشاهہ بلڪل واندو هو ان کي ٻيو ڪو ڪم ڪار ڪونہ هو....راڻي رڳو هن کان رڌ پچاءَ جو ڪم پئي وٺندي هئي ۽ ٻانهين کي بہ موڪل ڏيئي ڇڏي هئائين...هڪڙي دفعي تہ ولايت مان آيل هڪ ٻي راڻيءَ جي اڳيان بادشاهہ کي ڏهہ روپيا ڏيندي چيو هئائين، "بادشاهہ...گرم پڪوڙا وٺي اچ." جيڪو ٻڌي بادشاهہ پاڻ گرم ٿي ويو هو!" ڪاٺير کان پُڇيم ، "بادشاهہ ڪٽ اونڌي ڪري چو ٿو سمهي؟" چيائين،"چوتہ بادشاهہ ڪَٽ سِڌي ڪري سمهي ٿو تہ بادشاهہ کي ننڊ ئي ڪانہ ٿي اچي!" وري چيائين، "پهرئين پهرئين بادشاهہ کي اولاد ئي ڪونہ ٿيندو هو...پوءِ ڪنهن ڪيس ياد ڏياريو تہ، توهان شادي تہ ڪريو تہ اولاد ٿئي...پوءِ بادشاهہ سڄي ملڪ ۾ اعلان ڪرايو تہ جنهن کي بہ اولاد نہ ٿيندو هجي، ان کي آئون پنهنجي راڻي بنائيندس، ائين بادشاهہ جي نيٺ هڪ ڪاٺير جي ڌيءَ سان شادي ٿي.. ٻئي ڏينهن بادشاهہ کي هڪ فقير صوف ڏيئي ويو تہ ،"هي تون ڪائي ڇڏجئين ، اولاد راڻيءَ کي ٿيندو!" پر بادشاهہ سڄو صوف راڻيءَ کي کارائي ڇڏيو. پوءِ تہ راڻيءَ کي مفت جا صوف اهڙا وڻيا، جو روزانو

بادشاهہ کان فرمائش ڪرڻ لڳي ”صوف تہ آٽي ڏي“ ۽ ،بادشاهہ کي صوفن جي خرچن ذري گهٽ فقير ڪري ڇڏيو جڏهن تہ راڻي صوف کائي کائي ٿلهي ٿي پيئي، پر ڪيس ڪو رنگيلي جهڙو ٻار بہ ڪو نہ ڄائو... جيتوڻيڪ بادشاهہ کي ڪنهن ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ گهربو هو، پر بادشاهہ کي ضد هو تہ . نہ... راڻي فقير جو ڏنل صوف کائڻ سان ئي اميد سان ٿيندي..۽ اڄا تائين بادشاهہ ان اميد ۾ آهي تہ راڻي هڪ نہ هڪ ڏينهن ضرور اميد سان ٿيندي!“


آئون ڪانئر جو شڪر ادا ڪري اڳيان هلڻ لڳس... هلندو ويس، هلندو ويس ۽ پئي ويس ... جهڙي نوڪري پئي ڳوليم...رستي ۾ هڪ ٻيو همراهہ مليو. مون ان کان ڪونہ پڇيو تہ ڪير آهين، ڇوتہ مون کي اها پڪ هئي تہ اهو هجي نہ هجي، ڪو ڪانئر ئي هوندو...ڪانئر مون کي هڪ بوتل ڏيئي، پاڻ گولي ٿي ويو... مون بوتل کولي تہ ان مان دونهون نڪرڻ لڳو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي، ان مان هڪ جِنُ نڪري آيو..پهرئين تہ اهو ڪنهن انڊين فلم جي ڊان وانگر اڌ ڪلاڪ تائين پئي کليو. پوءِ ڪجهہ دير ساهي پٽي، ٻيهر کلڻ لڳو. چيومانس،” بوتل ۾ اندر لطيفن جو ڪتاب پئي پڙهيئي ڇا؟“ ڪاوڙ ۾ چيائين،”توکي ڪنهن جنَ سان ڳالهائڻ جي تميز ڪانهي !“ چيومانس، ”ادا جِنَ...دراصل اسان اهڙا اهڙا ماڻهو ڏٺا آهن، جو اسان جو جنُ ڏسڻ وارو شوق ئي مري ويو آهي.“ چيائين،”تو مون کي بوتل مان آزاد ڪرايو آهي.. ان ڪري. .ڇا حڪم آهي منهنجا غريب آقا...!“ پڇيومانس، ”تنهنجي آزادي، ڇا ڪنهن ڊِيل جو نتيجو آهي؟“ چيائين، ”ڏکيا سوال نہ پُڇ... منهنجا يتيم آقا.. تون رڳو ڪم ٻڌاءِ . ٻيا بہ ڪم آهن.“ چيومانس، ”ڳاڙهو پان...“ چيائين، ”تاش وارو حُڪم نہ...پر ڪا خواهش ٻڌاءِ!“ چيومانس، ”ڪافي سال ٿيا آهن ...اسان رڳو ٻين جا حڪم پيا ٻڌون . هاڻي تہ حڪم ٻُڌي ٻُڌي، اسان کان اهو بہ وسري ويو آهي تہ حڪم ڏبو ڪيئن آهي...“ وري رڙ ڪندي چيائين،”اڄايون خبرون نہ ڪر آقا، ڪم جي ڳالهہ ڪر. “ چيومانس ،”مون کي اسان وارو بادشاهہ جاڳائڻو آهي... جيڪو ننڊ جون گوريون کائي ستو آهي..مون کي ان بادشاهہ وٽ پهچاءِ...!“ جِن چيو، ”آئون جن آهيان، ڪو چنگچي ڪونہ آهيان...ڪو ٻيو حڪم ٻڌاءِ..!“چيومانس،”منهنجو پٽ امتحان پيو ڏئي...ان کي ڪارتوس پهچائڻا آهن!“ چيائين، ”اهي ڪهڙا ڪمَ پيا وٺو . انهن ڳالهين جي ڪري تہ بوتل ۾ بند هوس...ڪو عزت وارو حڪم ٻڌايو منهنجا آقا!“چيومانس ،”پوءِ ڀلا مون کي بک لڳي آهي...ڪجهہ کاراءِ..!“چيائين، ”توهان ڇا ٿا سمجهو...هتي منهنجي پيءُ جي هوٽل پئي هلي...!“چيومانس،”ڀلا ڪٿي گهر ٺهرائي ڏي.!“چيائين، ”توکي گهرڇا ٺهرائي ڏيان...آئون خود بوتل ۾ رهندو آهيان!“چيومانس،”آئون ڀانيان تہ هن واري اليڪشن ۾ ڪائونسلر بيهان...مون کي

ميمبر ڪرائي سگهين ٿو..!“ جنُ يڪدم ڪلڻ لڳو...۽ ڪلندي ڪلندي، زمين تي ڪري پيو . وري اٿيو ۽ وري ڪلندي ڪلندي فرش تي ڪري پيو..چيومانس،”ليٽرين چو تو پائين، مون کي ميمبر ڪراءِ..خدا توکي سچ جهڙي ڪنوار ڏيندو!“ڪنوار جو نالو ورتم تہ جن غصي ۾ ڳاڙهو ٿي، وري ڪارو ٿي، وري پُورو ٿي ويو....چيائين،”شادي ڪريان . ان ڪان تہ آئون بوتل ۾ خوش آهيان..!“وري چيائين،”ڪنوار جو نالو نہ وٺين ها تہ سَرنهن جيڏا داڻا ڪري ڇڏيئين ها...پر آئون توکي ٻڌائي ڇڏيان تہ آئون خود هڪ بادشاهہ جي اناويهين ڏيءَ تي عاشق ٿي پيو هوس...هڪ ڏينهن آئون محل مٿان اڏامي رهيو هوس تہ هيٺ شهزادي موبائيل تي ڪنهن ٽرڊ ڪلاس شهزادي سان ٺهڪ ڏيئي ڳالهائي رهي هئي... مون کي اهي ٺهڪ ڪونہ وڻيا، سو مون شهزاديءَ کي ڪيسي ۾ وجهي . اچي ڪوهہ قاف جي هڪ ٻيلي ۾ رکيو... مون کي پوءِ خبر پئي تہ شهزاديءَ تي ڪو سامري جادوگر بہ عاشق هو. ان ڪان سواءِ شهزاديءَ تي ڪئين واندا جادوگر، پاڙيسري پريزاد . بي روزگار ٻونا، رولو سوداگر... ٻن ٻن ۽ ٽن ٽن شادين وارا بادشاهہ بہ عاشق هئا... سامريءَ مون کي SMS تي الٽيميٽم ڏنو جيڪو مون نہ مڃيو تہ هن مون کي هڪ واحيات قسم جي ڪنگهہ جي ڪاري دوا واري خالي بوتل ۾، جيڪا ڏوتل بہ ڪانہ هئي، بند ڪري ڇڏيو...جتي مون ٽي هزار سال بوريت ۾ گذاريا آهن...اڄ تو مون کي آزاد ڪيو آهي، پر افسوس جو آئون تنهنجو ڪو بہ حڪم بجا نٿو آڻي سگهان، ڇو تہ آئون اسلام آباد جو جنُ ڪونہ آهيان...!“ ائين چئي جِن غائب ٿي ويو...!

بادشاهہ تہ مون کي ڪونہ مليو ...ڪنهن کي بہ ڪونہ ٿو ملي...سڀ ڳولي ڳولي ٿڪجي پيا آهن...پر اها ڳالهہ ذهن ۾ اچي ٿي تہ لوڪ آکاڻين ۾ بادشاهن کي جڏهن بہ اولاد نہ ڄمندو آهي، تہ ڪَٽ يا مَنجي اونڌي ڪري ويهي سمهندا آهن... چاهي اها ڪَٽ اسلام آباد جي واڍن جي ٺهيل هجي...سوال وري بہ اهو آهي تہ اسان جي زندگيءَ جي لوڪ آکاڻيءَ ۾ اهو بادشاهہ ڪڏهن ايندو جيڪو رعيت جي لاءِ ڪَٽ اونڌي ڪري ويهي سمهندو!؟

⊙⊙

برطانوي ڪهاڻي



# ناجائز تعلق

بيري بين فيلڊ /ترجمو: محمود مغل

**ڇنڇر** جي هڪڙي منجهند جي ڳالهه آهي. ننڍڙو پال گلاب جي نون ٻوٽن بابت مالهيءَ کي پنهنجيءَ ماءُ جو نياپو ڏئي، گهر ڏانهن پئي موٽيو.

مالهيءَ جو گهر سندس گهر کان الاهي پري هو. اُس تکي هئي ۽ اُڄ سندس لاهه ڪڍي ڇڏيا هئا. رستا ويران هئا ۽ ماڻهو پنهنجي پنهنجي گهرن ۾ بند هئا. آخر هن کان صبر نه ٿي سگهيو ۽ هو هڪ نوجوان ڇوڪري ڪيپريءَ جي گهر جي حد ۾ داخل ٿي ويو. گهر ٻاهران باغيچو هو ۽ پال باغيچي ۾ گهڙي ته آيو پر ڏهن سالن جي ٻارڙي هوندي به ڪيس اڻ ڄاتل نموني اهو احساس هو ته ڪيپريءَ جهڙي ڇوڪريءَ جي گهر ۾ وڃڻ ڪا چڱي ڳالهه ناهي. اها سوچ ايندي ئي هن ڪجهه پل هڪ هنڌ بيهي گذاريو پر پوءِ اُڄ جي شدت ڪيس اڳيان وک کڻڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. اڳيان وڌڻ کان پهرين هن روڊ تي هڪ نظر ڊوڙائي. ڪيس اهو ڊپ هو ته ڪير ڪيس ڏسي ته ڪونه پيو!؟ پر روڊ بلڪل سُنسان هو ڪيس اطمينان جي ٿڌاڻ محسوس ٿي.

گهر جو دروازو رڳو ڀيڪڙيل هو هٿ لائڻ سان کُلي ويو. اندران ڪنهن جي جهُونگارڻ جو آواز پئي آيو. پال هتي پهرين ڪڏهن به ڪونه آيو هو اوپري گهر ۾ گهڙي ڪيس ڏاڍو عجيب محسوس پئي ٿيو. هن ڏٺو ته ڪيپري صوفي تي ليٽيل هئي ۽ جهيڻي آواز ۾ ڪو گانو ڳائي رهي هئي. پال کي همت نه پئي ٿي ته هن سان ڳالهائي، تنهن ڪري ماٺڙي ڪري هڪڙي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. هتي اچي ڪيس وڏي فرحت جو احساس ٿيو هو. ڇاڪاڻ ته روڊ تي تمام گهڻي گرمي هئي ۽ هتي مڙئي ٿڌڪار هئي. اچا هو وينو ئي مس ته ڪيپري ماٺ ٿي وئي. هوءَ حيرت وچان پال ڏانهن نهارڻ لڳي. وڌس ايندڙن ۾ اڄ تائين ايتري ننڍڙيءَ ڄمار جو ڪوبه ڇوڪرو نه آيو هو. هوءَ ٻاپوهه وچان معصوم پال جو جائزو وٺڻ لڳي. ڳورو رنگ، ويڪري پيشاني ۽ ڳلن ۾

ڪڏا، جيڪي ڪلڻ مهل يقينن سندس ننيڙي مُکڙي جي سونهن وڌائيندا هوندا. ڪپري بنا اکين ۾ اکين جي پنهنجين سهڻين نيرين اکين سان ڪيس ڏسندي رهي ۽ الائي ڪهڙي خيال ۾ گم ٿي وئي. ڪيس ماٺ ڏسي پال ڊنل نموني چيو:

"هڪڙو گلاس پاڻي ملي ويندو....؟ مون کي ڏاڍي اُڃ لڳي آهي..." پال اڄ کان اڳ ۾ ڪڏهن به ڪپريءَ کي ايترو ويجهو کان ڪونه ڏٺو هو. هوءَ واقعي هڪ تمام سهڻي ڇوڪري هئي. سهڻي، پرپور بدن، ڳورو رنگ، نيريون اکيون ۽ سهڻين آڱرين ۾ هيري جي مُنڊي.

"ڇو نه؟" ڪپريءَ مرڪندي چيو "تون آرام سان ٿي ويهه. اُس جي تکائيءَ تنهنجو گلن جهڙو رنگ جهيڻو ڪري ڇڏيو آهي... مان هاڻي ئي تولاءِ پاڻي ٿي کڻي اچان."

هوءَ پاڻي کڻي آئي، پال پاڻي پيئڻ لڳو. پاڻي پيئڻ کان پوءِ به هو اتي ئي ويٺو هو ۽ ڪپريءَ به ڪيس وڃڻ لاءِ ڪونه چيو. پال کي هڪڙي ٻيءَ ڳالهه جي ڏاڍي خوشي ٿي هئي ته ڪپري اڄا تائين ڪانئس اهو ڪونه پڇيو هو ته هو ڪهڙي ڪلاس ۾ پڙهندڙ آهي. اڄ اسڪول ويو هو يا نه؟.... ۽ ڇا هو پنهنجي استاد جو چيو مڃيندو آهي؟ .... ۽ اهڙا ٻيا انيڪ سوال.... ڪيس ڪپريءَ جي سلوڪ تي حيرت پئي ٿي، ڇاڪاڻ ته هيل تائين هو جنهن به وڏي سان مليو هو سو سڀ کان پهرين سندس پڙهائيءَ بابت سوال ڪندو هو.... الائي ڇو پال کي اهڙن سوالن تي چڙ ايندي هئي. پال ۽ ڪپري ماٺ ڪيو هڪ ٻئي بابت سوچي رهيا هئا ۽ ٻنهي کي هڪٻئي جي ساٿ ۾ سڪون ۽ آرام جو احساس پئي ٿيو ڄڻ ته دوست سالن کان پوءِ مليا هجن. ڪپري پنهنجي جاءِ تان اُٿي ۽ پال لاءِ هڪ پليٽ ۾ مٺائي کڻي آئي.

هن پليٽ پال جي هٿ ۾ ڏيندي چيو "اچي کاءُ.... شرماءِ نه. ايئن ٿو لڳي ته تون ڪتان کان ٿڪو ٽٽو پيو اچين. ڪجهه دير آرام ڪري وٺ.... اُس گهٽ ٿي وڃي ته گهر هليو وڃجانءِ."

پال پهرين ته ماٺ ۾ رهيو ۽ پوءِ مٺائيءَ جو هڪڙو ٽڪر کڻندي چيائين، "توهان نه کائيندؤ؟.... توهان به مون سان گڏ کائو نه."

"ها، ها.... ڇو نه مان به کائينديس." ڪپريءَ به ٽڪر کڻي وات ۾ وڌو.

تقريبن هڪ ڪلاڪ کن ترسي، هن ڪپريءَ کان موڪلايو. هوءَ پال کي در تائين ڇڏڻ آئي هئي. پال شڪراني جي جذبي سان پرپور ڪيس خدا حافظ چوندو هليو آيو.

پهرينءَ ملاقات کان پوءِ ئي پال کي ايئن لڳو ڄڻ ڪپري سندس گهاٽي ساهيڙي ٿي وئي هجي. ان ڪري ئي جڏهن هو ٻئي ڀيري ڪپريءَ جي گهر ويو ته ساڳي ڪرسيءَ تي وڃي ويٺو جنهن تي پهرئين ڏهاڙي ويٺو هو. ڪپري سندس سامهون ويٺي، وارن ۾ ڦڻي پئي ڏني.

”توکي خبر آهي تہ مان ڪير آهيان؟“ هن وار سنواريندي، پال ڏانهن ڏسڻ کان سواءِ ئي سوال ڪيو.

”هائو مس!.... اوهان جو نالو ڪيري آهي.“ پال لئي سان وراڻيو.

”توکي منهنجي نالي جي سُڌ ڪيئن پئي؟“ ڪيريءَ ٻيو سوال ڪيو.

”مون ماڻهن کي گهڻو ڪري اوهان بابت ڳالهيون ڪندي ٻُڌو آهي. جڏهن بہ توهان روڊ تان لنگهنديون آهيو تہ اوسي پاسي بيٺل مرد هڪ ٻئي کي چوندا آهن.“

”ڇا مون بابت ڳالهائيندي هو کلندا بہ آهن؟“

”هائو.... هو تہ الاهي کلندا آهن. پر مس ڪيري!... هو کلندا ڇو آهن؟“ پال معصوم نموني پڇيو. ڪيري سندس سوال کي اڻ ٻُڌو ڪري ڇڏيو پر پال کي سندس اها ڳالهہ خراب ڪانہ لڳي، ڇاڪاڻ تہ هو بہ ڪيترن ماڻهن جا ڪيترائي سوال اڻ ٻُڌا ڪري ڇڏيندو هو. هڪڙي مهيني کان پوءِ جڏهن هو پنجون ڀيرو ڪيريءَ جي گهر ويو تہ هن ڪيريءَ کان پڇيو ”مس ڪيري! توهان کي خبر آهي تہ مان ڪير آهيان؟“

”هائو!..... ڇو نہ... تون پال آهين. تنهنجو پيءُ چمڙي جو واپاري آهي ۽ تون چرچ واري روڊ تي هڪڙي وڏي محل جهڙي گهر ۾ رهندو آهين. جنهن جو رنگ اڇو آهي. ڇا تنهنجي ماءُ کي خبر آهي تہ تون مون وٽ ايندو آهين؟“

”نہ. مون ڪڏهن بہ کين ناهي ٻُڌايو... ۽ نہ وري هنن ئي ڪڏهن پڇيو آهي....“

”جي هو توکان پڇن تہ تون ٻُڌائي ڇڏيندين؟“

”هائو مس!“

ڪيري ڪجهہ دير ماٺ رهي، پوءِ وري پڇڻ لڳي، ”تنهنجي اسڪول جون موڪلون ڪڏهن پيون ختم ٿين؟“

”پهرين آڪٽوبر کان اسان جو اسڪول وري کُلي ويندو.“

”پوءِ تہ تون ڏاڍو مصروف ٿي ويندين؟“ ڪيريءَ سندس اکين ۾ ڏسندي چيو.

”هائو مس! پر ڇنڇر ڏينهن مون کي موڪل ٿيندي آهي، مان هر ڇنڇر تي توهان وٽ ايندو رهندس.“

پال جي ڳالهہ ٻُڌي ڪيريءَ اطمينان جو ساهہ کنيو. جڏهن پال روانو ٿيو تہ سندس نيٽن ۾ پاڻي پرجي ويو.... هوءَ ڊڪندي رڌڻي ۾ آئي، جنهن جون دريون روڊ ڏي کلنديون هيون. هوءَ پال کي ڪافي دير تائين ڏسندي رهي، تان جو هو روڊ جو موڙ مُڙي، نظرن کان غائب ٿي ويو.

▪▪

پال سدائين ٽيپهريءَ مهل ايندو هو. تنهن ڪري ڪيريءَ پاڻ وٽ ايندڙ مردن کي ان مهل اچڻ کان روڪي ڇڏيو هو. هن نہ پئي گهريو تہ ڪنهن تئين ماڻهوءَ کي اها ڄاڻ پئي.... تہ پال هن وٽ ايندو آهي. جي ڪنهن بہ پال کي ڏسي ورتو تہ سندس گهر وارن کي ٻُڌائي ڇڏيندو.

هڪ ڏينهن جڏهن پال هن وٽ ويٺو هو تہ دروازي جي گهنٽي وڳي. ڪپريءَ جي دل جو ڌڙڪو وڌي ويو هوءَ تڪڙ ۾ اُٿي ۽ دروازي ڏانهن ڀڳي. هڪ اوپرو ماڻهو نشي جي حالت ۾ بيٺل هو ۽ ڪانٽس ڪپريءَ بابت پڇا ڳاڇا ڪري رهيو هو. شايد هو هن شهر ۾ نئون هو ۽ پنهنجي هوٽل جي ڪنهن بيري کان ڪپريءَ جي ائڊريس وٺي، هن تائين پهتو هو. ڪپري جڻ ساٽس وڙهڻ لاءِ تيار ٿي وئي.

چيائينس: "يچ هتان..... هتي ڪابہ ڪپري ڪانہ ٿي رهي....."

اوپرو ماڻهو معافي وٺي، سندس در تان موٽي ويو.

هڪ ڏهاڙي جڏهن پال آيو تہ چمڙي جو هڪ ننڍڙو ٿيلهو بہ ساڻ کڻي آيو ۽ اچڻ سان ڪپريءَ کي چوڻ لڳو:

"مس! هن ۾ منهنجا رانديڪا آهن..... هي مان هاڻي هتي ئي رکندس تہ جيئن مان جڏهن بہ توهان وٽ اچان تہ پاڻ گڏجي راند ڪيڏون."

پوءِ هن ٿيلهو کولي، پنهنجو خزانو ڪپريءَ کي ڏيکارڻ شروع ڪيو. هڪڙو ننڍڙو پستول، هڪڙو لاٽون، لوڊو ۽ ٻيا رانديڪا.....

پال جي وڃڻ کان پوءِ ڪپريءَ رانديڪا سهڻي نموني ٿيلهي ۾ رکيا ۽ ٿيلهو ڪٻٽ ۾ بند ڪري رکيائين. جڏهن بہ پال ايندو هو تہ ڪپري سندس رانديڪن جو ٿيلهو ڪڍي، ساڻس راند ڪيڏندي هئي. ڪپريءَ پنهنجي پاران انهن رانديڪن ۾ ڪجهہ قيمتي رانديڪن جي واڌ ڪئي ۽ هوءَ بلڪل ٻارڙن وانگر پال سان ڪيڏندي هئي. ساڻس وڙهندي، ڪاوڙجندي هئي ۽ هو جڏهن پرچائيندو هوس تہ پرچي ويندي هئي.

ڪجهہ ڏينهن رکي، پال پنهنجي ڪڇ ۾ ٻليءَ جو هڪ ڪنو ٻچڙو لڪائي آيو. "مس ڪپري! هي اڪيلو گهٽيءَ ۾ پيو روئي..... مان ڪيس هيڏانهن کڻي آيس..... هاڻي هي هتي ئي رهندو..... نيڪ آهي نہ....؟ نہ تہ ٻاهر وري ڪو ڪتو ڪيس ماري ڇڏيندو...." هنن گڏجي ٻليءَ جي ٻچڙي کي وهنجاريو جيڪو وهنجي سهنجي سهڻو ۽ صاف سٿرو ٿي پيو. جلد ئي اهو ٻچڙو هنن ٻنهي سان هري مري ويو. ٻئي ڏينهن ڪپري بازار وئي تہ ٻليءَ جي ٻچڙي کي ڳچيءَ ۾ ٻڌڻ لاءِ چمڪدار موتين جو هار وٺي آئي، جنهن جي وچ ۾ هڪ گهنٽي بہ لڳل هئي. پال ٻليءَ جي ٻچي جو نالو "جون" رکيو هو. جون سڄو ڏينهن ڪپريءَ جي هنڌ ۾ ستو پيو هوندو هو ۽ رات جو جڏهن هوءَ اڪيلي ٿي ويندي هئي تہ هن سان گڏ سمهندو هو. پال هليو ويندو هو تہ ڪپري جون کي پنهنجي هنج ۾ ويهاري، ڪلاڪن جا ڪلاڪ پيار پئي ڪندي هئي.

آگسٽ جي ٻئي هفتي کان پال ڪپريءَ وٽ اچڻ اوچتو ڇڏي ڏنو. پال بہ بہ هفتا نہ آيو تہ ڪپري پريشان ٿي وئي. هن گهٽيءَ ۾ ڦرندڙ ريڙهي وارن کان پڇا ڪئي:

"پال ڪيئن آهي؟"

ڪيس پڪ هئي تہ پال بيمار ٿي پيو هوندو پر ايئن نہ هو. هن جن کان بہ پڇيو: بيضن واري کان، اخبار واري کان، ياڇيءَ واري کان. انهن سڀني اهو ئي جواب ڏنو تہ پال بلڪل ٺيڪ آهي. هنن سڀني همراهن پال کي روڊ تي راند ڪيڏندي ڏٺو هو.

ڪپري سمجهي وئي تہ ضرور ڪنهن پال جي گهر وارن کي اها دانهن ڏني آهي تہ هو ڪپريءَ وٽ ايندو ويندو آهي. ڪيس اها پڪ هئي تہ پال ڪيس وساري نہ ٿو سگهي. هن سوچيو تہ سندس ماڻٽن پڪ سان مٿس پابندي وجهي ڇڏي هوندي. وري ڪيس اهو خيال تنگ ڪرڻ لڳو تہ اها دانهن ڪير ڏئي سگهي ٿو؟ ڪيس رکي رکي پال جي ماڻٽن ۽ چغل خور تي ڄَڪ پئي آيا ۽ پوءِ هوءَ ايتري تہ پريشان ٿي وئي، جو بلڪل ٻارن جهڙيون حرڪتون ڪرڻ لڳي.

هوءَ "جون" جو منهن پنهنجي گلابي ڳل تي رکي چوندي هئي: "پال ضرور ايندو جون! هنن مٿس پابندي وجهي ڇڏي هوندي ۽ الائي هنن ويچاري پال سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو هوندو...؟ پر هو مون وٽ اچڻ لاءِ هوندو تہ ڏاڍو اُتاولو... هو ضرور ايندو ضرور... پر جي هن جا ماڻٽ ڪيس سزا ڏيندا هجن تہ... نہ... نہ مان هنن کي منٿ ميڙ ڪنديس تہ هو ايئن نہ ڪن... پال تہ اڃا معصوم آهي، ڪيس ڪابہ ڄاڻ ڪانهي....."

ڪپري روز پال جو انتظار ڪندي هئي. هن سوچيو هو تہ پال اچي تہ بلڪل پهرئين ڏهاڙي وانگر ساڻس ملي، پر ڏينهن گذرندا ويا ۽ پال نہ موٽيو.

سيپٽمبر جا آخري ڏينهن هئا. ڪپري روز چرچ واري روڊ تان لنگهندي هئي، جتي پال جو گهر هو. هن جو خيال هو تہ ٿي سگهي ٿو پال ڪيس گهر وٽ ڪيڏندي يا هيڏي هوڏي ايندي ويندي ڏسڻ ۾ اچي وڃي. هوءَ جڏهن بہ اتان لنگهندي هئي تہ ڪيس اهو خيال ڏاڍو پريشان ڪندو هو تہ جيڪڏهن پال اوچتو سندس سامهون اچي ويو تہ هوءَ روڊ تي ساڻس ڪهڙي ڳالهہ ٻولهہ ڪندي..؟ ۽ ڇا هوءَ ساڻس ڳالهائي سگهندي؟.....

"هائو... مان هن سان ڳالهائي سگهنديس." سندس دل ۾ خيال ايندو هو پر هڪدم وري ٻي سوچ وڪوڙي ويندي هئس، "نہ... نہ... مان هن سان ايئن پڌري پٽ ڪونہ ڳالهائينديس. اهو بلڪل مناسب ناهي."

ڪپريءَ جي پريشانيءَ ۾ واڌارو پئي ٿيندو ويو. پال کان سواءِ هن پنهنجي حياتيءَ ۾ عجيب خال پئي محسوس ڪيو. ان وچ واري عرصي ۾ هن چرچ واري روڊ تي ڏاڍا چڪر هنيا. هڪ ڀيري ڪيس هڪ ميدان ۾ ڪجهہ ٻارڙا راند ڪندي نظر آيا. هن ويجهو وڃي غور ڪيو تہ خبر پئي تہ پال منجهن ڪونہ هو.

هڪ ڏينهن پال جي ڳولا ۾ ناڪام ٿي گهر موٽي آئي تہ گهر پهچي ڪجهہ مان پال جا رانديڪا ڪڍي ساڻن ڪيڏڻ لڳي. ان مهل هن جي دل چيو تہ هوءَ اوڇنگارون ڏئي روئي. اوچتو ڪيس لڳو تہ ڄڻ در تي ڪو آيو هجي. هن سامهون نهاريو تہ خوشيءَ

وچان ڇڻ سندس ڳل ہري پيا هجن. پال ٻنل ٻنل انداز ۾ گهر اندر گهڙي رهيو هو. هوءَ بي اختيار پال ڏانهن ڊوڙي ۽ پنهنجي ڀاڪر ۾ جکڙي کيس زور زور سان پيار ڪرڻ لڳي. اوچتو کيس ائين لڳو ڄڻ پال جي ٻُت ۾ بجليءَ جهڙو ڇهاءُ هجي. هن هڪ جهٽڪي سان پاڻ کي پال کان پري ڪري ورتو سندس ساهہ تکا تکا کڄڻ لڳا.

هن پال کان پڇيو "هنن توکي مار بہ ڪئي ڇا پال؟"

"هائو مس!"

"پوءِ تہ توکي ڏاڍي تڪليف ٿي هوندي؟"

"ها مس! ڊيڊيءَ مون کي ايترو ماريو. جيترو پهرين ڪڏهن ڪون ماريو هوندائين."

"پال، ڇا توکان گهر وارن اهو واعدو ورتو تہ تون آئيندي مون وٽ نہ ايندين؟"

"هائو مس! مون اهو واعدو ڪيو آهي."

"پر تون اڄ وئين پال؟"

پال ماٺ ڪري بيٺو رهيو. هن ڪابہ ورندي ڪانہ ڏني. ڪجهہ پل ترسي، ڪپريءَ کانئس پڇا ڪئي.

"پر اها ڳالهہ تنهنجي گهر وارن تائين ڪيئن پهتي؟"

"آنٽي جوليءَ ٻڌائي هئي."

"آنٽي جُولي؟"

"هائو! هن هڪ ڏينهن مون کي هتان گذرندي ڏٺو هو."

ڪپريءَ جي مغز ۾ ڄڻ واچوڙو ڪر کڻڻ لڳو هوءَ پنهنجن پيرن تي بيهي نہ پئي سگهي، پر هن پال جي سامهون پنهنجي ڪمزوريءَ جو اظهار ڪرڻ نہ پئي گهريو. هن ڪنڌ ورائي پال جي وڪريل رانديڪن کي ترتيب سان رکڻ شروع ڪيو. پال ڏٺو تہ رانديڪن جي انگ ۾ ڇگي موچاري واڌ ٿي وئي هئي. هن خوشيءَ وچان تاڙي وڄائي ۽ ڪپريءَ جي ڳچيءَ ۾ ٻانهون هار وانگر (ڀاڪر) وجهي چوڻ لڳو: "مس! توهان هي رانديڪا مون لاءِ آندا آهن؟"

"ها پال! ۽ اهي رانديڪا تون پنهنجي گهر کڻي وڃ."

"نہ مس! توهين انهن کي هتي ئي رکو هتي اهي وڌيڪ محفوظ هوندا. گهر ۾ امي منهنجي رانديڪن جو ايترو خيال نہ رکندي آهي."

پال کيس ڀاڪر پائي، ساڻس ڳالهائيندو رهيو ۽ هوءَ ڪنهن فيصلي تائين پهچڻ لاءِ ڪنهن سوچ ۾ ٻڏل رهي. کيس بلڪل هوش نہ هو تہ پال ساڻس ڇا پيو ڳالهائي. آخر هن هڪڙو فيصلو ڪري ورتو. پنهنجي انهيءَ فيصلي کيس ڏکي تہ ڪيو هو پر هوءَ نيٺ بہ مجبور هئي. هن پال سان نظرون ملائڻ کان ڪترايو پئي، کيس بلڪل بہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هوءَ پال کي ڇا چئي، کيس ڪيئن سمجهائي. پوءِ نيٺ هن پال

کي پاڻ کان الڳ ڪيو ۽ سامهون رکيل ڪرسيءَ پويان بيهي، ٿڌي آواز ۾ ڪيس سڏيائين.

"پال! هيڏانهن اچ."

سندس بدليل آواز پال کي ڪجھ عجيب احساس ڏياريو. ڪپريءَ جو لهجو هن واري ڏاڍو سخت هو.

"ڇا ڳالھ آهي مس!" هن اڳيان وڌندي چيو.

"منهنجي سامهون ٿي بيھ." ڪپريءَ جو لهجو ساڳئي نموني سخت هو.

"ڳالھ آهي ڪهڙي مس!؟ ڇا اوهان مون کان ڪاوڙجي ويا آهيو؟" پال ڊنل لهجي ۾ پڇيو.

"منهنجي ڳالھ ٻڌ." ڪپريءَ سندس سوال کي اڻ ٻڌو ڪندي چيو "پال! مان نہ ٿي گهران تہ تون آئيندي مون وٽ ايئن اجايو اچين. مون کي تنگ ڪرين ۽ منهنجو وقت اجايو برباد ڪرين."

هن منهن ڦيري اها ڳالھ ڪئي هئي. ڪيس اندازو هو تہ پال اها ڳالھ ٻڌي ڪيترو نہ پريشان ٿي ويندو.

"مس! اوهان مسخري تہ نہ ٿا ڪريو؟" پال جو آواز ڏڪي رهيو هو "مون سان اهڙي مسخري نہ ڪجو مون کي ڏک ٿيندو."

"پال!" ڪپريءَ تيز لهجي ۾ چيو "مان توکي چوان ٿي تہ هتان هليو وڃ ۽ آئيندي ڪڏهن بہ هتي اچڻ جي ڪوشش نہ ڪجانءِ. مان تنهنجي شڪل بہ نٿي ڏسڻ گهران."

ڪپريءَ جو مغز ڦيراٽين ۾ هو. هن اجا تائين پال جي منهن ۾ نہ نهاريو هو. هن سٽ ڏئي پال کي ٻانهن کان جهليو ۽ ڪيس گهليندي در تائين وٺي آئي. در کوليندي، هن پال کي ٻاهر ڌڪي ڇڏيو.

"هتان نڪري وڃ..... نڪر هتان...."

۽ جنهن مهل هن در پٺي بند ڪيو تہ سندس ڪنن ۾ سُڏڪن جو آواز آيو. هن تڪڙ ۾ ڪڙو چاڙهيو ۽ ڊوڙندي اچي هنڌ تي ڪري. لڙڪن کي روڪڻ وارو بند هاڻي ٽٽي چڪو هو. هوءَ رڙيون ڪري روئڻ لڳي. الائي ڪيتري دير روئندي رهي. هوش ان گهڙيءَ آيس، جڏهن جون سندس پير ۾ اچي ليٽيو. ايئن پئي لڳو ڄڻ ڪپريءَ جي دل سينو ڦاڙي ٻاهر نڪري ايندي. هوءَ جون کي چنبڙيءَ روئندي رهي. ٻليءَ جي ٻچڙي جي پٺي ٺپيندي، پاڻ مرادو سندس وات تي لوليءَ جا ٻول اچي ويا. ايئن پئي لڳو ڄڻ ڪا ماءُ پنهنجي پٽ کي سمهاريندي هجي. هوءَ بلڪل چرين جهڙيون حرڪتون ڪرڻ لڳي. ڪجھ پل رکي، هوءَ آهستڙي آهستڙي سڏ ڪرڻ لڳي:

"موٽي اچ پال!...... موٽي اچ پال!"

سندس آواز تيز ٿيندو ويو.

"موتي اچ پال!...... موتي اچ نہ.... موتي اچ پال!....."

ساڳيءَ مهل در واري گهنٽي وڳي. ڪپريءَ اچي در کوليو تہ سامهون پال بيٺل هو. جنهن جو مُک ڳوڙهن سان تر ٿيل هو. ڊوڙي اندر اچي هو ڪپريءَ کي چنبڙي ويو ۽ سُڏڪندي چوڻ لڳو "مس! مان گهر ڪونہ ويو هئس. مان هتي ئي در وٽ ويهي رهيو هئس. مون کي پڪ هئي تہ توهان مون کان ناراض نٿا ٿي سگهو ۽ توهان مون کي سڏ ڪيو تہ مان هليو آيس. هاڻي تہ توهان مون کان نہ ڪاوڙجندؤ نہ؟" پال سندس ڳٽي کي چُمندي چيو.

پال جا چپ ڳلن سان لڳا تہ ڪپريءَ کي عجيب احساس ٿيڻ لڳو. هن پال کي ڪٽي پنهنجي ڪڇ ۾ لڪائي، شفقت سان سيني ساڻ لائي ڇڏيو. هوءَ سندس مٿي تي هٿ ڦيري رهي هئي ۽ پال سُڏڪيو پئي. آخرڪار هوءَ بہ سُڏڪي پئي ۽ چرين وانگر ڪيس پيار ڪرڻ لڳي.

وقت گذرندو ويو. نومبر جو آخري آچر هو. ڪپري نُهي نڪي شهر جي هڪ ڪنڊ کان ريلوي لائين ويجهو هڪ وڻ جي پويان لڪي بيٺي هئي. سندس هٿن ۾ هڪ وڏي چني هئي ۽ سندس نظرون هر هڪ روڊ ڏانهن پئي ويون. جڻ هوءَ ڪنهن جو انتظار ڪندي هجي. ڪيس پريان سائيڪل تي پيٽر ايندي ڏسڻ ۾ آيو. پيٽر جو سندس پاڙي ۾ آئيسڪريم جو دڪان هو.

"اوه! هيءَ هن مهل ڪٿان اچي نڪتو۔؟"

هوءَ هڪدم گهبرائجي وئي ۽ پنهنجو پاڻ کي وڻ جي ٿڙ پويان لڪائي ڇڏيائين. جڏهن پيٽر لنگهي ويو تڏهن اطمينان جو ساهہ کنيائين. اوچتو ڪيس پال پريان ايندي نظر اچڻ لڳو ڪجهہ پل رکي، پال هن جي پڪڙيل ٻانهن جي گهيري ۾ هو. پال مرڪندي، ڪپريءَ جي سراپي کي غور سان ڏٺو.

"اوه! مس ايئن ٿو لڳي جڻ اوهان ڪنهن دعوت ۾ شرڪت لاءِ ڪا تياري ڪري آيا هجو."

ڪپريءَ مُرڪي پال کي ڏٺو ۽ هيٺ جهُڪي سندس ٽاءِ ٺيڪ ڪرڻ لڳي.

"تو پنهنجي ماءُ کي ڇا چيو پال؟"

"مان ماءُ کي چئي آيو آهيان تہ اڄ سڄو ڏينهن آنٽي ايجيءَ جي گهر گذاريندس."

"آنٽي ايجيءَ جي گهر فون تہ ڪانهي؟" ڪپريءَ پريشان لهجي ۾ پڇيو.

"نہ نہ..... ۽ هن جو گهر بہ اسان جي گهر کان ٻہ ميل پري آهي."

"تہ ٺيڪ آهي، تنهنجي ماءُ کي ڪاٻہ خبر نہ پوندي ۽ جڏهن پونديس، تڏهن سڄي ڳالهہ ختم ٿي چڪي هوندي. اچ... هلڻ جي ڪر. پاڻ کي جلدي هتان هلڻ گهرجي." هن پال کي ٻانهن کان جهليندي چيو.

هوءَ پال جو هٿ جهلي، اسٽيشن لائين جون پٽڙيون ٽپي ٻئي طرف پئي وئي، سندس وڪون اڃا بہ اڳتي وڌنديون رهيون. هاڻي هو آباديءَ کان گهڻو پري، نديءَ ڪناري وڻن جي هڪ جهڳٽي ۾ ويٺل هئا. هر طرف سانت هئي. پال هيڏي هوڏي ٻوڙي ڏڪي، زمين تي ڪريل سڪل پن گڏ ڪري رهيو هو ۽ اهي زمين تي وڇائي، هو ٻئي مٿان ويهي رهيا. ڪپريءَ پال ڏانهن نهاريو.

"پال! مان ماني رڌڻ لاءِ ڪجهہ سامان کڻي آئي آهيان، تون ڪاٺيون ڳولي اچ تہ پوءِ پاڻ گڏجي ڪاڌو تيار ڪريون."

۽ جڏهن ماني تيار ٿي وئي تہ ڪپريءَ کيس چيو "پال! هاڻي تون هٿ منهن ڌوئي اچ، تنهنجا هٿ خراب ٿي ويا آهن."

"اوهہ! مس اوهان بہ بلڪل مميءَ جهڙا آهيو هوءَ بہ هٿ ڌوئڻ کان سواءِ صفا ماني کائڻ نہ ڏيندي آهي."

ڪپري مُرڪندي، کيس ٻانهن کان جهلي اُٿي کڙي ٿي ۽ نديءَ جي پاڻيءَ سان سندس هٿ منهن ڌوئاري آئي. ماني کائڻ کانپوءِ ڪپريءَ وڪريل سامان ڇٻيءَ ۾ رکيو ۽ هو ٻئي اتي ئي پنن مٿان ليٽي پيا.

"مس!" پال ڪپريءَ جي منهن تي جهڪندي چيو "اسين هتي گهر نہ ٺاهي ڇڏيون.... مان نديءَ مان مڇيون پڪڙيندس ۽ توهان اهي رڌي کارائيندؤ.... ٺيڪ آهي نہ...؟"

"ها پال! اڃا توکي وڏو ٿيڻو آهي، پڙهڻو آهي، دنيا ۾ وڏا وڏا ڪم ڪرڻا آهن. هي سڀ تہ پوءِ جون ڳالهيون آهن.... اڄ تہ وڻ ۾ پينگهہ وجهون." هن ڇٻيءَ مان هڪڙي رسي ڪڍي ۽ وڻ سان ٻڌي هڪڙي پينگهہ ٺاهي ورتائين. پوءِ هو شام تائين راند ڪيڏندا رهيا. جڏهن سج لهڻ لڳو تہ ڪپريءَ چيو "پال! هاڻي پاڻ کي هلڻ گهرجي.... توکي رات ٿي ويندي"

جڏهن هو هلندي انهيءَ جاءِ تي پهتا، جتي صبح جو مليا هئا تہ ڪپريءَ پال جو هٿ ڇڏيندي چيو "پال! هاڻي تون هتان هليو وڃ. تنهنجي گهر وڃڻ کان پوءِ مان هتان چرنديس تہ جيئن اسان کي ڪو گڏ ڏسي نہ وٺي."

"ٺيڪ آهي مس!"

پال روڊ تي هلڻ لڳو ۽ ڪپري وڻ جي اوٽ ۾ بيٺي ڏانهنس نهاريندي رهي. اها نهار اوستائين هلي، جيستائين هو نظرن کان اوجهل نہ ٿي ويو. ڪپريءَ جي اکين مان ڳوڙهن جي برسات جاري هئي ۽ هوءَ ڏڪاري لهجي ۾ پڙڪي رهي هئي.

"خدا حافظ پال!..... خدا حافظ."

ٻئي ڏينهن جڏهن پال اسڪول کان گهر موٽيو تہ نوڪرياڻي کيس پنهنجي ڪمري ڏانهن وٺي وئي.

”ڪپريءَ تنهنجي ٻلي ۾ رانديڪا واپس موڪلي ڇڏيا آهن. اهي شيون تون ڪپريءَ جي گهر وساري آيو هئين.“

پال ڏٺو تہ جون هڪ ڪنڊ ۾ رسيءَ سان ٻڌل ويٺو هو ۾ ان جي پرسان ئي رانديڪن جو ٿيلهو بہ رکيل هو. نوڪرياڻي هلي وئي. پال هڪدم جون کي کوليو ۾ سندس بدن تي هٿ ڦيرڻ لڳو. ڪجهہ پل رکي، هن گهر وارن کان لڪندي جون کي ڪڇ ۾ ڪٽي گهر کان ٻاهر جو رخ رکيو. سندس وکون تيزيءَ سان ڪپريءَ جي گهر ڏانهن وڌي رهيون هيون. ڪپريءَ جو در بند هو ۾ هٿ لائڻ سان نہ پئي کليو. هن زور زور سان در کڙڪائڻ شروع ڪيو ۾ گڏوگڏ رڙيون بہ ڪندو رهيو.

”مس! در کوليو... توهان منهنجا رانديڪا ڇو واپس ڪري ڇڏيا...؟ جون کي ڇو واپس موڪليو اٿوَ...؟ مس! در کوليو نہ....“

هڪ ٿلهي همراهہ در کوليو ۾ پال کيس اڻ ڏٺو ڪندو گهر اندر گهڙي آيو پر هتي تہ نقشو ئي مٽيو پيو هو. نئون سامان اچي ويو هو. هو بيحد حيران ٿي ويو.

”ڇا ڳالهہ آهي پٽ؟“ ٿلهي کيس حيران ڏسي سوال پڇيو.

”مس ڪپري..“ پال جي وات مان صرف اهي ٽي بہ لفظ نڪتا.

”هائو هوءَ اڄ صبح مون کي هي گهر وڪڻي هتان هلي وئي.“

ٿلهي جو جواب ٻڌي پال ڳريون وکون کڻندو ٻاهر نڪري آيو. هن حسرت وچان در ڏانهن نهاريو. سندس اکين مان ڳوڙها وهڻ شروع ٿي ويا ۾ هن زور زور سان سُڏڪندي، جون کي پنهنجن آلن ڳلن سان چُهٽائي ڇڏيو.

⊙⊙



# .... ۽ بلوچ مون کي ڏِکو ڏنو

گوهر ملڪ / ترجمو: اڪبر سومرو

Well Come to Copper & Gold Project

ويهين صديءَ جي بلوچستان جي انقلابي شاعر، تاريخ نويس ۽ بلوچ قوم جي جاڳرتا لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ گل خان نصير جي ڌيءَ گوهر ملڪ صرف ڇهه ڪهاڻيون لکيون، جن مان هڪڙي هيءَ آهي. ڪهاڻي ڪوئيٽا کان بلڪ لڪ پاس کان تفتان ايران جي بارڊر تائين ويندڙ روڊ تي سفر جي ڪهاڻيءَ سان گڏ بلوچ قوم جي Suffer جي ڪهاڻي بہ آهي. 608 ڪلوميٽرن جي هن ڊگهي روڊ جي ڊيگهہ ڪراچيءَ کان ڪمون شهيد تائين جيتري آهي. پاڪستان طرفان ڪيل Atomic Test جو هدف/ نشانو راسڪوهہ جبل هن روڊ تي بيٺل آهي ۽ ضلعي چاغيءَ ۾ اچي ٿو. چون ٿا تہ ائٽمي تجربي بعد اتان جي ماڻهن جا گهر ڏري پيا هئا ۽ هاڻ شايد زمين اندر اونهائيءَ تائين موجود پاڻيءَ ۾ تابڪاري اثرن جي ڪري علائقي ۾ فالج جي بيماري عام ٿي ويئي آهي. ڪهاڻيءَ ۾ گوهر ملڪ بلوچستان جي هاٺوڪن ليڊرن جو ذڪر بہ ڪيو آهي. جيڪي قومي پارٽين وسيلي اقتدار ۾ آيا ۽ ڪروڙپتي ٿي ويا. گهڻا غريب ليڊر جيڪي ايم اين اي ۽ سينيٽر ٿيا ۽ هاڻ زمينن/پلاٽن ۽ پيٽرول پمپن جا مالڪ آهن. تن جي ذڪر ڪرڻ سان گڏ خان آف قلات طرفان سندس تاج مان هيرو ڪڍي وڪڻڻ جو ذڪر بہ آهي. بلوچي ادب جي هيءَ ڪهاڻي نمائندا ڪهاڻي آهي. جيڪا "شهرزاد" جي آصف فرخيءَ افضل مراد (موجوده ڊائريڪٽر اڪيڊمي ادبيات ڪوئيٽا) طرفان چونڊ - ۽ - اردوءَ ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب "انجير ڪي ڦول" تان افضل مراد صاحب جي خواهش موجب ڪنئي وئي آهي. (ا.س)

اُن وقت اسان جي گاڏي سرسبز کيتن ۽ ساوڪ ڀريل باغن جي وچان ڏاڍي ويڪري، بهترين ۽ شاندار رستي تان ڊوڙي رهي هئي. مون ڊرائيور کان پڇيو "هيءُ ڪهڙو علائقو آهي؟"

"چاغيءَ جو علائقو!" ڊرائيور جواب ڏنو.
"ڪهڙو؟ هي اسان جو سڪل پڙ پانگ چاغي آهي؟" حيرت مان پڇيومانس.
"هائو!" هن ٻڌايو.
"پر چاغي ته تمام وڏو آهي، گامنگور کان وٺي افغانستان ۽ ايران جي سرحدن تائين ڦهليل.... هيءُ ان جو ڪهڙو علائقو آهي؟" مون ٻيهر پڇيو.
"سمورو چاغيءَ جو علائقو ايئن ئي سرسبز ۽ آباد آهي." ڊرائيور جواب ڏنو.
"هيءُ الله جي مهرباني ڪيئن ٿي؟ ڪڏهن ٿي؟"
ڊرائيور کلندي چيو "ماسي، تون هيترو وقت ڪٿي هئينءَ؟ منهنجي خيال ۾ تون حضرت نوح عہ جي ڏاڏيءَ وانگيان خواب ۾ رهي آهين، جو ملڪ ۽ دنيا جي بدلجندڙ حالتن کان بي خبر آهين؟ هي سڀ ايٽم بم جون ڪرامتون آهن! سمجهيئه؟"
"ڇا؟" مان ڏاڍي حيران ٿيس، "مون نه رڳو ٻڌو آهي، پر پڙهيو به آهي ته ايٽم بم ته ڏاڍي خراب شيءِ ٿيندي آهي، ان بم جاپان جي شهرن "هيرو شيما" ۽ "ناگا ساڪيءَ" کي ڪن پلَ ۾ - ڀسم ڪري ڇڏيو هو!"
ڊرائيور ماٺ رهيو. گاڏي اڳيان هلندي رهي – "دالبندين" ۽ "نوڪنڊيءَ" جو سڄو علائقو جابلو ۽ ريگستاني هو. ماڻهن جي پيئڻ جو پاڻي ريل گاڏيءَ جي ٽينڪرن ۾ "احمد وال" کان ايندو هو. ماڻهو پاڻي به پئسن سان وٺندا هئا. غريب ٻارن جي هٿن ۾ دٻا جهليل هوندا هئا. جيڪي ٽينڪرن مان ڪرندڙ پاڻيءَ جي آخري بوند کي به نه ڇڏيندا هئا. نوڪنڊيءَ ۾ جڏهن هوا گهلندي هئي ته پٿر جون ننڍيون ڪٽيون تير جيان ماڻهوءَ جي ڇهري تي وسنديون هيون. عام چوڻي آهي ته "نوڪنڊي جي هوا سوارن جون سُٿڻون به ڦاڙي ڇڏيندي آهي، ۽ انهن کي گهوڙي تان لاهي ڇڏيندي آهي."
"هائو! پر جياالاجسٽ چون ٿا ته هيءَ سرزمين معدني ذخيرن سان ڀري پيئي آهي، ان ڪري هتي گاهه جو سلو به نٿو ڦٽي!" مون ڳالهايو.
"هائو پر هاڻ ڏس، اها ئي پٿريلي ۽ غير آباد زمين آهي." ڊرائيور چيو ۽ مان حيران هئس ته حدِ نگاهه تائين سمورو علائقو آباد هو سرسبز هو سائو ڇهڇ هو ۽ ويڪري، جديد ڪارپيٽيڊ رستي تان اج گاڏي ڏاڍي مزي سان وڃي رهي هئي. رستي جي ٻنهي پاسن کان ميويدار وڻن جا شاهي باغ هئا. صوفن ۽ انگورن کان وٺي انب، ڪيلا ۽ ليما، بادامن ۽ پستن جا خوبصورت تڪ. ايستائين جو ناريل به لڳل هئا. هر ملڪ جا، هر موسم جا ميوا هڪ ئي جڳهه تي ۽ هڪڙي ئي موسم ۾؟"
"اها به ايٽم بم جي ڪرامت آهي." ڊرائيور جواب ڏنو.
مون ڏٺو: پارڪن ۾ ٻار رانديون ڪيڏي رهيا هئا. پوڙها ڪِل خوشيءَ ۾ مگن هئا، چئني پاسي گلن جي سڳنڌ ڦهليل هئي.
اسڪولن، ڪاليجن، اسپتالن ۽ ڪارخانن جون وڏيون وڏيون عمارتون هيون، جن جي اوچائي آسمانن کي ڇُهي رهي هئي. سنگ مرمر چيرڻ جا ڪارخانا هئا ۽ سون، چانديءَ ۽ ٽامي کي صاف پئي ڪيو ويو. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ڇوڪرا ۽

ڇوڪريون تعليم پرائي رهيا هئا، پر اسپتالون خالي هيون. ڊرائيور ٻڌايو تہ سُک ۽ آسودگيءَ جي دؤر جي ڪري ڪو ماڻهو بيمار ئي نہ ٿو ٿئي.

"مان تو کان جيڪو بہ پڇان ٿي، تون ٿو چوين تہ: "ايٽم بم جون ڪرامتون آهن." موسمن ۽ ماحول کي ۽ وايو منڊل کي تہ هلو ايٽم بدلايو پر هي هيڏيون اجگر جيڏيون وڏيون شاهي بلڊنگون کهڙيءَ ريت ايترو جلد ٺهي راس ٿيون؟ سرڪاري ڪم تہ هميشہ دير سان مڪمل ٿيندا آهن!"

ڊرائيور ٺهڪ ڏئي ۽ چوڻ لڳو: "ماسي، تون بہ ڏاڍي پورڙي آهين. هي سڀ ڪارناما قومپرست ۽ وطن دوست وزيرن ۽ ميمبرن جا آهن. انهن اهي سڀ بلڊنگون اسلام آباد جي خوشگوار فضائن ۾ پنهنجن تصورن جي ڪارخانن ۾ ٺاهيون ۽ ايٽمي ڪرڻن جي طاقت سان انهن کي هتي ڪٽي اچي پڄايو."

"ايتري تيزيءَ سان؟"

"ڪاڏو ڪانڻ وارن لاءِ چيو ويو آهي تہ: "توهين جيترو گهڻو ڪائيندؤ ايتري ئي توهان جي طاقت وڌندي ۽ توهين اوترو سنو ڪم ڪري سگهندؤ." پراڻي چوڻي آهي تہ "وردن ڪنت گردن" (ڪاڏو ڪنڌ کي ٿلهو ٿو ڪري) ان ڪانڻ جي ئي طاقت آهي، جو ڏسين ڪانہ ٿي تہ ڇا سردار ڇا نواب، ڇا ميمبر ۽ ڇا وزير ۽ ڇا خان ۽ ڇا مَلڪَ. هر ڪو ان ڪوشش ۾ لڳل آهي تہ ڪائي ۽ طاقت حاصل ڪري، جيئن بلوچستان جي عوام لاءِ بهتر ڪم ڪري سگهي!" ڊرائيور ڳالهايو.

گاڏي ويڪري شاهراه تان ڊوڙي رهي هئي. ٿڌي ۽ مٺي پاڻيءَ جا چشما وهي رهيا هئا. نيڻ-نهار تائين ڪڻڪ جا فصل پوکيل هئا. جَوَ باجهر، جوئر ۽ چانورن کان وٺي گدرن ۽ چانهن جا تڪن جا تڪ ڦهليل هئا. ڪهڙو انُ ۽ ميوو هو جيڪو ناپيد هو؟ ڪو بہ نہ!

"ڪيئن؟"

"ڇو ڪيئن؟" ڊرائيور ڪاوڙجي پيو "تون انڌي تہ ڪانہ ٿي آن؟ روزانو اخبارن ۾ ڪونہ ٿي پڙهين تہ ضلعي چاڳيءَ ۾ زرعي انقلاب آندو ويندو زرعي انقلاب ان کي چئبو آهي."

"مون کي خدا انڌو نہ ڪري، انڌا ٿين منهنجي ملڪ جا دشمن ۽ بدخواه." ڪافي دير تائين مون ڊرائيور سان ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪئي، پر وري پڇيومانس، "هيءَ پاڻي ڪٿان ٿو اچي؟" ڊرائيور اکيون ڦوٽاريندي مون ڏانهن ڏئي ۽ چيو "راسڪوه پهاڙمان."

"راسڪوه تہ ٻري رک ٿي ويو؟!" مون چيو.

ڊرائيور پنهنجي سيٽ کي ٺاهيو ۽ چيائين، "راسڪوه طُور جبل آهي ڇا، جو سڙي سرمو ٿي ويندو؟ راسڪوه تہ چنڊ ۽ سج جيان روشن ۽ تابناڪ ٿي چُڪو آهي. هاڻي راسڪوه مان مِٺي پاڻيءَ جا چشما پيا وهن. اتي فيڪٽريون ٺاهيون ويون آهن ۽ اتان ان آب-حيات جهڙي پاڻيءَ کي بوتلن ۾ پيڪ ڪري، هاڻ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وِڪيو پيو وڃي. جيڪو بہ ان پاڻيءَ کي پيئي، سو جيئندان ماڻي. ڪڏهن بہ بيمار

نٿو ٿئي. اسان جي وزيراعظم هن پاڻيءَ جو تحفو آمريڪي صدر کي به موڪليو آهي. چون ٿا ته آمريڪي صدر ان پاڻيءَ پيئڻ بعد ايترو ته خوش ٿيو جو اسان جي ملڪ جو سڄو قرض معاف ڪري ڇڏيو اٿائين."

"راسڪوهه ۽ خاران جي ڳوٺن جو پاڻي ۽ فصل ڪيئن آهي؟"

"ڇا ته ڳالهه آهي اتان جي! اتي جو بصر، انگور ۽ مانهه جي دال جي ڇا ڳالهه ڪجي. هڪڙو درياهه راسڪوهه کان نڪري ٿو ۽ سڄي خاران جي زمينن کي آباد ڪندو اڳتي هليو ٿو وڃي. هاڻ خاران اهو خاران ناهي، جو چوندا هئا ته: "خاران خواريءَ جي جاءِ". ڊرائيور مون ڏانهن ڪاوڙ ۾ نهاريو پر ڪجهه به نه چيو.

گاڏيءَ ۾ شايد ٻيا ماڻهو به سوار هئا. پر مون جيان ڪو به پڇا ڳاڇا نه ڪري رهيو هو.

"ڪاوڙ نه ڪرين ته توکان هڪڙو ٻيو سوال پڇان؟"

ڊرائيور جي چپن تي مرڪ اچي وئي.

"غوري نالي ميزائيل مڪران جي سمنڊ ۾ اُڇلايو ويو هو... ڇا ان به اهڙي آبادي ۽ خوشحالي آندي آهي؟"

ڊرائيور خوشيءَ مان ٽهڪڙ لڳو "هائو اهو ڪم به ڏاڍو ڀلو ٿيو. "مڪران دوري دوران انت" ان ميزائيل ڪانپوءِ سمنڊ جون مڇيون ٿڪ ڏيندين پاڻيءَ مٿان ٿيون اچن ۽ چون ٿيون ته اچو اچي اسان کي پڪڙيو. مُهاڻا مڇيون پڪڙي پڪڙي وڪڻي وڪڻي ڪِٽ ٿي پيا آهن ۽ هاڻ انهن آمريڪين کي چيو آهي ته اهي ويچارا اچن ۽ اچي مڇيون پڪڙين، ڇو ته انهن جي ملڪ ۾ مڇيون ڪونهن. ميراڻي ڊيم کي ئي وٺو جيڪو اهڙو ڊيم آهي جنهن سامهون تربيلا جي ڇا مجال آهي. اهو علائقو ته هتان کان به وڌيڪ سرسبز ۽ شاداب لڳو پيو آهي. فڪر نه ڪر ماسي، هڪڙي ڏينهن توکي به مڪران گهمائڻ وٺي ويندس!"

"ڪيچ ۽ شهرڪ ڏسڻ لاءِ دل وَس ڪندي آهي، جو ماءُ جي سرزمين آهي، پر هاڻ منهنجا پوڙها هَڏ ڪٿان گاڏيءَ جا لوڏا برداشت ڪري سگهندا؟"

ڊرائيور مون ڏانهن رحم ڀريل نظرن سان نهاريندي چيو: "اڙي ماسي! تون ته ڏاڍي ڪا ويچاري آهين. مڪران ته هاڻي ريل گاڏي به وڃي ٿي!"

"هان!" مان حيران ٿي ويس ۽ خوشيءَ مان رڙ نڪري ويم. سمورن مسافرن مون ڏانهن نهاريو جڻ مان خوشيءَ ۾ چري ٿي پيئي هيس.

ننڍپڻ ۾ مان جڏهن مڪران وئي هيم ته رستي ۾ پهاڙن مٿان اڇا نشان ڏسي مون پنهنجي پيءُ کان پڇيو هو: "بابا! هي جبلن تي اڇا نشان ڇا لاءِ آهن؟" ته بابا جواب ڏنو هو: "انگريزن هتان کان پَسنيءَ تائين ريلوي لائين وڇائڻ ٿي چاهي، پر پاڪستان ٺهي ويو... هاڻي اسين پنهنجا پاڻ حاڪم آهيون."

"اسان کي ڪنهن جي ضرورت آهي؟ هاڻ اسين پاڻ پنهنجا حاڪم آهيون." ڊرائيور جهونگارڻ لڳو.

"خود مختياري ان کي چوندا آهن. اسان جا ملڪي رهبر ۽ رهنما ڪيئن نه عوام جي خود-مختياري، آسودگي ۽ ترقيءَ لاءِ ڏينهن رات محنت ۽ ڪم ڪري رهيا آهن. ڪهڙين ڪهڙين گاڏين ۾ سوار ۽ ڪهڙن نه محلاتن ۾ رهن ٿا!" ڊرائيور فخر مان چيو.

”ڪاش! پراڻا ليبر جيئرا هجن ها ۽ نون ليبرن جا ڪارناما ڏسن ها تہ ڪيترا نہ خوش ٿين ها تہ بلوچستان ڪيڏو نہ آباد ۽ خوشحال ٿي ويو آهي!“ مون چيو.

”هائو! چڱو ٿيو جو اهي ليبر مري ويا. انهن پراڻن ليبرن کي تہ رڳو جيل ۾ ويهڻ ۽ مفت جي سرڪاري ماني کائڻ جو ڪم هو. باقي ليبري کهڙي ڪيائون. عوام کي تہ ڇڏيو پر سندن پنهنجا ٻار ٻچا بہ بکن ۽ فاقن ۾ هوندا هئا. انهن مان هڪ کي تہ مان سڃاڻان. اچ تہ توکي ان جو گهر ڏيکاريان.“ ڊرائيور چيو ۽ هڪدم گاڏيءَ کي ساوڪ ۽ باغن وٽان موڙيندي، هن هڪڙيءَ ڪلر ورتل پٽ ۽ ڪنڊر جهڙي گهر سامهون روڪي ڇڏي ۽ چيو ”هن گهر کي ڏسين ٿي؟ هن ۾ هڪڙو ليبر رهندو هو. شاعر قسم جو ماڻهو هو هيءُ گهر ان جو آهي.“ گهر جو اڌ ڇت زمين ۾ پيهي ويل ۽ اڌ ٻاهر هو. دروازا ۽ دريون ڀڳل هيون، ٽي ڪمرا هئا ۽ سامهون اڱڻ ۾ ڦولهڙيون، پيشاب جي ڏپ ۽ رڍن جو گوڙ هو جنهن ڪري ڪو ويجهو نٿي ويو. ان گهر جي اڳيان پويان ڪجهہ ٻيا گهر بہ هئا، پر انهن جي حالت ان گهر کان چڱي هئي.

”ڇا ان شاعر جا ٻار ٻچا ۽ ڪو اولاد هو؟“

ڇهري ٽي گهُنج پريءِ هن سخت لهجي ۾ چيو. ”مون کي ڪهڙي خبر؟“

”هن چيو هو تہ بلوچ منهنجو اولاد آهن ۽ بلوچ منهنجا ٻار آهن!“

”۽ مان ڇو ان جو اولاد ٿيان؟ هن منهنجي لاءِ ڪهڙو سُٺو ڪم ڪيو آهي، بلڪ مون کي تہ هن ڪافي بدنام ڪيو آهي تہ بلوچ تير آهي، بلوچ زهر آهي، بلوچ وِڄُ آهي، بلوچ باهہ جو ٽڪرو آهي، بلوچ واڇوڙو آهي ۽ جيڪو بہ بلوچن جي سرحدن کي بُري نظر سان ڏسندو ان جون اکيون ڪيري ڇڏيندس. هيئن ڇو نہ چيائين تہ بلوچ شراب جو جام آهي، بلوچ سنگ مر مر جو محل آهي، بلوچ فائيو اسٽار هوٽل جو بيڊ آهي، بلوچ سوني تاج جو وِڪامجندڙ هيرو آهي!“

”تون بلوچ آهين؟“

”هائو! مان بلوچ آهيان.“ هن ڪاوڙ مان جواب ڏنو. مون آهستي آهستي گاڏيءَ جو دروازو کوليندي چيو. ”مون کي هتي ئي لاهہ“ ۽ آهستي آهستي پنهنجا پير گاڏيءَ کان هيٺ لٽڪائي ڇڏيا.


”ماسي! تون چري آهين ڇا، هتي ڇو ٿي لهين؟“

”مان هنن ڪنڊرن جي مالڪ جي ڌيءَ آهيان، هيءُ منهنجو گهر گهاٽ آهي.“ منهنجو ايترو چوڻ ۽ ڊرائيور مون کي ٻنهي هٿن سان ايئن ڌڪو ڏنو جو مان هيٺ وڃي ڪِريس ۽ منهنجو منهن ڌوڙ سان ڀرجي ويو- مان رڙيون ڪرڻ لڳس ۽ خواب مان جاڳي پيس.

”منهنجا بابا“. منهنجي وات مان اوچتي رڙ نڪري ويئي تہ پاسي ۾ سُتل منهنجي ڀاڻيجي حوران بہ ننڊ مان جاڳي پيئي ۽ پڇڻ لڳي، ”ماسي اوهان کي ڇا ٿي ويو آهي؟“


”سمهي رهہ! مون کي ڪجهہ بہ نہ ٿيو آهي، مون هڪڙو ڏاڍو ڪوڙو ۽ مِٺو خواب ڏٺو آهي!“

⊙⊙



# سنڌي ناول ڪنگھري ۾

تبصرو: اسحاق سميجو




هر ڪتاب کي پنهنجي هڪ مخصوص شخصيت ٿيندي آهي، جيڪا دراصل ان جي ليکڪ جي شخصيت جو اولڙو هوندي آهي. "سنڌي ناول ڪنگھري ۾" به هڪ اهڙو ئي ڪتاب آهي، جيڪو سنڌي فڪشن جي برک نقاد پروفيسر هيري شيوڪاڻيءَ جي شخصيت جو عڪس آهي. هن ڪتاب ۾ ليکڪ هند جي نئين ناول جو تنقيدي (۽ ڪٿي ڪٿي تخليقي) اڀياس پيش ڪيو آهي. سنڌ جي ناولن جي پهچ ڏکي هجڻ ڪري، هو فقط ماڻڪ جي ناول "ساهه مُٺ ۾" جو ئي جائزو وٺي سگهيو آهي، سو به شايد ان ڪري، ته هن ناول جو پهريون ڇاپو 1986ع ۾ سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن الهاسنگر پاران انڊيا ۾ شايع ڪيو ويو هو. ان حساب سان چئجي ته ليکڪ پنهنجو اڀياس فقط هند جي ناول يا ڪٿي ايئن چئجي ته هند ۾ ڇپيل سنڌي ناول تائين محدود رکيو آهي، جيڪو ڪٿي جو ايترو جامع ۽ تفصيلي نه آهي، تڏهن به تمام گهڻ رُخي گهرو ۽ بامعنيٰ آهي. هن جي پرکڻ جا معيار ڪٿي اڪيڊمڪ ته ڪٿي فنڪارانه آهن، پر گهڻو ڪري ته هو اڪيڊمڪ تنقيد کي اختيار ڪندي نظر اچي ٿو ۽ هر ان ناول کي، جنهن جو هن جائزو ورتو آهي، نهايت گهڻ رخو ڏسڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

پنهنجيءَ چنڊ ڇاڻ دوران هو اڪثر سطحي ۽ هلڪڙو انداز اختيار ڪرڻ کي ناپسند ڪري ٿو ۽ هر مرحلي تي عالمانه ۽ دانشمندانه رويي کان ڪم وٺندي نظر اچي ٿو. تخليق جي مختلف جُزن کي الڳ الڳ ڪري پرکڻ بجاءِ هُو ان کي هڪ

وحدت ڪري ڪٽي ٿو ۽ ناول ۾ ڪردار نگاري، منظر نگاري، مڪالمه نويسيءَ يا پلاٽ وغيره جهڙن ناول جي نصابي جزن بجاءِ هو هر ناول جي "اصل" کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ ان جي آڌار تي ناول جي جوهر يا تخليقي حاصلات کي ٻاهر ڪڍي اچي ٿو. هو ڪمزورين ۽ خوبين جي بيان لاءِ به الڳ الڳ خانا نٿو ناهي ۽ نه ئي انهن ٻنهي مان ڪنهن به هڪ رويي جو شڪار ٿئي ٿو پر ٻنهي کي گڏ گڏ ڪٽي هلي ٿو يا ٻنهي سان گڏ گڏ هلڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. جيتوڻيڪ هن جي تحرير ۾ ڪن ڳرن، عام واهپي کان هٽيل ۽ اوپرن هندي لفظن جو استعمال به جهجهو ملي ٿو جيڪي هن جي مرڪزي نڪتي/ ويچار يا ڳالهه کي ڊنڊلائي بلڪ مُرجهائي ڇڏين ٿا. پر هن جي تنقيدي بصيرت، شين ۾ گهرو لهي وڃڻ ۽ تخليق کي وسيع پسمنظر ۾ سمجهڻ ۽ سمجهائڻ واري روش، جنهن مٿان فلسفيانه ڳوڙهائيءَ جو تهُ به چڙهيل آهي، هن جي تنقيد جو مُلهه مهانگو ڪري ٿي ڇڏي. هن جي تنقيد جي خاص خوبي بي ڊپائي ۽ بي خوفيءَ واري اها مخصوص ادا آهي، جنهن سبب اها پنهنجو هڪ ڌار مڪتبه فڪر جوڙيندي نظر اچي ٿي. هن جي ڪابه تنقيد پڙهي، ذهن تي اها چوٽي تري اچڻ فطري آهي ته: "هيري کي جنهن به پاسي کان ڏسبو اهو هيرو ئي نظر ايندو."

ڪتاب ۾ چار مضمون/ مقالا چئن ناولن جو اڀياس آهن، جن ۾ پهريون ناول شيام جئسنگهاڻيءَ جو "ڪچا ڌاڳا"، ٻيو پرم ابيچنداڻيءَ جو "ايئن به...."، ٽيون ڪرشن کٽواڻيءَ جو ورهاڱي کانپوءِ سنڌي جاتيءَ جي سنڌ مان اکڙجڻ واري موضوع تي لکيل "ترندڙ بادل" ۽ چوٿون سنڌ جي صحيح معنيٰ ۾ ماڊرن بلڪ پوسٽ ماڊرن ناول نگار ماڻڪ جو "ساهه مُٺ ۾" شامل آهي. هن ناول تي جيتوڻيڪ ليکڪ ڪُل ساڍا چار صفحا لکيا آهن، جن ۾ به سوا صفحو سنڌي ۽ خاص طور سنڌ جي سنڌي ادب ۾ تنقيد جي ذڪار تي خرچ ٿيل آهي، پر تڏهن به هن ٻن سئو صفحن جي هن ناول کي هڪ جملي ۾ ئي اُڪلائي ڇڏيو آهي: "هستيءَ جي ٻوائنٽ تجربن مان گذرندڙ ڇيچلائيندڙ گهڙين جي اظهار جو بارود هن ناول جي هر صفحي ۾ پريل آهي."

مٿين چئن ناولن جي جدا جدا مطالعي کان علاوه ليکڪ "ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر"، "گوبند مالهي ۽ سندس ناول" ۽ "ڀارت جي قومي ٻولين جي ناول نسبت ۾ سنڌي ناول جو درجو" جهڙن موضوعن کي ڪوَر ڪيو آهي. انهن مضمونن مان هر هڪ ۾ ڪي نه ڪي ڌيان ڇڪائيندڙ چرڪائيندڙ ۽ روايتي ذهن رکندڙ پڙهندڙ کي چيڙائيندڙ ڳالهيون ته آهن ئي، پر خاص طور "ڀارت جي قومي ٻولين جي نسبت ۾ سنڌي ناول جو درجو" هڪ بيحد اهم ليک آهي، جنهن ۾ هن ادب جي تاريخي شعور آڌار ڪيئي گهرا، ڳوڙها ۽ خونناڪ رايا پيش ڪيا آهن. مثال طور:

※ مون اڳ به چيو آهي ۽ هاڻي به چوان ٿو ته رام پنجواڻيءَ جا ناول استُول واقعاتي بنيادن تي گهڙيل سطحي ڪردار نگاري ۽ ڪرامتن ۽ اتفاقن وارا ساڌارڻ ناول آهن. (ص: 93)

ڪئين ليڪڪن جون دماغ کي ڇهندڙيون هٽندڙ ۽ دل کي ڏوڏي ڇڏيندڙ لڪٽيون پڙ تي اڃي لٿيون.

ٻي عالمي جنگ ۾ جڏهن جرمن نازين يورپ خاص ڪري ايسٽ يورپ ۾ جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو ۽ ڪين Concentration camps ۾ ويو. چون ٿا ته اهو ويهين صديءَ جو وڏي ۾ وڏو قتلام هئو جنهن ۾ تقريبا 6 ملين کان وڌيڪ ماڻهو ٽارچر هيٺ رهيا، سندن عزتون لٽيون ويون يا ماريا ويا. انساني اندر کي چيريندڙ ان Holocaust دوران ڪئين واقعن انساني دماغن تي دهشت طاري ڪري ڇڏيو. انهن ڏکين ڏينهن دوران هٽلر جي نازي ڪيمپ ۾ پنهنجا ڏينهن راتيون گهاريندڙ هنگرين ليڪڪ Elieweisel بہ بہ شامل آهي، جيڪو انهن نازي ڪيمپ مان پنهنجي هڪ ساٿيءَ جي مدد سان جان بچائي پڄي ٻاهر نڪتو ۽ جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ وڃي آمريڪا جا وڙ وسايائين. جتي مختلف يونيورسٽين ۾ ليڪچر ڏيندو رهيو. هن يار نازي ڪيمپ ۾ گذاريل وقت ۾ پيش ايندڙ واقعن ۽ انساني ڪيفيتن کي پنهنجي آٽو بايوگرافيڪل نوٽس تي ٻڌل ڪتاب "The Night" ۾ قلمبند ڪيو آهي، سندس ان ڪتاب پڙهڻ سان پڙهندڙ جون وايون بتال ٿيو پون.

انهيءَ صدي دوران اٽندڙ بارود جي دونهن ۽ گولين جي رڙاٽن سنڌ ۾ بہ پنهنجا پير پڪا ڪيا ۽ هتي بہ انگريزن پاران Concentration camps ٺاهي، حرن کي انهن جو امير بڻايو ويو. 41_1940ع ۾ سيد صبغت الله شاهہ شهيد سورهيہ بادشاهہ جي اڳواڻيءَ ۾ انگريز حڪمرانن خلاف هلندڙ حر تحريڪ دوران جتي حرن پنهنجين جانين جي بازي لڳائي، وقت جي حاڪمن خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو اتي ڪين سرڪار پاران ٿيندڙ ٺهري ڪاروايئن کي بہ منهن ڏيڻو پئجي ويو. نتيجي طور سندن ڳوٺ ساڙيا ويا. ڪين پنهنجي ديس ۾ بي گهر بڻايو ويو ۽ ڪين ٻارن ٻچن، پوڙهن پڪن ۽ مردن عورتن سوڏو لوڙهن جو اسير بڻايو ويو. سنڌ ۾ انهن لوڙهن جو تعداد 12 هئو جڏهن تہ باقي 8 موجوده هندستان ۾ هئا، انهن لوڙهن ۾ اُجڙيل زندگين کي انهن ئي لوڙهن ۾ رهندڙ ٽن حقيقي ڪردار پنهنجي آتم ڪٿائن ۾ قلمبند ڪيو آهي.

زير نظر ڪتاب "جي گهارياسين بند ۾" بہ انهن ئي لوڙهن ۾ پنهنجو ٻالڪپڻ گذاريندڙ ٽن حر ٻارڙن جي آتم ڪٿا آهي، جنهن کي پڙهڻ سان هڪڙي پاسي لڳ ڪانڊارجي ويندا تہ ٻئي پاسي خشونت سنگهہ جي ناول "Train to Pakistan" ۾ منو ماجرا ڳوٺ جي اسٽيشن تي ايندڙ ويندڙ ريل گاڏين جهڙي منظر نگاري بہ ملندي هن ڪتاب ۾ موجود ڳالهيون جتي ڪنهن باضمير ماڻهو کي جهنجهوڙين ٿيون ۽ حر تحريڪ جي ننڍي ڪنڊ جي تاريخ ۾ اهميت کي بيان ڪن ٿيون، اتي پڙهندڙ جي Aestheticکي ڇهندي ڪئين سوال بہ ذهن ۾ اٿارين ٿيون، هن ڪتاب کي حر

تحريڪ لاءِ خدمتون سرانجام ڏيندڙ اسان جي چالاڪ، پڙهيل لکيل يار استاد نظاماڻي سهيڙيو آهي.

"جي گهارياسين بند ۾" ڪتاب رڳو تن ٻارن جون آتم ڪٿائون ناهن پر هزارين حرن جي تن ڏينهن جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن جون چٽو آئينديون آهن، جنهن دوران ساڻن انگريز حڪومت پاران ويل وهايا ويا ۽ سندن زندگيون سسئيءَ وانگر رڻ ۾ رلندي ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. بقول ڪتاب جي سهيڙيندڙ استاد نظاماڻي جي ته "هي ڪتاب رڳو تن ٻارن جي يادگيرين جو مجموعو ڪونهي، پر هيءَ ڪتاب ان ٻارن، پوڙهن ۽ عورتن جي ڪهاڻي آهي، جن انهيءَ قيد دوران پوڙهيون ڪيترائي جهونا، جيڪي پنهنجي پوٽن، ڏوهٽن کان ڌار اڪيلا ۽ بي واهه جيل ۾ بند هئا. ڪيتريون ئي عورتون پنهنجن پائرن، ورن کان جدا قيد ڪاٽڻ تي مجبور هيون ۽ ڪيترائي معصوم ٻار پنهنجن والدين کان وڇڙيل رهيا." هن ڪتاب ۾ ٻاهريان انساني رويا ۽ اندروني ڪيفيتون ٻه پسي سگهجن ٿيون. هن ڪتاب جو هڪڙو ليکڪ ۽ حقيقي ڪردار سائين الهورايو ٻهڻ آهي، جيڪو هڪ حساس دل رکندڙ شاعر به آهي. سندس دل کي ڇهندڙ ڏکن گاڏڙ منظر نگاري ۽ ٻامقصد بيان رواني ٿورڙو توهان به پسو جنهن ۾ ٽٽل خواب آهن. آزاديءَ جون حسرتون آهن، پنهنجون يادون آهن، پنهنجي مٽيءَ ۽ اباڻن ڪکن جي سڪ آهي ۽ بي وسي ۽ بي حسيءَ وارو قيد آهي "سج لهڻ وقت ڪارخاني جي در مان ٻاهر نڪرندي جڏهن اهي ٽڪل ٽٽل قيدياڻيون ڪونجن وانگر قطارون ڪري راجا واري ريل گاڏيءَ وٽان گذرنديون هيون، تڏهن اوچتو آواز ايندا هئا." پلاڙي مئي ڪاري گاڏي! الئي ڪڏهن اسان کي پنهنجن اباڻن ماڳن ڏي وٺي هلندينءَ!!" حسرت منجهان ريل جي پٽڙيءَ ڏي نهارينديون اهو ڪونجن جو قافلو واپس اچي قيدخاني ۾ قابو ٿيندو هو ۽ وري ساڳي قيد جي ڪار." سندن هن آتم ڪٿا ۾ هندستان مان حجرتون ڪري آيلن ۽ سنڌي ماڻهن پاران ڪيل سندن خدمتن جون ڳالهيون به شامل آهن.

هن ڪتاب ۾ آتم ڪٿا لکندڙ هڪ بيوپار ۽ هاڻوڪو بزرگ حاجي ولد محمد نظاماڻي آهي، جيڪو پاڻ ڪو وڏو ليکڪ ته ناهي پر علم و ادب سان چاهه رکندڙ ۽ باااصول تعليم کاتي جي آفيسر طور شهرت رکندڙ آهي. هن بزرگ نه رڳو پاڻ بنديخاني جون صعوبتون برداشت ڪيون پر سندس والد ميندو فقير کي به انگريز حڪومت پاران هندستان جي لوڙهن ۾ قيد ڪيو ويو ۽ سندس والده کي سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ بند ڪيو ويو. سندس پاران حر لوڙهن ۾ گذارجندڙ زندگيءَ جي ڪڙين حقيقتن کي سادن لفظن ۾ پر جسم مان سيسڙاٽ ڪيندڙ انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي، جنهن کي پڙهڻ سان اکيون آب هاريو ويهن. ته پوءِ سندس آتم ڪٿا جو هيءَ ٽڪرو پڙهو "ڪڏهن ڪڏهن حر ڪئمپ ۾ ڪو خيرات جي ديڳ لاهيندو هئو ته مان ٽانو

ڪٽي اتي پهچي ويندو هئس، جيئن غريبن جا ٻار اچڪلهه ڪندا آهن. ڪڏهن ته ماڻهو رحم ڪري ٽورا چانور ڏيندا هئا، ورنه ڏڪا ملندا هئا. خيرات جو پٽ به نصيب نه ٿيندو هئو پر جيڪڏهن نصيب ٿيندو هئو ته پيٽ پري ڪائيندا هئاسين، نه ته هميشه بکيائي رهندا هئاسين. جڏهن پٽ نه ملندو هئو ته هڪ پاسي ٻيهي رهندو هئس. ان وقت امان ۽ بابا ڏاڍا ياد ايندا هئا. هميشه اها دعا گهرندو هيس ته امان ۽ بابا آزاد ٿي اچن، جيئن اسان پيٽ پري ڪائي سگهون."

هن ڪتاب ۾ آتم ڪٿا لکندڙ ٽيون ٻار حاجي ولي محمد نظاماڻيءَ جو وڏو ياءُ ۽ کرو ۽ کهرو انسان حاجي گل محمد نظاماڻي آهي. سندس اها مزاج جي کرائي ۽ کهرائپ سندس آتم ڪٿا ۾ به ملي ٿي. هن به ڏکن جا ڏونگر ڏوريا. پنهنجن ۽ ماڻٽن جو وڇوڙو برداشت ڪيو لوڙهن جي اڪيلائين ۽ زندگيءَ جي اُداسين سان جهيڙو جوٽيو ته پوءِ اندر کي ليڙون ليڙون ڪندڙ سندس ڪٿا مان ڪجهه هيءَ سٽون به پڙهو "انگريزن "ونگي" خاصخيلي واري ڪئمپ کي گهلپور ڪئمپ سان ملائي چڏيو جيڪو لاڳيتو به ڪئمپون هيون. انهيءَ ڪئمپ ۾ هزارين انسان ٻار ٻڍا ۽ عورتون مري ويون. روزانو ٽيهه پنجتيهه ماڻهو مرندا هئا، جن کي دفن ڪرڻ وارو ڪير به ڪونه هوندو ويچاريون ضعيف عورتون، ٻيڙا پيا قبرون کوٽيندا هئا" لاش دفن ڪندا هئا، ڇا جو ميت کي غسل، ڇا جو ڪفن يا شرعي رسم، بس عجيب بي ڪسي، بي وسيءَ جو دؤر هئو."

سندن هنن آتم ڪٿائن ۾ ٿي سگهي ٿو ته گذري ويل وقت ۽ ويندڙ ميموريءَ جي ڪري ڪميون پيشيون ۽ اوٽايون رهجي ويون هجن يا ڪي ڳالهيون فقط سندن مرشد سان شديد روحاني وابستگيءَ جو نقشو به چٽينديون هجن. پر اهي حقيقتون تاريخ ۾ نظر انداز ڪرڻ جوڳيون نه آهن. سندن اهي ڪٿائون 1952ع ۾ لوڙهن مان آزاد ٿيڻ تائين جون آهن.

پنهنجي آتم ڪٿائون بيان ڪندڙ هنن ٽنهي اسيرن جو تعلق سانگهڙ سان آهي. ان جو سبب اهو آهي ته حرن جي اڪثريت ۽ انهن جي ڪاروان جو مرڪز سانگهڙ ۽ ان جي پرپاسي وارا علائقا هئا، جن ۾ مڪيءَ جو علائقو به شامل هئو جيڪو تنهن وقت قدرتي ماحول جي جنت ڪري ليکبو هئو پر هاڻي پويان اتي وڃي ڪاريءَ وارا ڪک بچيا آهن.

هيءَ ڪتاب رڳو انگريز دؤر ۾ هتي جي مقامي حرن سان حڪمرانن پاران ٿيندڙ ڏاڍاين، جبر ۽ استحصال جي ترجماني نه ٿو ڪري پر هر ان آزاديءَ جي تحريڪ جي مالڪي ڪري ٿو جيڪا ڌارين جي ناجائز قبضي خلاف لڙي وئي ۽ جنهن ۾ هزارين ماڻهو ڌارين جي بارود جي خاڪ ٿيا پر پنهنجي ڌرتيءَ جي مالڪيءَ تان هٽ نه ڪنيائون. گهرن، خاندانن ۽ زمينن تان بي دخل ڪيا ويا، ڪي رستن ۾ رلي ويا ته ڪي اچا وار ڪري آزاد ٿيا، پر سندن اندر ۾ ساٿيهه جي سڪ ۾ تر جيترو به فرق نه آيو.

هيءُ ڪتاب رڳو حر تحريڪ دؤران ارڏن انگريزن پاران حرن سان ٿيندڙ ظلمن جي تاريخ جو داستان نہ آهي، پر دنيا ۾ جنم وٺندڙ هر آزاديءَ جي تحريڪ ۾ پنهنجو الهہ تلهہ وڃائيندڙ جوڌن جوانن جي جدوجهد جي عڪاسي ڪري ٿو پوءِ اها ڏکڻ آفريڪا ۾ گورن حڪمرانن جي نسل پرستيءَ واري پاليسي خلاف مقامي ڪارن جي ڏنل قربانين واري تحريڪ هجي يا فلسطين ۾ اسرائيل قبضي خلاف مقامي ماڻهن جي تحريڪ ”انتفاده“. رڳو ڪردار تہ مٽجي سگهن ٿا پر ڏک، اهنجَ ۽ مقصد سڀ ساڳيا آهن.

# هڪ فنڪارانہ ٽريبوٽ

تبصرو: رياض چانڊيو




قاضي اياز مهيسر ڪي مون تڏهن ڏٺو هو جڏهن هو 1996ع ۾ اڃا يونيورسٽيءَ جو شاگرد هو ۽ شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي ميهڙ جي ٽائون ڪاميٽي اڳيان هڪ پُر هجوم عوامي جلسي ۾ تقرير ڪري رهيو هو. مون کي اڄ بہ ياد آهي، تہ قاضي اياز جي تقرير تي ان عوامي جلسي ۾ هزارين هٿ اُڀا ٿي ويا هئا ۽ تاڙين جي گونجار ۾ شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو هن ڏانهن عجيب نظرن سان نهاري رهيو هو. اياز جڏهن بينظير ڀٽو جي سالگره جي موقعي تي نظم لکيو هو تہ ان نظم کي نہ صرف انگريزيءَ جي هڪ اخبار شايع ڪيو هو پر پاڪستان جي سموري پرنٽ ميڊيا ۾ اهو ڇپيو هو ۽ اڄ بہ اهو نظم پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي آفيشل ويب سائيٽ تي موجود آهي. ان مان اياز جي ساڃاهہ ۽ شعور جي ثابتي ملي ٿي ۽ ان سان گڏ سندس همٿ جو بہ اندازو ٿئي ٿو تہ آمريت جي ان عروج واري زماني ۾ هن پنهنجي نظم ۾ ڪيئن نہ آمريت کي للڪاريو هو. شايد اهو ئي سبب هو جو سندس همٿ جي موٽ ۾ محترمہ بينظير ڀٽو سندس نظم کي نہ صرف ساراهيو پر پاڻ ئي سندس نظم کي پنهنجي ويب سائيٽ تي پوسٽ بہ ڪرايو. هڪ ليکڪ لاءِ ان کان وڌيڪ ڪا بہ موٽ نٿي ٿي سگهي.

قاضي اياز جو تعلق ميهڙ سان آهي، جنهن جي مائي جي مٺاس ۽ مينديءَ جي مهڪ ملڪان ملڪ مشهور آهي، ايئن ئي پڙهندڙن کي اياز جي شاعريءَ ۾ بہ ان ميندي جي مهڪ محسوس ٿيندي، اياز پنهنجي جنم ڏينهن لاءِ پنهنجي سڪ جو اظهار هنن سٽن ۾ ڪيو آهي، ”ڪرشن! منهنجي ميهڙ، تنهنجي مٿرا کان گهٽ تہ ناهي،“ هڪ هنڌ چيو اٿس ، ”سرتي تنهنجي سڪ، مون ۾ ائين ڇٽي، جيئن ميهڙ جي ميندي“ پوئين حڪومت ۾ جڏهن ضلعن جي تقسيم ٿي، تڏهن پنهنجي ضلعي جي

المناڪ ورهاست تي اياز لکيو "دادو تنهنجيءَ دل مان، ڇڏيائون اڄ سيوهاڻيءَ کي ٻه لڏائي." اياز جي شاعري صرف پنهنجي شهر يا ضلعي لاءِ نه آهي، پر سندس شاعريءَ ۾ پنهنجي ساٿيهه پنهنجي سنڌ لاءِ سڪ نهايت پرپور انداز ۾ نظر اچي ٿي. هو لکي ٿو "جنهن ۾ منهنجي ماءُ مِٽي، سا سنڌ منهنجي ساهه مِٽي!"

اياز مهيسر جي شخصيت جا ڪيترا ئي پاسا آهن. هو ليکڪ هجڻ سان گڏ ڊيولپمينٽ سيڪٽر جي اهم عهدن تي فائز رهي، پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو آهي. هن سي ايس ايس جي امتحان ۾ به ڪاميابي ماڻي، پر شايد هن جي سياسي وابستگين ۽ سياسي جلسن ۾ تقريرن جي سزا طور، سندس الوڪيشن روڪرائي وئي.

قاضي اياز مهيسر جي ڪتاب، "شهيدن جي علمدار" جو مهاڳ ناميارِي ڪهاڻيڪار طارق عالم لکيو آهي، جڏهن ته ڪتاب جي پڇاڻي، ناميارِي براڊ ڪاسٽر، ڪمپيئر ۽ اديب نصير مرزا لکي آهي. اياز پنهنجي هيءَ تخليق شهيد بينظير ڀٽو جي فرزند بلاول ڀٽي زرداري کي ارپي آهي. طارق عالم جو مهاڳ به بهترين آهي، پر نصير مرزا جي لکيل لفظن پڙهندڙن کي جتي سوڳوار بڻايو آهي، اتي وري اياز به جڻ ته شامِ غريبان ۽ قيامت صغريٰ وارا منظر چٽيا آهن. البت ڪٿي ڪٿي اهڙو اتساهه به ملي ٿو جيڪو صدين جي سوداءَ کي ڏوئي ٿو ڇڏي. اهو سچ آهي ته اياز پنهنجي هن ڪتاب ۾ جيڪي احساس قيد ڪيا آهن، اهي بينظير بابت لکيل ۽ ڇپيل عام رواجي ڪتابن ۽ لکڻين ۾ نٿا ملن. هن بينظير ڀٽو کي سمنڊ سان تشبيهه ڏيندي چيو آهي ته "هوءَ هڪ سمنڊ هئي ۽ هن جي شهادت سان هاڻي سمنڊ به صحرا ٿي ويو آهي". هو هڪ هنڌ لکي ٿو" 27 ڊسمبر، شام جا ڇهه لڳي ويهه منٽ..اوچتو گرجا گهر جو گهنڊ وڄي ٿو ۽ پورٽريٽ ۾ بيٺل بيبي مريم جي اکين مان لڙڪ لڙي پون ٿا....۽ اوچتو صليب تي لٽڪيل عيسيٰ جو مجسمو غائب ٿي وڃي ٿو....هڪ روح ڏاريندڙ دانهن فضا ۾ بلند ٿئي ٿي...مسيحا ! مُسيحا ! اڄ اسان جي مسيحا به قتل ٿي وئي..". ۽ وري ان ئي ڪيفيت ۾ پيٽ ڏٽيءَ سان مخاطب ٿئي ٿو، "پٽ شاهه شام جا ڇهه لڳي ويهه منٽ...يڪتاري جي تار ڇڙي ٿي...۽ فضا ڪاري چادر پائي، سُر ڪيڏاري ۾ گم ٿي وڃي ٿي." ساڳئي ڪيفيت ۾ هو پنهنجي دانهن کڻي، مخدوم بلاول جي درگاهه تي پهچي ٿو "مخدوم بلاول جي روضي تي ڳاڙهي روشني...شهيد کي هڪ ٻيءَ شهادت جي دانهن....سنڌ جي دانهن."

قاضي اياز مهيسر پنهنجي دانهن کي تاريخ جو حصو بڻائڻ لاءِ جڏهن پنهنجو قلم کڻي ٿو ته هو تقريبن سمورا پاسا ڪور ڪري ٿو ۽ اتي ئي صوفي شاهه عنايت سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو "جهوڪ شريف...او سنڌ جا شهيد صوفي ! اڄ سنڌ کي هڪ نئين شهادت جو تحفو..ٻڌي سگهندين ڪنهن کي شهيد ڪيو ويو؟ سنڌ جي

نياڻيءَ کي...نياڻي ست قرآن....هي ڪميٽن ڪنهن کي قتل ڪري ڇڏيو!" اياز، پنهنجي ڪتاب ۾ پنهنجي ۽ سنڌ جي دانهن جي عڪاسي ڪرڻ سان گڏ پنهنجيون ڪيفيتون ڪجهه هن ريت بيان ڪري ٿو "منهنجا حوصلا خطا ٿي وڃن ٿا....مان اوچتو پنهنجي ريڊنگ ٽيبل ڏانهن ڊوڙان ٿو...۽ اتي رکيل ذلفي پٽي جي تصوير کي ياڪر پائي، اوچنگارون ڏئي روئي پوان ٿو....نـ نـ ائين نٿو ٿي سگهي....هوءَ ڳڙهي خدا بخش آرامي ٿيڻ نـ....هوءَ تـ بس پنهنجي بابا سان ملڻ پئي اچي."

قاضي اياز مهيسر هڪ احساس وقت جي تاريخدانن کي بـ ڏياري ٿو تـ " اي تاريخدان! تون دنيا جي سموري تاريخ مان بينظير جهڙي ڪا تشبيهه هٿ ڪري سگهين ٿو...؟" ۽ ان ئي احساس ۾ ڪربلا سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو "اڙي ڪربلا! شهادتن ۾ سنڌ جي شراڪت داري تو کي ڪيئن لڳي؟ آهي نـ دم! آهيون نـ اسان بـ سچا عزادار!" اياز جي ڪتاب ۾ صرف دانهون ۽ ڏوراپا ئي ناهن، پر ان ۾ ظالم خلاف للڪارون بـ آهن. هو لکي ٿو " يا حُسين، تنهنجي سر جو قسم! اسان غاصبن، غدارن ۽ وقت جي يزيدن سان ائين ئي مهاڏو اٽڪائيندا رهنداسين، جيئن تنهنجي راهـ تي هلندي، هن ڌرتيءَ جي شهيدن هميشـ کان اٽڪايو آهي." جيئن مون مٿي ذڪر ڪيو آهي تـ اياز هن ڪتاب ۾ ڪٿي سراپا سوڳوار ٿو بڻجي وڃي تـ ڪٿي وري هماليہ جيڏو اتساهـ ٿو ڏئي.

هن جيڪو ڪجهه بـ لکيو آهي اهو هن جي اندر جو احساس آهي ۽ ان احساس ۾ ايتري شدت آهي جو پڙهندڙ جون پنبڻيون بـ پسڻ لڳن ٿيون. ڪٿي وري اهڙو اتساهـ پيو ملي جو سمورا غم وسري ٿا وڃن ۽ اندر ۾ وري نئين سر هن سماج جي جوڙ جڪ ۽ اڏاوت لاءِ جدوجهد جي تمنا پيدا ٿئي ٿي. اهو سچ آهي تـ شهيد بينظير ڀٽو کي هاڻي اسان واپس ورائي نٿا سگهون، پر اسان جا ايندڙ نسل بـ شهيد بينظير جي جدوجهد کي سامهون رکي، هڪ وڏي عرصي تائين پنهنجي وجود جي بقا ۽ قوم جي آجپي جي جنگ وڙهي سگهن ٿا.

هن وقت تائين بينظير شهيد تي شايع ٿيل ڪتابن ۾ هي پهريون ڪتاب آهي، جيڪو صحيح معنيٰ ۾ تخليقي حسن سان ڀريل آهي ۽ محسوس ٿئي ٿو تـ سياسي نعري بازيءَ بجاءِ فنڪارانـ انداز ۾ پنهنجي هڪ عظيم همعصر اڳواڻ کي ٽريبوٽ پيش ڪيو ويو آهي. قاضي اياز مهيسر شهيد بينظير ڀٽو جي قتل جي جيڪا ايف آءِ آر "شهيدن جي علمدار" ڪتاب جي صورت ۾ عوام جي عدالت ۾ داخل ڪرائي آهي، ان لاءِ يقين آهي تـ تاريخ ساڻس ضرور انصاف ڪندي، ڇو تـ وقت هڪ وڏو منصف آهي، ۽ اياز جي هن دانهن جي داد رسائي ضرور ڪندو.

⊙⊙

